# نئينءَ مصر
# جا
# پراڻا ورق

# DRY LEAVES FROM YOUNG EGYPT


By E. B. Eastwick

از:

اي- بي ايسٽوڪ


•


ترجمو:

ڊاڪٽر ممتاز حسين پٺاڻ





سنڌي ادبي بورڊ

حيدرآباد سنڌ



مير رستم خان، خيرپور

عمر 81 سال، انگريزن جو خيرخواه پر انهيءَ هوندي به قيدي.

# نئينءَ مصر
# جا
# پراڻا ورق

DRY LEAVES
FROM
YOUNG EGYPT

By E. B. Eastwick

از:

اي - بي ايسٽوڪ

ترجمو:

ڊاڪٽر ممتاز حسين پٺاڻ

تعارف

محمد حنيف صديقي

سنڌي ادبي بورڊ
حيدرآباد سنڌ

[هن سنڌي ترجمي جا سڀ حق ۽ واسطا
سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن.]

پهريون ايڊيشن: سال 1973ع ڳاڻاٽو: هڪ هزار
ٻيون ايڊيشن: سال 1978ع ڳاڻاٽو: ٻه هزار

هن ڪتاب لاءِ مرزا عباس علي بيگ صاحب اصل انگريزي نسخي ۾ ڏنل تصويرون اشاعت لاءِ مفت مهيا ڪري ڏنيون ۽ مسٽر محمد حنيف صديقي صاحب سنڌ جي تاريخ ۽ ادب سان محبت جي ڪري، بنان معاوضي، ڪتاب جو علمي تعارف لکي ڏنو، جنهن لاءِ ادارو ٻنهي صاحبن جو نهايت ٿورائتو آهي. - ناشر.

قيمت: پنجويهه رپيا
[Price: Rs. 25.00]

NAEEN MISR JA PURANA WARQ: A Sindhi translation of the book 'Dry Leaves from Young Egypt, Written by E.B. Eastwick and translated by Dr. Mumtaz Pathan.

Published by: Sindhi Adabi Board.
P. O. Box 12, Hyderabad Sind, Pakistan.

English Edition: First published from London, 1849.
Sindhi Edition: First published: 1973.
This 2nd Edition: 1978.

نئين مصر
جا
ڦاٽا ورق

ان ڳالهه جو ذڪر اڳي ئي ڪري چڪو آهيان ته اهڙا کهٽائي مرد مولا جا ان وقت هئا، جن سچ جو هوڪو ٻڌي ڏنو.

جن ۾ ڌارين ماڻهن سنڌ ۽ سنڌين کي ويجهو ڏٺو آهي ۽ انهن سان گڏ گهاريو اٿن ۽ ڪين پنهنجا ڪي خاص مقصد سڌ ڪرڻا نه آهن، تن سنڌين ۽ انهن جي ڪردار ۽ سادگيءَ جي تعريف ڪئي آهي.

**محمد حنيف صديقي**

حيدرآباد سنڌ.

**۱-مارچ ۱۹۷۳ع**

---

هن ڪتاب جو ڪور ۽ شروعاتي 28 صفحا، چارٽ ۽ فوٽو سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس تلڪ چاڙهي، حيدرآباد ۾ ڇپيا ۽ باقي مواد صفحي ۱ کان صفحي ۴۰۰ تائين پرواز پرنٽنگ پريس، حيدرآباد ۾ ڇپيو ۽ ظفرحسن، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

# نئينءَ مصر
# جا
# پراڻا ورق

مصنف: هڪ اڳيون پوليٽيڪل عملدار

"— ۽ ڪيئن نه اهي راڪاس پنهنجن ٻارن کي تباهه ڪري ڇڏيندا هئا. ڀيريائين ته هو هڪ قسم جو اوڊالسڪز نالي عرق، زالن کي ڏيئي ٻار ڪيرائي ڇڏيندا هئا. پر جيڪڏهن اهو طريقو ڪامياب نه ويندو هو، ته پوءِ هُو ٻار کي ڄمڻ کان پوءِ پنهنجن هٿن سان ٽڪر ٽڪر ڪري ماري ڇڏيندا هئا. نه ته گهڻو ڪري ٻارن کي طَول يا ڪَنڌيءَ هيٺان رکي پوءِ بيفڪريءَ سان انهيءَ تي چڙهي ويهندا هئا، ۽ کائيندا پيئندا ۽ تماڪ جا دولهان ڪڍندا رهندا هئا. انهيءَ ظالمانه ڪم تي هو هڪٻئي سان چرچا ۽ گهپا به ڪندا رهندا هئا، ۽ سندن ٻار سندن هيٺان دٻجي مري ويندا هئا." "سنڌ جي فتح" حصو پهو. ص ٣٤٨.

"تاريخ ۾ ڪيترائي اهڙا بيان ڏنل آهن، جن جي پذيرائي ڪرڻ يا جن کي غلط ثابت ڪرڻ، ڪا به اهميت نٿو رکي. ماڻهن جي ڪيل چڱائيءَ نيت به چڱائي پيدا ڪئي آهي، بشرطيڪ انهيءَ جو دارومدار سچ تي آهي. پر جڏهن ڪنهن فرد جو ڪردار خطري ۾ اچيو وڃي ته پوءِ هڪ ڏاهو ليکڪ مٿس لڳل بهتانن تي غور ۽ ويچار ڪندو ۽ انهيءَ کي ڌوئڻ جي ڪوشش ڪندو ته اهو ڪيئن ۽ ڪهڙيءَ طرح وجود ۾

آيو آهي. اهو ٻهتان ڪهڙي طريقي ايجاد ٿيل آهي؟ ۽ پڻ ڪيئن هلايو ويو آهي، الهيءَ تي به هُو پنهنجو خيال ڊوڙائيندو. پر انهيءَ ڪم لاءِ ڪيس هڪ اهڙي ڏکئي دؤر مان گذرڻو پوندو جنهن ۾ ڪيس تمام ٿورا وجهه الهيءَ کي ڪوڙو يا غلط ثابت ڪرڻ لاءِ ملندا.“

—”گريٽن جون تصنيفات“ جلد 2، ص 242.

# انتساب

ليفٽيننٽ ڪرنل جيمس آئوٽرام سي- بي. جي نالي تي-
سندس اوچي ۽ بلند ڪردار،
سندس بيلوث خدمت ۽ مستقل مزاجي،
۽ سندس عوامي خدمت ۾ اڻٿڪجندڙ چاھ جي مدنظر
ھي
واقعن جا مختصر نقش
جن ۾ ھُن مشھور ڪردار ادا ڪيو آھي
۽
ٻنهي انهن ماڻهن لاءِ جن سان انصاف ٿيڻ لاءِ
ھُن گھٽوئي ٻاڻ ھٿوڙيو،
مصنف نهايت احسانمنديءَ ۽ دلي محبت سان
ھي ڪتاب ڪيس منسوب ڪري ٿو.

— مصنف

ڪمزور ميڻ بتيءَ جي روشنيءَ جو اضافو ڪيو آهي. هن لکڻ جي ڪري جيڪڏهن آءٌ ڪيريل ميرن جي اڳوڻن دوستن جو رايو سندن فائدي ۾ آڻي سگهيس ته ڀوه آءٌ سمجهندس ته منهنجو مطلب پورو ٿي ويو.

---

| | |
|---|---|
| (٣) رسيو ۾ اِي آء | ie |
| (٤) ايڪنل ۾ اِي | e |
| (٥) ميت ۾ اِي اِي | ee |
| (٦) ميٽ ۾ اِي اي | ea |
| (٧) ائجس ۾ اي اِي | ae |
| (٨) ھيپل ۾ اِي او | oe |
| (٩) اوئسوفيگس ۾ او اي | oe |
| (١٠) ڪِي ۾ اِي واء | ey |
| (١١) ليفٽيننٽ ۾ آء اي يو | ieu |
| (١٢) گوريلا ۾ يُو اِي | ue |
| (١٣) گِيٽار ۾ يُو آء | ui |

اھوئي سبب آھي جو ڊاڪٽر لاٿام، انگريزن جي حرف علت واري سرشتي کي رد ڪندي، ٻڌايو آھي تہ انگريزي زبان ۾ ڏارين لفظن کي آچارڻ جو ڪوبہ مقرر اصول ڪونہ آھي، ڇاڪاڻ تہ ھڪجھڙائي فقط ياڻني ٻولين ۽ ٻڙ سنسڪرت ۾ ڏٺي ويئي آھي. سنسڪرت زبان ۾ ھر ھڪ اکر لاءِ ھڪ آواز آھي ۽ فقط ھڪڙو.

حرف علت سرشتو بہ انھيءَ جو سولو آھي، ڇاڪاڻ تہ ان کي تمام آسانيءَ سان سمجھي سگھجي ٿو.

اسان وٽ ڇھہ حرف علت آھن:

| | | | |
|---|---|---|---|
| آئـُـو | آ | a | a |
| اِيئـُـو | اِي | i | x |
| يـُـو | اُو | u | u |

چار حرف علت جا گڏيل آواز آھن:

| | |
|---|---|
| آئـو ۽ اِيئـُـو = اِي | e |
| آئـو ۽ يـُـو = او | o |

آهي ته اهو هڪ گنڀير معاملو، جنهن تي ويچار ڪرڻ لازمي آهي ۽ جيڪڏهن اسان ڪي هڪ دفعو انهن لفظن ڪي چڱيءَ طرح استعمال ڪرڻ جو ڍنگ اچي ويو ته پوءِ اها سڀ تڪليف دُور ٿي ويندي ۽ جيڪي غلطيون ڪيون وڃن ٿيون، اهي به پوءِ ڪونه ٿينديون. ڪي اهڙا به رستا آهن، جي نقشي ۾ ته ڪونه ڏنل آهن، ۽ ڪوارٽر ماسٽر جنرل جي ڪاتي ۾ مذڪور آهن. ڪي وري هُتي ڪونه آهن، نه نقشي ۾ وري ظاهر ظهور بيٺا آهن. ڪوبه ماڻهو انهيءَ ڳالهه جي اڳڪٿي نٿو ڪري سگهي ته هين سڄاڳي جي دؤر ۾ ڪو اهڙو وقت اچي وڃي، جڏهن اسين ڪيترن هنڌن تي هڪ عالمي ٻولي استعمال ڪريون. اهڙيءَ حالت ۾ پوءِ هڪ فرينچ ريگنبرگ کي ريستبون ۽ انگريز ميونچين کي ميونچ چوڻ کان گسائيندو ۽ هڪ انگلو انڊين سولائيءَ سان گنگا جو لفظ اُچاري ويندو. ساڳيءَ طرح قاهره جي بدران جو هڪ گندو ۽ اٽسهائيندڙ لفظ 'ڪيرو' استعمال ڪيو وڃي ٿو، اهو به بند ٿي ويندو منهنجي خواهش آهي ۽ پڻ اميد اٿم ته اهو طريقو جلد از جلد رائج ٿي ويندو.

— مصنف

# فهرست


## باب پهريون ۱-۲۳

ڊيسا- آبو جبل جو ديدار- اتي جا تاثرات- ڪاٺياواڙ ڏانهن رستو- منڊيگرا جو ٻنان ٻت جي مندر- راجڪوٽ- ڪالا ڏگلا والا جا فرض- چوماسي جو گڏ ٽيڻ- سنڌ ڏانهن خشڪي رستو- ڀُڄ- ڪڇ جو راڻ- لکپت بندر- رڻ لنگهڻ- سنڌين جي هلت- سنڌ وڃڻ ۾ ٻوڏ- لنگر ٺٽو.

## باب ٻيون ۲۴-۵۹

پهريون تاثر- سايمان جو فيصلو- لنگر ٺٽو- حيدرآباد ڏانهن سفر- شڪارگاهه- سيوهڻ- منڇر جي ڍنڍ- لاڙو درياءَ- سکر ٻکر- سکر جو طواف- الور جو سير- درياهه جو الور کان وهڪرو ڦيرائي روهڙيءَ وٽان وهڻ جي تاريخ- روهڙيءَ جو وار مبارڪ- بلوچن جون آڪاڻيون- ڪوسا بلوچ.

## باب ٽيون ۶۰-۸۱

سنڌ ۽ افغانستان جي والارڻ تي تبصرو.

## باب چوٿون ۸۲-۹۱

۱۸۳۹ع جي ٻوري ٽيڻ وقت سنڌ جون حالتون- قيدي ايراني- رنجيت سنگهه لاءِ سوکڙيون- فوجي ۽ سياسي ماڻهن ۾ نا اتفاقي- سکر جي چوطرف قبن جي بيعزتي ڪرڻ جو الزام- قلات جو شاهنواز خان- عامل جو فوجي رسالو- الف خان ترين.

## باب پنجون ۹۲-۱۰۰

جهنگلي سوئرن جو درياهه اُڪرڻ- پوليٽڪل ايجنٽ جو سکر ڇڏڻ- ايجنسي جي چارج وٺڻ تي هدايتون-

## باب ڏهون ١٨٠-١٩٢

شاهپور-عاميل جو همراز تر ڪعلي-رئيس العلماء سان ملاقات-ڪانڊا ۽ ٻاڳ وٽ جهڙپون-دادر تي حملو-ليفٽيننٽ لوڊيءَ جو خون-مير نور محمد جي وفات-گنداوا وٽ نصير خان جي هار-بروهي قيدي-شڪار ڳڙهه ۾ شڪار.

## باب يارهون ١٩٣-٢١٩

١٨٤١ع جي شروعات ۾ سنڌ ۽ خراسان جي حالت-مير رستم سان ملاقات-ڪاڇڪ جي فتح-روهڙيءَ ۾ وڳوڙ-جنرل وينچورا-رنڌڪي ۾ هڪ عجيب مهمان-سنڌو جو چڙهڻ-صمد خان-پوليٽيڪل ايجنٽ جو موت-درياهه ۾ لهوارو سفر.

## باب ٻارهون ٢٢٠-٢٥١

حيدرآباد-اميرن سان ملاقات-حيدرآباد جي اميرن جو ڪردار ۽ سندن مکيه آفيسر-ڪراچيءَ جو رستو-مگر تلاءَ جي زيارت-سنڌ ڇڏڻ وقت ويچار-بمبئي ڏانهن روانگي.

## باب تيرهون ٢٥٢-٣٩٩

ڪتاب جي خاتمي تي سنڌ ٻاران اپيل-ميرن تي ڪيل زيادتين جو وڏي صدرا ۾ پڙلاءُ-سنڌ سان اسان جي تعلقات جي مختصر تاريخ-انهيءَ جعلسازيءَ جو هاڻي ظاهر ٿيڻ جنهن جي ڪري مير رستم خان کي تخت تان لاٿو ويو-ميرن سان جنگ ڪرڻ ۾ بي انصافي.

مير رستم جون تڪليفون ڏسڻ ۽ سندس موت-سندس وزير فتح محمد جو قيد ٿيڻ-فتح محمد جو وري اسان جي

دوست بهاولپور جي خان جي وچ ۾ ٻوڻ ڪري آزاد ٿيڻ - فتح محمد جو سکن کي ملتان وٽ شڪست ڏيڻ ۽ مولراج باغيءَ جي خلاف ٻهرين سوڀ-
مير رستم جي وڏي پٽ محمد حسين کي ديس نيڪالي ۽ تڪليفون - مير شهداد کي پنج سال هڪ معمولي ڏوهاريءَ وانگر قيد ڪرڻ - انهيءَ ڪان پوءِ مٿس تهمت مڙهيل ڏوهه جو مقدمو هلائڻ ۽ سندس عزت سان آزاد ٿيڻ - مير نصير خان، مير صوبدار خان ۽ سندس وڏي پٽ مير فتح علي خان جي وفات - ٻين ميرن تي ٿيل زيادتيون - سنڌ جي اهميت جي تفصيل کي ڏسندي، سنڌ کي پنهنجي هٿ هيٺ رکڻ ۾ انگريزن جو نامناسب قدم.

## سنڌ جي تاريخ جو اختصار ۴۰۰

## ضميمو -١

آبوءَ وٽ ڏرماميٽر جي الڳ اکرن جي فهرست

## ضميمو -٢ ۽ ٣

ميرن جي وڪيلن جي خطن ۽ درخواستن جو تفصيل

## ضميمو -٤

ميرن جي معاملي جو سندن پنهنجي چوڻ موجب تفصيل

## ضميمو -٥

مياڻيءَ جي جنگ جو اکين ڏٺو احوال

## ضميمو -٦

حيدرآباد جي مير نصير خان جي پنهنجي روايت

## ضميمو -٧ ۽ ٨

حيدرآباد ۽ خيرپور جي ميرن جو شجرو

## ضميمو -٩

مياڻيءَ جي جنگ تي ميجر ويڊنگٽن جي ڏنل بيان تي ميجر جنرل سر وليم نيپئر جو ڏنل تبصرو ۽ ان جو جواب.

متي سان تہ ٿي اهڙي ويڏن، پر ٻيرن جو ٻہ ڪو چڱو حال ڪونهي، جو آهي بہ هرهڪ وک ۾ ڇهہ انچ ننڍ واريءَ ۾ ٿنبجو وڃن، جنهن جي گرمائش رت جي دوري کي جو ڪائتي رفتار ۾ وجهيو ڇڏي. افسوس آهي، انهن لاءِ جن جا نيڻ انگلنڊ جي سرسبز ميدانن ۽ ٿڌين هيرن تي هريل آهن. انهي هوندي بہ شڪار جي چاهنا رکندڙن لاءِ هيءَ مزي جهڙي جاءِ آهي. ڏڦو هجي، ٻڙڇي ۽ پڻ موٽمار ناليءَ واري رائفل، هتي ڪڏهن بہ سست ٿي رهي. شڪار جي پنيان وڃڻ جي ڪابہ ضرورت نہ آهي ۽ سچ پڇو تہ جي شڪار نہ ڪندؤ تہ پاڻ شڪار ٿي ويندؤ. مون پاڻ اسپتال جي چوڊاري شينهن جو پيرو ڏٺو هو. ڪئمپ کان ٿورن ميلن جي پنڌ تي هڪ جاءِ آهي، جتي هڪ ناميارو هندستاني ڪيڏاري، پنهنجي مرضيءَ جي آبتڙ هڪ مشهور ڪيڏ ڪيڏي رهيو هو، جنهن ۾ هُن پنهنجي منڍي ڪٽي واگهہ جي وات ۾ وڌي(١). پهريائين تہ هو پوڻتي هٽيو پر پوءِ واگهہ اڳتي وڌي، سندس منڍيءَ کي اهڙيءَ طرح چڪ پائي جدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جوڙي طرح يار ليار جو دائو ڪائيندو آهي. پر سندس دوست جي هڪ گولي لڳڻ ڪري واگهہ جي موٽمار جاڙي بند ٿيڻ کان رهجي ويئي. اهڙن چوٽڪارن يا ٻين عجيب ڪرشمن لاءِ مون کي ڪي ڪينهي چوٽو، چاڪاڻ تہ آءٌ اتي اچا رهيو ئي ٿورو وقت هوس تہ سڻن اکرن ۾ لکيل هڪ خوشخبري ڏيندڙ، ننڍي پني جو ٽڪر اچي پهتو. جنهن ۾ منهنجي دوست صوبيدار غلام علي جي اکرن ۾ مون کي ”ڪاري ڪوٽ“(٢) جي اعزاز ملڻ جو مضمون لکيل هو. انهيءَ کان

---

(١) هي ڪرتب اصل ۾ هندستان جو آهي پر هاڻي يورپ ۾ بہ رائج آهي. انهيءَ ڪرتب جي پوري تصوير لاءِ ڏسو ”جنگ“ جو ٢٩-جولاءِ ١٩٦٤ع وارو پرچو (آج کي تصوير). (٢)ڪاروڪوٽ يا ڪالادِ گلا جي اعزاز کي اچوڪن تمغن سان ڀيٽي سگهجي ٿو.

جا مندر، ۽ پڻ شفاف پاڻي واري مانيٽي ڍنڍ به پئي ڏٺي، جنهن جي مٿان ڪيتريون ئي ڪلنگيون، جن کي هندن جي ڏند ڪٿا ۾ پاڪائي بخشيل آهي، مستيءَ ۾ پئي لُڏيون. اهي نظارا فقط لاپ پرائڻ خاطر آهن چاڪاڻ ته انهن کي بيان ڪرڻ کان زبان قاصر آهي. آءٌ ويهي رهيس ۽ آس پئي ڪيائم، چاڪاڻ ته سڄ ايترو شوخ نه هو، پر وڻندڙ هو ۽ وايو منڊل سانتيڪو. البت سڄ کي انهن راجائن ۽ شهزادن جي ڪارنامن تي ويهي هنجون هارڻ کپنديون هيون جن پنهنجي نالي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ۽ آهي خواب پئي لڌا ته هو سدائين ڪامياب رهندا. پر هاڻي ڪين پڌائڻ لاءِ، هڪ ڏارئين ۽ جداگانه قوم جي ماڻهوءَ کان سواءِ بيو ڪوبه ڪونهي جو ويهي سندن ڪارناما پڙهي. آهي هڪ اصلي نامور پيڙهي جي راجپوتن مان آهن جن جي هتي مسلمانن کان اڳ هاڪ هئي. پر راجپوتن مسلمانن کان به وڌيڪ هڪ نالو آهي (١) ۽ اسين اميد ٿا ڪريون ته ٿوري وقت ۾ هتي جا رهندڙ قبيلا انهن جي اثر هيٺ اچي چڱو نالو ڪيندا.

آبُو، اياس کان وٺي هندن لاءِ ياترا جو هڪ هنڌ آهي. ڪيس قدرت جي ڏنل نعمتن جي نيڱ نار نظارن جي سهڻائي، ضروريءَ طور مذهبي جنون رکندڙ ماڻهن کي پاڻ ڏانهن ڇڪ ڪئي هوندي، جي تمام اوائلي دؤر کان جبلن تي بليدان ڏيڻ ۾ خوشي محسوس ڪندا هئا. اهڙيءَ طرح انهن هرڪنهن ڍنڍ يا پاڻيءَ جي وهڪري کي مذهبي پاڪائيءَ جي رنگ ۾ رڱي ڇڏيو. قدرت جي عجيب لقاءَ ۾ خدا جي هجڻ جو وڏو دليل آهي جنهن جي تصديق لاءِ وحي ٿيل آواز جي ڪابه ضرورت نه آهي. هندو پرائڻ ۽ ڏند ڪٿائن ۾ مذڪور آهي ته رشين منين ۽ سنتن هن چوٽيءَ کي پنهنجي رهڻ جو هنڌ ڄاڻيو هو.

---

(١) هتي لکندڙ جي مراد انگريزن سان آهي!



ذتكي ثلاء، آبُو.

ان ڪري ٿي سندس آيي ۾ آيي چوٿيءَ کي گروسڪر يا گروهءَ جي ڪلنگي ڪري سڏيو وڃي ٿو. چون ٿا تہ هتي اندرا، رودرا، برهما ۽ وشنو، سورما ڪتري ذات کي پئي پيدا ڪيو. پر نيٺ سندن اپوترتا جي ڪري پرسرام(١) اچي سندن پاڙون پٽيون. جيڪي مندر ابوجبل کي سجايو بيٺا آهن سي جين مذهب وارن جا آهن ۽ ويجهڙائي جا ٺهيل آهن، جن کي ٻہ يا ٽي صديون مس گذريون هونديون. آهي گهڻو ڪري اڇي سنگمرمر جي پٿر جا ٺهيل آهن، جن تي زيورن جهڙن ڪئين مورتون اُڪريل آهن ۽ پڻ مٿانئن اٿلپ چٽسالي جو ڪم ٿيل آهي. مٿن جڙاءَ جو اهڙو تہ نفيس ڪم ٿيل آهي جو نٿو پائجي تہ ڪي ٻيا هندستاني سهٽا پگوڊا، هنن جي برابري ڪري سگهن. انهن خاصيتن هوندي بہ آهي هڪ اهڙي هنڌ تي ٺهيل آهن جو هاڻي انهن کي جهنگلي ڀيل يا رولاڪ جوڳي لتاڙيندا رهن ٿا، جيتوڻيڪ انهن لاءِ بہ اُتي پهچڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. چوڏهين صديءَ ۾ ابوءَ جي اوير ۾ چندراوتيءَ نالي هڪ شهر هو جنهن ۾ پئوڙا راجپوت رهندا هئا ۽ ان جو فاصلو ابوءَ کان چوڏهن ميلن جي پنڌ تي هو. ان وقت انهن پوتر ٻهاڙن تي پهچڻ ايترو اٿائو نہ هو ۽ نہ وري اُتي آمدرفت جي ايتري

---

(١) پرسرام وشنو ڀڳوان جو ڇهون اوتار ۽ رشي جمدگني جو پٽ هو. چون ٿا تہ جمدگني کي هڪ ڳئون هئي جنهن کان جيڪي گهربو هو سو ملندو هو. راجا ڪرت ويريہ کي جمدگني جي ڏڳي وٺي وڃي جا هو ڪهڙائي هليو ويو. ان ڪري پرسرام کي ڪاوڙ لڳي ۽ راجا کي ماري ڳئون آڻي پيءُ کي ڏنائين. پر سندس غير حاضريءَ ۾ هڪ ڏينهن راجڪمار جمدگني کي ماري هليا ويا، انهيءَ تي پرسرام پڪو پرڻ ڪيو تہ ڪوبہ ڪتري ٻچو زندهہ نہ ڇڏيندس. پراڻن ۾ مذڪور آهي تہ پرسرام ايڪيهہ دفعا ڪترين جو ڪُل ناس ڪيو هو.

۾ سنگ گڏ ڪرڻ شروع ڪري ڏنائون. پر هڪڙو پولڻو ٻاهر بيهاري ويا. اوچتو هاريءَ کي خبر پئجي ويئي ۽ جيسين اهو موقعي تائين پهچي ئي پهچي تنهن ڪان اڳ، منهنجا يار (پولڙا) سلامتيءَ سان اچي پنهنجي ماڳ پهتا ۽ قرلٽ (ڪيل ان ٽ) کي ڪتنب جي وڏن پاتين ۾ هڪجهڙن حصن ۾ ورهائڻ لڳا. پٽن ڪان واڏوان تائين جو ڪاٺياواڙ ۾ آهي هڪ سؤ پنجاهه ميلن جو فاصلو آهي، پر انهيءَ سفر ۾ ڪو مون مشاهدو ڏٺو ۽ ڪا وري اهڙي دلچسپيءَ جي ڳالهه، جا هتي بيان ڪجي. پٽن ڪان ٻيءَ منزل تي مون پوڄارين جو هڪ وڏو ٽولو ڏٺو جو ڏاماجي گائڪواڙ جي نهرايل مندر ڏانهن وڃي رهيو هو، جنهن ۾ ڪنهن به قسم جو بت رکيل نه آهي. پر اهو ديوي (١) لاءِ آهي پوتر، ڇاڪاڻ ته جيڪو ميڙ تي اچي گڏ ٿيو هو تنهن پرارٿنائن رستي، ماتا جي ڪلور کي ٽارڻ لاءِ پئي ايلاز منٿون ڪيون. اتي جي برهمڻن مون کي مندر جي ويجهو هڪ سائي پاڻيءَ جو ڊبو ڏيکاريو، جو سندن چوڻ موجب سال ۾ ٻه دفعا (ماتا) ديويءَ جي ظاهر ٿيڻ سان ڳاڙهو ٿي ويندو هو. اهو هڪ معدني چشمو ڏسڻ ۾ ٿي آيو ۽ منجهس پاڻي ننهن-سوسڙو هو. جيئن جيئن آءٌ ڪاٺياواڙ جي ويجهو پوندو ويس تيئن ملڪ وڌيڪ غيرآباد هو ۽ هرهڪ ڳوٺ جي چوڌاري هڏن جو ڍير ڏسڻ ۾ آيو. سچ پچو ته خشڪ سالي اهڙي ته خطرناڪ هئي جو انهيءَ ملڪ جو چوپايو مال يا ته ناس ٿي ويو هو يا وري سرحد پار لوڏجي ويو هو. ملڪ ۾ تمام سخت ڏڪر هو. مائٽ پنهنجا ٻار وڪري لاءِ آڇي رهيا هئا، ۽ شڪ ناهي ته ڪئين ٻار ڳاڻاٽي ڪان سواءِ، بنان سنڀال جي مري ويا

---

(١) ديوي مان مراد ماتا ديوي آهي. سنڌ ۾ ماتا جي بيماري وقت لولي ڏياري ديوي کي راضي ڪيو ويندو آهي ته جيئن خير سان گذري.

جيئن ئي هوا اندر ڏوڪي آئي تيئن ويچارا فريادي ڪک-پن تي ويا ۽ سندن ڪيس اتي جو اتي رهجي ويو.

ٺٽو، درياء جي ڪپ ڪان ٽن ميلن جي پنڌ تي آهي پر اتان کي به ڪين ٿي ڏٺو. ڪو وقت هو جو سنڌو درياء انهيءَ قديم شهر جي پرسان وهندو هو، جنهن غورابن جي آمدرفت ۽ واپار مان حاصل ٿيل ناڻو پئي سنڌس درن تائين پهچايو. پر چئي ٺٽو سگهجي ته اسان جي انگريز حڪومت وانگر، هن کي ڳري محصول تي، جو اتي اڳاڙيو ويندو هو، ڪاوڙ لڳي (١) يا خالي پور وچان هن ڪجھ وقت ڪان وٺي انهيءَ شهر کي ترڪ ڪري ڇڏيو آهي ۽ ڪيس غربت، بيماري ۽ گندگيءَ جي آزار ۾ وجهي ڇڏيو آهي. اها هئي ٺٽي جي حالت، جڏهن مون انهيءَ کي ڏٺو هو، جيتوڻيڪ اتي قبن ۽ گنبذن جي ڏگهين قطارن ۽ پڻ اسان جي ريجيمينٽ جي آيبن بارڪن پري ڪان ان ۾ آباديءَ ۽ آسودگيءَ جو ڏيکاءُ پئي ڏنو. آخر مون ڏٺو ته اهي سڀ اڏاوتون مٽلن مٽان قبا هئا، جن مان هڪڙا پرائي وضع جا هئا ۽ والاريل هئا ۽ پيا وري نوان هئا، جي ويجهڙائيءَ ۾ ڪم آئڻ لاء تيار ڪيا پئي ويا. منهنجي آتي جولاء مهيني جي اڳيارڙيءَ ڏاري پهچڻ کان وٺي نومبر جي وچ تائين، انگريز ريجيمينٽ جي سورهن سؤ ماڻهن مان پنجاهه کن به جيئر ڪونه بچيا هئا، جي ڊيوٽيءَ جي لائق هجن. ٺٽي جا سنڌي رهاڪو، مڙيئي پنجن هزارن کان مٿي هئا، پر منجهن ڪوبه رتبي وارو يا چڱو پڙهيل ڪونه هو. اتي هڪڙي سيد جو مون سان تعارف ڪرايو ويو- جنهن

---

(١) انگريز پاڻ ته ميرن کي ڪوبه محصول ڪونه ڏيندا هئا پر سندن مرضي اها هئي ته برٽش انڊيا جي بين واپارين کان محصول نه ورتو وڃي، چاڪاڻ ته هنن انهيءَ محصول کي پاڻ هضم ڪرڻ ٿي چاهيو.

جو ڏيو ڪڏهوڪو وسامي چڪو هو. اهو هڪ هيبتناڪ نماءُ هو چاڪاڻ ته عقل کان سواءِ ماڻهو گهٽ ۾ گهٽ درجي جو جانور آهي. سندس ڳالهه هيئن آهي ته چائي ڄم سيد تي ڪري هن ملڪيت هٿ ڪرڻ لاءِ پنهنجي پيءُ جو خون ڪيو هو ۽ جڏهن ڏوهاري ثابت ٿيو، تڏهن ميرن کيس عمر قيد جي سزا ڏني هئي. ميرن جو چوڻ آهي ته اسين نبي (سڳوري) جي اولاد کي قتل ناتا ڪري سگهون (١). نئي ۾ آءٌ فقط ڪي ٿورا ڏينهن رهيس ۽ ايتري تائين جيترو اُتي جي اڪيچار پريشانين مون کي رهڻ ڏنو ۽ پڻ انهيءَ بخار مان مون کي ڇوٽڪارو مليو، جيڪو مون کي رڻ جي سفر ۾ وائکي رهڻ سبب ٿيو هو.

١١- جولاءِ تي مون پنهنجا پير درياءَ جي غير مهذب ڪناري تي چنڊيا ۽ وچي هڪ وڏي ٻيڙيءَ ۾ چڙهيس، جنهن کي ڪکن جي ٺلهي ڇت ٻيل هئي. اها ٻيڙي ڇهن هفتن تائين اتر سنڌ ڏانهن. منهنجي ڏکهي ۽ ڏکئي سفر جي لاءِ منهنجو رهائشگاهه هئي. ٻيءَ ٻيڙيءَ ۾ جا هن کان وڏي هئي مون پنهنجا گهوڙا ۽ نوڪر وغيره چاڙهيا، جي منهنجي پهچڻ کان ٿورا ڏينهن پوءِ اچي نئي پهتا هئا. منهنجي گهوڙن واري ٻيڙي اها ساڳي هئي، جنهن ۾ سرالينگزينڊر برنس پنهنجي پهرين مهم اتر طرف درياءَ جي رستي سر ڪئي هئي. انهي ٻيڙي کي پنهنجي لاءِ نه چونڊڻ ڪري مون پوءِ پڇتايو هو، چاڪاڻ ته انهيءَ ٻيڙيءَ ۾ منهنجي ٻيڙيءَ جي بنسبت سفر چڱيءَ طرح پئي گذريو. پڳهه چوڙڻ وقت، واءُ اٽائو هو ۽ ايرين (٢) جي چوڻ موجب جيئن اتي سڪندر جي ٻيڙيءَ جي چوگرد لهرون

---

(١) مير جيئن ته شيعا هئا ان ڪري سيدن جو ڏاڍو خيال ڪندا هئا.

(٢) ايرين، يوناني ليکڪ آهي، جنهن سڪندر جي ڪاهه ۽ سنڌوءَ مان سندس دريائي سفر جو بيان ڏنو آهي.

ٻهرين سيلاحن هئي جي ماڻهن ڪي گهٽي پئسي ڏيڻ ۾ وڏي غلطي ڪئي آهي، انهيءَ ڪري هاڻي ڪين اهو يقين ٿي ويو آهي ته هرڪو فرنگي هڪ ننڍو پلوٽس (١) آهي.

٣- تاريخ: اسان ويهه ميل نديءَ ۾ اڳتي وڌي وياسين، پر انهيءَ ۾ هٿا رڳي ور وڪڙ. نقشي ۾ درياءَ جو وهڪرو سنئون ۽ سڌيءَ ليڪ ۾ ڏسيو آهي، جو ويجهو ۽ سولو سمجهيو آهي. ڪمپاس سان ماپ ڪرڻ ۾ انهيءَ وهڪري جي ماپ وڃيو آسي ميل ٻيهي، ويهه ميل ڳنڍيوس ورن وڪڙن جا، تڏهين ٻه وڃي ٿيا سؤ ميل، پر حقيقت ۾ اهو سچو فاصلو ڪنهن به حالت ۾ ٻن سوَن ميلن کان گهٽ نه ٿيندو. وڏي خرابي وري منجهس هيءَ آهي جو هونئن هوا چڱي پيئي لڳندي، پر وڪڙن وٽ اوچتو پُوسٽ ٿيو وڃي، جنهنڪري ڪيتري به محنت ڪجي يا ٻيڙيءَ کي تيز هلائڻ جي ڪوشش ڪجي، تڏهن به ڏسبو ته اصل ماڳ کان انهيءَ فاصلي جي چوٿين پتي به مٿي ڪانه هوندي. اسين هاڻي ٻن ڳوٺن وٽان اچي لنگهياسين جن کي چٽاليا ڪري سڏيو وڃي ٿو. انهن مان هڪڙي ڳوٺ ۾ مير نور محمد جي گهوڙن جو طنبيلو هو جنهن ۾ ويهن کان مٿي گهوڙا نه هئا.

٤- تاريخ: ويهه ميل ناري ۾ ڪري وياسين. ڪنارن تي مهاڻن جا ڳوٺ پئي ڏٺا، جن کي مياڻي سڏجي ٿو. سنڌو درياءَ تي جيڪڏهن واپار زور وٺي وڃي ته پوءِ اهي ڳوٺ ناکئن جو چڱو انداز مهيا ڪري ڏيندا. باقرو نالي هڪ وڏي ڳوٺ وٽ اسان کي ٻنهي پاسين وڏي ايراضيءَ ۾ ووٺن جو فصل ڏسڻ ۾ آيو ۽ هرهنڌ هُرلا پئي هليا. گرمي البت گهٽ ٿي ويئي هئي.

٥- تاريخ: پندرهن ميل ڪري، مهرپور ۽ مـنڌ وٽان گذر

---

(١) پلوٽس: هڪ گرهه جو نالو آهي، جو نيپچون کان به پري آهي. پلوٽس حقيقت ۾ شاهوڪاري جي ديوتا کي سڏيو آهي.

ٽيو. مٿڏ لاڙڪاڻي جي سڌائي ۾ آهي. ڀرپور ۾ سومر نالي
هيڊ خلاصي پنهنجي همراهن سميت ٻيڙي ڇڏي هليو ويو ۽
منهنجي دڙڪڻ ۽ دهمانن جي ڪا به پرواهه نه ڪيائين.

٦- تاريخ: ڏهه ميل سفر ڪري خاليجو وٽ پهتاسين
جو هڪ صاف ڳوٺ هو. منجهس مينهن، ڍڳين ۽ ٻڪرين جا
گهڻيئي ڌڻ هئا. اهو ڳوٺ خوشحال ڏسڻ ۾ ٿي آيو. هتي
جيئن آءٌ ناري جي ڪناري تي پسار ڪندي پنهنجي سفر متعلق
سوچي رهيو هوس، تيئن هڪ قاصد شڪارپور مان اچي پهتو
۽ هڪ خط آڻي مون کي ڏنائين.

٧- تاريخ: ناري ۾ ڏهه ميل وڌيڪ ڪري وياسين.
رستي تي ڪيترن ئي ڳوٺن وٽان اسان جو لنگهڻ ٿيو. هن
ڏينهن موسي جا ماڻهو پيچي ويا ۽ رات جو فقط چار يا پنج
ميل ڪن مٿس سفر ڪيوسين. هتي وهڪرو اونهو ۽ تيز هو
جنهن مان ثابت ٿي ٿيو ته درياءُ يا تازي پاڻيءَ جو سمنڊ
(جيئن سنڌي ڪيس سڏين) ويجهو آهي. اسان جي ٻيڙي به ٻين
ٻيڙين وانگر بار جي گهڻي هئڻ ڪري انهن سان قطار ۾ بيهي
رهي. مسٽر ووڊ جيڪا ٻيڙي مون لاءِ تجويز ڪئي هئي، اها
ڇڏي وچي گهوڙن واريءَ ٻيڙيءَ ۾ چڙهيس چاڪاڻ ته انهيءَ
ٻيڙي جي ناکئن پنهنجي بيجا هلت سبب مون کي ڪڏڪ
ڪري وڌو هو. هتي اسان لاڙڪاڻي واهه ۾ گهڙياسين ۽ هڪ
وڏي ڳوٺ مديجي وٽان گذرندي، سهراباڻين جي ڳوٺ ۾ اچي
ننگر هنيوسين. هتي به سخت گرمي هئي.

٩- تاريخ: ٻه ميل ڪري مڪاني واهه جي منهن وٽ
پهتاسين، جتي اٿائي واءُ اسان کي سڄو ڏينهن ٻهاري ڇڏيو.
انهيءَ واهه جي منهن وٽ پاڻي اهڙو ته چوهو هو، جو وهڪري
کي چيريندي وچي ٿي ڪناري کي لڳو. اهڙو خوفائتو وهڪرو
مون شايد ڪو نه ڏٺو هجي، چاڪاڻ ته انهيءَ ۾ وٽن جا ٽڙ،



پيرن جا مقبرا -- روهڙي شهر -- ٻيڙين جي ڪاٺ جو پيٽ -- بکر جو قلعو -- ريزيڊنسي -- فلئگ اسٽاف

سنڌوءَ جي ڪپ تي سکر جو نظارو.

به اهو قبو پراڻو ٿيو لڳي. اهوئي سبب آهي جو اسان انهيءَ تاريخ ۾ اعتبار ٿا ڪريون. اهو پيٽ جي اڀرندي ڪنڌ تي ٺهيل آهي ۽ تمام خسته حالت ۾ آهي. خواجه خضر جي مسجد جي ڪتبي ۾ ڏيکاريل سن مان ظاهر آهي ته سنڌو درياءَ پنهنجو وهڪرو الور کان روهڙيءَ ڏانهن ٣٤١هه ڌاري ڦيرايو هوندو. درياءَ جي وهڪري بدلائڻ سبب الور جي ماڻهن روهڙيءَ ڏانهن لڏڻ شروع ڪري ڏنو ۽ انهيءَ لڏ پلاڻ ۾ سيدن جو خاندان به هو. اهوئي سبب آهي جو انهن مان ڪٿڙي سيد جي قبي تي جيڪا تاريخ ڏنل آهي، اها خواجه خضر جي مسجد ۾ ڏنل تاريخ کان پنجاهه سال پوءِ جي آهي. سکر يا روهڙيءَ کي ان صديون پراڻي سمجهڻ ۾ وڏاءُ نه ٿيندو، ڇاڪاڻ ته ڏسجي پيو ته ڪئين صديون اڳ هي شهر اوج ۽ شاهوڪاريءَ تي رسيل هئا. انهيءَ ڳالهه جي تصديق انهن انيڪ قيمتي عمارتن مان ٿئي ٿي، جي اڪبر جي دؤر ۾ ۽ ان کان اڳ ٺاهيون ويئون هيون ۽ پڻ سيدن جي انهن ديرن مان پتو پوي ٿو، جن تمام ڏورانهن ملڪن مان هجرت ڪري هتي بود و باش اختيار ڪئي هئي. اڪبر سن ١٥٧٢ع ۾ سنڌ فتح ڪئي هئي ۽ جيتوڻيڪ سنڌس ٺهرايل عمارتن کي ٽي سؤ سال گذري چڪا آهن، پر ان هوندي به اهي درياءَ جي ڀنهي ڪپن تي ٽڪريءَ مٿان اهڙو ته ڏيکاءُ ٿيون ڏين، جو ڄڻ ته ويجهڙائيءَ جون ٺهيل آهن. روهڙيءَ جي جامع مسجد تي ڏنل ڪتبو، مثال طور، هيٺ ڏجي ٿو:

”وقت جو خسرو، دين پناهه، اڪبر، جيڪو تاج ٿو پائي ۽ ملڪن کي زير ٿو ڪري؛ اهو شاهه جنهن جون فوجون اڻتريون آهن، جيترا آسمان ۾ تارا ۽ جنهن جو تخت آسمان وانگر بلند آهي؛ اهو قانون جو رکوالو ۽ وقت جو اڳواڻ آهي، جنهن جا نوڪر (شان ۽ دبدبي ۾) قيصر ۽ شهنشاهن جي برابر آهن.

ڪي بن پٿرن کان سواءِ ٻيو ڪي ڪين هٿ آيو. اهي درياهہ جي پراڻي پڌي ۾ پيل هئا ۽ انهن تي اڪيل هو ته اهي مير معصوم درياءَ جي وهڪري جي نشان قائم ڪرڻ لاءِ اتي لڳايا آهن. هي نيڪ سيد ڪيترن ئي عمارتن جو معمار آهي، جي روهڙيءَ جي پڙ ۾ آهن. سندس تربت سکر ڇانوڻيءَ ۾ آهي، جنهن جي پڙ ۾ هڪ نوي فوٽ ڊگهو منارو آهي جو هن پاڻ ٺهرايو هو ۽ جنهن تان ڪيترن ميلن ۾ سڄو ملڪ پيو ڏسجي. سندس پوين مان جيڪو پاڻ کي سندس وارث پيو سڏائي، تنهن ساڳئي قبرستان ۾ پنهنجي لاءِ، مرڻ کان اڳ، هڪ قبر ٺهرائي ڇڏي آهي.

روهڙيءَ ۾ دعوي ڪئي وڃي ٿي ته اتي پيغمبر اسلام جو وار مبارڪ آهي جو جواهرن سان سجايل سونيءَ نڙي ۾ آهي. مجاور مون کي انهيءَ بابت هيٺيون بيان ڪري ٻڌايو:

”٩٥٢ هجريءَ ۾ وار مبارڪ جو مجاور، مخدوم ميان عبدالباقي صديقي، اسنبول (قسطنطنيه) مان سکر پهتو، ۽ انهن سياڻن نشانن (يادگارن) بابت اهڙيون ته ثابتيون پيش ڪيائين جو بزرگ ۽ پيارا ماڻهو مٿس اعتبار ڪري تبرڪات جي زيارت ڪرڻ لڳا. انهن ۾ شاهہ حيدر حقاني ۽ مخدوم عبدالمالڪ جا نالا قابل ذڪر آهن. ڪانئس پوءِ حاجي محمد عبدالستار صديقي مجاور ٿيو ۽ اهو عهدو هُن اسي سال ماڻيو. هن کان پوءِ شاهہ حافظ محمد اسحاق مجاور ٿيو ۽ پوءِ حاجي محمد جا ٻہ پٽ حافظ محمد رضا ۽ حافظ محمد مراد. هاڻي اهو عهدو حافظ محمد اسحاق جي پيڙهيءَ ۾ هلندو اچي.“

سکر ۾ آءٌ ڏکيوئي ٿورا ڏينهن هوس، ان هوندي بہ مون اتي جي رهندڙ ڦورو قبيلن کي پرکڻ شروع ڪيو. منهنجي اتي پهچڻ کان ٿورا ڏينهن پوءِ رحمان بڙديءَ نالي هڪ مشهور ڦورو پنجاهہ رپيا مهيني تي اچي اسان وٽ نوڪريءَ ۾ بيٺو. هو قد جو ڊگهو ۽ گنڀير مڙس هو، پر هُٿس هڪ ٻانهن،

ڏنو! بندوق جي گولي لڳڻ سبب ٽانگ جي چاڙهيءَ جو ڪجهه حصو، جنهن ۾ زهريلو ڏنڊ هو، منڍيءَ مان جدا ٿيڻ ڪان پوءِ اڇي پياري جي مُنهن تي ڪري ۽ زخم ڪري وڌائين. انهيءَ ۾ اهڙو ته موتمار زهر هو، جو جيستائين اهو مڪراني وڻ تان لهي ئي لهي، تنهن ڪان اڳ قسمت جو ماريل (پيارو) وفات ڪري ويو.

مون پنهنجي منشيءَ کي چيو ته اها ته ڏاڍي عجيب ڳالهه آهي! تنهن تي هُن ورائيو ته صاحب، سندس قسمت ايتري هئي، وڏيڪ ڇا ٿو چئي سگهجي! بروچن کي عجيب ڳالهين بڌڻ لاءِ ڏاڍو چاهه ٿو ڏسجي ۽ انهيءَ ۾ هو اسان ڇسن فرنگين جي ابتڙ – جي هر ڪنهن ڳالهه تي ويهي ضد ڪندا آهيون – تاريخ، وقت يا عدد جو ڪوبه خيال ڪونه ڪندا آهن. انهيءَ لاءِ هي مثال ڪافي آهي. اسان جي ايجنسي ٺاهڻ ۾ ڪي مزور سرون ڪٽي رهيا هئا، انهن ۾ هڪڙو پوڙهو رند قبيلي جو بروچ به هو. انهيءَ بروچ کي اسان جي هڪ سياسي آفيسر روڪي، افغانستان مٿان اسان جي حملي بابت رايو پڇيو. پوڙهي ڪنڌ لوڏي چيو ته منهنجي خيال ۾ اوهان جي فوج ڪڏهن به ڪانه موٽندي. هن ڪان اڳ ست لک ماڻهو هندستان مان ڪابل ويا هئا، پر رڳا هڏا ڇڏي آيا ۽ اوهان جو به ساڳيو حشر ٿيندو. اسان جي آفيسر جڏهن ڪانئس پيو سوال ڪيو ته پلا اسان ڪيترا ماڻهو موڪليا آهن؟ تڏهن جواب ڏنائين ته ٽي لک. اهو آهي حساب ڪتاب ۾ بروچن جي ڄاڻ جو هڪ مثال. ٻئي موقعي تي مون هڪ بيرگ ٽالي بگٽي رئيس (ابوبڪر) ڪان سندس عمر بابت پڇيو ته هُن بيڌڙڪ چئي ڏنو ١٢٠ سال. ڪيس ڏسڻ سان معلوم پئي ٿيو ته سندس عمر وڌ ۾ وڌ ٧٠ سال هوندي، ڇاڪاڻ ته اڃا سندس وار پورا ۽ اڪ ڪَڪِڙي هئي. بروچن کي انهن آفيسرن لاءِ ڏاڍي حب هوندي آهي جي منجهن ٿوري به دلچسپي ڏيکاريندا آهن. ڪم

ختم ٿيڻ کان پوءِ به ڪلاڪن جا ڪلاڪ ماٺ ڪيو اسان جي ڪئمپ جي ڪارروائي پيا ڏسندا آهن. جيڪي به اسان وٽ وهيو ۽ واپريو، سو ڪين سڀ نئون پئي لڳو ۽ پڻ جدا جدا قبيلن ۽ ذاتين جي ڪئمپ ۾ هجڻ به ڪين وندرايو پئي. انهيءَ نسبت هڪ بروچ پنهنجي ماڻهن کي هيئن ٻڌايو ته "فرنگين جي فوج ۾ ڪيترن ئي قسمن جا شيطان آهن. انهن مان هڪڙا ڪارا بت پرست آهن، ٻيا رنگ جا اڇا آهن، پر وٽن ڪو مذهب ڪونهي ۽ ٽيان وري چڱا مسلمان آهن جي اسان وانگر نماز پڙهن." انهيءَ مان سندس مراد هيءَ هئي ته پهريان هندو، ٻيان يوروپي ۽ ٽيان مسلمان هئا. بروچن بابت اسان کي روزانه خبرون ملنديون هيون ته اهي ماڻهن تي اوچتو حملا ڪري نه فقط ڦريندا آهن پر قتل به ڪريو ڇڏين، انهيءَ ڪري اسان کي سندن لاءِ ڪو چڱو خيال ڪو نه هو. پر رحمان کان سواءِ اسان کي سکر ۾ جيڪي ٻيا بروچ نظر آيا، تن سندن نسل بابت مڙيئي اسان تي چڱو اثر ڇڏيو. سکر جي پر وارا قبيلا پنهنجو بروچڪو ڪردار وڃائي چڪا هئا، جهڙوڪ ڪوسا، جنهن جي لفظي معني ئي آهي ڏاڙيل (١) اهي اڃا به پنهنجو خوفناڪ ڏيل ڪنيو پيا هلن ۽ ترار جي استعمال ڪرڻ کي به ڪونه وساريو اٿن پر هاڻي منجهن ناپر اچي ويئي آهي. جيڪڏهن وڙهن به ڪٿي تڏهن به پنهنجي اٺن يا ڳوٺن جي حفاظت لاءِ وڙهن، نه ته اصل ڪونه وڙهن. قادر بخش نالي سندن رئيس هڪ سهڻو جوان آهي جنهن جو آواز هلڪو ۽ عادتون وٽنڊڙ آهن. منجهانئس جنگ ڪرڻ جي صلاحيت نڪري چڪي هئي، ان ڪري پنهنجي خوشيءَ سان اسان سان عهدنامو

---

(١) ڪوسه: حقيقت ۾ ڪازخ آهن ۽ توراني نسل جا آهن ڪين بلوچستان ۾ اڄ تائين ڪوسغ سڏيو وڃي ٿو جو ڪازخ يا ڪوزخ جو بگڙيل نمونو آهي. مصنف شايد ڪازڪ کي قزاق سان تشبيه ڏني آهي جنهن جو مطلب آهي چور يا ڏاڙيل. ـــ مترجم

ڪيائين، جنهن موجب هُن پنهنجي راڄ مان اسان کي گهوڙيسوارن جو جٿو ڏيڻ قبول ڪيو، جنهن کي اسان سکر ۽ شڪارپور جي وچ ۾ ٽپال ورهائڻ ۾ لڳايو ۽ پڻ ڪائڻ انهيءَ ضلعي ۾ سوار - پوليس جو ڪم به ورتو. اهي ماڻهو اسان کي بيحد ڪمائتا ثابت ٿيا، ۽ سچ ته اهو آهي، ته جيڪي ڪين ملي ٿو، انهيءَ ڪان وڌيڪ لهڻ. ڪين ڏسي ٻين ڏيهي ماڻهن ۾ به ٿاپر اڇي ويئي آهي ۽ اهي به چڱيءَ چال جي ضمانت تي نوڪري ڪرڻ ۽ چڱي پگهار لاءِ اسان ڏانهن پيا واجهائين. اهڙيءَ طرح، ۽ ساڳين سببن ڪري، اسان پوليس جي هڪ جماعت ناهي ورتي، جا نه فقط رستن تي عام ماڻهن جي اچ وڃ جي حفاظت ۽ سلامتيءَ لاءِ ڪارائتي ثابت ٿي، پر ان جي ڪري انهي ايراضيءَ ۾ پراڻي دؤر ۾ جيڪي خون خرابا ٿيندا هئا، انهن جي بند ٿي وڃڻ جي به اميد ٿي ۽ اهڙيءَ ريت سڄي علائقي تي صلح ۽ سانت جي برڪت نازل ٿي. اهي اميدون ڪيئن اجڙ ٿيون، انهيءَ لاءِ اينڊڙ باب ۾ ڪافي ذخيرو موجود آهي.

# باب ٽيون

## سنڌ ۽ افغانستان جي قبضي ڪرڻ تي تبصرو

فارسيءَ ۾ چوڻي آهي ته ”جيڪڏهن هرڻ جي شڪار تي وڃو ته شينهن سان منهن ڏيڻ لاءِ تيار ٿي وڃو.“ اسان جا دوست جيڪي افغانستان فتح ڪرڻ ويا هئا، تن پائنجي ٿو ته بدقسمتيءَ سبب اهو ڀاڪو ابتو پڙهيو هو، يعني اهي ويا ته هئا شينهن جي شڪار تي پر تياري ڪئي هئائون هرڻ جي شڪار جي. ٿوري ۾ ائين چئجي ته جيڪي ڪجهه اسان جي فوجن تي ٿي گذريو، تنهن اسان جي دشمنن ۾ حقارت پيدا ڪري ڇڏي. اهو آهي افغانستان جي جنگ ۾ اسان جي تباهيءَ جو پهريون سبب. ٻيو سبب وري هيءُ ته اسان جي لشڪر کي سٺو مهندار ڪو نه مليو، جنهن ۾ لياقت، مستقل مزاجي ۽ فيصلي جو مادو هجي. جيڪڏهن سر هينري پاٽنجر يا سر چارلس نيپئر اسان جو ڪابل ۾ ايلچي هجي ها ته ٻوءِ اسان کي هي ڏينهن ڏسڻو نه پوي ها. اسان جي تباهيءَ ۽ بيعزتيءَ جو ٽيون ڪارڻ اهو هو جيڪو مون هيٺئر بيان ڪيو آهي. جيڪڏهن اسان جي فوج جي واڳ سنڀاليندڙ ڪو وڏو جنرل هجي ها ته پوءِ هو پاڻ کي شاهه شجاع الملڪ(١) وانگر ڪميڻو ثابت نه ڪري ها ۽ برطانيا جي لشڪر کي اهڙي ماڻهوءَ جي جنيسري(٢) فوج جو حصو نه بڻائي ها، جو حقيقت ۾ اسان

---

(١) شاهه شجاع: افغانستان جي بادشاهه ڏانهن اشارو آهي.

(٢) جنيسري: اها فوج هئي جا عثماني ترڪن، ڪرستانن جي ننڍڙن ٻارن کي ڀرتي ڪرڻ سان ٺاهي هئي. انهيءَ ۾ اٽڪل ٥٥ هزار ڇوڪرا هرسال ڀرتي ڪيا ويندا هئا ۽ انهن کي سکيا ڏيئي سپاهي بنايو ويندو هو.

جي تباهيءَ لاءِ سازشون ڪري رهيو هو. ساڳيءَ ريت هو اسان جي سپاهين کي اهڙي هنڌ نه وجي ڇڏي ها جتي هو نه ته پاڻ کي دشمن جي حملي کان بچائي سگهيا ۽ نه وري ڪو واپس ئي موٽي ٿي سگهيا. هائي اچو ته انهن ٽنهي سببن کي توريون ۽ ڏسون ته اهي ئي سبب هئا يا ڪي ٻيا، ۽ اهي سبب انهيءَ نتيجي لاءِ ڪافي هئا، جنهن نه فقط اسان جي فوجن تي تباهي آندي پر ان سان گڏ اسان جي نالي کي، جو ان وقت تائين بيداغ هو، ٻوڙي ڇڏيو. ڪوبه ماڻهو اهو نٿو چئي سگهي ته اسان واري فوج، جنهن فروري ١٨٣٩ع ۾ سنڌوءَ کي اُڪري پار ڪيو هو، سا تعداد، انتظام يا هٿيارن جي خيال کان اڻپوري هئي. انهيءَ فوج ۾ شاهه شجاع جي سڄي ملڪ تي قبضي ڪرڻ جي صلاحيت موجود هئي، پر ڏک جي ڳالهه هيءَ آهي ته انهيءَ جو سنڌو درياءَ کان وٺي بالاحصار تائين ڪنهن به طاقتور فوج سان مقابلو ڪو نه ٿيو. رستي ۾ انهن جو فقط بولان ۽ کوجڪ جي ڌاڙيلن سان ٽڪر ٿيو ۽ غزنيءَ جي قلعي هيٺان جن سان جنگ ٿي اهي به هڪ بي ترتيب ميڙ کان وڌيڪ نه هئا. انگريزن جي نالي جو ڌڪاءُ خراسان بلڪ سڄي ملڪ تائين پکڙجي ويو هو. دوست محمد ۽ محراب خان جو لشڪر به هيسجي ويو، ۽ بروچن جون ٽڪيون ترايون به ميدان کان ٻاهر نه نڪتيون — فقط انهيءَ وقت جلوو ٿي ڏيکاريئون، جڏهن ڪو اڪيلو يا بي هٿيار ڀٽڪندڙ ماڻهو ٿي ملين. اهڙين حالتن ۾ قديم چوٽي سچي آهي ته جيڪڏهن هڪڙو ماڻهو دل ٻڌي بيهي ته ڪيترن کي ئي ڀڄائي سگهي ٿو. ساڳيءَ ريت ڏهن دليرن کي ڏسڻ سان هزار دشمن ڀڄيو وڃن. هڪ انگريز نوجوان، جنهن کي اسان جي ڪن خونريز جنگين ڏسڻ جو آزمودو هو، تنهن دعويٰ سان چيو ته ”مون کي هڪ نائڪ ۽ ٽي سپاهي ڏيو، ته سڄي بلوچستان ۾ ڪٿي به گهڙي ٿو پوان. حرام جو ڪو مقابلو ڪري!“ هڪ ٻئي

رت کي ڏسندي ته هڪ ڌاريي دشمن کي پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳائيندو. عجب جي ڳالهه آهي ته اهو خيال اسان جي سياستدانن جي دل ۾ ڪڏهن ڪو نه ويئو ته شاهه جهڙو ماڻهو جيڪو هڪ پراڻو جابر، ظالم، مغرور ۽ وهمي آهي ۽ جنهن پاڻ کي هميشه ”همايون ما“ يعني ”اسان جو برڪت ڀريو وجود“ جي لقب سان مشهور ڪيو آهي؛ سو ڪيئن ٿو ڌارين جي هڪ غير جوابدار جٿي کي پنهنجي تخت جي ويجهو ڇڏي. برطانيا جي ڪئمپ سندس لاءِ دائمي داغ هو، ڇڻڪ سندس پاسي ۾ ڪنڊو ۽ پڻ سندس رعيت لاءِ به خواريءَ جو باعث هئي. هرهڪ بندوق جي ٺڪاءَ ۽ جهنڊن جي ڦڙڪڻ سان کيس اهو خيال ٿيندو هو ته اهي ڌاريائي آهن، جن کيس تخت تي ويهاريو آهي؛ جيستائين اهي اتي ڪئمپ وجهيو ويٺا هوندا تيستائين کيس ڪنهن جي حياتيءَ يا موت تي ڪوبه اختيار نه رهندو ۽ کيس فقط اهوئي ڪرڻو پوندو، جيڪي هو چاهيندا. ڇا انهيءَ ۾ عجب نه آهي ته جيڪو ماڻهو پنهنجي پاءُ کي به پاسي ۾ نٿو سهي سگهي، سو ڪيئن ٿو هڪ ڌاريي وزير يا صلاحڪار جي حڪمن جي تعميل ڪري! مون کي شروعات کان ئي اهو محسوس ٿيو ته ڪابل ۾ اسان جي فوجي ڪئمپ جو لڳڻ اسان جي هڪ عظيم غلطي هئي، ڇاڪاڻ ته ائين ڪندي اسين شاهه ۽ سندس رعيت جي وچ ۾ اچي ٿي وياسين. جبار خان هڪ دفعي شجاع‌الملڪ کي کهڙي نه عمدي ٺوڪ هنئي، جا اسان جي ايلچيءَ لاءِ تازيءَ کي اشاري مثل هئي. اهي لفظ هي هئا ته ”جيڪڏهن توکي بادشاهي ڪرڻي آهي ته پوءِ انگريزن جو هٿي کهڙو ضرور ۽ جيڪڏهن انگريزن کي حڪومت ڪرڻي آهي ته پوءِ تنهنجو هجڻ بيڪار آهي“. پر انهيءَ وقت جي حالتن جي مدنظر ڪابل جي فوجي ڇونڪيءَ جو ڇا چئجي! اها اسان جي ملڪي حدن کان گهڻو پري ۽ ڏورانهين هنڌ، اهڙن پهاڙن جي رستي جدا ٿيل هئي،

سنڌ ملڪن ۾ وڏو لحاظ ڪيو وڃي ٿو، سي جهنگلي قومن سان لاڳو ڪري نٿا سگهجن." اها وڏي سياڻپ ڀري چوڻي آهي، جنهن ۾ قديم اسپين جو چسڪو ۽ عيسائي - ڪئٿلڪ مذهب جو خمير به مليل ٿو ڏسجي. اها ساڳي چوڻي اسان جي حڪومت جي قائدن ۽ قانونن سان به لاڳو ڪري سگهجي ٿي. انگريزي حڪومت، جا نوٽ انصاف، رحم ۽ اعتدال جي خاصيتن جي زيورن سان آراسته آهن تن جو وجود هڪ افغان بادشاهه جي چٽ لاءِ بلڪل بيڪار ثابت ٿيندو. اسان کي انهيءَ ڳالهه جو ڪو به الڪو نه آهي ته شاهه پنهنجي بادشاهيءَ تي قائم رهندو يا ڪيس ٿڏي ڪڍيو ويندو، ڇاڪاڻ ته انهيءَ جو اسان تي ڪو به اثر نه ٿيندو. جيڪڏهن اسان جو قنڌار تي طاقتور فوج سان قبضو هجي ها، ته پوءِ ڪابل تي سدو زئي حڪومت ڪن يا بارڪزئي، اسان جو مٿن تمام گهڻو اثر رهي ها ۽ اسين پنهنجي مرضيءَ موجب انهن کي پنهنجن شرطن تي هلڻ لاءِ مجبور ڪري سگهون ها. نه فقط ايترو پر اسان آهستي آهستي قنڌار ۽ ان جي آسپاس جي ملڪ مان چڱيرڙو محصول به اڳاڙي سگهون ها. نتيجو اهو نڪري ها، جو هندستان جو وچ - ايشيا سان جيڪو واپار هلندڙ آهي، اهو به هن واحد محفوظ رستي جي ڪري ڏاڍو فروغ وٺي وڃي ها. پر اسان جي قسمت ۾ خراسان تي حڪومت ڪرڻ لکيل ئي ڪانه هئي.

جيڪڏهن افغانستان ۾ اسان جون ڪي واضح غلطيون هيون ته سنڌ ۾ به اهي گهٽ ڪو نه هيون. پر جيئن ته سنڌ اسان جي هندستاني سرحدن جي ويجهو هئي ۽ اهو ملڪ به اهڙو ڏکيو ڪو نه هو، ان ڪري انهن غلطين جو اثر ايڏو تباهه ڪن ثابت نه ٿيو.

هاڻي اچو ته سڀ ڪان پهريائين ميرپور جي اميرن سان ٿيل پهرينءَ ڏيتي ليتيءَ جو جائزو وٺون ۽ انهيءَ تفصيل

بہ ڏنائينس، پر هو جلدي مري ويو. ظاهر آهي تہ هو قدرتي سببن ڪري مري ويو هو پر ڏيهي ماڻهن انهيءَ اتفاق کي ضرور شڪ جي نگاهہ سان ڏٺو هوندو. جيڪا ڪارروائي انهيءَ واقعي کان پوءِ وجود ۾ آئي، سا انهيءَ شڪ کي لئہ-مٿي ڪرڻ لاءِ هئي ڇا؟ اسان جو ايجنٽ، جو ميرن سان تمام گهرو ٿي ويو هو، تنهن کي اتان برخواست ڪيو ويو. سندس جاءِ تي جيڪو مقرر ڪيو ويو، تنهن پهچڻ شرط هڪ اهڙو ڪم ڪيو، جنهن کي غير معمولي، سخت ۽ ناروا هلت چئي سگهجي ٿو. هن روهڙيءَ جي سنڌي ڪردار کي پاڻ وٽ هڪدم حاضر ٿيڻ لاءِ نياپو موڪليو، انهيءَ ماڻهوءَ جواب ڏنو تہ هو ميرن جو ماتحت آفيسر آهي، پر جيڪڏهن اسان جي ايجنٽ کيس گهرائڻو هجي تہ هُو انهيءَ باري ۾ ميرن کان اجازت وٺي. ان تي هڪ آفيسر کي ڪن سپاهين سان گڏ هڪدم موڪليو ويو، جنهن وچي انهيءَ بدقسمت شخص کي آڻي اسان جي سفير جي آڏو حاضر ڪيو. ”هن کي سچو ڏينهن بکيو رکيو، آس ۾ بيهاري ڇڏيو“— اهو هو اسان جي انگريز سفير جو ان بدنصيب شخص لاءِ نادري فرمان! حڪم جي تعميل ٿي ويئي ۽ اهو بدقسمت مسڪين پنهنجي ڪمزوريءَ تي افسوس ڪرڻ لڳو. هن کان پوءِ ٻيو قدم جيڪو کنيو ويو، اهو پهرئين کان بہ وڌيڪ نازيبا هو. مير صاحب جو وزير هڪ اڇي ڏاڙهيءَ وارو بزرگ شخص هو ۽ مير کيس ڏاڏو پائيندو هو، اهو هئو بہ اهڙي اثر وارو، جو هڪ دفعي مير رستم جي وڏي پٽ جڏهن کيس گهٽ وڌ ڳالهايو هو، تڏهن مير صاحب کيس گهرائي ڏک وچان چيو هو تہ ”اهي لفظ تو کي نہ پر مون کي چيا ويا آهن. جيڪڏهن منهنجو پٽ توکي ڌمڪائي ٿو تہ ائين سمجهہ تہ مون کي ڌمڪائي ٿو.“ هاڻي اهڙي ماڻهوءَ کي جو سنڌ ۾ وڏي ۾ وڏو عهدو رکندڙ هو، جڏهن اسان جي ايجنٽ وٽ آيو، تڏهن کيس ڪرسيءَ جي بہ آڇ نہ ڪئي ويئي، بلڪ کيس پٽ

تي ويهاريو ويو. هوڏانهن انگلنڊ جو وري اهو حال آهي جو شل نه کو واڻيو واپاري اتي پهچي. ڪيس بادشاهه جي اڳيان ڪرسي وجهي ڏيندا. اهو ساڳيو وزير، فتح محمد غوري هو، جنهن اسان جي سنڌ ۾ موڪيل پهرينءَ سفارت جو آدرڀاءُ ڪيو هو، پر جيڪڏهن هو چاهي ها ته اسان کان به اها ساڳي نوزت ڪرائي سگهيو ٿي، جهڙي ڪانئس ڪرائي ويئي. ڪونيءَ مان نڪرڻ وقت هُن اچرج وچان اهو ڏوراپو ڏهرايو ته ”پاڻ وري ڪو جبرئيل ملائڪ آهي ڇا؟ جيڪڏهن عهدي جو ڪيس خيال نه هو، تڏهن به منهنجي عمر جو ته خيال ڪري ها. آءُ عمر ۾ سندس ڏاڏي جي برابر هوس.“ انهن حالتن جي مدنظر گمان ڪرڻ صحيح ٿيندو ته اهڙو ورتاءُ انهيءَ وزير کي اسان جو دشمن ڪرڻ لاءِ ڪافي هو. اهڙا ٻيا به گهڻائي مثال آهن (جن کي دهرائڻ جو ڪو به ضرور نه آهي)، جيئن ته اسان جو پوليٽيڪل ايجنٽ پنهنجي چوڌاري چالاڪ هندو ليکڪن ۽ منشين جو ميڙ ويهاريو ويٺو هوندو هو، ان ڪري معزز مسلمانن جي ٿوري به گهٽتائي، خيرپور جي رئيس ۽ ايجنٽ جي وچ ۾ دشمني وڌائڻ لاءِ ڪافي هئي. اسان پنهنجي ايجنٽ جي ميرن مٿان چڙهت جي انهيءَ سبب کي نظرانداز ڪري نٿا سگهون ۽ نه وري انهيءَ ارادي جي حقيقت کي لڪائي ٿا سگهون، جنهن جي ماتحت اسان جو ايجنٽ اها هلت هلي رهيو هو. جڏهن ڪيس خبر پيئي ته مير رستم ۽ مير نصيرخان هڪڙي طرف ۽ مير علي مراد يا ٻئي طرف پاڻ ۾ وڙهي پيا آهن، تڏهن فاتحانه لهجي ۾ چوڻ لڳو ته ”هاٿي ٻُل ڏنو اٿن.“ انهيءَ وقت کان وٺي هن ننهن چوٽيءَ جو زور لڳايو ته جيئن اهي گهرو لڙايون زور وٺن. پر مير نصير خان جنهن شروعات ۾ اسان کي سنو رخ ڏيکاريو هو ۽ پڻ ڪيترن مددگار فوجي جٿن کي کاڌ خوراڪ پهچائي هئي، وڏو لائق شخص هو، هن اسان جي راهه ۾ رڪاوٽن پيدا ڪرڻ جو ارادو بدلائي ڇڏيو. هن

مير صاحب ۽ اسان جي ايجنٽ جي وڏي منشيءَ جي وچ ۾ لکپڙھہ جو وڏو سلسلو ھليو. اسان پوءِ انھيءَ منشيءَ کي بدعنوانين سبب سزا ڏني ۽ پڻ پين خرابين جي ڪري جيل موڪليو. ماڻھن ۾ چوپچو ھئي تہ ھُن ڏيجيءَ واري مير جو پاسو بنان مطلب جي کونہ کنيو ھوندو. ان ڪري اھو ضروري آھي تہ انھيءَ معاملي تي ڪجھہ روشني وجھجي.

مير رستم جيڪو اول انگريزن جو پڪو دوست ھو، سو آخرڪار سندن ناروا ھلت ڪري دشمن تي پيو. اسان جي طرفان ڪيس زور ڪيو ويو تہ ھو پنھنجي پراڻي دوست کي وزارت تان لاھي ڇڏي. ھن اِتي محسوس ڪيو تہ ھاڻي انگريزن طرفان مٿس ھڪ لوھي پاڇاري وڌي ويئي آھي، ان ڪري ڪيس نجات لاءِ فقط ھڪڙي واھہ ٿي سجھي تہ انھيءَ کي پيچي ٽڪرا ڪري ڇڏي. ھڪڙي نوجوان (سندس ننڍو ڀاءُ مير علي مراد جو اسان سان شامل ھو) کان سواءِ، جنھن پنھنجي قوم جي بربادي‌ءَ تي پاڻ کي چاڙھي مٿي ڪيو ھو، ٻيا سڀئي ننڍا وڏا مير ساڻس شامل حال رھيا. مير رستم انگريزن جو پنھنجي ملڪ بنان شڪ ۽ خاطريءَ سان آدر ڀاءُ ڪيو ھو تہ ھو سندس قدر ڪندا پر ھن ھلت منجھس اسان لاءِ ٽڪار جو مادو تيز ڪري ڇڏيو. جڏھن اسان جي قندار ۽ غزنيءَ ۾ ڪاميابيءَ جي پھرين خبر خيرپور پھتي، تڏھن سندس درٻارين سندس خدمتن کي ساراھي ڪيس پڌائڻ شروع ڪيو تہ ھن انگريزن جي شروع ۾ ھيڏي مدد ڪئي ھئي سي ضرور ھاڻي سندس قدر ڪندا. عموماً اھو چيو پئي ويو تہ ٻيئي ديرا يعني اسماعيل خان يا غازي خان يا گھٽ ۾ گھٽ انھن مان ڪو ھڪ سندس حوالي ڪيو ويندو، پر ان وقت مير رستم جي ناميديءَ جي ڇا حالت ھوندي جڏھن انگريزن ھن کي سندس خدمتن جي عيوض رئيس يا وڏي مير جي رتبي تان لاھي، سندس جاءِ تي سندس ننڍي ڀاءُ کي ويھاريو ۽ سندس وزير

سندن ٻوليءَ ۽ عادتن کان واقف آهن. انهن جي ڏنل راءِ جي برخلاف آءٌ هڪ اهڙي ماڻهو جي تصديق پيش ٿو ڪريان، جنهن جي ميرن ۽ سندن آفيسرن، سيدن، بزرگن ۽ عبادتگذار عالمن، صرافن ۽ وڏن واپارين سان واقفيت هئي ۽ هو پنهنجي ڊيوٽيءَ تي يا شڪار جي سلسلي ۾ سدائين سندن ملڪ کي لتاڙيندو رهيو ٿي، ۽ جتي به ڪيس موقعو ملندو هو اتي ڪنهن نہ ڪنهن سنڌيءَ يا بروچ ڪڙميءَ يا سندس وڏيري سان ڪچهري ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو، نہ فقط ايترو پرجيئن تہ ڪيس سدائين رعيت جي سک جو ڪم سونپيل هو ان ڪري هو هميشه ڪاريگرن ۽ جدا جدا پيشي جي مزورن ۽ پڻ هڪ وڏي جيل جي انچارج هئڻ ڪري، اتي جي نيچ ۾ نيچ ڏوهاريءَ جي چاڻ رکندو هو. انهيءَ ڪري گهڻيئي وري هيئن تہ مون کي ڪنهن بہ قسم جي ترجمي ڪرڻ واري جي ڪا ضرورت ڪانہ هئي (جو مون سان ٿيندڙ ڳالهہ ڪي هيڏانهن هوڏانهن موڙي ها يا اهڙو رنگ ڏئي ها جو ڪيس وڻندو هجي) ۽ آءٌ انهن سان روزانو ڪلاڪن جا ڪلاڪ سنڌيءَ ۽ فارسي ٻوليءَ ۾ جدا جدا مضمونن تي ڳالهائيندو رهيس. پر آءٌ سچ ٿو چوان تہ مون ڪڏهن بہ ڪنهن مير جي خلاف ڪا شڪايت ڪانہ ٻڌي، البت ڪيترن معزز انگريزن بابت گهڻيئي ڳالهيون ٻڌيون پئي وييون. چيو ٿي ويو تہ مير مبارڪ لالچي هو، ۽ هر انهيءَ ماڻهوءَ جي ڳالهين ۾ اچي ويندو هو، جو ڪيس ٻڌائيندو هو تہ هُن کي ڊاڪٽن مان سون ٺاهڻ جو علم آهي. عليمراد لاءِ وري اهو هُلايل هو تہ هو ظالم ۽ خرچائو آهي؛ پر منهنجي چاڻ ۾ انهيءَ خاندان جي ڪنهن بہ فرد تي ڪنهن بہ ڏوهہ جو اجا تائين ڪو الزام نہ مڙهيو ويو آهي. هڪڙي ڏوهہ جي آءٌ ساک نٿو ڏيان پر ان ۾ بہ جيڪا انهيءَ ڏوهاريءَ کي سزا ملي هئي، سا پين ميرن جي ڪردار جي چڱي ساک ٿي ڏئي ـــ بنسبت انهيءَ ڏوهہ جي جنهن جي ڪندڙ کي چڱيءَ

لاءِ بدقسمتيءَ سببان ڏاڍي دير ٿي ويئي آهي.

خير، انهن خيالن مون کي پنهنجي روزنامچي جي چٽڪن لکڻ کان ڪافي پري ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي اچو تہ وري سکر ۽ شڪارپور جي ٽپنڊڙ واريءَ ڏي موٽ ڪائون ۽ انهيءَ بربٽ مان ڪجهہ وڌيڪ پراڻا ورق گڏ ڪريون.'

---

# باب چوڏون

۱۸۳۹ع جي پوري ٿيڻ تي اتر سنڌ ۾ حالتون - ايراني قيدي- رنجيت سنگهه لاءِ سوڪڙيون- فوجي ۽ سياسي ماڻهن ۾ نا اتفاقي- سکر جي چوطرف قبن جي بيعزتي ڪرڻ جو الزام- قلات جو شاهنواز خان- عاميل جو فوجي رسالو- الف خان ترين.

اسان جي فوجن جنهن ڏکيائيءَ سان ڪڇيءَ مان فوج ڪشي ڪئي هئي، انهيءَ کي ڇهه مهينا گذري ويا آهن. جنهن تڪليف ۽ بنان سوچ ويچار جي اها پيشقدمي ٿي هئي، انهيءَ جو پتو انهن خطن مان ملي ٿو. جي انهن جي پويان ساقہ فوج کي مليا هئا(۱). هڪڙي آفيسر نوشهري مان هيٺينءَ ريت لکي موڪليو:

”قاصدن جا ٽي جوڙا خطن جي ٽڪرن جو هڪ بنڊل مون وٽ کڻي آيا ۽ چيائون ته اهي شڪاربور مان موڪليا ويا آهن. رستي تي ڌاڙيلن مٿن حملوڪري اهي خط لُٽي قاڙي ٽُڪر ٽُڪر ڪري ڇڏيا. اهي تمام ٿورن خطن جا پرزا مون وٽ انهيءَ ڪري کڻي آيا ته جيئن سندن ڳالهه تي اعتبار ڪيو وڃي. اهو ملڪ دهشتناڪ بدانتظاميءَ ۽ وڳوڙ ۾ مبتلا آهي. اهڙو ڪو ڏينهن ورلي گذرندو هوندو، جڏهن اسان جي ماڻهن تي حملو نه ڪيو وڃي. ٽپالي سوارن جي

---

(۱) ساقہ فوج: پڇڙيءَ واري فوج کي سڏيو وڃي ٿو يا مددي فوج ڏانهن اشارو آهي.



روهڙيءَ وٽ ٻيڙين جي پل

پٺي وري لکيو ته، درياءَ تمام گهڻي زوز شور سان اسان ڏانهن ڏوڪيندو آيو ۽ پيڙين جي پڏل پل کي پاڻ سان کنيو ويو. انهيءَ ڪري اناج جو تمام گهڻو ذخيرو جو بيپرواهيءَ سان ڪناري تي ڇڏيو ويو هو، سڄو تباه ٿي ويو. انهي وگهوڙ کي ختم ڪرڻ جو فرض جنهن ماڻهوءَ تي عائد ڪيو ويو هو، تنهن کي مشڪلات سان مقابلو ڪرڻو پيو، سو سندس پنهنجي بيان مان ظاهر آهي جو هيٺن آهي:

”انهيءَ کان وڌيڪ خراب ٻي ڪابه اهڙي مهم منهنجي خيال ۾ ڪانه ٿي اچي، جنهن ۾ ايتريءَ تنگ نظريءَ ۽ بيوقوفيءَ کان ڪم ورتو ويو هجي. شڪارپور ۽ ان جي چوگرد ملڪ بدانتظاميءَ جي چوٽ تي وڃي پهتو آهي. هرڪو ماڻهو اسان جي ڪنڌ ڪپڻ لاءِ منتظر ويٺو آهي ۽ اسان ڪي فقط ٿوري پيادل فوج آهي، جا رَسد جي گدامن ۽ خزاني جي سنڀال لاءِ مقرر ڪيل آهي. پر ساڳي وقت انهن کان حفاظتي جٿي ۽ پڻ فوجي ڪارروائن جاري رکڻ جي اڏن جي سنڀال جو ڪم به ورتو وڃي ٿو. سچ پڇو ته انهيءَ معاملي ۾ عقل ۽ فراست جي گهٽتائيءَ تي رئڻ ٿو اچي. خون ۽ ڌاڙن جا واقعا هر روز پيا ٿين. مان پنهنجي جوابداريءَ تي فوجون پرتي ڪري رهيو آهيان، يعني ٽه بلوچن جي ٻي قائدي پلٽڻ. اها انهيءَ لاءِ ته چور ئي چورن سان وڙهي سگهن ٿا. ڏيهي اختياريءَ وارن کي به خبردار ڪيو اٿم ته ڪوشش ونن: جنهن تي انهن به پنهنجي رولاڪن کي گهرائي ورتو آهي. مون وٽ خزاني ۾ ذري گهٽ هڪ ڪروڙ رپيا پيا آهن ۽ انهن جي سنڀال ڪا گهٽ جوابداري ڪانهي. مون وٽ نڪو آهي ڪلارڪ ڪڙو ۽ نه وري ڪو ٻيو عملو، جنهن کان ڪم وٺجي. ١٨٣٩ع جي اڳياڙيءَ ۾ اتر سنڌ جي اهڙي حالت هئي ۽ انهيءَ سال جي پڇاڙي تائين به حالتن ۾ ڪو سڌارو نه آيو.

اهو صحيح آهي تہ خطن جو هاڻي ٽڪر ٽڪر ٿي اچڻ بند ٿي ويو آهي ۽ سچا سارا خط منزل مقصود تائين اچي ٿا سگهن. پانڊي جهڙيون ايڪڙ - ٻيڪڙ جايون جن کي ريزيڊنسي ڪري سڏيو وڃي ٿو، ظاهر ٿيڻ لڳيون. سکر ۾ فوج جو وڏو تعداد موجود هو ۽ اٽڪ پارسي (ايراني) ٻيئر، سوڊا پاڻيءَ ۽ سوئر جي سڪل گوشت ۽ لوڻ مرچ سان پر گهٽ ٿيا. پر ڪئمپ کان پنجن ميلن جي پنڌ تي ڪوبہ سلامت ڪونہ هو. انهن فسادي قبيلن لاءِ جي درياءَ ۽ لڪن جي وچ ۾ رهندڙ هئا، ڪي اهڙا اپاءَ نہ ورتا ويا، جن موجب يا تہ کين راضي رکي سگهجي ها يا موچڙي جي ڏپ ۾ رکجي ها. ان ڪري اهي بلڪل چڙواڳ ٿي ويا هئا."

سکر پهچڻ سان پهرئين مهني ۾ مون تي فارسي خطن جي ترجمي ڪرڻ ۽ انهن جي جوابن لکڻ جو ڪم رکيو ويو هو. جيئن تہ فقط آءٌ ئي هڪ اهڙو آفيسر هوس جنهن کي اها ٻولي ايندي هئي، ان ڪري مون لاءِ انهيءَ ڊيوٽيءَ ۾ چڱو موچارو ڪم جو انبار هو. خطن کي ترجمي ڪرڻ سان ۽ پڻ ڏيهي ماڻهن سان ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ ڪري، جيڪي اتي وهيو واپريو ٿي تنهن بابت مون چڱي معلومات حاصل ڪري ورتي پر منهنجي بالا عملدار ڪنهن سياسي مضمون تي مون سان ڪا ڳالهہ ڪانہ ڪئي. مون کي اهو قبول ڪرڻو پوندو تہ منهنجي سنڌ ۾ پهريون دفعو قدم رکڻ جي ڏينهن کان وٺي، ميجر آئوٽرام جي ريزيڊنسيءَ جي چارج وٺڻ تائين، ڪوبہ اهڙو دستاويز منهنجي هٿ چڙهيو ۽ نہ وري ٻيءَ طرح سان ڪا خبر پئي تہ اسان جي حڪومت جي سنڌ بابت ڪهڙي راءِ ۽ خواهش هئي. جدا جدا ڪمن تي، جي اسان جي وسيع سلطنت جي جدا جدا حصن ۾ سياسي آفيسر پکڙيل هئا، تن جي موڪليل خبرن جو سرڪيولر فقط هڪڙي ماڻهو کان سواءِ نڪو ڪو مون کي ڏيکاريو ويو ۽ نہ وري ڪنهن ٻئي

نائب کي- انهيءَ طريقي جو بيڪار ثابت ٿيڻ انهيءَ مان ظاهر آهي جو جيئن ته اسان کي جدا جدا هنڌن تي هڪبئي کان پري رکيو ويو هو، ان ڪري اسان مان هرڪو پنهنجي خيال موجب آزاد ٿي ڪم ڪرڻ لڳو. نتيجو اهو نڪتو جو هڪ ٻئي جي ڪمن جي اڻجاڻائيءَ سبب اسان ڪن اهڙين رٿائن کي بلڪل ٿڌي ڇڏيو، جن کي حقيقت ۾ ترقي ڏيارڻ کپندي هئي. اسان جي اڪين جي اڳيان منصوبا ۽ سازشون ٿينديون رهيون، پر جيئن ته چريائيءَ سبب انهن جي معلومات اسان کان پوشيده رکي ٿي وئي، ان کي اسان کي ڪابه خبر ڪانه پئي. انهيءَ ۾ ڪو شڪ نه آهي ته اسان ۾ ئي ڪيترا سازشي ايجنٽ ۽ قاصد موجود هئا، پر اسين انهن کي سمجهي ۽ سڃاڻي نه سگهياسين. ڪيترن ئي ماڻهن تي پڪڙ پڇاڙ ڪئي ويئي پر اهڙي مردار نموني ۾، جو وٺائن ڪاغذ جو ٽڪر به ڪونه ملي سگهيو. وري انهن جو اظهار (بيان) به اهڙن منشين جي معرفت ورتو ٿي ويو، جي ڪنهن به حالت ۾ سچ ظاهر ڪرڻ لاءِ تيار نه هئا. ان ڪري جيڪي به انڪوائريون ٿيون، سي سڀ بيسود ثابت ٿيون. انهن جاسوسن مان سڀ کان پهريائين جنهن کي اسان جهليو، اهو هڪ ايراني هو، جو شاه جو ويجهو عزيز هو ۽ ميرن ۽ قلات جي خان ڏانهن شاه جو قاصد بڻايو ٿي ويو. اهو هڪ چڱي مهانڊي وارو اڌيڙ عمر جو شخص هو، جنهن جي ڪاري ڏاڙهي ڇيلهه تائين وڃي ٿي پهتي، پر طبيعت جو تڏو ٿي ڏنو. نظربنديءَ جي وقت هو پاڻ کي شربت پيئڻ ۽ پنهنجي نوڪرن کي ڇهبڪ هڻڻ جي شغل سان وندرائيندو رهيو. هڪڙي ننڍڙي غلام کي ته خاص ڪري اهڙي مزي سان هو ڇهبڪ هنيا، جو نيٺ ڪڪ ٿي اسان کي دست اندازي ڪرڻي پيئي ۽ کيس جهليو سون ته جيسين هو اسان جي قيد ۾ آهي، تيسين انهيءَ شغل کان باز رهي.

سپٽمبر جي وچ ڌاري درياءَ لهڻ شروع ڪري ڏنو.

هڻڻ ڪري گاهه پئو به گهٽ ۽ مهانگو هو، پر ان هوندي به
ڪين جبلي ڏاڙيلن پنهان گهوڙا ڊوڙائڻا پوندا هئا (مطلب اهو
آهي ته اهي ڏاڙيل جيڪي پنهنجي گهوڙن جي تيزيءَ تي فخر
ڪندا هئا). انهن گهوڙيسوارن ۾، ليفٽيننٽ عاميل جو اردلي،
ننڍيءَ عمر جو هڪ افغان ڇوڪرو هو، جنهن جو نالو غلامحسين
هو. اهڙو سهڻو مهانڊو مون پنهنجيءَ عمر ۾ ڪڏهن ڪونه
ڏٺو هو. سندس اکيون هرڻيءَ جهڙيون هيون ۽ وارن جون
ڊگهيون ڇڳيون اهڙيون ته ڪاريون هيون جهڙي رات! سندس
گلابي گلن- جن ۾ لالاڻ مليل هئي- سچ پچ مون کي عجب
۾ وجهي ڇڏيو ۽ آءٌ سوچڻ لڳس ته ”ائين ته ڪونهي ته اهو
سهڻو ڇوڪرو مرداني ويس ۾ ڪا عورت آهي!“.
اها سيني کي خبر آهي ته هي نوجوان ڇوڪرو بهادر
آهي، جو ميدان توڙي جبلن ۾، جهنگلي سوئرن جي پويان پيو
هو، ۽ پنهنجي بهادر مالڪ سان اهڙن هنڌن تي ويو هو، جتي
ڪيترن ئي دلير سوارن وڃڻ کان انڪار ڪيو هو. مون کي
انهي افغان ڇوڪري جي سونهن بابت جيڪي شڪ شبها هئا،
اهي سڀ سنت ئي دور ٿي ويا، ۽ خاطري ٿي، ته هو جيئن
پنهنجي پوشاڪ ۽ هٿيارن مان ٿي لڳو، تيئن سچ پچ هڪ سهڻو
گڀرو هو، ۽ منهنجو متس عورت هجڻ جو شڪ اجايو هو. بعد
۾، جڏهن مون سندس پيءُ الف خان ترين- جيڪو اتر سنڌ ۾
هڪ بهادر ۽ جاڻو تلوار باز هو- ڏٺو، تڏهن مون کي انهيءَ
ڇوڪري جي سونهن تي ڪو به عجب نه لڳو. جهڙو هو پٽ
ننڍيءَ عمر ۾، اهڙوئي هو سندس پيءُ وڏيءَ عمر ۾! الف خان
ترين قد ۾ اٽڪل ڇهه فوٽ ڊگهو هو ۽ سندس بدن جي
بيهڪ ناهوڪي هئي، سندس ڪارن وارن جون گهاٽيون ڇڳون
ڪلهن تي پئي پيون. سندس اکيون وڏيون ۽ ڪاريون ۽ چمڪندڙ
هيون ۽ سندس نڪ هوبهو يوناني نڪ جهڙو هو؛ سندس ڏند
وري موتين جهڙا اڇا هئا، مطلب ته قدرت سندس بدن جو

هرهڪ عضوو سنگمرمر جي سهڻي بت وانگر عمديءَ ڪاريگريءَ سان گهڙي بنايو هو.

الف خان انهن زميندارن مان هو، جي سڀ ڪان پهريائين پنهنجي مرضيءَ سان اچي اسان سان شامل ٿيا هئا. هن پنهنجا ٻه پٽ ٻلوچ جٿي ۾ گهوڙيسوار ڪري ڏنا هئا. اسان جي اسٽور ۽ اُن تي قبضي ڪرڻ لاءِ جيڪي حملا ٿيندا هئا: تن ۾ انهن ٻنهي نوجوان ڇوڪرن اسان جي دشمنن خلاف پاڻ چڱو مو ڪيو.

# باب پنجون

جهنگلي سوئرن جو درياهه اُڪرڻ - پوليٽيڪل ايجنٽ جو سکر ڇڏڻ - آٺ سوار - ايجنسي جي چارج وٺڻ تي هدايتون - حريف سيد - بهاولپور جو وڪيل - فرسٽ گرينڊيئر جي ڪن سپاهين خلاف دانهن ته هنن ڪيس ڦريو آهي - انهن جو ٻاوو - ڏيهي آفيسرن جو اثر - پنچات - هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون.

۱۰- آڪٽوبر: اڄ صبح جو درياهه تي غيرمعمولي هنگامو ٿي ڏٺو ۽ ٻيڙيون ٽڪڙيون هيڪڙي طرف وڌي رهيون هيون. هرهر بندوق جا ٺڪاءَ پئي ٿيا، جن مان اٿين سمجهيو پئي ويو ته ويجهڙائيءَ ۾ ڪا وڏي جنگ ٿيڻ واري هئي. اڇا پڇا پئي ڪيم ته ڏٺم ته ڇهه سوئر پاڻيءَ ۾ گهڙي پيا هئا، تن مان ٻه درياهه جي وچ ۾ بندوق هٿي ڪيرايو ويو، پر باقي ٽي بهادريءَ سان تري وچي پار پهتا. پاڻيءَ جو وهڪرو ڏاڍو تکو هو ۽ ٻيو ته درياهه جي ويڪر به گهٽي هئي، ان هوندي به هو پاڻيءَ مان نڪري ٻيءَ پر جهنگ ۾ غائب ٿي ويا. واگهن لاءِ به ٻڌڻ ۾ ٿو اچي ته اهي به اهڙيءَ ريت تريو وڃن. اهي دهشتناڪ درندا، هاڻي سنڌ ۾ البت گهٽ آهن، پر اٿين به ڪونه آهي ته اهي آهن ئي ڪو نه. انهن مان هڪڙو سکر ۾ ۽ ٻيو لال شهباز جي مزار تي سيوهڻ ۾ آهي ڇيو وڃي ٿو ته اهي ٻيئي ننڍيءَ عمر ۾ مير مبارڪ هٿ ڪيا هئا. هتي ڪيترن هنڌن تي، خاص ڪري ٻڙديڪا ۽ امير جي

ڪندي عباس علي جنهن سڄي واردات تنبوءَ جي در تي ويٺي ٻڌي، سو اندر گهڙي آيو. ان وقت مون خيال ڪيو ته مون وارو پوڙهو دوست پنهنجي چيل گفتن تي پشيمان ٿي شرم ۾ ٻڏي ويندو. پر ڏٺم ته مٿس ڪو به اثر نه ٿيو، ۽ پاڻ بردبار ٿي، سانتيڪي نموني ۾، هن آيل سيد جو آدرڀاءُ ڪيائين ۽ چيائينس ته تنهنجي اچڻ کان ٿورو اڳ ۱مان صاحب وٽ تنهنجي ساراهه ڪري رهيو هوس.، ڳالهه کي ڦيري ڏيڻ يا بدلائڻ ۾ ايراني پنهنجو مٽ پاڻ آهن، چاڪاڻ ته سندس جاءِ تي ڪو ٻيو هجي ها ته مشڪل سان جند ڇڏائي سگهي ها. ٿورن ڏينهن کان پوءِ ٻهاولپور جو هڪ وڪيل مون سان ملڻ آيو. هو هڪ ايماندار ۽ لائق شخص هو، جنهن سان ويڇهڙائيءَ ۾ اسان جي سپاهين ناروا سلوڪ اختيار ڪيو هو. ڏاڍو گنڀير معاملو هو. پاڻئجي ٿو ته فرسٽ گرينيڊير جي ڪن سپاهين، جي خانگي ڊريس ۾ هئا، ڪيس چانوٽي جي ٻاهران روڪي، ڦر ڪئي هئي. هن پنهنجو فرياد وڃي شڪارپور جي ڪمانڊنگ آفيسر وٽ داخل ڪيو، جنهن حڪم ڪيو ته سڄي ريجمينٽ کي پريڊ ڪرائي وڃي ته جيئن وڪيل ڏوهارين کي سڃاڻي سگهي. ظاهر آهي ته انهيءَ مان عام ناراضگيءَ جو انديشو هو. جڏهن وڪيل لائيٽ ڪمپنيءَ جي ويجهو آيو، تڏهن انهيءَ آفيسر حڪم ڏنو ته سامهون مارچ ڪندي منهن ساڄي طرف ڪريو ۽ وڪيل کي چيائين ته هاڻي ڏسي سڃاڻ. سڃاتل شخص هڪ صوبيدار هو، جنهن کي نه فقط بهادر جو لقب ڏنل هو پر ساڳئي وقت آرڊر آف ميرٽ به مليل هو. ڪيس گرفتار ڪري ڪوارٽر گارڊ ۾ ڪٽي بند ڪيائون ۽ پڻ انهن سپاهين کي به ٻڌائون، جن پريڊ جي ميدان ۾ گڙٻڙ ڪئي هئي. ريجمينٽ جي ڪجهه حصي احتجاج طور قيدين جي چوگرد جمع ٿي، اعلان ڪيو ته جيسين انهن کي آزاد نه ڪيو ويندو، تيسين اسين ڊيوٽيءَ تي نه چڙهنداسون. جيڪي به يورپي آفيسر کين سمجهائڻ ويا تن

ڪي مار ڏيئي بيعزتو ڪيائون. حالتون ڏاڍيون نازڪ ڏسڻ ۾ پئي آيون، چاڪاڻ ته اها هڪڙي ئي ريجمينٽ هئي، جا اسٽيشن تي موجود هئي. ساڳئي وقت ملڪ جون حالتون به ان وقت ناسازگار هيون ۽ چوڌاري دشمن به هئا، ان ڪري ٿي سگهيو ٿي ته گنڀير نتيجا نڪرن، پر ڪمانڊنگ آفيسر جي قوت ارادي وڏو ڪم ڪري ڏيکاريو. آخر انهن ماڻهن آڻ مڃي ۽ وڃي ڊيوٽيءَ تي چڙهيا. ذڪر ڪيل صوبيدار کي سکر بدلي ڪيو ويو، جتي ڪيس ڪورٽ مارشل ڪري، نوڪريءَ مان ڊسمس ڪيو ويو. ڏيهي آفيسرن جو سپاهين تي اثر ثابت ڪرڻ لاءِ انهيءَ بلوي جو مثال ڏيڻ ڪافي هو ۽ انهيءَ ۾ ڪو شڪ نه آهي ته جيڪو جوش سپاهين پنهنجي صوبيدار ميجر جي گرفتاريءَ جي موقعي تي ڏيکاريو هو، سو يورپي آفيسر جي بيعزت ٿيڻ تي شايد ڪو نه ڏيکارين ها. ڏيهي آفيسرن جو سپاهين تي اثر هئڻ اسان لاءِ خوشقسمتيءَ جو باعث آهي، چاڪاڻ ته انتظام کي برقرار رکڻ لاءِ ۽ اسان جي حڪومت جي فائدي ۾ پڻ انهيءَ اثر کي بي دريغ استعمال ڪيو ويندو هو. اسان جي ڪنهن بيجا قدم کڻڻ جي ڪري جيڪڏهن ڏيهي آفيسرن ۾ ناراضگي ٿي پوي ۽ اها ناراضگي انهن کي اسان جي خلاف گڏجي محاذ قائم ڪرڻ تي مجبور ڪري وجهي ته پوءِ نتيجن کي چٽيءَ ظاهر ڪرڻ بيڪار ثابت ٿيندو. پر فرض ڪريو ته جيڪڏهن اسين سندن دل رنجائي به ٿا وجهون، تڏهن به هو اميد آهي ته اسان کي ڇڏي ٻين جو پاسو ڪو نه وٺندا. انهيءَ جو سبب هي آهي جو انهن مان ڪيترا اسان جي نوڪري ڪري اچي پوڙها ٿيا آهن ۽ ڪيترائي پنهنجي پئرن جي عهدن تي آهن. سندن گهرجن جي پيٽ ۾ سندن پگهار به تمام سٺا آهن ۽ هندستان جي هزارها ڪئمپن ۾ جتي ڪٿين ڪمي، ڪاسبي ۽ انهن کان علاوه ڪئمپ جي پٺيان هلندڙ ماڻهو آهن، اهي سڀ

ڪري ڏيکاريو ۽ چيائينس تہ وڃي ٻڌاءِ پنهنجي ٠الڪن کي تہ ”جيڪڏهن اهي توکي هن جهڙو نشان ڏيکارين تہ پوءِ کين جنگ ڪرڻ جي ڌمڪي سونهي ٿي. مون هي ملڪ پنهنجي مڙسيءَ ۽ تلوار جي زور تي هٿ ڪيو آهي ۽ نہ انهن وانگر، جن ڪانئرن جيان پنهنجي وڏن کان ورثي ۾ ملڪ هٿ ڪيو آهي!“

---

# باب ڇهون

ڏياري - شڪارپور - جئت سنگهه هندو صراف - محمد حسين داروغو - عظيم خان بارڪزئي - ابراهيم شاهه - جگن ۽ جانيديرو - عاميل جي شڪست - ليفٽيننٽ والپول ڪلارڪ - بگٽي قيدي - يارو خان ڪوسو - سانولو ٻڙدي - قلات جو دشمن جي هٿ چڙهڻ - اسان جي فوجي جٿن جي واپسي - خطرناڪ بيماري - باز جي شڪار جون پارٽيون - آرٿر ڪونولي - سيد زين العابدين - ڪمال خان کهيري - بجر خان سندس مشهور گهوڙيءَ جو وڪرو

٥ - نومبر، جيئن ته انهيءَ ڏينهن تي ڏياري هئي، ان ڪري سڄو درياهه ڏيئن سان پئي جهرڪيو. اهو نظارو اهڙو ته دلفريب هو جو مان ڪِچ تائين پنهنجيءَ ٻيڙيءَ ۾ ويهي ان کي ڏسندو رهيس، مسجدون ۽ ڊٺل قبا، سندن پير ۾ درياهه جو ويڪرو وهڪرو، جو پنهنجي شان شوڪت سان وهي رهيو هو، ۽ ناريل جي وڻن جا جهڳٽا، ۽ پڻ درياهه جي وچ ۾ هڪ ننڍي ٻيٽ تي بکر جو قلعو - اهي سڀ گڏجي هڪ تمام سهڻو نظارو ٺاهي بيٺا هئا. ٿوريءَ ٿوريءَ دير کان پوءِ ڪو نه ڪو پوڄاري، لڪشمي ديويءَ جي پوڄا ڪري رهيو هو ۽ ڪي وري رونشي خاطر هندو سوڻ موجب پاڻيءَ ۾ ٻيڙيون هلائي قسمت آزمائي ڪري رهيا هئا. اهو هن ريت جو ننڍيون ننڍيون ٻيڙيون ٺاهي انهن کي بتين سان سجائي، پاڻيءَ ۾ ڏڪي ڇڏيندا هئا. جيڪڏهن ڪا ٻيڙي ترندي ترندي پري تائين



میر محمد خان        میر یارمحمد خان



سالو بڑدي

هو، جنهن ۾ ڪتي ديويءَ جي وٽن جا جهڳٽا پئي ڏنا. پٽ جي اندر هڪ وڏي جاءِ جي ڍانچي کان سواءِ، جا اجا ٺهڻ واري هئي، بيقاعدي گهوڙيسوارن جا تنبو ۽ بروچ قيدين لاءِ ڪي خستہ جهوپڙيون هيون. وچ ۾ منهنجي رهائش لاءِ هڪ بنگلو هو، جنهن جا ڪمرا ڪجهہ متاچري پٽ تي نهيل هئا. جيئن تہ انهيءَ جڳهيءَ جاءِ جون ڀتيون مٽيءَ جون هيون، ان ڪري انهيءَ ۾ جدا رنگن روپن ۽ ماپن ۾ ماڪوڙين جا ولر ويٺل هئا. انهن مان هڪڙو نمونو وڏي ڪاريءَ ماڪوڙيءَ جو هو، جا پنهنجن ڏڳهن چمٽن سان پهرين چهنبڙيءَ ۾ انساني بدن مان رت ڪڍي سگهي ٿي. ٻيو نمونو ننڍين ڳاڙهين ماڪوڙين جو هو، جي گهٽي تعداد ۾ پاڻ کي اوهان جي وارن ۾ اڪائڻ ۾ خوشي محسوس ڪنديون يا وڃي اوهان جي ٽوپيءَ ۾ ويهي رهنديون. ٽيون نمونو وري ننڍڙين ڪارين ماڪوڙين جو آهي، جي پنهنجي وت کان ٻاهر شرارت ڪرڻ تي هريل هونديون آهن. پر اڇي ماڪوڙيءَ جي تہ پڇار ئي ڇڏيو، جي وس پڄڻ تہ سڄي مخلوقات کي مٽيءَ جا ننڍڙا ننڍڙا ذرڙا ڪري ڇڏين. انهيءَ ۾ ڪوبہ وڌاءُ ڪونهي تہ اوير جي ملڪن ۾ رهندڙ ماڻهن کي ايذاءُ ڏيڻ ۾ ماڪوڙين جو هڪ خاص درجو رکيل آهي. پر سنڌ ۾ تہ آهي ئي ماڪوڙين جو راڄ! سڄي زمين انهن سان ڀري پيئي آهي. جيڪڏهن اڇي ماڪوڙي، ماڻهوءَ جي ڪاڄ ۾ شمار ڪئي وڃي ها تہ پوءِ هندستان ۾ ڪڏهن بہ ڏڪار نہ ٿئي ها، چاڪاڻ تہ هنن جي ڪوت ئي ڪانهي. هوا جي خيال کان مون ڏٺو تہ منهنجي بدلي ڪنهن چڱي هنڌ ڪانہ ٿي آهي. چاڪاڻ تہ هيتي هوا گرم ۽ مٽيءَ سان ڀريل هئي ۽ راتيون بہ سخت تڪليف ڏيندڙ هيون. پر جيئن تہ مون کي تمام گهڻو ڪم ڪرڻو هو، ان ڪري انهيءَ مسئلي تي سوچڻ جو وقت ئي نہ ٿي مليو. منهنجي شڪارپوو پهچڻ کان هڪ ڏهاڙو پوءِ، سڄو

ڏينهن ڏيهي اختياريءَ وارن، ۽ پڻ منشين مترڙهن ۽ ٻين ماڻهن سان، جي ايجنسيءَ سان لاڳاپو رکندڙ هئا، ملڻ ڪرڻ ۾ گذري ويو. اسان کي مليل هدايتن موجب انهن سان تمام سٺي نموني ۾ پيش اچڻو هو. سڀ کان پهرين جئت سنگهه آيو، جو هڪ شاهوڪار واپاري ۽ مهاجڻ به هو. هي اهو ماڻهو هو جنهن انگريزن کي ڪونڌ ۾ اڳرائي ڪئي هئي ۽ ڪين افغانستان جي حملن ۾ مدد ڪئي هئي. پر اهڙن ٻين ماڻهن وانگر اسان سان لاڳاپي رکڻ جي ڪري ڪيس نقصان به سهڻو پيو. جنهن وقت هو مون وٽ آيو هو ان وقت ڪيس تمام قيمتي پوشاڪ پيل هئي ۽ ڏسڻ ۾ به نٽ وارو مڙس ٿي لڳو. ساڳئي وقت شڪل جو سهڻو، عادتن جو سلڇڻو، هوشيار ۽ سياڻو ٿي ڏٺو. سندس پائيوار چترو مل کي صفا ۽ سادا ڪپڙا پيل هئا ۽ هو به اهڙو ئي رڳو ۽ اڏوڻندڙ هو، جيڪي ڪجهه اتي ڳالهايو هئائين انهيءَ مان ظاهر ٿي ٿيو ته هن سڄي عمر، لومبارڊ گهٽيءَ ۾ ڊيسڪ جي پويان، رڳو وياج ويهي ڳڻيو آهي. ڏسڻ ۾ ٿي آيو ته جئت سنگهه شڪارپور جي ڏيهي گورنرن جي ڪا ڪاڻ ڪانه ٿي ڪئي. انهن مان برجداس خيرپور جي وڪيل مون کي ڏاڍو راضي رکيو. هو هڪ ڪلمڪ، ڪاري ڏاڙهيءَ وارو سنڌي هو، جو جيڪر ڪوپٽينهرسٽ جي پادريءَ سان چڱي نونشي بازي ڪري ها. حيدرآباد جي ايلچين جو ته نمونوئي اور هو. ابراهيم شاهه کي ڏسڻ سان آءٌ پاڻي ويس ته هو ايراني نسل جو آهي. جيڪڏهن مٿس اعتبار ڪيو وڃي ته پوءِ سندس خيال موجب امير هن لاءِ ديوتا هئا، جن لاءِ هو نه فقط ماڻهن سان مقابلي ڪرڻ لاءِ تيار هو پر جنن ۽ ڀوتن سان به هٿين ڀوڻ لاءِ تيار هو، پوءِ اهي ڀل اڇا هجن يا ڪارا. سندس خاندان ميرن جي طفيل پئي پليو. جڏهن هو پهرين آيا هئا، تڏهن بي يارومددگار ۽ ڏاريا ليکيا ٿي ويا. پر هاڻي حڪومت جي وڏن عهدن تي رهڻ ڪري، اهي شاهوڪار ٿي ويا هئا ۽

(١)، داروغي کي ڪتن کان ڪراهت ايندي هئي ۽ انهن کان ڏاڍو پري ڀڄندو هو. اهو انهيءَ ڪري جو سندس مذهب ۾ ڪتي جي ذات ئي پليت ڪري ليکبي آهي ۽ ٻيو وري سندس سٿڻ به هلڪي ڪپڙي جي هئي، ان ڪري منجهس ڪتي جي چڪ کان بچڻ جو تمام گهٽ آسرو هو. هو ان ڪري اسان جي ايجنسيءَ ۾ ڊڄندي ڊڄندي ايندو هو ۽ خاص ڪري انهيءَ وقت ته ڏاڍو لهرائيندو هو جڏهن ڪا سنڌم ڪنهن ڪتي سان وٺي هوندي هئي، ڇاڪاڻ ته اهڙن ڪتن کي گوشت جي ٽڪر لاءِ مسلمان جي ران ۾ چڪ وجهڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو. جڏهن به هُو اسان وٽ ايندو هو، تڏهن پري کان هڪل ڪري چوندو هو ته ”خدا جي واسطي مون کان پري ڪيو س. ڪمال آ ـ سنڌم صاحبه جي ڪتي کان سواءِ سري ئي نٿي!“ وڏن ماڻهن کان پوءِ وري عام خلق جو اچڻ ٿيو، جن سڀني جي پٺيان مسخري جهڙو منشي هو. اهو اهڙو ته خوشامدي ٿي ڏٺو، جو منهنجي هر جملي ختم ڪرڻ تي ڏاڍي اطمينان سان ڪنڌ لوڏي چوندو رهيو ته ”صحيح آهي، اي شڪر شيرين (يعني مٺي ڪندا!) مون کي جنهن ماڻهو وڌيڪ متاثر ڪيو، اهو هو عظيم خان بارڪزئي، جو دوست محمد جو ذاتپائي ۽ عاميل جي گهوڙيسوار فوج جو رسالدار. هن جو ڊينگ شاهاڻو هو ۽ ڪارائتن سپاهين جي خيال کان سندس نمبر الف خان ترين کان پوءِ ٻئين نمبر تي هو. هن کان پوءِ ڏاڍا دلچسپ واقعا ٿيڻ وارا هئا. ١٩- نومبر تي اسان کي خبر پئي ته عاميل جي بلوچ گهوڙيسوار فوج کي شڪست پهتي آهي، جنهن ۾ ٢٥ ماڻهو مارجي ويا. ڪبس شاهپور مقرر ڪيو ويو هو، جا مري ۽ بگتي ٽڪرين جي رستي تي پهرين استيشن هئي ۽ اهو ملڪ اسان جي قبضي ڪرڻ کان اڳ جکراڻي

(١) مصنف غلطيءَ مان شايد داروغي کي دروغ لفظ مان نڪتل سمجهيو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ڪوڙ.

ڪنهن به بني بشر جو نشان نه تي ڏٺو. جڏهن صبح جو چوريءَ جي خبر پيئي تڏهن ڪلارڪ پنهنجي ماڻهن سان پيرو ڪڻندو ڪيترا ميل ٻاهر نڪري ويو ۽ نيٺ هڪ نالي وٽ اچي پيرو گم ٿي ويو. پر، نالي تي ٿورو مٿيرو پنڌ ڪرڻ سان وري پيرن جا نشان ملي ويا، جتان آخرڪار ١٥ ميل ڪن پنڌ ڪندي هو اچي هڪ ڳوٺ جي ٻير ۾ پهتا. ڪلارڪ ڳوٺ جي ماڻهن ڏانهن نياپو ڏياري موڪليو ته جيڪڏهن اٺ ڪلاڪ اندر گهوڙو واپس نه ڪيو ويو ته پوءِ هو ڳوٺ تي حملو ڪندو. اوهان کي اچرج ٿيندو ته سندس نياپي جو اهڙو اثر ٿيو، جو اهو گهوڙو ڪيس هڪدم واپس ڪيو ويو ۽ هو اچي پنهنجي رسالي سان مليو. پر رسالي جي ماڻهن مان ڪو به ماڻهو سندس پيري کڻڻ جي فن ۽ قابليت يا ان جي سٺي نتيجي تي خوش ڪو نه ٿيو.

٢١- تاريخ تي چار بگٽي ڏاڙيل جي اسان جي قيد ۾ هئا، پڇي ويا. جيتوڻيڪ ڪوسن ڪين گهٽوئي ڳوليو پر اهي هٿ ڪو نه آيا. مون انهيءَ تي مير رستم خان جي وڪيل کي گذارش ڪئي، جنهن انهن کي اهڙي هنڌ جهلائي ورتو، جتي هو ذري گهٽ وڃي ٽڪرين تائين پهتا هئا. ڪهڙا نه بدبخت چٺبا! مون کي سچ ته مٿن رحم اچي ويو. اهي جيتوڻيڪ هيبتاڪ هئا پر انهيءَ سڄي وبال جو ڪارڻ بک ۽ سندن جهالت هئي. انهن جو فقط هڪڙو ترجمان يارو خان ڪوسو هو، جو پڻ هڪ بدنام ڏاڙيل هو ۽ پنهنجي قبيلي جي ٻين فردن وانگر اسان وٽ اچي نوڪريءَ ۾ گهڙيو هو. سندس قد ڇهن فوٽن کان مٿيرو هو ۽ بدن ۾ به جانٺو هو. سندس ويڪري ڇاتي ۽ لڱ، گهاٽن ۽ ڪارن وارن سان ڀريل هئا. صاحب جي روبرو هو پاڻ کي تمام عاجزيءَ سان پيش ڪندو هو ۽ هُنَ پنهنجي رنڀ جهڙي آواز کي گهٽائڻ ۾ ڪا ڪسر ڪانه ڇڏي، پر ان هوندي به سندس آواز رڇ جي جهڪي آواز وانگر پيو لڳندو هو.

ڳچيءَ ۾ ڪٽي ٻڌائون. ماڻهو اچي پاڻ ۾ اٽڪيا، چاڪاڻ ته گهڻو ڪري هرڪنهن جي خواهش هئي ته ڪيس مان ئي ڦاسيءَ تي لٽڪايان. ”هن منهنجو پيءُ ماريو آهي“، انهن مان هڪڙي رڙ ڪئي. ٻئي وري اڳتي وڌي چيو ته ”اها نوڙي مون کي ڏيو، هن منهنجو ڀاءُ ماريو آهي.“ جيئن ئي اها نوڙي سندس نيڙيءَ ۾ وڌي ويئي تيئن هو سڏڪي ويو ۽ هٻڪندڙ آواز ۾ ليلائڻ لڳو ته ”سائين! ائين نه ڪر“. خير، جنهن وڻ جي هيٺان هُن پنهنجيءَ خونيءَ زندگيءَ جو پويون ساهه کنيو، انهيءَ تي ”سانوليءَ جو وڻ“ نالو پئجي ويو. جيترو وقت آءٌ سنڌ ۾ هوس مٿس اهوئي نالو ٻڌندو آيس ۽ ڀانيان ٿو ته اهو نالو مٿس ڪئين سال رهندو. ڀائس کي ڦاسيءَ ڏيڻ جي ڪري، ’ڏينوءَ‘ بدلي خاطر پنهنجين ڪُڌين ڪاررواين کي ڇڏي ڏنو. سانوليءَ جي موت کان پوءِ هن ٿورن مهينن اندر ڏهه خون ڪري ڇڏيا. ڪيس پڪڙڻ جون سڀ ڪوششون ناڪام ثابت ٿيون ۽ جڏهن اسين عاجز ٿي پياسين، تڏهن هو نه ڄاڻ ڪهڙي سبب ڪري، ملتان جي سرحد تي وڃي مزاري بروچن سان مليو ۽ انهن سان گڏ رهڻ لڳو.

٢٣- نومبر تي اسان کي قلات واري سوبي جي خبر پهتي. محراب خان جي موت، سندس قلعي جو اسان جي هٿ اچڻ ۽ سندس بهادر ماڻهن جو اسان جي هٿان قتل ٿيڻ اهي خبرون وڃ وانگر آتر سنڌ جي فسادي رهاڪن ۾ پکڙجي ويون. اميرن جا وزير اسان جي انهيءَ سوبي تي اسان کي مبارڪباد ڏيڻ آيا پر سندن مُنهن ڏٻ وچان هيڊا ٿيا پيا هئا. جيتوڻيڪ ظاهري طور تي هنن انهيءَ واقعي سان ڪو به واسطو نٿي ڏيکاريو. ڪن ماڻهن جو سوال هو ته محراب خان کي اهڙيءَ طرح مارڻ ڪيتريقدر صحيح هو. انهيءَ جي جواب ۾ هي چوڻ ڪافي ٿيندو ته هن اسان جي فوجن جي ڪڇي ۽ بولان مان لنگهڻ وقت، جابلو قبيلن کي حملي ڪرڻ لاءِ آياريو هو. مون

مهمان کان سواءِ واندو ڪو نہ هوندو هو. ڪڏهن ڪڏهن وٽس ايڪڙ ٻيڪڙ مهمان هوندو، پر ڪڏهن تہ وري لانيڊ لٿي پئي هوندي هئي. ميزبان جو رويو بہ وڻندڙ هوندو هو، ان ڪري گڏجي ڪائڻ اسان جي عادت ٿي ويئي. ڪو بہ اڪيلو يا پاسيرو وچي ماني ڪونہ کائيندو هو. انهيءَ طريقي ڪي اوهان سنو چئو يا خراب، پر انهيءَ ۾ مون تمام سٺي واقفيت پيدا ڪري وڌي، نہ فقط ايترو پر ڪيترن سان دوستي بہ ٿي ويئي جا اڄا تائين آهي.

٣- جنوري ١٨٤٠ع تي ڪئپٽن آرٿر ڪونولي مون وٽ آيو ۽ ڏهہ ڏينهن ترسي پيو. اهو جيتوڻيڪ هڪ تمام ننڍو عرصو هو، پر سندس سٺي سڀاءَ ڪري، منهنجي ساڻس دل ٻجهي ويئي. هو وڏيءَ دل وارو مڙس هو، جنهن ڪي دنيا جي تڪليفن جو ڪو ڊپ ڪو نہ ٿيندو هو، پر منجهس اهو ڪتڪو ضرور ڏسبو هو، جو هر سپاهي ماڻهوءَ ۾ هوندو آهي. اسان جي گڏجاڻي بہ نرالي نموني جي هئي. داروغو مون وٽ لنگهي آيو ۽ چيائين تہ هڪ روسي جاسوس شهر ۾ اچي ويو آهي. آءٌ جاسوس بابت گهڻو خيال ڪو نہ ڪندو آهيان ۽ انهيءَ ڪي بيوقوفي تصور ڪندو هوس. پر پڪ ڪرڻ جي خيال کان پڇا ڪيم تہ هڪ عجيب صاحب جو نالو ٻڌڻ ۾ آيم. اهو هو ڪونولي، جنهن جي نالي ٻڌڻ سان داروغو ۽ سندس روسي جاسوس وارو خيال منهنجي دماغ مان نڪري ويو. مون جڏهن ڪيس اچرج ۾ ڏنو، تڏهن سچو احوال بيان ڪري ٻڌايومانس. داروغي حقيقت ۾ ڪونولي جي يوناني نوڪر ڪي روسي سمجهيو هو ۽ اهڙيءَ طرح ڪونولي ڪي بہ هن سان گڏي ويو. ڳالهہ هيئن هئي جو ڪونولي اهڙي نموني ۾ سفر ڪري رهيو هو، جو اسان جي سنڌي هيري ڪي انهيءَ اطلاع ڏيڻ تي خوشي هئڻ کپندي هئي. چاڪاڻ تہ هو پاڻ سان تمام ٿورو سامان کڻي هلندو هو. سندس تنبو اهڙو جو ماڻهو منجهس آيو ٿي بيهي ڪونہ سگهندو هو،

رات ۾ ڊريگون جي ٽيهن ۾ سرڪائٽ جڳڪسن سان ماني کاڌي. ان وقت سيڪنهن تي هراس ڇانيل نظر پئي آيو. سندن ريجمينٽ جو آڳل مرڻ ڪنديءَ تي هو. هو هڪ رلٽو ملٽو نوجوان سپاهي هو، جنهن کي ماڻهو ڏاڍو پائيندا هئا. مون گهوڙي تي چڙهي شهر ۽ ڪئمپ جو جائزو ورتو. ڏٺم ته ڪيترائي يوروپي نشي ۾ ٽمتار ميدان ۾ ليٽيا پيا هئا. ايجنسيءَ جي آمهون سامهون ۽ پڻ پٽ جي ٻاهران ٻه وڏيون کڏون کوٽجي رهيون هيون، مون ٿورو ترسي انهن کي جانچي ڏٺو. چار ڏينهن پوءِ مان جڏهن انهن هنڌن تي ويس تڏهن ڏٺم ته اهي ڀيئي کڏون تازي مٽيءَ سان لٽيون ويئون هيون ۽ مٿن ڪي بوٽا به کوڙيا ويا هئا. اِتي مون هڪ گدڙ کي اچي تاهم ڏٺو، جو ان وقت ڪنهن شيءِ کي کرڙي رهيو هو. جاچي ڏٺم ته اها هڪ ماڻهوءَ جي منڍي هئي ۽ جيئن ته ان جا چپ هڪ ٻئي کان پري ٿي ويا هئا، ان ڪري سندس سڻن ڏندن جي ٻتيهي نظر اچي رهي هئي. جنهن مسڪين جو اهو مٿو هو سو ڏسڻ ۾ نوجوان پئي آيو. ڪڏا ڏٺي پريا ويا هئا. هڪڙي ۾ ڊريگون جا تيرهن سپاهي ۽ ٻئي ۾ ٻه اوترائي توبخاني جا ماڻهو پوريا ويا هئا. اها نهايت خطرناڪ رات هئي. اسان ايجنسيءَ ۾ هڪٻئي جي ويجهو اهڙيءَ طرح رهايا ويا هئاسين، جو جيڪي آواز ٻڌڻ ۾ پئي آيا، تن مان پاڻپي ٿي وياسين ته ڇا ٿي رهيو هو. انهيءَ رات گهٽ ۾ گهٽ ٻه سو ماڻهو مري ويا هئا. صبح جو مون کي حڪم ٿيو ته آءٌ انهيءَ رستي تان، جو بيماريءَ سان پريل هو، ڪڇيءَ وڃان. سچ پڇو ته انهيءَ وڳوڙ جو مون تي به ڪي قدر اثر ٿي ويو هو. اسان واري ننڍڙي ڊاڪٽر، جو پوت وانگر پيلو ٿي پيو هو، مون کي آفيم جي عرق جو اهڙو ته وزن پياري ڇڏيو، جو آءٌ ذري گهٽ چريو ٿي ويو هوس. فجر جو منهنجي سواريءَ وارو آڻ آندو ويو ۽ آءٌ وڃي مٿس چڙهيس. جيئن ته ٻن منزلن تائين مون کي

هڪ ساٿي ملي ويو هو، ان ڪري آءٌ ڪجهہ خوش ٿيس.
نيٺ اسين پنڌ پياسين. مون واري ساٿيءَ کي انهيءَ روڳ اچي
ورتو، جو گهڻو ڪري ڪيترن انهن ماڻهن کي ٿيندو آهي جي
پهريون يا ٻيو دفعو ڪنهن منڊل ملڪ جو سير يا سفر ڪندا
آهن. هن خيال ڪيو تہ فاصلي کي گهٽائڻ خاطر رستي کي وچان
ٽا ڪٽيون. پوءِ جيئن سدائين ٿيندو آهي، انهيءَ غلط صلاح
جو نتيجو اهو نڪتو جو رستوئي ڀاڄي وياسين. سج ڪاپار
تي هو ۽ اسان کي پنهنجي غلطيءَ جي سزا ڏيئي رهيو هو.
آخر اسان وڃي جانيديري پهتاسين. جيئن جيئن اسين رستي تان
لنگهندا وياسين تيئن تيئن اسان کي چوڌطرف لاشا پکڙيل نظر آيا.
مون هڪ ماڻهوءَ کي ڏٺو جو پورچوگيز هو. صاف سٿرن ڪپڙن
۾، يعني تہ ڪڙتو، پتلون پيل هئس ۽ ٽوپلو بہ مٿي ۾ هوس،
منهن پر اونڌو پيل هو. مون کي اعتبار ئي نہ پئي آيو تہ هو
ڪو مري ويو هو. آءٌ ان ڪري وٽس پهتس ۽ پانيم تہ گهوڙي
تان لهي کيس ڪٺان، جيئن جهڪيس تيئن ڏسان تہ سندس هيٺان
رت جو ڍُبو پيل هو؛ سندس بدن بہ سيتجي سخت ٿي ويو
هو ۽ مکين جو چٽڪ هڪ ڪکر سندس چوڌاري پئي ڦريو.
منهنجي نوڪرن مون کي ٻڌايو تہ هتي اهي پنج لاشا دفن ڪيا
آهن، جن کي گدڙن کوٽي ٻاهر ڪڍيو هو. انهيءَ سفر جو اوهان
پاڻ اندازو ڪري سگهو ٿا. رات جو منزل بہ اهڙي هنڌ تي
جتي هڪ ڏينهن اڳ سوين ماڻهو موت جو شڪار ٿي ويا هئا
۽ وري انهيءَ بيماري کان بچاءَ لاءِ دوا درمل جو بہ ڪين ڪو
آسرو ڪونہ هو. انهن ڳالهين سچ تہ ٻڪ ئي ماري ڇڏي. ٻئي
ڏينهن آءٌ روجهاڻ ويس. جتي بہ ساڳيوئي نظارو نظر آيو. هتي
مون کي خبر پيئي تہ جنرل ولشاير جو برشوري جي رستي هتان
لنگهيو هو ۽ جنهن سان ملڻ لاءِ مون کي حڪم مليو هو، تنهن
انهيءَ رستي کان اچڻ جو خيال ترڪ ڪري ڇڏيو آهي. جيئن
تہ منهنجي اتي ڪابہ ضرورت ڪانہ هئي، ان ڪر آءٌ خير ۽

خوشيءَ سان واپس شڪارپور اچي پهتس.

١٧- تاريخ: توبخانو ۽ پايونيئرس قلات کان شڪارپور پهتا. سندن ڪئمپ مال غنيمت سان پريل هئي ۽ اتي هرڪنهن قسم جو قيمتي مال پئي وڪاڻو. مان انهن مان ڪابہ نادر شيءِ حاصل ڪري نہ سگهيس.

٢١- تاريخ: آءٌ ابراهيم شاهہ سان گڏ بازن جي شڪار تي ويس. اهي ننڍيءَ جنس جا باز هئا ۽ ڪجهہ تيتر ماريائون بہ، پر ملڪ پريو پيو هو ننڍن ننڍن وڻن سان، ان ڪري سواري ڪرڻ ڏاڍي ڏکي هئي. نتيجو اهو نڪتو جو پکين پنهنجي مُنهن پئي مزا ڪيا. انهيءَ هوندي بہ بنان ڪنهن شيءِ ڏسڻ جي داروغي جي ڊوڙ پئي پئي، ۽ پڻ وڏي آواز ۾ هڪلون ڪرڻ لڳو، ڇڪ جانورن جو شڪار هو. انهن رڙين تي پهريائين تہ آءٌ ڏاڍو جوش ۾ اچي ويس، جو مون پانيوتہ ڪو چڱو شڪار هٿ لڳو هو. پر پوءِ سوچ ڪيم تہ اهڙن موقعن تي اجايو گوڙ ڪرڻ ايرانين جي پٽر آهي، ان ڪري ماٺ ٿي ويس.

انهيءَ وقت هڪ اهڙو واقعو ٿيو، جنهن ۾ سرڪاري انهن ماڻهن جي غفلت ڪري نقصان سهڻو پوندو آهي، جن جي هٿ ۾ سرڪاري ڪم ڏنا ويندا آهن. جيئن تہ اهو هڪ تمام معمولي واقعو هو، ان ڪري آءٌ انهيءَ کي بيان ٿو ڪريان، نہ تہ ٻَرن ۽ گنڀير معاملن کي منهن ڏيڻ جو تہ نمونو ٺي اور آهي. مون کي حڪم پهتو تہ خزاني جي لاءِ ڪي صندوقون ٺهرايان. انهيءَ ڪم لاءِ مضبوط ڪاٺ جي ضرورت هئي. ڪاٺ تہ گهٽوٺي هو، پر جنهن جي مون کي گهرج هئي، اهو اترسنڌ ۾ ملڻ مشڪل هو.

هڪ ڏينهن جيئن آءٌ شهر جو سير ڪري رهيو هوس، تيئن هڪ گمنام گهٽيءَ ۾ مون کي ڪاٺ جو وڏو انداز ڏسن

۾ آيو. اهو سينجهيءَ جو ڪاٺ هو، جو نه فقط مهانگو هوندو آهي، پر ان سان گڏ اهو به فائدو اٿس جو اُڌي لڳيس ئي ڪو نه. مون جڏهن پڇا ڪئي ته معلوم ٿيو ته اهو ڪاٺ قنڌار واري منشيءَ جو هو. پر آءٌ اچا گهر مَس پهتو هوس، جو ڪي ماڻهو مون وٽ لنگهي آيا ۽ چيائون ته اهو ڪاٺ سرڪار جي طرفان سنڌو درياهه تي پل ٻڌڻ لاءِ خريد ڪيو ويو آهي. سچ پڇو ته اهو ڪاٺ انهيءَ ماگهه تي عجيب نموني پهتو هو ۽ اهو چوڻ اجايو ٿيندو ته انهيءَ کي پوءِ ايجنسيءَ جي احاطي ۾ آندو ويو، ۽ جتان پوءِ اهو اُٺن تي چڱيءَ طرح پيريل صندوقن جي شڪل ۾ ٻاهر آندو ويو. اهڙو ٻيو به هڪ واقعو ٿيو، جو سنڌي ماڻهن جي بلند ڪردار جي ثابتي آهي. مان اهو هتي لکڻ ضروري ٿو سمجهان. افغان مهم جي پيشروئن آفيسرن مان هڪڙي آفيسر ڪڇيءَ ۾ هڪ سنڌي سيد کي فوج جي واڌ ۾ رسد پهچائڻ لاءِ ست هزار رپيا ڏنا. انهيءَ وقت حالت اها هئي جو اسان جي ڪيل خرچ جو ڪو حساب ڪتاب ئي ڪو نه هو، ان ڪري وڏين رقمن سان گڏ اهي ڏنل پئسا نظرانداز ٿي ويا. جنهن آفيسر اهي ڏنا هئا، سو فوجن سميت واپس روانو ٿي ويو هو ۽ انهن پئسن بابت ڪو به اطلاع وغيره پنهنجي جانشينن وٽ ڪو نه ڇڏي ويو. ڏينهن، هفتا ۽ مهينا گذرندا ويا، ايتريقدر جو سڄي ڏيتي-ليتي وسري ويئي.

هڪ ڏينهن صبح جو شڪارپور جي پوليٽيڪل آفيسر گشت ڪندي انهيءَ سيد جي ڳوٺ وٽ اچي منزل ڪئي. سندس حيرت جي حد ئي نه رهي، جڏهن هن ڏٺو ته اهو سيد پئسن سان پيريل ڳوٿرين سان اچي سندس سامهون بيٺو. ۽ چيائين ته ”هي سرڪار جون آهن.“ پوءِ سڄو احوال ڪري ٻڌايائين ته ڪيئن ۽ ڪهڙي ڪم لاءِ اهي پئسا کيس مليا هئا، پر جيئن ته سونپيل ڪم نه ڪري سگهيو آهي، ان ڪري واپس ڪري رهيو آهي.

شڪارپور جي آبهوا هائي وڌندڙ تي ويئي هئي، ڇاڪاڻ ته مينهن پوڻ ڪري تڏڪار وڌي ويئي هئي. اهوئي سبب هو جو گهوڙي تي چڙهڻ يا پنڌ ڪرڻ ۾ ڪا تڪليف نٿي ٿيي. آفيسر (ڪڏهن ڪڏهن ڪا انگريز عورت) لنگهن تي نهيل اسٽيشنن ڏانهن ويندي، سدائين اتان ٻيا لنگهندا هئا ۽ گهڻو ڪري منزل ڪندي ايجنسيءَ ۾ اچي رهندا هئا. مسافرن جي بنگلن جو اچا رواج ڪونه ٿيو هو، ان ڪري اسان کي نوان چهرا ڏسي خوشي ٿيندي هئي. اهو چوڻ به اجايو ٿيندو ته جيئن ته ان وقت ٽيبل الائونس ڪونه ٿي مليو، ان ڪري مهمانوازي ۽ ڪفايت شعاري پاڻ ۾ ڪونه ٿي نڀيا، يعني ته مهماني جهلڻ ۾ بخل ڪيو ويندو هو. انهيءَ ڏس ۾ پوليٽيڪل ايجنٽ پاڻ اعليٰ مثال قائم ڪيو ويٺو هو. جيڪو به تي آيو تنهن جو آدرڀاءُ پئي ٿيو. سندس پنهنجو عملو، جنهن ۾ ٻارهن يا چوڏهن اسسٽنٽ هئا، سدائين ساڻس گڏ کاڌو کائيندا هئا. انهيءَ خرچ ۾ ٻڙس جو اڌ پگهار ختم ٿي ويندو هو. سندس ٽيبل تي سال ۾ چوڏهن هزار ٻيئر جون ٻوتلون کوليون وينديون هيون، جا پنهنجي سِر هڪ وڏي رقم هئي. وري ان ۾ شراب، سوڊا ۽ ٻيون مشروبات گڏيو. کاڌي جي ته ڳالهه ئي ڇڏيو، ڇاڪاڻ ته ان ۾ جيڪڏهن ڪا آنَ-کائو رڌ ڪم آندي وڃي ته پوءِ ليکوئي لٿو. جيڪڏهن ايڏي خرچ تي تڏي دماغ سان غور ڪبو ته ڏسڻ ۾ ايندو ته گهٽ ۾ گهٽ چار هزار رپيا مهمانن جي بلي ٿي ويا. هڪڙي اسسٽنٽ جو مثال وٺو، جنهن جو پگهار انهيءَ رقم جي انين پتي مَس آهي. انهيءَ جو ڪهڙو حال ٿيندو هوندو. اهو مهماني البت گهٽ شاندار نموني ۾ ڪندو، پر مهمان کي خوش ڪرڻ لاءِ خاطر تواضع ڏاڍي ڪندو. اهڙن سخاوت جي ڪوڏين مان نٿي جي ليفٽيننٽ ڊبليو جو نالو وٺڻ ضروري سمجهان ٿو، ڇاڪاڻ ته سندس مهمانيءَ سبب آءٌ پڻ سندس ٿورائتو آهيان. آءٌ پانيان ٿو ته هو ڪڏهن به

هڪ ڏينهن بجر مون کي ٻڌايو ته صاحب ”قسمت من چنين است.“ (منهنجي قسمت ئي اهڙي آهي). بيبرگ بجر جهڙو ماڻهو ڪو نه هو. ڪيس جڏهن پٽس عصمت خان کي گهرائڻ لاءِ حڪم ڪيو ويو، تڏهن هن هڪدم نابري واري ۽ پنهنجي ڪاوڙ جي اظهار ۾ وٺي واڪا ڪرڻ لڳو. بجر هڪ عجب جهڙو پير مرد هو ۽ مون کي ساڻس ڳالهائڻ ۾ ڏاڍو مزو ايندو هو. جڏهن به ڪو موقعو ملندو هو مان ساڻس ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪندو هوس، چاڪاڻ ته سندس عجيب جواب مون کي ڏاڍو وندرائيندا هئا. مون هن جهڙو جوان-خيال پوڙهو ڪڏهن ڪو نه ڏٺو ۽ مون کي پڪ آهي ته ڪنهن پريءَ ڪيس آبحيات جو چڱو پيالو ڏيو ڏسجي. هو ڏسڻ ۾ چاليهن ورهين ڪان (چمار ۾) وڌيڪ ڪو نه ٿي لڳو. سندس وار ڏاڙهي ۽ گهاٽا خاڪي رنگ جا هئا ۽ سندس پوريون اکيون هيرن وانگر پئي چمڪيون.

٨- فيبروري تي ڊومبڪي قيدين جا هٿيار ۽ گهوڙا وڪرو ڪيا ويا. بجر ۽ دريا خان جي گهوڙن کان سواءِ، ٻيا سڀ پاڻ سان هلڪا گهوڙا شڪارپور وٺي آيا هئا. انهن مان گهڻا ته غريباڻن ٽٽُن تي چڙهيل هئا، جي تڪا ۽ مضبوط ته هئا، پر قد جا ننڍا ۽ ڪمزور ٿي ڏٺا. انهن جا سوار مٿن چڙهي ڪنهن به حالت ۾ اسان جي گهوڙيسوارن جي برابري ڪري ئي نٿي سگهيا. سندن هٿيار پراڻيون جامڪيدار بندوقون، گينڊي جي کل جون ڍالون ۽ ويڪريون پر تکيون ترايون هيون. تلوار بازيءَ ۾ بروچ ڪي اڻجاڻ ڪو نه آهن، عالم آشڪار آهي ته اهي هڪ ئي ڌڪ سان رڍ کي ٻه ٽڪر ڪيو ڇڏين. بجر خان ۽ جکراڻي سردارن جون گهوڙيون قداور، بدن جون ڀريون، ۽ زبرا وهٽ هئا. بجر جي گهوڙي ٢١٠ رپين ۾ ۽ جکراڻي سردار جي ٤٠٠ رپين ۾ وڪرو ٿيون. بجر واريءَ گهوڙيءَ کي بمبئيءَ موڪليو ويو چاڪاڻ ته

لانگ جي هيٺان آهي. جڏهن دريا خان کي آزاد ڪيو ويو تڏهن هن کي مجبورن اهي گهوڙي واپس ڏيڻي پئي ۽ جيڪي پئسا هن انهيءَ جي خريداريءَ تي ڏنا هئا سي سرڪار طرفان کيس واپس ڏنا ويا.

---

## باب ستون

**سرتاف جي جنگ ۽ والپول ڪليرڪ جو موت - عاميل جي ڪلپرس جي پنيان پوڻ ۾ ناڪامايابي - ڪڇيءَ جو نائب محمد شريف - انهيءَ علائقي جي بدانتظامي - سنڌي الف بي - شڪي خط.**

انگلنڊ جي ماڻهن کي مئي جو مهينو ڏاڍو وڻندو آهي، ڇاڪاڻ ته انهيءَ ناليءَ ۾ هڪ قسم جي جادوگري سمايل آهي، يعني ته انهيءَ مهيني ۾ چهڪندڙ ساوڪ سان ڀريل ميدان پيا ڀسبا آهن ۽ ٻارن کي ڪو سلپ ۽ هوتارن پٽيندو ڏنو ويندو آهي، جن ۾ اڇا ۽ ڳاڙها گل پنهنجي خوشبوءِ سان انهن کي وندرائيندا رهندا آهن. منهنجي دل اهو نٿي چاهيو ته رڳو پنکي جو ڇيڇاٽ هجي ۽ هڪ اڇي پٽڪي وارو پيرمرد انهيءَ کي ڇڪيندو رهي، ۽ نه وري مون کي اها اونداهي ڪوٺي ٿي وڻي پر ٿرماميٽر جي انگن ۾ ڦيرگهير مون کي تنبيهه ڪري رهي هئي ته سنڌ وارو مئي مهينو، انهيءَ ٿڙندڙ ۽ خوشيءَ سان ڀريل مئي کان بلڪل نرالو آهي، جو انگلنڊ ۾ محسوس ڪبو آهي. آءٌ ان وقت ٩٦ ڊگرين جي گرميءَ ۾ هوندي پگهر ۾ ٻڏو پيو هوس ته هڪ قداور آفيسر اندر گهڙي آيو، ۽ اچي مون سان هٿ ملايائين. ”ڪليرڪ“ مون کيس چيو، ”گهڙي ڪم ڏرڪي هن سخت گرميءَ ۾ هتي آندو آهي جا جيڪر ماڻهوءَ جي مٽي کي ڳگهرائي وجهي، ڀوءِ ڀل ته اهو لوهه جو ٺهيل هجي ۽ مٿس سخت پٿر جو تهه چڙهيل هجي؟“ هن ورائيو،

پنهنجو رت ڏنو. باقي رهيا قورو ٻروچ، تن جي سردارن پنهنجي مرضيءَ سان اسان جي آڻ مڃي. آهي هاڻي اسان جا قيدي هئا. اسان هڪ تمام وسيع ملڪ هٿ ڪيو هو، پر انهيءَ کي قبضي ۾ رکڻ ڏکيو ڪم هو. اسين جيڪڏهن چاهيون ها ته ان کي عقل ۽ چالاڪيءَ سان هٿ ۾ رکندا اچون ها، پر انهيءَ بابت اسان بلڪل اونڌو قدم کنيو. سياست جي ڏاڪڻ تي چڙهڻ کان پوءِ اسين وري اهڙيءَ طرح لٿاسين، جو ثابت ٿي ويو ته اسين پاڻ کي آهستگيءَ سان ڪيتريقدر ڪيرائي سگهياسين ٿي. سڀ کان پهرين اسان پنهنجي فوج تمام جلدي گهرائي ورتي ۽ باقي جيڪي منجهن رهيا هئا، تن کي به فراخدليءَ سان موڪل ڏني ويئي. افغان ۽ ٻروچ اسان جي مٺن جيترن ماڻهن کي ڳڻڻ لڳا ۽ کين ٿورڙن ماڻهن جي زيردستي ڪرڻ ۾ شرم پئي آيو. سرڏاف واري تباهي به انهيءَ ڪري آئي ۽ اهو ثابت ٿي ويو ته فوجي جٿا ٽڪرين جي قبيلن سان پورا نٿي پئجي سگهيا. چاڪاڻ ته ڪليرڪ واري جماعت پوريءَ طرح تباهه ڪئي ويئي هئي. اهڙن ڪمن لاءِ ريجيمنٽ جي ضرورت هئي. جيسين اسان پنهنجا سکر ۽ شڪارپور وارا ڊيپو نه ڇڏيون، تيسين اهي اچن ڪٿان؟ انهيءَ دوران اسان جو سياسي مُک لڙائيءَ جي ماڳ کان سوين ميل پري هو، اهو ته شملي جون ٿڌيون هوائون کائي رهيو هو. جتان هو جوو Jove (١) وانگر اولمپس جي برفاني چوٽين تان اسان جي غريباڻي دنيا جي حڪمت تي حڪومت هلائي رهيو هو. ايجنسيءَ جو اسسٽنٽ، جو پويان ڪم ڪار لاءِ ڇڏيو ويو هو، تنهن وري هرهڪ معاملو پنهنجي غير حاضر بالادست کي رجوع ٿي ڪيو. نتيجو اهو نڪتو جو رڳو ان جي اچڻ ۾ هفتا لڳي ٿي ويا. هن سان ويڌن هيءَ هئي جو انهيءَ ٻوليءَ کان بلڪل اڻڄاڻ هو، ان ڪري ڪيس هڪ فريبي ۽ ساڳي وقت لالچي منشيءَ تي

(١) جيپٽر ديوتا کي سڏيندا هئا. هي يونان جو مکيه ديوتا هو.

اعتبار ڪرڻو پوندو هو. انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ هو هڪ برجستو عملدار هو، ۽ منجهس قدرت جون ڏنل سڀئي سهڻيون قابليتون هيون، پر سندس سڄي هلت چلت يا انتظام، ٺاهہ نہ ڪرڻ واري اصول تي هو. ساڳي وقت اهو ماڻهو جو ڏينهن ۾ هڪ ٻڌن ڪان ٻن ڊزن بير جي بوتلن کي گهڙڪائي وڃي، سو ڪٿي ٿو ضروري ۽ غير ضروري ڪاغذن جي مقرر ڪيل تعداد ڪان وڌيڪ ڪاغذن کي پوريءَ طرح جانچي سگهي!

اهڙين حالتن ۾ ڪنهن هاتف جي ضرورت ڪانہ هئي، جو اچي ٻڌائي تہ اجهو ٿي مصيبت اچي! لوڌي ٽيهن سپاهين سان قلات وڃي نڪتو ۽ اتان مددي فوج موڪلڻ لاءِ لکيائين. ڪاهان بہ ان وقت گهيري هيٺ هو. مون بمبئيءَ جي سيڪريٽريٽ ڏانهن خطن جي هڪ لانڊ ڪٽي شروع ڪئي، جنهن ۾ جيترو ٿي سگهيو مون پنهنجون غلطيون ۽ انهن جا علاج بہ لکي موڪليا. اسان جي وڏي ۾ وڏي غلطي اها هئي جو اسان هڪ غدار ۽ ملحد کي ڪڇي (علائقي) جو گورنر مقرر ڪيو هو.

انگريزن جي حڪومت انصاف جو بهترين نمونو آهي ۽ انهيءَ ۾ ڪوبہ وڏاءُ ڪونهي. سڀئي ماڻهو انهيءَ مطابق هڪجهڙا آهن ۽ سڀئي هڪجيتري عزت جا حقدار آهن. سڀني جا حق بہ هڪجهڙا آهن، جنهن ۾ ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي ڪنهن عهدي لاءِ ناقابل قرار نٿو ڏيئي سگهجي. پر انهيءَ اصول تي ڪيتريقدر عمل ڪيو ٿي ويو، انهيءَ لاءِ هن هڪڙي مثال مان ئي سڄي ڳالهہ پڌري ٿيو پوي. اسان هڪ نئون ملڪ هٿ ڪيو آهي، يعني تہ ڪڇيءَ وارو علائقو، جو اسان شاهہ جي ناني ۾ ورتو هو پر حقيقت ۾ ورتو پاڻ لاءِ هوسين. اسان جو اهو بہ اصول رهيو آهي تہ ڪنهن بہ ماڻهوءَ جو اضافو نہ ماريو ويندو. هاڻي انهيءَ لاءِ هڪ اهڙي ماڻهوءَ کي چونڊيو ويو، جو انهيءَ عهدي لاءِ ذري جو بہ حقدار نہ هو ۽ دلي

جي وچ ۾ جيڪا ڏکي لکپڙهه هلي، تنهن مان ثابت ٿي ٿيو ته اهي ٻئي هڪڙي ئي ٻيڙي جا سوار هئا، ۽ پوءِ ٻئي ساڳي ٻيڙيءَ وگهي ٻڏي مئا. مڃاڻ ته هن چڱي مڙس جي سفارش تي يا ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري اسان ٻهريون قدم هي کنيو جو جيڪي به جاگيررن اڳين حڪومتن خدمت جي صلي ۾ ماڻهن کي ڏنيون هيون، سي ڪائنن ڦري ورتيون. اهو سال وري هجي به ڏڪار جو، ان ڪري اوهان پاڻ سمجهي سگهو ٿا ته ماڻهن تي انهيءَ جو ڪهڙو اثر ويندو هوندو. جن ماڻهن جون زمينون کسيون ويون انهن ۾ شاهنواز جو سالو ڪمال خان الياتزئي، رحيم خان مينگل، جنهن جو پيءُ قلات جي گهيري وقت مارجي ويو هو، عيسيٰ خان مينگل، عطا خان ۽ ٻيا سردار به هئا، جي طاقتور هئڻ سان گڏ بروهين تي وڏو اثر رکندا هئا. انهن مان ڪيترا درخواست ڪرڻ لاءِ سکر ڏانهن ويندي، شڪارپور مان گذريا هئا، ته جيئن سندن حق کين واپس ملن. مون کي انهن جي اچڻ جي چاڻ هئي ۽ سندن منشا جي به خبر هئي، ان ڪري مون سندن حقن جي پنيرائيءَ ۾ هڪ زوردار خط لکيو ۽ سفارش ڪئي ته کين سندن حق واپس ڏياريا وڃن. هن کي ڪيترا ڏينهن ترسائي پوءِ کين بازيابي جو شرف ڏنو ويو، پر سندن عرضداشت بنان ڪنهن مروت يا همدرديءَ سان غور ڪرڻ جي رد ڪئي ويئي. انهيءَ ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته محمد شريف جو ڪو هن ۾ هٿ نه هو، چاڪاڻ ته ائين ڪرڻ ۾ هو انهن سردارن جي هڪ چڱي جماعت کي اسان جي خلاف ڪري سگهيو ٿي. جيڪڏهن اهوئي سندس مقصد هو ته پوءِ اهو کيس حاصل ٿي ويو. چاڪاڻ ته اهي ماڻهو پنهنجون زمينون، جي ويجهڙائيءَ ۾ سندن هٿن ۾ هيون، حاصل نه ڪري سگهيا، ان ڪري نااميد ۽ ملول ٿي ٽڪرين ڏانهن واپس موٽيا ۽ ڪيترن هزار ماڻهن سان گڏجي اسان خلاف بغاوت ڪرڻ لڳا. پر اسان جي پاليسي انهيءَ ڳالهه تائين محدود

صحيح ظاهر هوندا هئا، جن کي پنهنجي مرضيءَ مطابق جيئن وڻيو ٿي تيئن پڙهيو ٿي ويو. مثال طور لفظ پري (پريڻ-معشوق) پري (ڏور) وانگر لکيل آهي، ڇاڪاڻ ته انهيءَ فقط 'پ ۽ ر' استعمال ٿيل آهن. اهڙيءَ طرز تي لکت جو نتيجو اهو ٿي نڪتو، جو خود سنڌ جا رهاڪو به وڏيءَ مغز ماريءَ کان پوءِ اهو سمجهي سگهندا هئا، نه ته گهڻو ڪري هڪ جي بي پڙهڻ ۾ ايندي هئي. ان هوندي به ڏاڍيون غلطيون ڪندا هئا. مثال طور هڪ سوداگر کي ڪنهن دوست راجپوتانا مان هڪ خط لکيو هو، جنهن ۾ هُن کيس ٻڌايو ته سندس پُٽ ڪيڏانهن ويو آهي. جيئن ته هو اهو خط جلدي نه پڙهي سگهيو، ان ڪري هڪ ٻئي واقف کي سڏي ڪانئس مدد گهريائين. جنهن وچي اهو مطلب ڪڍيو ته سندس پُٽ گذاري ويو آهي. ويچاري مصيبت جي ماريل پيءُ وني وارن ۾ ڌوڙ وسائي ۽ ڏک ۾ دانهون ڪوڪون ڪرڻ شروع ڪيون. انهيءَ تي هڪ وڏو گوڙ اچي گڏ ٿيو. هُن رڙ ڪئي ته هاءِ اهو منهنجو اڪيلو پُٽ هو. هڪ راهگير کان رهيو نه ٿيو، ان ڇا ڪيو جو خط ڪانئس وٺي پڙهيائين. خط ڏسڻ کان پوءِ هُن جي وات مان "قش" نڪتو. "هتي ته موت جو لکيل ئي ڪونهي! تنهنجي پُٽ نئين شادي ڪئي آهي ۽ خوش ويٺو آهي.

"هائي آءٌ ڇا ڪريان"، پيءُ وراڻيو. "مون سان ته جُٽ ٿي هائي ڪيلان ڪِ روئان!"

ٻئي هڪ ماڻهوءَ جي ڳالهه ٿا ڪن ته هُن هڪ خط لکندڙ کان وچي خط لکايو. اها چٺي جڏهن وچي واسطيدار ماڻهوءَ کي پهتي، تڏهن ڪو به ماڻهو اها پڙهي نه سگهيو. ان ڪري خط واپس اچي ڏٺيءَ کي پهتو. کيس ڏاڍي ڪاوڙ لڳي ۽ ڪٽي ويو لکندڙ وٽ ته تو هي ڇا لکيو آهي، جو ڪو به اهو پڙهي نٿو سگهي. ليڪ هڪدم جواب ڏنو ته آءٌ پاڻ ڪو نه ٿو پڙهي سگهان ڇاڪاڻ ته تو مون کي پيسا ڏنا هئا

لڪائڻ جا ۽ نہ پڙهي ٻڌائڻ لاءِ! هتي بہ ساڳي جوملر* واري ڪار ٿي ڏني ۽ اهو همراهہ بہ ڪو سندس اولاد مان ٿي ڏٺو. اهڙن ملڪن ۾ جتي ڪڏهن ڪو چٽيءَ طرح سان لکندو هجي، خاص ڪري شڪارپور ۾ اهڙو ماڻهو ملي، تہ سمجهجو تہ اهو پنهنجي پيءُ جو پٽ آهي! مارڪيٽ ۾ روزانو نرخن ۾ ٿيندڙ متاستا کي معلوم ڪرڻ اسان لاءِ وڏي اهميت رکندڙ هو. ان ڪري انهيءَ ڏکيائيءَ کي پوري ڪرڻ لاءِ مون کي لاڳيتو ڪم ڪرڻو پوندو هو. آخر آءٌ ايتريقدر سمجهي ويس جو نيٺ پنهنجي اڪائونٽنٽ کي بہ سڌارڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو هوس. انهيءَ مان هڪڙو فائدو هيءُ ٿيو جو جتي ڪمپني کي قنڌار وارن بلن ۾ نقصان پوندو هو، تہ اُتي انهيءَ کي هڪ رپيو في صدي شڪارپور مان فائدو ٿيڻ لڳو. اهو جيتوڻيڪ ٿورو پيو لڳي، پر ان هوندي بہ انهيءَ مان هزارين رپيا حاصل ٿيندا هئا.

---

* Joe Mller : جوميلر، هڪ مسخري کي چئبو آهي.

## باب اٺون

سرهند جو پير - ڪراڙيءَ عورت جي ڳالهہ - اٿسهائينڊز مهمان - شال ۾ بلوو ۽ ان تي تبصرو - عبدالله ڪهيريءَ جي رپورٽ.

درويش آهن ڪهڙي ڪم جا! مثلن مان ڇا ٿو حاصل ٿئي؟ پر اوڀر وارن ملڪن ۾ درويش جيئرا بہ آهن، تہ مثل بہ ۽ آهي جن ۾ ڪا روحانيت آهي، سي وڏي ڪم جا آهن.

ويچار ڪريو تہ هڪ سوداگر آهي، جنهن کي ڏورانهين ۽ خطرناڪ ملڪ ڏانهن سفر تي وڃڻو آهي. ڪيس هڪ ڌيءُ آهي، جنهن کي هو پاڻ سان وٺي وڃي نٿو سگهي ۽ پنهنجي اڪيلو ڇڏي وڃڻ جو بہ ڊپ اٿس، تہ پوءِ ڇا ڪندو جو وڃي ڪنهن پير يا درويش جي ڳولا ڪندو ۽ پنهنجي ڌيءُ انهيءَ کي سونپي ڏيندو. انهيءَ ڪم مان واندو ٿي، هو بيفڪرو سفر تي روانو ٿي ويندو، ڇاڪاڻ تہ ڪيس هاڻي پڪ ٿي تہ ڪوبہ ماڻهو انهيءَ پير جي پاڪن ۾ وڃي ڪونہ سگهندو، انڪري سندس ڌيءُ امن ۾ رهندي. اهڙيءَ طرح خزانو بہ ڪنهن بہ ڪنهن پير وٽ ڇڏبو آهي، تہ جيئن ان کي ڪو هٿ نہ لائي. ايرندي وارن درويشن جو مرتبو اهڙو آهي، جهڙوڪ اولهہ وارن ملڪن ۾ ڊيلفي ۽ اولمپيا جو يونانين وٽ، ۽ ڪليسا ۽ مڙهين جو اسان جي ڏاڏن ۽ پڙڏاڏن وٽ هو. اهي هڪ قسم جا صراف آهن، جي وياج تہ ڪونہ ڏين پر مُور کي هٿ لائين ئي ڪونہ!

هڪڙي ڏينهن صبح جو فارسيءَ جو هڪ سهڻو ڪتاب مون وٽ آندو ويو، جنهن جي آٿينڊز پڙايو تہ اهو سرهند جي پير موڪليو آهي ۽ پڻ خواهش ڏيکاري آهيس تہ مون سان

ملي. مون کيس موٽ ۾ سلام ۽ نياز موڪليا. سنت، هو مون وٽ لنگهي آيو. سندس نالو فدا محيالدين هو ۽ حضرت ابوبڪر جي اولاد مان هو، جو رسول ڪريم جي چئن يارن مان پهريون نمبر هو. سندس آٿ - ويهه جو طريقو شانائتو هو، جنهن ۾ اجائي وڏ ماڻهپائي ڪانه هئي، ۽ اهڙوئي نمونو اسان جي يورپ ۾ ڏٺو ويندو آهي. هو هندستان ۾ رهيو هو، انڪري اجائي وڏاءَ کان سواءِ، اسان جي حڪومت جي ڍنگ جي ساراهه ڪرڻ لڳو. هڻ مون سان سنڌين ۽ افغانن جي تاريخ تي تمام سٺي نموني ۾ بحث ڪيو. اهو سوچڻ ته مسلمان ليڊر ڪڏهن به سچا ٿي نٿا سگهن، سراسر نالائقي آهي. ٿوري سوجهري وارا ماڻهو ڪنهن ڪنهن وقت روشن دماغ ماڻهن کان به وڌيڪ ڪارائتا ثابت ٿيا آهن.

اهڙن پيرن مان هڪڙو پير، جو اسلام جي اصولن جو پابند هو، سنڌ تي اسان جي حملي ڪرڻ کان ٿورا سال اڳ حيدرآباد جي ميرن سان ملڻ آيو هو. سندس اڳيان ڪي اهڙا ڪم ڪيا ويا، جي قرآني تعليم جي خلاف هئا. هڻ اوڏيءَ مهل اهو ڪمرو ڇڏيو، ۽ ٽپڙ ٻڌي پنهنجي ملڪ راهي ٿيو. ميرن کيس ڪيترائي نياپا موڪليا ۽ سوڪڙيون پاکڙيون روانيون ڪيون پر وريو ڪين ڪين. جواب ۾ وراڻيائين ته "وڃي پنهنجي ڏاڙهين کي ڇؤ ته آءٌ ڪڏهن به اوهان جي گهر ۾ داخل نه ٿيندس، پوءِ پيل ته اوهان منهنجي موٽي اچڻ تي سڄو خزانو خرچ ڪري وجهو."

انهي پير جي وڃڻ کان ڪجهه دير پوءِ هڪ پوڙهي عورت غمناڪ نموني ۾ دانهون ۽ ڪوڪون ڪندي وار پٽيندي آئي ۽ فرياد ڪرڻ لڳي ته سائس انصاف ٿئي. مون انهيءَ ۾ پنهنجي ڏاڍي گهٽتائي محسوس ڪئي، ڇاڪاڻ ته هن پنهنجي رڙين ۾ مون تي به تهمتون پئي هنيون. چڱو ٿيو جو اهو سڳورو ماڻهو مون وٽان هليو ويو، نه ته کيس مڙيئي

ڪجھ خيال ٿئي ها. بهرحال، انهيءَ پوڙهيءَ کي مون ڇيڙايو ڪيئن، سو ته آءٌ سمجهي نٿي سگهيس، ڇاڪاڻ ته هن ڪان اڳ مون ڪڏهن به انهيءَ چنڊيءَ کي ڪونه ڏٺو هو. هندستان ۾ جن ماڻهن کي فرياد ٻڌڻ تي معمور ڪيو ويندو آهي، تن کي خبر آهي ته فرياد ٻڌڻ وقت انهيءَ کي پوريءَ طور سمجهڻ ڪيڏو نه ڏکيو ڪم آهي. هن خطي ۾ اهو رواج آهي ته ڏوهاري پاڻهي پاڻ اچي حاضر ٿئي ۽ اچي سچي حقيقت ظاهر ڪري، ڇاڪاڻ ته مدعيءَ کي پاڻ سان ٿيل ظلم جي تفصيل ظاهر ڪرڻ ڪان منع ٿيل آهي. آخر مون کي خبر پئي ته هڪ واڍو، جو اسان جي نوڪريءَ ۾ هو، ٿنهن انهيءَ پوڙهيءَ عورت جو وڻ وڍي وڌو آهي، مائيءَ جي اها دعويٰ هئي ته اهو وڻ ڪيس اڪين ڪان به مٺو هو. ڏينهن جو اس ۾ اهو وڻ سندس اجهو هو، پر رات جو به انهيءَ جي هيٺان سمهندي هئي. مون کي واڍي تي ڏاڍي ڪاوڙ آئي ۽ ڪيس هڪدم گهرائي ورتم. جڏهن سختيءَ سان مٿس دهمان ٻڌم، تڏهن وٺي ڪليو ۽ ڇيائين ته سائين پاڻ هلي سچيءَ حقيقت ڪان واقف ٿيو. مون انهيءَ پوڙهي کي پئسا ڏنا هئا ۽ شام جو جڏهن وڃي سندس دادلي کي ڏٺم، تڏهن اهو وڻ جي بدران هڪ سڪل بنڊ نظر آيو، جنهن مان ساوڪ ڪڏهوڪر ختم ٿي چڪي هئي. مائي، انهيءَ کي فقط فرنگيءَ ڪان پئسن ڪيڻ جي مشين ڪري استعمال ڪيو هو. اها هچا حقيقت ۾ اسان جي چاڙتن ڪان گهٽ ستائيندڙ هئي، جي اسان لاءِ هڪ قسم جي وچڙندڙ بيماريءَ مثل هئا. ڪنهن يوربي شراب پئندڙ ڪلارڪ جي مون وٽ سفارش ڪريو بوءِ ويهي مزا ڏسو. مثال طور هڪ بوليٽيڪل جي پاءُ مون کي لکيو ته "مسٽر فلاڻو پنهنجي نوڪريءَ تي چڙهي چارج وٺڻ خاطر فلاڻي تاريخ شڪارپور مان لنگهندو. ان ڪري ڪيس ڪاڏو، رهائش ۽ ٻيڻ سفر جون ضرورتون مهيا ڪري ڏجن." جڏهن اهو ماڻهو پهتو

تڏهن اچي مون وٽ ويٺو. آءٌ سندس ظاهري ڏيک ۽ آٿ ويهڻ کان ڏاڍو متاثر ٿيس، ڇاڪاڻ ته هن جي چال چلگت ۽ ڳالهائڻ جو نمونو سندس مرتبي کان گهڻو وڌيڪ پئي لڳو. مون سندس ٽپڙ گهرائي ورتا ۽ کيس هڪ جدا تنبو ڏياريو، ساڳئي وقت مون سندس تعارف هڪ رسالدار سان ڪرايو، جو گهوڙيسوارن جي جٿي جو مهندار هو. هو ويجهڙائيءَ ۾ ڪئمپ لڳايو وينو هو ۽ سندس ماڻهن مان ڪي انهيءَ نئين آيل ماڻهوءَ سان حفاظتي طور صبح جو گڏ وڃڻا هئا.

رات جو مڙيئي چڱو گوڙ ٿي ويو ۽ ماڻهو هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙڻ لڳا. مون پڇا لاءِ ٻه-ٽي ماڻهو موڪليا ته ڇا جو گوڙ آهي. صبح جو رسالدار گنڀير مون وٽ آيو، ۽ چيائين ته صاحب راتوڪو ماڻهو عادتن جوکوتو هو. تنبوءَ ۾ وڃڻ کان پوءِ هن ڪجهه ڪلاڪ شراب پيئڻ ۾ صرف ڪيا ۽ انهيءَ کان پوءِ اگهاڙي تلوار ڪڍي، رونشي خاطر وٺي ٽو نوڪرن جي پٺيان پيو. آخر تنبوءَ جي نوڙيءَ ۾ سندس پير اٽڪجڻ ڪري هو ڪري پيو، جنهن تي ڪن گهوڙيسوارن کيس جهلي تلوار کسي ورتي. مون رات جو واقعو لکي سندس ڏي هٿان، سندس بالادست ڏانهن ڏياري موڪليو. مون واري دوست ڀانيو ته هو کيس سڌارڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو، پر مهيني ڪن جي آزمائش کان پوءِ ڪڪ تي کيس واپس ڪري ڇڏيائين. اهو انهيءَ ڪري جو هن هڪ ڏيهي خزانچيءَ جي ٻانهن ۾ چڪ وڌو هو، جنهن تي سندس هٿ-پير ٻڌي کيس سکر موڪليو ويو. انهيءَ موقعي تي انهيءَ ڪاردار به سندس ڪو خيال نه ڪيو ۽ هو ڏک ۽ پيڙا ۾ ڏاڍيون رڙيون ڪرڻ لڳو.

جولاءِ جي ساڙيندڙ گرمي اچي چڪي هئي. آءٌ هڪ پنکي جي هيٺان سمهندو هوس، جو اصل منهنجي نڪ جي مٿان ٿورن انچن تي پئي لڙڪيو ۽ جڏهن به پکي ڇڪيندڙ کي ٿورو به گهبرٽ يا ننڊ ايندي هئي، ته آءٌ اٿي ڪڙو ٿيندو

ڏک ٿيو، پر انهيءَ خبر تي مون کي اچرج ڪونہ ٿيو. ان وقت اهو صاف ظاهر ٿي چڪو هو تہ شاهنواز انهيءَ ناراضپي کي، جو سنڌس خلاف ماڻهن ۾ ٽڪڙو وڌي رهيو هو، منهن ڏيئي نہ سگهندو. شروعات کان وٺي منهنجو اهو خيال هو تہ اسان شاهنواز کي ڪٺي ڪرڻ ۾ صحيح ڪم ڪيو آهي، ۽ اڃا بہ منهنجو اهوئي خيال آهي. جيتوڻيڪ ائين ڪرڻ ۾ اسان کي ڪيترين ئي خرابين کي منهن ڏيڻو پيو. قلات جي هٿ اچڻ ۽ محراب خان جي موت کان پوءِ ڇا اهو هڪ بهادريءَ جو قدم نہ هو جو سنڌس پٽ کي تخت تي ويهاريو ويو ها! فارس (١) ۾ وري هيئن هو جو هڪ بي انصافَ جج جي ڪل لاهي انهيءَ سان سنڌس جانشين جي ڪرسي آراستہ ڪئي ويندي هئي. مون کي اعتبار ئي نٿو اچي جو هڪ پٽ پنهنجي پيءُ کي شوٽ ڪرڻ کان پوءِ وفادار ۽ ثابت قدم رهي سگهي ٿو. سيئي شهزادا ڪو اسان واري پاڪدامن ميري وانگر تہ ڪونہ آهن، جا ٻاراٽي خوشيءَ سان انهيءَ محلات ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙندي هئي، جتان سنڌس پيءُ جيمس ٻئي کي ڪڍيو ويو هو (٢). نصير خان مان ڪڏهن بہ اها اميد نٿي رکي سگهجي، تہ ڪو هُن انهيءَ ٽلوار کي وساري ڇڏيو هوندو، جنهن کيس يتيم ڪيو هو. اها ڳالهہ اعتبار ۾ ئي ڪانہ ٿي اچي تہ هيترين خونريز جنگين کان پوءِ هو اسان کي پنهنجو دشمن نٿو سمجهي، ڇاڪاڻ تہ جڏهن اسان سنڌس ملڪ ڇڏيو هو تہ ان وقت هُن اسان کي مشڪندڙ منهن سان الوداع چيو هو. اسان جي اها غلطي ڪانہ هئي، جو اسان شاهنواز کي تخت تي ويهاريو هو، پر غلطي اها هئي تہ کيس تخت تي ويهاري، پوءِ کيس مدد ڪرڻ کان بلڪل نابري

(١) فارس: ايران جي ڏاکڻي علائقي کي سڏبو آهي.
(٢) ميري: انگلنڊ جي راڻي ڏانهن اشارو آهي جا پنهنجي پيءُ کي تمام گهڻو پيار ڪندي هئي.

وارِي هئي. تي سگھي ٿو تہ ڪيس مدد ڏيڻ ۾ اسان کي گھڻو خرچ ڪرڻو پوي ها، ان ڪري اسين نتائي وياسين. اسان جي جيڪڏهن اها مرضي هئي تہ پوءِ شاهنواز کي پنهنجي منهن حڪومت ڪرڻ جو موقعو ڏيون ها، تہ جيئن وٽيس ها تيئن پنهنجي ماڻهن مٿان حڪومت ڪري ۽ اسان سندس معاملن ۾ دست اندازي ڪرڻ ڇڏي ڏيون ها. پر اسان نہ فقط سندس ملڪ جو هڪ علائقو يعني ڪڇي ڪانئس کسي ورتو، پر ان سان گڏ هڪ ريزيڊنٽ ۽ ڪي سپاهي بہ سندس تختگاہ ۾ ڇڏيا. ائين ڪرڻ سان اسان مٿس دوستيءَ جي ڳلا جو ڏينگر بہ مڙهيو. جنهن مان ڪيس ڪو بہ فائدو نٿي ٿيي سگھيو. شاهنواز لاءِ اسان هڪ ٻي بہ مصيبت کڙي ڪئي، جو سندس گھر ۾ سندس لاءِ دشمن پيدا ڪري وڌا. اهو هيئن جو اسان سندس سالي ڪمال خان التازئي جون زمينون ضبط ڪري ورتيون. ورهاست جي خيال کان نواز جو قلات جي تخت تي اهڙو حق هو، جهڙو نصيرخان جو. ٻنهي جا پيئر انهن لاءِ اهڙيءَ طرح دعويدار هئا، جهڙا هاڻي سندن پٽ آهن. نواز جي پيءُ کي محراب خان ظلم ۽ دغابازيءَ سان قتل ڪيو هو. ساڳئي وقت نواز کي شاهہ شجاع جي حمايت بہ حاصل هئي، جو سنڌ ملڪ جو حاڪم اعليٰ تصور ڪيو ويندو هو. شجاع کي جڏهن ديس نيڪالي ملي هئي تڏهن جي اميرن سندس طرف ورتو هو ۽ شهزادن جيان هُن جي خاطر تواضع ڪئي هئي. ڇا بہ هجي، جڏهن برطانيا سرڪار کيس قلات جو خان مقرر ڪيو هو، تڏهن منجهانئس هٿ ڪڍي، کيس مصيبت ۾ ڇڏڻ ڪميڻپ جي حد هئي. اوير وارن ملڪن ۾ جنهن ڳالهہ اسان جي طاقت کي ڪاپاري ڌڪ هنيو آهي سا هيءَ آهي تہ انگريز سچو دوست ٿي نٿو سگھي. اها ڳالهہ بہ مشهور آهي تہ وٽانئن هڪ بهادر دشمن، هڪ فرمانبردار دوست کان وڌيڪ ڪجهہ حاصل ڪري سگھي ٿو. لارڊ ايلنبرو انهيءَ ڳالهہ کي پاڻيي ورتو هو، ان ڪري بهاول خان تي نوازش

ڪري گهٽو ڪي حاصل ڪيو ويو هو، جو شايد ويهن خونريز صوبن مان به ڪين ملي ها.
اسان جي هندستاني سلطنت کي اهڙيءَ طرح هلائڻو هو، جهڙيءَ طرح اسان انهيءَ کي حاصل ڪيو هو. ٺيڪ اهڙيءَ طرح جيئن روم جي حڪومت دنيا تي بادشاهي ڪرڻ جي حرفت ڳولي ڪڍي هئي. انهيءَ سرشتي موجب فقط انهن کي مدد ڪري مٿي چاڙهيو ويندو هو، جي سندن طرف هئا، پوءِ ڀل ته عام ماڻهو انهن جي خلاف هجن. پر بهاول خان کان سواءِ اهي آهن ڪٿي جي ٿورا سال اڳ اسان جي دوستيءَ جو دم ڀريندا هئا. ڪٿي آهي شاهنواز خان؟ ڪٿي آهن مير رستم ۽ صوبدار ۽ ٻيا اهي رئيس آهن ڪٿي جن اسان لاءِ پنهنجن قبيلن خلاف تلوارون ڪڍيون هيون. اهي گهڻو ڪري سڀ مارجي ويا آهن، ۽ ديس بدر آهن ۽ سندن جاءِ تي اهي ماڻهو اچي ويا آهن، جي اسان جي خلاف هئا. جڏهن هرڪو مسلمان ائين چوڻ تي مجبور ٿي وڃي ته فرنگي جي دوست ٺيٺ بدران سندس(١) سوئر ٺيٺ(١) وڌيڪ بهتر آهي ته اهڙي ناليءَ کان گمنامي ڀلي. ويچاري لوڊي مون کي لکيو هو ته هو ۽ سندس ساٿي نيٺ مارجي ويندا پر ساڳئي وقت هن اهو به پرڻ ڪيو هو ته هو پنهنجي جاءِ تي هٽڻ بدران مارجي وڃڻ وڌيڪ پسند ڪندو. مون سکر جي ايجنٽ کي خط لکي عرض ڪيو ته گنداوا لڳ ڏانهن هڪ ريجمينٽ جلد موڪلي، پر جواب مليو ته فوجن جي نقل حرڪت ۾ اسان جي سملي واري بالادست جي حڪم کان سواءِ، ڪنهن کي به ڪو اختيار نه آهي. مون ڪيس وري لکيو ته جيڪڏهن منهنجي ڪيل عرض جي برگيڊير انچارج کي سفارش ڪئي ويندي، ته پوءِ انهيءَ معاملي جي جوابداري آءٌ پنهنجي سر تي کڻڻ لاءِ تيار آهيان، پر انهيءَ جو ڪو به

---

(١) سوئر ٺيٺ معنيٰ ته سندن ڪاڄ، يعني ته سندن هٿان مارجي وڃڻ.

موٽڪليندو هو. مانيءَ کان پوءِ هڪ سني آواز واري ماڻهوءَ ڏاڍي سوز سان شاهنامي مان رستم ۽ سهراب جي ويڙهه جو احوال پڙهيو. انهيءَ کان پوءِ ڪجهه وقت اسان باغ ۾ پسار ڪيو ۽ آءٌ اڌ رات ڌاري شڪارپور واپس پهچي ويس. ان وقت ٽُپ اونده هئي. اسين جيئن دروازي هيٺان لانگهائو ٿياسين، تيئن منهنجو نيرڙ رڇي ڪاٺ کي لڳو ۽ مون کي اُٺ جي پٺيءَ تي سنهاري وڌائين، پر خوش قسمتيءَ سان ڪريس ڪونه. ساڳئي وقت منهنجي جاڪي ٽوپيءَ، جنهن ۾ چڱيءَ طرح سان ڪپهه پريل هئي، منهنجي کوپريءَ کي ڀڄڻ کان بچائي ورتو. ٻئي ڏينهن حيدرآباد جي وزير ابراهيم شاه مون کي ناچ ڏسڻ جي دعوت ڏني، جا قاضين واري باغ ۾ ٿيڻي هئي. سنڌي ناچڻيون هندستان جي ناچ وارين کان گهڻو گهٽ آهن. انهن مان هڪڙي مهتاب نالي سان ڏاڍي موچاري هئي، پر انهيءَ هوندي به دل جي ڪسجي وڃڻ جو ڪوبه ڊپ نه هو.

٢٩- آگسٽ تي مون اڌ رات جو شڪارپور کي ڇڏيو ۽ صبح جو پنجين بجي هڪ هنڌ پهتس، جنهن کي جانيديرو سڏيو ٿي ويو. اهو شڪارپور کان چوويهن ميلن جي پنڌ تي هو ۽ اتي هڪ ننڍڙو قتل ڪوٽ به هو، جنهن جي چوڌاري انهيءَ موسم ۾، ڪيترن ميلن ۾ جوئر جو فصل بيٺو هو. دنيا جي ٻئي ڪنهن به ملڪ ۾ اهو فصل ايڏي قد جو نه ٿيندو آهي. آءٌ اُٺ تي چڙهيل هوس پر ان هوندي به اها پوک ڪيترا فوٽ مٿي بيٺي هئي. منهنجو خيال آهي ته ڪيترن هنڌن تي اها زمين کان ويهن فوٽن کان ڪنهن به حالت ۾ گهٽ ڪانه هئي. هيڏي ساري ايراضي ۽ اها به ڊگهي فصل سان ڍڪيل، ڌاڙيلن جي لڪڻ لاءِ هڪ عمدي جاءِ هئي، جنهن لاءِ مون کي گهڻا ڏينهن اڳ ثابتي ملي چڪي هئي. جانيديري ۾ فقط هڪ وڻ هو، جو تمام ڊگهو هو ۽ ڏسڻ ۾ چوڌاري ساوڪ واري پوني جي ابتڙ فخر سان اوچو ڳاٽ جهليو بيٺو هو. انهيءَ

## باب نائون

ننشڪ جي جنگ - ڪليبارن جي فوج جو پوئتي هٽڻ - پاڳ ڏانهن واڌ - ملڪ جي تشويشناڪ حالت - لهڙي - گنداوا جو ساڙڻ - شڪارپور ڏانهن واپسي.

منهنجو رستو هاڻي دادر ڏانهن هو، پر مون کي مجبوراً جانيديري واپس اچڻو پيو، ته جيئن پنهنجي منزل کي پهچي سگهان. اڃان منهنجو تنبو کتوئي ڪونه هو ته مون وارو منشي مون وٽ آيو، پر منهن اهڙو هوس جهڙو انهيءَ ماڻهوءَ جو جنهن وزير اعظم جي دروازي وارو پردو، اڌ رات جو اچي کوليو هو. چيائين ته صاحب ٻاهران عجيب خبرون پهچن. چيو پيو وڃي ته توبن جو آواز ڪالهه سڄو ڏينهن پئي ٻڌو، جو ته ڪليبارن صاحب ٽڪرين ۾ مرين سان جنگ ڪئي هئي، ائين به چون ٿا ته، ڪمپنيءَ جو ستارو هاڻي لهندو پيو وڃي. مون چيومانس ته منشي! توکي انهن کهڙي خاڪ ڪارائي آهي جا هاڻي پيو اوڳارين! ڪٿان ٿو توبن جو آواز اچي. مرين جون ٽڪريون سوين ميل پري آهن. اهو به ممڪن نه آهي ته ايڏي فاصلي تي ٿيل ڪالهوڪيءَ جنگ جو احوال اڄ پئجي سگهي. اهي تنهنجي ڏاڙهي ڏسي پيا کلندا هوندا! ائين چئي مون منشيءَ کي دفعي ڪيو ۽ سائس گڏ جنگ متعلق سڀني خيالن کي به وساري ڇڏيم. منشيءَ کي ٿاري ٻاهر نڪتس ته جيئن پنهنجي ڪارنامي يعني ته مسافرن جي بنگلن تي ٿيل ڪم جو اڪلاءُ ڏسان.

”آهستي آڪلاءُ“ اهو اتي سنڌين جو متو. مون ڏٺو

ويا. سندن آفيسر جو انهيءَ مهم جو مهندار هو، زخمجي پيو پر ان هوندي به رڙهندو ويو متي. اهو آفيسر ۽ سندس خانگي ماڻهو وچي چوٽ تي پهتا. پر فوج جو جٿو اچا پنڌ تي ٽڪريءَ جي وچ تي هو، ته مرين متن اڻين تکي لوهه ڪئي، جيئن نئين جو پاڻي هيٺ وهندو آهي ۽ جيڪي منهن ۾ ايندو اٿس تنهن کي پاڻ سان کنيو ويندو آهي. حملي ڪندڙ سڄيءَ جماعت ۾ هڪڙي ماڻهوءَ کان سواءِ ٻيا سڀ مارجي ويا. هي جوان وري اهو هو جنهن گپل ڏينهن اڳ هڪڙي حملي ۾ دشمن جا ٻه ماڻهو ماري وڌا هئا، پر اڄ سندس وارو هو رت ڳاڙڻ جو. ڪيس ترار جي ڌڪ سان وڍيو ويو هو ۽ جيڪڏهن سندس ديسي اي-ڊي-سي (١) ٻيو ڌڪ روڪي، حملي ڪندڙ کي بندوق هڻي ماري نه وجهي ها، ته پوءِ هي هسراهه به پورو ٿيو پيو هجي ها. پر ان هوندي به ڪو خطرو ٽري ڪونه ويو هو، چاڪاڻ ته جيئن هي ريجمينٽ جي ماڳ تائين، جو ٽڪريءَ جي پاڙ ۾ هو، پهچڻ لاءِ وني ڊوڙيو، تيئن هڪ همٿ ڀريو بروچ اچي ٿو پنيان پويس، نيٺ آڻي پاڻ کي توبن جي پير ۾ پهچايائين ۽ اتي بيهوش ٿي ڪري پيو. هڪ توب-مار کيس مُئل سمجهي متانئس چڙهي بيٺو ۽ توب جا فئر ڪرڻ لڳو. حملي ڪندڙ انهيءَ پارٽيءَ جا ويهه ماڻهو به ڪونه بچيا، ان تي بروچن چڙا ڪيو جو هڪ هٿ ۾ وڏو پهڻ ۽ ٻئي ۾ تلوار کڻي توبن جي منهن تائين حملو ڪري وڌي آيا. جيئن تـه هنن پهرين اسان جي ماڻهن تي پٿرن جي وسڪار ڪئي، انڪري اهي واٽڙا ٿي ويا. چاڪاڻ ته حملي ڪرڻ جو اهو طريقو عجيب هو ۽ اسان جي سپاهين لاءِ اهڙو ته ڏکيو ثابت ٿيو، جو بيان نٿو ڪري سگهجي. مرين جي هڪڙي نامور سردار جنگ هلندي اهڙي

---

(١) اي-ڊي-سي: هميشه گڏ رهندڙ مددگار زيردست کي چئبو آهي.

وقت پنهنجي ڍال هڪ توب جي منهن تي رکي، جنهن وقت اها چٽڻ تي هئي. نتيجو اهو نڪتو جو توب جي گولي سان گڏ هو پاڻ به آڏامي وڃي پري ڪريو. ٻين بروچن وري لوهه ڪري اسان جي سپاهين کان بندوقون ڦريون ۽ ڪن ته ڪٽي پاڻ کي سنگينن مٿان ڦٽو ڪيو. سچ پڇو تہ اهي چرين وانگر وڙهيا ٿي، يا ائين ڪٽي چئجي تہ جهنگلي جانورن جيان. ان وقت اسان جي فوج لاءِ ايڏو تہ خطرو هو، جو ميجرڪليبارن پنهنجن هٿن سان اهو لکيو هو تہ جيڪڏهن آخري وقت ۾ توبن رستي گوليباري نہ ڪجي ها تہ جيڪر سڄي ريجمينٽ تباه ٿي وڃي ها. جڏهن دشمن ٻوٽ ڪاڍي تڏهن فقط اهو خيال پئي اسان جي دماغ ۾ ڦريو تہ جيترو جلد ٿي سگهي اوترو جلد پوئتي هٽڻ جي ڪجي. پر اسان جا ماڻهو اَڃ جي ڪري مري رهيا هئا. رستي جي سونهين ٻڌايو تہ ويجهڙائيءَ ۾ پاڻي ماندو، پر اهو رڳو ڪوڙ هو. ڪهڙي خيال کان هنن گسا هنيا هئا، انهيءَ جو گمان ئي نٿو ڪري سگهجي. چاڪاڻ تہ جيڪڏهن اهي بہ دشمن جي ور چڙهن ها، تہ هو ڪين بہ جيئرو ڪين ڇڏين ها. ان هوندي بہ هڪ پارٽيءَ کي پاڻيءَ جي ڳولا ۾ موڪليو ويو هو، پر انهن تي بروچن حملو ڪري سڀني کي ماري وڌو، فقط هڪ سونهون بچيو. اعتبار خان نالي سونهون ميجر ڪليبارن جي اچي گهوڙي تي چڙهي وئي ته پڇيءَ ۾ ائين ڪندي پنهنجي جان بچايائين. سندس چوڻ هو تہ پاڻي هٿ ڪرڻ واري جماعت سان گڏ وڃڻ کان اڳ هن ٻهرئين مقابلي کان پوءِ جيڪا مات هئي، تنهنجو پورو پورو فائدو ورتو. جنگ جي ميدان تي جيڪي بروچ ڪريا پيا هئا، تن جا هن وڃي ڪنڌ ڪپيا. انهن ۾ هڪڙو نالي وارو سردار هيبت خان بہ هو جنهن سان سندس پراڻي عداوت هئي. ان بد نصيب ڪيريل ماڻهن جا ڪپڙا بہ ٻري رهيا هئا، جن ٽانڊن وانگر سندن بدن کي پئي ڏنيو. ميجر ڪليبارن جڏهن ڏٺو تہ پاڻيءَ جي

ڏيڻ وڃي ڪر". اڇا ڊاڪٽر پاسو ورايوئي ڪو نه ته هڪ وڏي نڪاءُ سان توب ولي تي چڙهي ۽ جيڪي به ويجهڙائيءَ ۾ هوس تن کي پاڻ سان ڪنيو ويئي.

ٻئي ڏينهن صبح جو ڪليبارن جي فوج جانيديري کي ڇڏي، شڪارپور پهتي. ڪئمپ جي پويان هلندڙن کي رستي تي بير جو هڪ وڏو انداز مليو، جو ڦلجي ۽ ٻين اسٽيشنن تي انهن اَجايل روحن لاءِ ٻئي ويو جي اتي هئا. پر هنن انهيءَ جو بلڪل اُبتڙ ڪم ورتو، يعني ته سڀنيءَ جي اصول تي هليا ته "مون کي تو کان وڌيڪ ضرورت آهي." انهن گهڻو ڪري هرڪا بوتل هڪ مذهبي ڪرستان وانگر ڏاڍي شوق ۽ شڪراني جي انداز ۾ کولي پيتي. ڇڱو جو مون وٽ بير ڪو نه هو نه ته اهو به ڪونه بچي ها. اهڙيءَ طرح ڪاهان کي بچائڻ لاءِ اسان جون ڪوششون ناڪام ٿيون. ميجر ڪليبارن تي انڪوائريءَ جي ڪورٽ مقرر ڪئي ويئي پر انهن ڪو نيڪ فيصلو ڪونه ڏنو. انڪري ڪين وري پنهنجي فيصلي تي غور ۽ ويچار ڪرڻ لاءِ چيو ويو، پر انهن اهو ساڳيو ۽ اٽل فيصلو ٻڌايو جو منهنجي خيال ۾ بي انصافيءَ تي ٻڌل هو. ڇڱو ٿيو جو ڪو سياسي ماڻهو فوج سان ڪونه ويو هو، انڪري آءٌ پاڻ کي خوشقسمت سمجهڻ لڳس. غريب شيطان يعني ته هڪ پوليٽيڪل ڪتان اهي مضبوط ڪلها آئي ها، جن تي انهيءَ بدناميءَ جو بار ڪٽي سگهي ها. برگيڊير ميجر اي. ڊڪار وچان پنهنجو نڪ موڙي اها رڙ ضرور ڪري ها ته "لعنت اٿوَ سياستدانو!" ايجوٽنٽ بي. به اهو آواز ڪئمپ جي چئني ڪنڊن ۾ پکيڙي ڇڏي ها، ۽ هرهنڌ اهو بي سُرو ۽ پوِنڪ جهڙو آواز ته—"لعنت اٿوَ سياستدانو!" پيو ٻڌجي ها. مون کي هڪڙي درويش جي يادگيري پوي ٿي، جو جڏهن به ڪو ماڻهو بيمار ٿيندو هو يا بخت ياوري نه ڪندو هوس يا ڪو حادثو ٿيندو هو، تڏهن هو هميشه مذهب جي خلاف پنهنجي رمارڪ پاس ڪندو رهندو هو.

تہ آءٌ پنهنجا سپاهي وردان وٽ چڙهي ڦلجيءَ وڃان، ۽ اتان مددي فوج ڏياري موڪليان. پوءِ انهيءَ ڪم ۾ ڪاميابي ٿئي يا نہ، پر پڻ ڏينهن ۾ واپس پاڳ پهچي وڃان. آءٌ ان وقت ڏاڍو ٿڪل هوس پر ان هوندي بہ هڪ مٺهري اُٺ تي چڙهي ڦلجيءَ ڏي پنڌ پيس. پرپٽ جا ارڙهن ميل لنگهندي، ڇڇر تي اچي پهتس. هي ڳوٺ لٺهري نديءَ تي ٻڌل هو، جنهن جي ڇوڏاري جوئر جو فصل بيٺو هو. مان پوءِ وزيره ويس جو بجرخان نالي هڪ مشهور ٻوگٽي سردار جو ڳوٺ هو.

ان وقت آءٌ اتفاق سان بجرخان جي اُٺ تي چڙهيل هوس، جيڪو گهٽو اڳي، سندس بيش پوڻ وقت ڪانئس ڦُريو ويو هو. اهو هڪ عجيب وقت هو. آڌيءَ رات جو مان بجر جي قبيلي جي ماڻهن ۾ هڪ اڪيلو ٿڪل ٿڪل ۽ ويڳاڻو شخص هوس. منهنجي پهچڻ سان بجر جو پٽ وزير خان ۽ سندس پاءُ مبارڪ خان ٻاهر نڪري آيا، ۽ سندن پنيان ٻڙن- ٻہ پيا ٻہ بروچ هئا. انهن نڪرڻ سان ئي پنهنجو اُٺ سڃاڻي ورتو، ۽ ان کي سندس نالو وٺي سڏ ڪيائون. مون کي بہ هڪدم سڃاڻي ورتائون، ڇاڪاڻ تہ شڪارپور مان گذرندي مون ڪيترا دفعا کين مانيءَ جي دعوت ڏني هئي. هنن هڪدم گهٽو ۽ ڪجهہ شيخون گهرايون ۽ اسان سيني گڏجي کانو کاڌو. گهٽي کي هتي دنبو سڏيو وڃي ٿو، ۽ آهي بہ ڏاڍو متارو! سندس پُڇ اچرج جهڙو ٿلهو هوندو آهي.

اتي اسان نفشڪ جي جنگ بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪئي. هنن مون کي ٻڌايو تہ انهيءَ جُوءِ جا سيئي بروچ مرين جي مدد لاءِ ويا هئا ۽ جنگ ۾ حصو ورتو هئائون. مون پڇيومان تہ انهيءَ ۾ گهڻا ماڻهو مئا هوندا؛ تڏهن جواب ڏنائون تہ، بہ سؤ اوهان جا ماڻهو ۽ اسي بروچ.

اڌ ڪلاڪ يا ٿورو وڌيڪ آرام ڪرڻ کان پوءِ مون وري پنهنجو سفر شروع ڪيو. مبارڪ خان، ڦلجيءَ تائين رستي

توبن هٿ اچڻ کان پوءِ سنڌن مقابلو نه ڪري سگهن ها. انڪري بهتر طريقو هي هو ته مان ڪافي طاقتور فوج جمع ڪري پاڳ پهچان ۽ پيادل فوج کي اتي ڇڏي، جيڪي به سوار جمع ٿي سگهن، تن سان بروهين جي ڪئمپ طرف گنداوا ڏانهن ڪوچ ڪريان. مون کي پنهنجي بالادست وٽان ڪي به اهڙيون هدايتون ڪونه هيون، پر ڇا اهڙي نازڪ وقت ۾ انهن لاءِ ترسڻ ضروري هو؟ ائين ڪرڻ سان دير ٿي وڃي ها ۽ بروهي تيسين پاڳ کي ڦُري چٽ ڪري ڇڏين ها. مون کي حيدر خان ابڙي، امام بخش رند، غلام نبي مغيري ۽ احمد خان مغازي جهڙن زميندارن جي مدد جو آسرو هو، جي نه فقط ڪي سوين سوار پيدا ڪري سگهيا ٿي، پر ساڳئي وقت اسان کي دشمن جي نقل و حرڪت جي به خبر پهچائي سگهيا ٿي. سنڌن وفاداري جي بهترين ضمانت سنڌن زمينون هيون جي فصل سان پريون ٻڌيون هيون، انڪري جيڪڏهن اسان سان ساٿ نه ڏين ها ته بروهين جو اتاهم لشڪر سنڌن زمينون تباهه ڪري ڇڏي ها. اسان سيئي طريقا استعمال ڪري، هزار سپاهي جمع ڪري وڃون ها، جي ڪمال خان کي ٻوڙائي وڃي ٽڪرين تائين ڇڏين ها، پر ائين ڪونه ٿي سگهيو؛ ۽ نتيجو اهو نڪتو جو رسد جو سڄو مال ساڙيو ويو. منهنجي ڦلجيءَ پهچڻ کان هڪدم پوءِ، ٻه سؤ سوار ۽ ٻه سؤ پيدا لهري کان پهچي ويا هئا. انهن ٻڌايو ته ريجمينٽ جو هڪڙو بازو ٻن توبن ۽ ڪجهه سوارن سان دادر ڏانهن وڌي رهيو هو، پر پاڳ جي رستي کان نه، ڇاڪاڻ ته ڪين انهيءَ خطري جي ڪابه خبر ڪانه هئي. مون ارادو ڪيو ته آءٌ پاڻ لهري وڃي ڪمانڊنگ آفيسر تي زور آڻيان ته هو پاڳ ڏانهن ڪوچ ڪري. اتي پهچڻ کان پوءِ مون ڏٺو ته اسان کي پنهنجي رٿن کي عملي جامي پهرائڻ ۾ ڪافي وقت لڳندو. دادر کي مدد پهچائڻ کان اڳ اهو ضروري هو ته گنداوا جي بروهين خلاف ڪو موثر قدم کڻجي، ڇاڪاڻ ته دادر تي نصيرخان جي حملي کان وٺي ان

وقت تائين ١٨ ڏينهن گذري چڪا هئا. لهريءَ وچڻ کان اڳ مون بجرخان ۽ بيبرگ سان ملاقات ڪئي، جن کي ان وقت آزاد ڪري خاطر قلجي آندو ويو هو. پر ان هوندي به مٿن چوڪسي رکيل هئي. ملاقات مڙيئي چڱو وقت هلي، ۽ انهيءَ ۾ حاضر معاملن تي بحث مباحثو ٿيو. بيبرگ گهڻو وقت نظربند رهڻ ڪري ڏاڍو خفي پئي لڳو ۽ پنهنجي آڻ مڃڻ واري ڏينهن کي پٽي رهيو هو. بجر ڳالهائڻ ۾ وڌيڪ سهڻو ۽ فهميدو پئي لڳو. هن فقط هيئن چيو ته "صاحب! جيڪڏهن آءٌ ٿهنجي پاءُ جي اڳيان پيش پوان ها، ته هو مون سان بيءَ طرح پيش اچي ها ۽ مون کي انگريز سرڪار جو دوست بنائي وجهي ها!"

پيادل فوجي آفيسرن ۾ منهنجو پنهنجو هڪ مائٽ به هو جو ڪاجڪ جي گهيري ۾ شامل هو. ڳالهين ڪندي اسان ڪاجڪ جي ڪوٽ جو به ذڪر ڇيڙيو، جنهن تي هن چيو ته "اوهان کي ڏاڍي ڏکي جنگ ڪرڻي پوندي." اتي مون کان کِل نڪري ويئي. انهيءَ تي هن دعويٰ ڪئي ته "اوهان جون فوجون اسان جي توبخاني اڳيان بيهنديون ئي ڪونه!" منهنجو وري اهو چوڻ هو ته اهي بيهنديون. اهڙيءَ طرح ڳالهين ڪندي اسان هڪٻئي کان موڪلايو. اڃا ٻه مهينا ئي ڪونه گذريا ته خبر پيئي ته اهو نوجوان آفيسر ڪاجڪ تي حملو ڪندي مارجي ويو. اهو حملو ٽي دفعا ڪيو ويو پر هرڪنهن ڀيري انهيءَ کي ناڪامي ڏسڻي پئي. لهري پهچڻ تي مون اهي ٻه فوجون ڏٺيون جي گهڻي وقت تائين ڪاهان ۾ گهيري هيٺ آيل هيون. انهن مون کي مرين جي طرزعمل بابت دلچسپ ڳالهيون ٻڌايون. انهيءَ بهادر قبيلي نه فقط اسان جي حفاظتي فوج کي پوئتي هٽڻ جي اجازت ڏني پر ساڳئي وقت مٿن رحم ۽ مهرباني جي نظر به ڪئي هئي. مثال طور اسان جو هڪ سپاهي جڏهن ساٿو تي ڪِريو پيو، تڏهن هڪ مري سونهون کيس پنهنجي خچر تي چاڙهي هيٺ وٺي آيو. انهن جي سردار دودا خان مريءَ

انهيءَ سپاهيءَ هٿان هيءُ يادگار نياپو ڪمانڊنگ آفيسر کي ڏياري موڪليو: ”چئو وچي پنهنجي صاحب کي، ته مرين جيڪي به ماڻهو ماريا آهن، اهي جنگ ڪندي قتل ڪيا آهن. باقي رهيو زخميل، ڪئمپ جي پويان هلندڙ، ۽ قيدين جو خون، انهن جي جوابداري بگٽين تي آهي. اسان جا هٿ مقابلي نه ڪندڙ ماڻهن جي رت سان ڪڏهن به نه رڱيا ويا آهن.“ڪو به تاريخدان مرين کي دلير ۽ فراخ دل مردن جي فهرست ۾ داخل ڪرڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهي. سندن زالون به اهڙيون ئي بهادر آهن. اهي جنگ ۾ زخمين جي سنڀال کان سواءِ، سخت جنگ جي وقت، مڙسن سان گڏجي جنگ ڪنديون آهن. بروچن ۾ گهٽو ڪري هڪ زال ڪبي آهي ۽ زالن جي وفاداري پهاڪي طور ياد ڪئي ويندي آهي. اڳين وقتن ۾ جڏهن پٺاڻن جي شڪارپور تي حڪمت هئي، تڏهن اتي جي هڪ پٺاڻ حاڪم جي هڪ مري بروچ جي زال سان دل ٿي ويئي جو سندس نوڪريءَ ۾ هو. حاڪم جڏهن ڏٺو ته هوءَ ڪيس سنوت نٿي ڏئي، تڏهن هن سندس مڙس کي ملازمت جي سلسلي ۾ ٻاهر موڪلي ڏنو ۽ پاڻ وڃي هن جي گهر وارد ٿيو. حاڪم جو خيال هو ته جيڪڏهن خوشيءَ سان راضي نه ٿي ته پوءِ سانس زوري به ڪبي. سچ لٿي کان پوءِ حاڪم غائب ٿي ويو. هڪ رازدار نوڪر کي سندس نيت جي خبر هئي، تنهن وڃي ڪيس انهيءَ ساڳئي گهر ۾ ڳولي ڪڍيو. ڇا ڏسي ته حاڪم هٿين-پيرين ٻڌو پيو هو، ۽ اهڙي ته مار کاڌي هئائين جو مڙس جهلڻ کان سواءِ پيرن پر بيهي ڪونه ٿي سگهيو. انهيءَ قصي جي سموري خبر ته ڪانه پئجي سگهي، پر ٻڌڻ ۾ آيو ته اها مائي پنهنجي. نامراد عاشق لاءِ پاڻ ئي بس هئي. مائيءَ هن کي ڏاڍي مار ڏيئي رسن سان ڪٺي ٻڌو ۽ پاڻ وڃي پنهنجي مڙس پيڙي ٿي، ۽ وري شڪارپور واپس ڪانه آئي.

مون جڏهن پنهنجي راءِ سينئر ملٽري آفيسر جي اڳيان ظاهر ڪئي، تڏهن هن انهيءَ کي معقول سمجهي، پاڳ ڏانهن ڪوچ ڪرڻ جو ارادو ڪيو. اسان انهيءَ ساڳيءَ رات پنڌ پياسين ۽ اڌ رات جو اڍائي بجي ڇچر پهتاسين، جتي اسان منزل ڪئي. هتي مون کي جوڻر جي پوک ۾ آسمان جي هيٺان سمهڻ جو موقعو مليو. مون واري جبي مون کي هنڌ جو ڪم ڏنو، پر اتي مڇر ڏاڍا هئا. ولهه تي سمهڻ جي ڪري، ننڊجي پيس ۽ جڏهن اٿيس تڏهن هٿ-منهن ڌوئڻ خاطر تنبوءَ ۾ وڃي ٽوال گهريم. تنبوءَ ۾ رهندڙ آفيسر هڪدم ورجايو، ”ٽوال ڪپيٽي دوست! حاضر-ڇوڪرا ٽوال ڪٽي وٺ جلدي.“ پر مون واري دوست جو نوڪر به ڪلب باالبرسٽن وانگيان پنهنجي مالڪ جي ٽوال کي ڪٽي ٽو هٿ لائڻ ڏئي. تنهن چا ڪيو جو ڪوڙ ڪري ويهي ٽوال ڳولڻ لڳو. نيٺ جڏهن گهڻي دير ٿي، تڏهن هن هڪل ڪري چيس، ”اڙي ٽوال ڏيڻ ۾ ايڏي دير!“ تڏهن جواب ڏنائين ته ”سائين آهيئي هڪڙو ٽوال ۽ اهو اوهان اڳيئي ڪنيو ويٺا آهيو.“ ٻئي ڏينهن صبح جو اسان پاڳ پهتاسين. مون گذريل ٢٤ ڪلاڪن ۾ هڪ سؤ ويهه ميل سفر ڪيو هو، انڪري مون چاهيو ٿي ته ڪجهه آرام ڪجي. اسان جو اتي ڏاڍي سني وقت پهچڻ ٿيو، ڇاڪاڻ ته بروهي گنداوا کان نڪري ڏکڻ ڪڇي ۾ ڇڙوڇڙ ٿي ويا هئا ۽ انهن جون ڪي ٽوليون پاڳ جي ويجهو ٽورن ميلن اندر ڏسڻ ۾ آيون. محمد شريف، جو به ڏينهن اڳ مون کي اڪيلو ڏسي رڪيءَ طرح پيش آيو هو سو هاڻي عزت سان اسان جي خوشامد ڪرڻ لڳو. اڃا مون نيرن ئي ڪانه ڪئي هئي، ته پري کان مٽيءَ جو هڪ وڏو ڪڪر اڏامندو نظر آيو. اسان ڇا سوار جانچ پڙتال لاءِ اڳتي وڌي ويا ۽ توبن کي، جي برج جي ويجهو هيون، سنوت ڏيئي تيار ڪيو ويو. برج ۾ ان وقت اسان جي پيادي فوج جا ٣٥٠ ماڻهو مقيم

هئا. پر خبر پئي ته مڙني خير هو. ٻيو ڪو به ڪو نه هو. الف خان جو پٽ، جيڪو گهوڙيسواري ڪري رهيو هو، سو گهوڙي تان ڪري پيو هو ۽ سندس ٻانهن ڀڄي پيئي هئي. نينگر جي ٻانهن چوڪرين جهڙي پوري ۽ لسي هئي، پر شابس هجيس، جو ڏک دليريءَ سان جهلي ويو. مون صلاح ڏني ته جيسين اسان جي هتي اچڻ جو اطلاع بروهين تائين پهچي، تيسين اسان کي تڪڙو تڪڙ ڪوچ ڪري گنداوا پهچڻ گهرجي. منهنجي صلاح گهڻو ڪري پسند پيئي ۽ مون انهيءَ وقت عامل ۽ ٻين آفيسرن کي، جي ويجهڙائيءَ ۾ هئا، خط لکيا ته چوويهن ڪلاڪن اندر اچي اسان سان شامل ٿين. ساڳئي وقت اها صلاح به ڏني ته شهر جا دروازا بند رهن ته جيئن ڪو به قاصد دشمن ڏانهن نه وڃي سگهي. اسان واري اها رٿ چڱي هئي يا خراب، پر پوري ڪانه ٿي سگهي. اڃا مون اهي بندوبست پئي ڪيا، ته هڪ قاصد منهنجي بالادست وٽان نياپو کڻي اتي اچي پهتو، جنهن ۾ هدايت ڪيل هئي ته آءٌ هڪدم ڪيس وڃي شڪارپور ۾ ملان. مون لاءِ انهيءَ حڪم جي مڃڻ کان سواءِ ٻي ڪابه واهه ڪانه هئي، انڪري وري شڪارپور جي رستي تي پنڌ پيس. پر مون کي اهو اطمينان رهيو ته مون مڙسي ڪري ڀاڳ کي بروهين کان بچائي ورتو، نه ته ڏينهن-ٻن ۾ ڀاڳ جي به اها ساڳي حالت ٿئي ها، جيڪا ڪنڊا ۽ گنداوا جي ٿي هئي. انهن ٻنهي شهرن کي نه فقط ڦريو ويو، پر ڪين باهه ڏيئي ساڙي رک ڪيو ويو هو.

---

وٽ ڪليل چاقو به هٿ ۾ هو، ۽ هيٺن چوندو ويو ته ”اجهو ٿو مات ڪرايانس.“ عامل کي اچي خطرو لڳو ته متان ماري نه وجهيس، سو اٽي ڪيس سندس چنبي کان ٻچايائين جاڳالهه ترڪ عاليءَ کي نه وڻي. شڪارپور ڏانهن ويندي مون سان جڪراٽين جو هڪ حفاظتي جٿو به ساڻ هو، جي ترڪ عليءَ جا ماڻهو هئا. هنن سمجهيو ته مان سندن ٻولي ڪونه ڄاڻان، انڪري ڏاڍي فخر سان اهي ٻڌاڪون هڻندا ويا ته ڪيئن هنن لارڊ ڪئننگ جي فوج کي ڦريو هو. ”انهيءَ هوندي به“ انهن مان هڪڙي ورجايو، ”فرنگي ڏاڍا فراخدل آهن چاڪاڻ ته جيڪي ڪاٺئن هڪڙي ڏينهن ڦريو وڃي ٿو، اها ساڳي شئي ٻئي ڏينهن پئسا ڏيو خريد ڪن. ڪاٺئن وڏيڪ ٻيا ڪهڙا سٺا گراهڪ ملي سگهن ٿا؟“ نيٺ وري به اچي شڪارپور جي چارج ورتم جا ڪڇيءَ جي پٺان پاڻيءَ واري ٻرپٽ جي پيٽ ۾ هڪ سهڻي جاءِ هئي.

واپس پهچڻ کان ٿورو وقت پوءِ آءٌ اتي جي عبدالخالق نالي هڪڙي عالم سان ملڻ ويس. هو ڪڏهن به ڪنهن يورپيءَ سان ملڻ ڪونه وڃي چاڪاڻ ته سندس اصول هو ته فقط مسلمان وٽ ئي وڃجي. انگريزي پهاڪي وانگر ته جيڪڏهن جبل موسيٰ وٽ نٿو اچي ته پوءِ موسيٰ کي ئي جبل وٽ وڃڻ گهرجي، رسمي طور مون بزرگ وٽ وڃڻ جو فيصلو ڪيو. مون ڏٺو ته رئيس العلماء هڪ سهڻي شبيهه جو پيرمرد هو، جنهن جي هر ڳالهه ۾ سچي مذهب جو ذڪر ٿي آيو. هو ڪافرن جي باري ۾ تير جيتري به رعايت ڪرڻ لاءِ تيار ڪونه هو. ٻين ڳالهين سان گڏ هن انهيءَ ڳالهه تي به بحث ڪيو ته مسلمان هڪ ڪرستان سان گڏ ماني کائي ته انهيءَ ۾ ڪو هرج آهي. منهنجو خيال هو ته قرآن ۾ انهيءَ جي ڪابه جٽهل ڪانه آهي. ان تي هن جواب ڏنو ته توهان پاڻ به ته پنهنجي شريعت تي ڪونه ٿا هلو، مثال طور اوهان کي

چاليهين ريجمنٽ جي اڳتي وڌڻ ڪري ڪمال خان پٺتي وڃي ٽڪرين ۾ لڪو، پر گنداوا جو شهر ساڙي ڇڏيو هئائين. مون وارو دوست چيڪر ٻڌي مري ها؛ هن پنهنجو تنبو هڪ اهڙي هنڌ کوڙيو هو، جو ڏسڻ ۾ ساوڪ سان ڀريل سهڻي ڪنڌ هئي. پنڌ ۽ ٿڪ سبب کيس ننڊ ڪٽي ويئي ۽ خواب ڏسڻ لڳو. ڇا ڏسي ته سدا بهار انگلنڊ ۾ ويٺو آهي، پر هڪجي نديءَ وهيءَ ۾ ۽ جيئن سمنڊ جي ڪناري تي ڪُڏي رهيو هو، تيئن سمنڊ جي وير کيس ويجهو ٿيندي ويئي. جيئن پٺتي تيئن سمنڊ پٺيان. سمنڊ جي ڪناري جيڪي عورتون وهنجي رهيون هيون تن کيس رڙ ڪري چيو ته ”پيچ تکو“، بس ائين پاڻ پتوڙڻ ۾ سندس اک کلي ويئي. جان ڪٿي ڏسي ته سندس هڪ تنگ پاٽيءَ ۾ هئي، ۽ ڪنڌ جي مٿان ڪلنڊڙ سپاهين ۽ آفيسرن جو هڪ ٽولو کيس هڪلون ڪري رهيو هو ته ”ٻڌين ٿو، تري جند ڇڏاءِ“. سچي ڳالهه جي حقيقت هيئن هئي جو هن پنهنجو تنبو هڪ ننڍڙيءَ نئين ۾ کوڙيو هو ۽ جيئن ته انهيءَ ويل ٽڪرين ۾ مينهن وَٺو هو، ان ڪري پڏو تڪي پاٽيءَ جي وهڪري سان ڀرجي ويو هو.

جيئن ئي ڪمال خان جا ماڻهو خطري واري ايراضيءَ کان پري نڪري ويا، تيئن ئي اسان جي فوجن دادر ڏانهن وڌڻ شروع ڪيو. دادر پهچڻ وقت اسان جي فوج ٿڪي ٽٽي پيئي هئي، ۽ ساڳي وقت سوار به وٽن گهٽ هئا. ان هوندي به ڪمال خان جي فوج پوئتي هٽي ويئي هئي. بروهين جو تعداد ان وقت پنج هزار هو ۽ جيئن ئي اسان جون فوجون اڳتي وڌيون، تيئن بروهين انهن تي حملو ڪري، کين چڙوچڙ ڪرڻ چاهيو. کين انهيءَ مهم تان نيٺ هٿ ڪڍڻو پيو، ڇاڪاڻ ته سٽار پينل جي ڪن ٽورن فئرن کين پوئتي پڇڻ تي مجبور ڪيو. هو ميدان ۾ پنهنجو سامان سڙو ڇڏي، پويان هڪ آيي ٽڪريءَ تي وڃي گڏ ٿيا. هيءُ وقت سوارن جي جُلهه جو

هو چاڪاڻ ته دشمن جي فوج اڃا تڪرائتي ميدان تائين پهتي ئي ڪانه هئي، پر گهوڙن کي اتيئي روڪيو ويو. چاڪاڻ ته اها پيادي فوج کان گهڻو اڳ نڪري آئي هئي، ۽ منجهن ايڏي سگهه ڪانه هئي، جو يورپين جي مدد کان سواءِ ڪا فيصلہ ڪُن جنگ ڪري سگهن. هيءَ دير لودي لاءِ موتمار ثابت ٿي. ڏاڍو غمگين نظارو هو اهو، چاڪاڻ ته جڏهن اسان جي فوج خان جي تنبوءَ جي ويجهو پهتي، تڏهن ڏسن ته لودي جو لاش بلڪل اگهاڙو ۽ سٽيل حالت ۾ پيل هو، پر هو اڃا گرم ۽ منجهانئس رت ڳڙي رهيو هو. سندس ڪابي ٽنگ آٽ جي ڪجاوي سان زنجيرن ۾ جڪڙي پيئي هئي، ۽ سندس مٿو تلوار جي ڌڪ لڳڻ ڪري ويڃي، سندس ساڄي ڪلهي جي هيٺان وڃي پيو هو، هڪڙو بنگالي نوڪر زنجيرن سان ويجهڙائيءَ ۾ جڪڙيو پيو هو. ۽ زار و قطار روئي رهيو هو. هن جيڪا ڳالهه ٻڌائي انهيءَ ۾ سندس وفاداريءَ جي پوري پوري ثابتي ملي ٿي. هن ٻڌايو ته جڏهن خان مستونگ ويو هو، تڏهن لودي به ساڻس گڏ نيو ويو هو، ۽ جيئن ته هنن اهو فيصلو ڪيو ته برطانيا سرڪار سان صلح ڪن، انڪري هڪ قيديءَ کي ڇيو ويو ته ڪئپٽن بين کي خط لکي، جو هن گهٽي ريڙهه پيڙهه کان پوءِ لکيو. اهو خط وري هڪڙي ٻئي قيديءَ، جو بروهين جي نظربنديءَ ۾ هو، تنهنجي معرفت ڇئن گهوڙيسوارن سميت موڪليو ويو. اهي واپس نه موٽيا، پر ڪئپٽن بين وٽان هڪ خط اچي پهتو، جنهن تي سردارن فيصلو ڪيو ته لوديءَ کي قتل ڪري، اسان جي فوجن تي حملو ڪيو وڃي. هڪڙي شاهوڪار هندو واپاريءَ سردارن کي لودي جي زندگي بخشڻ خاطر ٻه هزار رپيا رشوت طور ڏنا، انڪري هو لودي کي مستونگ ۾ ڇڏي اڳتي وڌيا. ٿورن ڏينهن کان پوءِ شڪست کائي وري موٽيا ۽ خان پاڻ سان

هڪ سؤ ماڻهو وٺي قلات هليو ويو ۽ لوڊي کي پاڻ سان ڪنير ويو.

بروهين جي دادر تي حملي ڪرڻ جي ارادي ڪان پوء، لوڊي جي ڏاڍي بيعزتي ڪئي ويئي ۽ کيس تڪليفون ڏنيون ويئون. اڌ اگهاڙي حالت ۾ کيس ڏينهن جو اُٺ تي چاڙهيو ويندو هو ۽ رات جو ڪليل ميدان تي سمهاريو ويندو هو. کيس تمام ڳرا زنجير پيل هئا ۽ ڪاڏو اهڙو ته ڪارايو ويندو هوس، جو هوند ڪتا به نه کائين. اهڙيءَ حالت ۾ کيس بيبي نانيءَ آندو ويو جتي خان جي فوجن ۾ بروهين جا ڪئين جٿا اچي مليا هئا. انهن مان ڪيترن لوڊيءَ کي پٿر هڻي سخت زخمي ڪري وڌو. دادر جي تباهيءَ کان پوء جڏهن سردارن ميجر بوسڪاون جي فوجن تي حملي ڪرڻ جو ارادو ڪيو، تڏهن لوڊي کي گارڊ سميت ڪئمپ ۾ ڇڏيو ويو هو. ٿوري وقت کان پوء ڪجهه سوار ويجهو آيا ۽ اچي ڇپاڻون ته سڀڪجهه ضايع ٿي ويو. عورتون جي ان وقت قرآن مٿي تي کڻي آيون نيزاريون ڪري رهيون هيون، سي هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙڻ لڳيون. ٻيءَ گهڙيءَ هڪڙو گهوڙيسوار اندر ڊوڪيندو آيو ۽ اهڙو ته ترار جو ڌڪ لوڊي کي واهي ڪڍيائين جنهن اسان جي ڳوناڻي کي سڄيءَ تڪليف مان اچي ڇوٽڪارو ڏنو.

مٿئين ڳالهه ٻڌڻ کان پوء جيڪڏهن ڪو ماڻهو همدرديءَ جو اظهار نه ڪري ته پوء آءٌ انهيءَ تي رشڪ ڪرڻ کان سواء نٿو رهي سگهان. سچ پڇو ته ڪي ماڻهو اهڙا به آهن جي اسان جي ماڻهن سان هن يا ڪنهن ٻئي سال اڪيلي طور يا اجتماعي طور ڏنل عقوبتن ۽ ظلم جو خيال ڪونه ٿا ڪن. ۽ انهيءَ کي هڪ معمولي ڳالهه سمجهيو بلڪل بيپرواهيءَ سان ٽاريو ڇڏين. منهنجي خيال ۾ اهي ماڻهو جانورن کان به پوئتي پيل آهن، جن کي انهن ماڻهن جي ڪا به پرواهه نه آهي، جي ملڪ ۽ قوم جي نالي تي ڪيترين ٻڌل ۽ اڻبڌل تڪليفن سان

مٿهن سامهون ٿين ٿا. وڌيڪ انهن ماڻهن جي خلاف بڇڙن ڳالهين جي آڌار تي بهتان بازي ڪئي وڃي ٿي.

غريب لوڊي لاءِ آءٌ فقط اهو چوندس ته هو بهادر ۽ سرگرم عملدار هو ۽ اهو بهتان ته هو ڏٺي ماڻهن لاءِ ظالم ثابت ٿيو هو؛ سو سراسر غلط آهي. جيڪڏهن انصاف جي نظر سان ڏٺو وڃي ته پوءِ هن پاڻ نرمي ڪرڻ جي غلطي ڪري، پاڻ کي آزار ۾ وڌو هو. مرحوم ڪئپٽن پونٽارڊنٽ مون کي ٻڌايو ته قلات ۾ لوڊي خلاف هلايل ڳالهين جي هن تحقيقات ڪئي هئي، پر نيٺ پتو پيو ته اهي سڀ ڳالهيون ڪوڙيون هيون. شاهنواز ۽ پين بروهين به مون کي انهيءَ جي پڪ ڏني ته هلايل ڳالهيون نسورو ڪوڙ هو. ٿوري ڳالهه جو هڪ اکر ته غريب لوڊي به پنهنجي جان اهڙيءَ طرح وڃائي، جهڙيءَ طرح شاهنواز پنهنجو تخت وڃايو هو. اهو سڀڪجهه اسان جي ڪچي واري سياسي بدانتظاميءَ جي ڪري ٿيو هو. مون کي رڳو اهو ڏک آهي ته مون پنهنجي پٺيان انهيءَ بدقسمت جوان وٽان پهتل خطن جو انبار ڇڏيو، جنهن مان جيڪر سنڌس مڪران تي ڪيل ڪامياب حملي ۽ قلات ۾ بهادريءَ سان بچاءُ وٺڻ جو احوال ملي ها.

انهيءَ ساڳئي وقت يعني ته ٣- ڊسمبر تي حيدرآباد وارو مير نور محمد گذاري ويو. مير نور محمد جو پنهنجي سر کهڙو به خيال هجي، پر هن شروعات ۾ اسان سان سچيءَ دل سان ناتو رکيو هو. سنڌس دربار ۾ جيڪي به سياسي عيوضي اسان جي طرفان موڪليا ويا هئا، تن ۾ ڪوبه اهڙو ڪونه آهي، جو سنڌس نالو عزت ۽ محبت سان نه ياد ڪندو هجي. وفات وقت اسان جي ريزيڊنٽ يعني ته ڊاڪٽر آئوٽرام کي پاڻ وٽ گهرائي، ڪيس پنهنجا ٻئي پٽ حوالي ڪيائين، ۽ ننڍڙي مير جي پيارت ڪري چيائين ته سنڌس حفاظت ڪئي وڃي. چاڪاڻ ته اهو هو به حفاظت جي لائق.

١٣- تاريخ انهيءَ فوتي سردار جي شڪارپور ۾ فاتح پڙهي ويئي ۽ آءٌ گورنر جي حڪم مطابق انهيءَ ۾ شريڪ ٿيس. انهيءَ وچ ۾ نصير خان جيڪو دادر واري معاملي کان پوءِ ٽڪرين ۾ پئي پنڪيو، سو اوچتو هڪ وڏي فوج سان گنداوا جي ميدانن ۾ اچي پرگهٽ ٿيو. سڪر واري خاموش جلسي انهيءَ کي پنهنجي سياسي راند ۾ رنڊڪ سمجهي، پڪو ارادو ڪيو ته نوجوان خان جي مڙيئي ڪا ڪن مهٽ ڪجي. سو چا ڪياڻون جو هڪدم ٢٥ ريجمينٽ جي ڪمانڊنگ آفيسر کي قاصد موڪلياڻون ته اهو اچي دشمن کي سيکت ڏئي. سکر کان گنداوا هڪ سؤ ٽيهه ميل فاصلو آهي. اهو پنڌ هن قاصد اهڙيءَ طرح ڪيو جو نيابو ٻه ڀيچاياڻين، ۽ جنگ ۾ گهوڙي سوار فوج جي ڪمان ٻه سنڀالياڻين ۽ ٽئين ڏينهن فتح جي خوشخبري پاڻ سان کنيو آيو. اهو سيڪجهه ٽن ڏينهن جي اندر ٿيو جو هڪ تمام وڏو ڪارنامو سمجهڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته انهيءَ جي پيٽ ۾ ڪئپٽن برائون جي اسي ميلن جي سواري جنهن کي آئرن ڊيوڪ پادريءَ تمام گهڻو ساراهيو آهي، تيچ برابر آهي. ماڻهن کي انهيءَ جي خبر ئي ڪانه آهي ته ليفٽيننٽ پاٽنجر، جو پندرهين ديسي توبخاني مان هو، پنهنجيءَ مرضيءَ سان ڪئپٽن برائون سان گڏ ويو هو، پر جيئن ته ڪيس چڱيءَ طرح منهن نه ڏنو ويو، انڪري هو ٻنان ڪنهن منزل ڪرڻ جي واپس موٽي آيو. اها حد کان وڌيڪ چاڪوڙ هئي جنهن کيس بيمار ڪري وڌو ۽ آخر سندس زندگيءَ جو خاتمو آندو. جيڪي ماڻهو پنهنجي مرضيءَ سان ڪيڏانهن نڪري ويندا آهن، انهن جو اهڙو ئي حال ٿيندو آهي. آءٌ پاڻيان ٿو ته انهيءَ ڏس ۾ بنگالي سپاهين جي روش کي داد ڏيڻو پوندو. انهن کي جڏهن ڪنهن اڻوڻندڙ مهم تي موڪليو ويندو آهي تڏهن چوندا آهن ته ”صاحب اسين وڃون ته ٿا پر پنهنجي مرضيءَ سان ڪونه ٿا وڃون.“ چون ٿا ته گنداوا واريءَ جنگ ۾ ئي سؤ بروهي

جي حيثيت ۾ سکر وچي. رستي کيس هڪ ڪاثير مليو، جنهن جا هٿ پير ٻڌي مون ڏانهن موڪليائين ۽ هڪ خط به ڏياري موڪليائين جنهن ۾ لکيل هو ته اهو مشهور ڌاڙيل ديـنو هو. بن ڏينهن کان پوءِ مون ٻڌو ته هو سکر ۾ چريائيءَ جي ڪري وار چئندو پٽيندو مري ويو. سندس بيماريءَ جو سبب بلاشڪ اهو ڌڪ هو، کيس گهوڙي سواريءَ ۾ رسيو هو.

# باب يارهون

۱۸۴۱ع جي شروعات ۾ سنڌ ۽ خراسان جي حالت-مير رستم سان ملاقات - ڪاجڪ جي فتح - روهڙيءَ ۾ وڳوڙ - جنرل وينچورا رنڌڻي ۾ هڪ عجيب مهمان - سنڌوءَ جو چڙهڻ - صمد خان- پوليٽيڪل ايجنٽ جو موت - درياهه ۾ لهوارو سفر.

سنڌوءَ واريءَ مهم وقت برطانيا جي سلطنت اوير ۾ ايڏي تہ وڏي ويئي هئي، جو انهيءَ کي گڏي هڪڙي حڪومت ڪرڻ ۾ آءٌ پانيان ٿو تہ اسان جي بهترين سياسي دماغن ۽ فوجي جرنيلن کي سوچڻ ۾ ٽي پنجاهہ سال لڳي وڃن ها. اسان جي طاقت اهڙيون تہ تکيون پرانگهون هڻڻ لڳي، جو اسين وچي وچ ايشيا تائين پهتاسين ۽ اها بيشڪ فخر جي ڳالهہ هئي. ماڻهو چا بہ چون، پر انگريزن جي طاقت ايڏي تہ وڏي ويئي هئي، جو روسين جو هڪ قيدي جتو، جنهن لاءِ روس جي فوجن ننهن چوٽيءَ جو زور لڳايو هو، تنهن کي بہ آخر وچي اسان جي ماڻهن ڇڏايو. اهو بہ عالم آشڪار آهي تہ اسان جي عيوضين سان هرات، بخارا، ڪوڪن ۽ خيوا وغيره ۾ بہ ماڻهو نهايت عزت ۽ احترام سان ملندا هئا.

اسان جي سلطنت جون حدون جيڪڏهن چين، ترڪي ۽ روسي سلطنت کان گهٽ آهن تہ انهيءَ جو اهو مطلب ڪونہ آهي تہ اسان کي ملڪ وڌائڻ جي طاقت ڪانهي. پر فرق رڳو هي آهي جو ملڪ وڌائڻ ۾ اسان نهايت تحمل ۽

مستقل مزاجيءَ کان کم ورتو آهي. اهڙي ڪاميابيءَ جي منزل تي ڪري پوڻ، جر سبب اهو نه هو ته ڪو اسان کي پنهنجي هٿ ڪيل حڪومت کي هلائڻ جو ڍنگ ڪونه هو، يا اتي جا رهندڙ قبيلا پنهنجي ماڻهوءَ کان سواءِ ٻئي جي حڪومت برداشت نتي ڪري سگهيا. ائين به ڪونه هو ته ڪو گرميءَ سرديءَ جي ڪري، دشمن جي پيٽ ۾ اسان کي وڏيڪ نقصان ٿي پهتو. پر حقيقت هيءَ هئي ته سنڌوءَ جي پراڙ ڏانهن اسان جا مهندار ناقابل هئا.

١٨٤٠ع جي پڇاڙيءَ تائين اسان جي مري ٽڪرين واري شڪست، شال ۽ قلات جي گهيرن وغيره ثابت ڪري ڏيکاريو هو ته اسان لاوا (١) تي پنڌ ڪري رهيا هئاسين. ان وقت اسان جا سياسي ماڻهو چٽڪ لاوا جو مثيون تــهه لاهي، اسان کي ان جي اندرئين تتل مادي کان بيخبر ڪري رهيا هئا. ڪابل وارو عيوضي، جو پنهنجي جاءِ مان اڳيئي ڪڪ وينو هو قندار يا غزنيءَ واپس موٽڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. جيسين شاهه شجاع جي ڪابل ۾ حڪومت هئي، تيسين ڪيس هر وقت هرات فتح ڪرڻ جي هرڪر لڳي پيئي هئي. ڪابل جي تاج ۾ هڪ ٻئي هيري جڙڻ لاءِ هڪ فوج تيار ڪئي ويئي پر نيٺ منجهي پيا ته پهرين لاهور جو شهر ونجي يا هرات جو. فارسي چوڻي موجب اسان جي ڪابلي عيوضي جي هٿ ۾ هڪ وڏي چاهين اڳيئي هئي، جا هو ٻن هٿن ۾ جهليو بيٺو هو، پر ٻي ڏسي سندس وات پاڻي ٿيڻ لڳو. اهڙيءَ طرح هڪٻئي کان وڏا هنداٿا ڏسي، منجهي پيو ته ڪهڙو پهرين هٿ ڪجي. قسمت مهربان هئڻ ڪري هن پنهنجي چريائيءَ جي تجويزن کي رد ڪيو ۽ اهڙي نموني هڪ ٻيءَ تباهيءَ مان جند ڇٽي، جنهن سال ١٨٤١ع جي

---

(١) لاوا: ٻرندڙ جبل جي ڦاٽڻ کان پوءِ جيڪو تمام گرم پٿرو مادو نڪرندو آهي انهيءَ کي لاوا سڏبو آهي.



ميرعلي مراد خان، خيرپوري.

عليمراد خان به اميدار هئا. انهيءَ جو ڪو به فيصلو نه ٿيو پر نمونو اهڙو جو ٿوري خيال سان معلوم ٿي ٿيو ته ڪهڙيءَ ڌر جو پاسو وٺجي. پر آءٌ فقط ايترو چوندس ته مير عليمراد خان جي دعويٰ غلط هئي ۽ اسان کي انهيءَ ۾ دست اندازي ڪرڻ جو ڪو به حق نه هو، ڇاڪاڻ ته هو نه ته مير رستم خان جي پٽ مان هو ۽ نه وري سندس وارث هو. انهيءَ معاملي کي سلجهائڻ جو بهترين طريقو هي هو ته اهو معاملو بروچ سردارن جي عام جرگي اڳيان رکيو وڃي ها ۽ ووٽ رستي فيصلو ڪيو وڃي ها.

جنرل ۽ پوليٽيڪل ايجنٽن لاءِ اهو ضروري هو، ته هو سکر جو شهر ڇڏين، ڇاڪاڻ ته سيڪو انهيءَ مان بيزار ٿي لڳو ۽ جنگ جي محاذ کان پري ويهي، جنگ بابت پور پچائڻ ته هينئن ٿيندو هيئن نه ٿيندو، غلط ڳالهه هئي. مون واري بالاعملدار وڃڻ کان اڳ مون کي گهرائي سکر جي چارج ڏني ۽ ساڳئي وقت هن هڪ آفيسر کي خيرپور موڪليو، جنهن جي معرفت اسان جون سڀ لکپڙهون ۽ نياپا اچڻ وڃڻ لڳا. شڪارپور ڇڏڻ وقت هڪ پٺاڻ، جو آرٿر ڪونولي سان سفر تي گڏ هو، مون سان ملڻ آيو. هن ٻڌايو ته جيتوڻيڪ پٺاڻ انگريزن جي حڪومت مان راضي هو، پر ان ۾ ڪي اهڙيون خاميون هيون، جن جي ڪري اها ماڻهن ۾ مقبول ڪانه هئي. ٻين ڳالهين سان گڏ هن هي جملو وڏي سڌ زور ڏيئي چيو، ”زن افغان چيز مي کند“ افغانن جون زالون سچيون آهن. مون کي انهيءَ تي هي ٻهاڪو ياد اچي ويو:

ڪابل جي عورتن کي پنهنجو ڪري ئي نٿو سگهجي،
ڇاڪاڻ ته سندن محبت ته هٿ ڪرڻ ڏاڍي تڪڙي آهي،
تنهنڪري اها جتاءُ ڪري ئي ڪانه ٿي.

اها سندس ملڪ جي عورتن جي خرابي هئي، جنهن نيٺ ڪيس مات ڪرايو. پانئجي ٿو ته هو ڪو عورتن جو ستايل هو،

هو بکر جو والارڻ، جنهن بابت عهدنامي ۾ پوريءَ طور ڇاڻايو ويو هو ته قلعو به سندس رهندو ۽ درياهه جي ٻنهي ڪپن تي قبضو به سندس هوندو. ٻيو ته سندس وزير سان انگريزن جي هلت، جنهن کي هن اسان جي ريزيڊنٽ جي چوڻ تي مجبور ٿي برطرف ڪيو هو، ٽين ۽ آخري شڪايت هيءَ هئي ته علي مراد خان کي سندس پيٽ ۾ وڏيڪ ترجيح ڏني ويئي هئي. ننڍين شڪايتن جو ته ڪاٿوئي ڪونه هو، جهڙوڪ ڪاٺ وڍي ان جا پئسا ادا نه ڪرڻ، قاصدن جي لاغرضائي، جي خيرپور ٽپال کڻي ايندا هئا وغيره. آءٌ اهي شڪايتون ٻڌندو ساڻس همدردي ظاهر ڪندو ويس ۽ کيس دلاسو ڏنم ته صبر ڪري، اميد آهي ته حالتون سڌرنديون. گهر ڏانهن واپس ويندي وزير فتح محمد ويهن سوارن سان مون سان گڏ هليو ۽ ڪجهه ڳالهائڻ ٿي چاهيائين پر مون کي ايجنٽ جا سخت حڪم هئا، انڪري مون ساڻس ڳالهائڻ يا ٻيءَ طرح لهه وچڙ ۾ اچڻ کان لهرايو. سکر پهچڻ تي ٻڌم ته سبيءَ يا ڪاڇڪ تي تباه ڪن حملو ٿيو هو، جنهن اسان جي فوجن کي ٽي دفعا ڌڪي پوئتي هٽايو ويو، پر پوءِ دروازو ڪولي وڌائون. دروازي تي حفاظتي فوج کي وڍي ٽڪرا ٽڪرا ڪري وڌائون. اسان جي گهوڙيسوار فوج جو هڪ ماڻهو جنهن جي ٻانهن ڪپجي پيئي هئي، ۽ ايترو ته رت وهي رهيو هوس جو موت کي ويجهو وڃي پهتو هو، پر ان هوندي به پنهنجي سور جو ڪو خيال نه ڪيائين ۽ سڄي طاقت صرف ڪري ليفٽيننٽ ڪريڊ کي هڪل ڪيائين ته دشمن ڪٻي پاسي آهي، کٻي، پاسي ڏسو. مون واري دوست ۽ عزيز جو گرينڊيرس مان هو، انهيءَ جنگ ۾ اهڙي وقت موتمار زخم کاڌو، جڏهن هو سپاهين کي ميڙي گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. هو ڪين پٺن کان جهلي اڳتي ڪري رهيو هو، ته هڪ ڌڪ اچي کيس لڳو ۽ مري ويو. ٿورو وقت اڳ هن پنهنجي تلوار هڪ دشمن

ڪي ماريندي پڄي وڃي ھئي. اسان جا ٽيونجاھ ماڻھو مئا ۽ زخميا ۽ چار آفيسر ضايع ٿيا. دشمن جا پنجويھ ماڻھو مئا ۽ ٽيانوي زخمي ٿيا. ھڪ جنرل جنھن وٽ پنجن ھزارن کان وڌيڪ ماڻھو ۽ يورپي ريجمينٽون به ھجن، سو ڪيئن ٿو ھڪ ڏيھي جٿي کي سڀيءَ تي حملو ڪرڻ ڏئي. جڏھن ڪيس اھو به معلوم آھي ته انھيءَ جي تمام چڱيءَ طرح حفاظت ڪيل ھئي. اھو حادثو غور ۽ ويچار لائق آھي. بد قسمتيءَ سان ٢- گرينيڊيرس جي لائيٽ ڪمپني جنھن پھرين وڏي حملو ڪيو ھو، سا اھا ساڳي ڪمپني ھئي جنھن کي نفشڪ وٽ بيدردي سان ڪٽيو ويو ھو.

اسان خيرپور ۾ جيڪا بدظني پيدا ڪئي، انھيءَ روھڙي ۾ ھڪ وڏو فساد ڪرائي وڌو، جنھن ۾ رتوڇاڻ به ٿي. جيئن آءٌ معمول موجب درياھ تي شام جو سير ڪري رھيو ھوس تيئن مون کي ايجنسيءَ وٽ سکر طرف، وڏو گوڙ ڏسڻ ۾ آيو. پيڙيون به روھڙيءَ جي طرف کان تمام گھٽي انداز ۾ اچي رھيون ھيون. جيئن ئي آءٌ ڪناري جي ويجھو پھتس تيئن ماڻھن کي پنھنجو نالو ونندي ۽ زور سان رڙيون ڪندي ٻڌم. جڏھن پيڙيءَ تان لٿس تڏھن ميجر ڪليبارن گھوڙي تي چڙھيل ھو ۽ ٻيا ڪيترائي آفيسر سائس گڏ ھئا. اھي روھڙيءَ جي ميلي تي ويل سپاھين تي ٿيل حملي سبب ڏاڍيءَ چڙ ۾ ڀريل ھئا. پيڙين ۾ زخمي ٿيل سپاھي اچي رھيا ھئا ۽ انھن ۾ ھڪڙي جي ٻانھن ڪپجي ويئي ھئي. ڪليبارن جي مرضي ھئي ته توبون ھيٺ آڻي شھر تي بمباري ڪري. انھيءَ کي ڌاھي پٽ ڪي ڇڏجي. سيئي ماڻھو گڏجي ڏاڍي زور سان ھل ڪري رھيا ھئا، ان ڪري خبر پئجي نه سگھي ته ڪھڙي سبب ڪري، اسان جي ماڻھن تي حملو ڪيو ويو ھو. ساڳئي وقت روھڙيءَ جي ڏيھي اختياريءَ وارن جي پيڙي به اچي پھتي، جن جو چوڻ ھو ته ڪين به ٻڌو وڃي. ڏاڍيءَ تڪليف

سندس ڏاڙهي پنهي کي جيڪر پورو ڪري وجهي ها، پر ڪنهن دوست جو پالو وچي دشمن کي لڳو، انڪري همراه بچي ويو، پر ڏاڙهيءَ جا ڪجهہ وار دشمن جي هٿ ۾ رهجي ويا. هڪ مرد لاءِ ٻئي مرد جي ڏاڙهيءَ ۾ هٿ وجهڻ بيعزتي سمجهي وڃي ٿي، پر عورتون انهيءَ مان چڱا وارا ڪيندريون آهن. ڏاڙهيالن کي پاڻ بہ ائين وڻندو آهي، تہ معشوقڙين جون نازڪ آڱريون سندن ڏاڙهيءَ ۾ ڪانهر ڪنديون رهن، چاڪاڻ تہ ائين ڪرڻ سان سندن دلي جذبا پوري جوش سان اڀرندا آهن. پر هيءَ مڙيئي خوشطبئي آهي. مون ڏنو تہ جنرل وينچورا کي افغان مهم جي باري ۾ سچي خبر هئي ۽ انهن ڏيهي رياستن جو بہ پتو هو، جن جون حدون سنڌونديءَ سان لاڳو هيون. هن مون کي گذارش ڪئي تہ آءٌ کيس لاهور جي دربار مان ملندڙ ١٠٠ رپيا ايجنسيءَ جي معرفت ڏياريان ۽ هن پنهنجي اخبارنويس يا عيوضيءَ کي لکيو، تہ هو پنهنجون رپورٽون منهنجي معرفت کيس موڪلي ڏئي. اهڙيءَ طرح هر ڪنهن ٽئين ڏينهن مون کي هڪ قسم جو فارسي خبرنامو يا صبح جي اخبار پئي پهچندي هئي. هونئن بہ تہ انگلنڊ جي اخبارن ۾ اهي خبرون پڙهندا هئاسين، تہ اڄ راڻي خچرن جي گاڏيءَ تي چڙهي ٻاهر نڪتي، يا شهزادي البرٽ فلاڻي ڏينهن تازي ڪتن سان شڪار ڪيو. انهن جي بدران هنن خبرن ۾ پڙهندو هوس تہ مهاراجا صبح جو هوا کائڻ لاءِ هاٿيءَ تي چڙهيو هو ۽ بہ ڪلاڪ هيرا باغ ۾ گذاريائين، ۽ اهڙيون هزارين ڳالهيون ۽ انهن جا تفصيل. شاهي خاندان تي، پوءِ اهي اولهہ ۾ هجن يا اوڀر ۾، ڪانہ ڪا مڙيئي تنقيد ٿيندي رهندي آهي، چاڪاڻ تہ ماڻهو انهن جي اٿ ويهہ ۽ عادتن کي ڏاڍيءَ دلچسپي سان جاچيندا رهندا آهن. مٿين ڳالهين سان گڏ ڪڏهن ٻيون بہ خبرون وغيره ڏنيون وينديون هيون.

وراڻيو تہ ”آءٌ فقط هڪ مهني لاءِ تو وٽان ۽ وري موٽي ايندس.“ جواب ڏنائين تہ ”وري ڪونہ موٽندين“ ۽ ائين چئي هن دري بند ڪئي ۽ هليو ويو. سنڌو ندي پنهنجي اوج تي هئي ۽ ڪن جاين تي ايڏي تہ گجي هئس، جو ڏائڻ جي ديگ رانگر ٿهڪي رهي هئي. اها مئڪبيٿ واري نينڍڙي نسل مان نہ پر اسڪينڊنيويا جي هڪ پوڙهيءَ ڏائڻ جهڙي وڏي آفت پئي لڳي. انهيءَ هنڌ جتي ڪليبارن جو گهر هو، درياهہ ڏاڍو اونهو هو، ۽ منجهس ڪن بہ هو، جو درياهہ ۾ پيل ٻرائن ڪنڌرن سان لڳي، پيو ٻيرا کائيندو هو. جڏهن درياهہ لهي ويندو هو، تڏهن اها جاءِ ظاهر ظهور پئي پسبي هئي، مان خواجہ خضر واري ڪتبي تصديق ٿي ڪئي تہ اهو الور ڪي ڇڏي، پوءِ هتان اچي وهيو هو. هڪ واڳون چوڪيدار وانگر انهيءَ جاءِ تي روزانو پيو ڏسبو هو. مون پاڻ ڪيس ڪونہ ڏٺو پر آفيسرن مون کي ٻڌايو تہ انهن سدائين فئر پئي ڪيا آهن ۽ سندس ڏيگهہ انهن جي چوڻ موجب ويهن فوٽن کان ڪنهن بہ حالت ۾ گهٽ ڪانہ هئي، سکر کان ٽيهن ميلن جي پنڌ تي، آءٌ مددي اسٽيمر جي پاسي کان اچي لنگهيس، جو اتي لنگر هنيو بيٺو هو. مون ميجر آئوٽرام کي صلاح ڏني هئي، تہ ڪي ديري اسماعيل خان يا جيترو اڳتي وڌي سگهي، اوترو اڳ موڪلجي مطلب هي هو تہ جي ڇڪاس وني سگهجي تہ منجهس ڪيستائين جهاز راني ڪري سگهجي ٿي، ۽ پڻ ٿي سگهيو ٿي تہ ديره جات سان واپار ڪرڻ جا امڪان پيدا ٿي وڃن. پوءِ هن انهيءَ ڪي موڪليو يا نہ، ان جي ڪابہ خبر ڪانہ پيئي.

ڇهينءَ تاريخ آءٌ سيوهڻ وٽان گذريس ۽ ستينءَ تاريخ هڪ ڳوٺ وٽ پهتس. جنهن کي گوتم سڏيو ٿي ويو ۽ اهو هڪ سيد جو ڳوٺ هو. منهنجي وندر ان وقت ٽنڪينس جو اتهاس پڙهڻ ۽ پيڻ پکيءَ جو شڪار ڪرڻ هئي، جن تي آءٌ ڪڏهن ڪڏهن پيو فئر ڪندو هوس، جو درياهہ جي وچ ۾

وڏن ولرن ۾ اونڌا ابتا ٿيا پيا هئا.

انين تاريخ مون کي هڪ سخت مشڪلات درپيش آئي. هڪڙي هنڌ لهرون اهڙيون ته آيون هيون جو تنديل ٿيو ته جي انهن سان ٽڪر کائبو ته تباهي يقيني آهي. هوا به ڏاڍي تيز ۽ اٿائي هئي، انڪري هن عرض ڪيو ته پگهه نه ڇوڙيا وڃن، جيسن الله ڪو سٺاءُ واءُ موڪلي. اسان جي ٻيڙي ان وقت هڪ ننڍي ڪاريءَ ۾ هئي، جتي پاڻي جي اٿل پٿل ۽ گجگوڙ کان پري به هو ۽ مانو به هو. اسان به ٻيڙي ڇڪي ڪٺي پاسيري ڪئي ۽ ڪجهه وقت آرام به ڪيوسين ۽ رات جي ماني چانور ۽ ٻوڙ کاڌوسين. ان وقت تنديل راءِ ظاهر ڪئي ته هڪ ماڻهو اها ڪاري تري وڃي ڏسي ته درياهه ۾ ناپر اڃي ويئي آهي يا نه. جيئن تي هن اها ڳالهه ڪئي تيئن هڪ ماڻهو ٽپ ڏيئي اٿي ڪڙو ٿيو چاڪاڻ ته انهيءَ ماڻهو کي بدن تي ڪپڙو هوئي ڪونه) ۽ ٻي پر پهچڻ لاءِ هڪدم تيار ٿي ويو. اچا ٽپ ٿي ڏناءِ ته مون چيومانس نه سير ويجهي آهي انڪري خيال ڪجانءِ، متان ٻڏي نه پوين! اهو ٻڏي هو ڪليو ۽ ڪٺي پاڻ کي پاڻيءَ ۾ اڇلايائين، اجا ڪاريءَ جي اڌ تي ئي ڪونه پهتو ته پاڻي هن کي ڏاڍي تيزيءَ سان ڪاري جي منهن ڏانهن وٺي ويو ۽ وڃي ڪن ۾ هنيائينس جنهن ڦيرائي گهيرائي آڻي درياهه ۾ ڪيس، اتي ڏنوسين ته غوطا پيو کائي (هوئن به ته اهي پاڻيءَ جا پونئرا آهن) ۽ جاڻ ته ٿي تر ڪنيائين. مون کي تر جيترو به الڪو ڪونه ٿيو ۽ ٿئي به ڇو؟ چاڪاڻ ته آءٌ پاڻ ته تارو ڪونه هوس، جو سندس مدد ڪريان ۽ جي مدد ڪريان به ها ته ڪيس ڪو فائدو ڪونه پهچي ها. هو ان وقت هڪ اهڙيءَ حالت ۾ هو جا آءٌ جيڪڏهن دنيا جو سڀ کان وڏو تارو هجان ها، تڏهن به ڪيس انهيءَ مصيبت مان آزاد نه ڪري سگهان ها. خوش قسمتيءَ سان مون هڪ وڏي تنبي هئي جنهن کي ڪهيون وغيره به ٻڌل هيون، جنهن جي

جي مکيہ ميرن مان هو. انهيءَ شڪارگاهہ ڪان پوءِ وري پيو شڪارگاهہ آيو، جو محمد خان نوڙهي جي ملڪيت هئي. سڄي رات طوفان پئي هليو، ۽ آءٌ بہ پاڻ واريءَ ڍريءَ چال مان ڪڪ تي پيو هوس. صبح جو ڪناري تي هڪ سٺي پوشاڪ واري بروچ ڪان سوال تي گهوڙو گهريم تہ جيئن ايجنسي تائين انهيءَ تي چڙهي وڃان. بروچ هڪدم پنهنجو گهوڙو جهلي منهنجي حوالي ڪيو ۽ جيئن مان هيٺ لٿس تيئن مون لاءِ ڪير ڪٽي آيو ۽ ڪڇهري بہ ڪيائين. ٻڌايائين تہ سندس پگهار فقط ٻارنهن رپيا في مهينو هو، جنهن مان هو ڏاڍيءَ تڪليف سان پنهنجو ۽ پنهنجن ٻارن جو گذر ڪندو هو. هن ٻڌايو تہ هو احمد خان واري مغزي قبيلي مان هو، جنهن جا اٽڪل ١٥ ماڻهو حيدرآباد ۾ هئا. اسان جيئن پاڻ ۾ پئي ڳالهايو تيئن ابراهيم شاهہ بہ اچي اتي پهتو ۽ آءٌ سندس هڪ همراهہ جي گهوڙي تي چڙهي، ڏهہ ميل سواري ڪري، حيدرآباد جي قلعي وٽان لنگهي منجهند ڌاري وڃي ايجنسيءَ تي پهتس.

منهنجو هتي ميجر آئوٽرام سان تعارف ڪرايو ويو، ۽ مون ڏٺو تہ آءٌ پنهنجي ريزيڊنٽ جي بدلي ۾ ايڏو خوش هوس، جيترا مير خوش هئا. نئون ايلچي صافگو ۽ رحمدل هو. هو پنهنجن نائبن ڪان ڪابہ لڪ ڪانہ ڪندو هو پر پنهنجن زيردست منشين ڪان ڳالهيون مڙيئي ڳجهيون رکندو هو. جيتوڻيڪ سندس اڻٿڪ محنت سان ڪوبہ ماڻهو برابري نٿو ڪري سگهي، پر هوندي بہ هو پنهنجن زيردستن جي محنت جو قدر ڪندو هو. جيئن تہ سندس پنهنجا ڪارناما مشهور هئا، انڪري هن پين جي لياقت کي دٻائڻ جي ڪڏهن بہ ڪوشش ڪانہ ڪئي، اهو انهيءَ ڪري تہ هرڪنهن کي مٿي چڙهڻ جو موقعو ملي.

ڪوشش ڪئي، باوجود ڪوشش جي اهو هڪ ڏاڍو ڏکيو ڪم هو. مون کي سيني ۾ احمد خان لغاري ڏاڍو پسند آيو، جنهن ڳالهايو ته گهٽ پئي پر ڏسڻ هڪ معنيٰ ڀريل مڙس هو. نصير خان، جو هاڻي وڏو مير تسليم ڪيو ٿي ويو، سو شهداد خان جي فائدي ۾ هو. آخر ايجنٽ جي دڙڪي داب وجهي ڪم ناهيو، ۽ فيصلو ٿيو ته پائر پاڻ ۾ نهي وڃن ۽ هڪٻئي کان قرآن تي لڪائي وٺن ته ملڪيت جو معاملو امينن جي فيصلي موجب ڪرايو ويندو. مون کي موڪليو ويو ته آءٌ ننڍي حسنعلي خان کي وٺي اچان ۽ پئي هڪ آفيسر کي وري شهداد خان ڏانهن موڪليو ويو. ان کان پوءِ ٻنهي کي سيني جي اڳيان پاڪر وجهرائي پرچايو ويو. مون کي خوشي ٿي جو منهنجو شهداد خان سان واسطو نه پيو، چاڪاڻ ته هو نه رڳو بدني بناوت ۾ بيڊولو هو، پر طبيعت به ڏڪار جهڙي هئس. انهيءَ جي برعڪس مون وارو مير حسنعلي خان هڪ سهڻو جوان هو، جنهن جون ڪاريون گهنڊيدار چڳون ۽ سهڻيون چمڪندڙ اکيون، انگريزي ناچ گهر ۾ جيڪر غضب ڪري ڇڏين ها. مون حسنعلي خان کي سندس چاچي مير صوبدار جي گهر ۾ ڏٺو، جنهن جو وڏو پٽ فتح علي خان مون سان دربار تائين گڏجي آيو هو. اتي ايڏو ته گوڙ ٿي ويو هو، جو اسان کي پنڌ هلڻ جي بدران مٿي کنيو ويو، نه ته جيڪر ڪنهن سوڙهيءَ گهٽيءَ ۾ پيڙجي وڃون ها.

اهو معاملو پورو ٿيو تڏهن شڪارپور جو ذڪر ٿيو ته اهو شهر انهيءَ مددي ڏَنَ جي بدران انگريزن کي ڏنو وڃي، جنهن جو ميرن سان عهدنامو ٿيل هو. سڀ مير انهيءَ ڳالهه جي خلاف هئا، خاص ڪري مير نصير خان جنهن چيو ته ”صاحب ملڪ تان دستبردار ٿيڻ هڪ حاڪم لاءِ وڏي بيعزتي آهي.“ اهو معاملو پوءِ بنا ڪنهن فيصلي ڪرڻ جي ملتوي ڪيو ويو. ١١ بجي صبح جو اسان وري سوار ٿي واپس ايجنسيءَ تي پهتاسين، جتي مون واري بالادست مون کي انهيءَ



## حيدرآباد جو مير، مير محمد خان

مير نور محمد خان جو ٻيو
نمبر پٽ مير حسين علي خان

ميرپور جي مير علي مراد خان
جو پٽ شاهه محمد خان

باغ سندس ڏکڻ ۾. ان جي اوپر هڪ ننڍڙو واڙو بہ هو، جتي
هر ڪنهن قسم جا پالتو هرڻ ڪوتا پاچا ڪان وني ديوَ جهڙي
سانپر تائين پاليل هئا. انهن جانورن ۾ نينگ تپا ڏيندڙ هڪ
سهڻو هرڻ بہ هو، جنهن جا سڱ اهڙا تکا هئا جهڙي چري.
جيڪڏهن ڪاوڙ ۾ اچي ڪنهن کي سڱ هڻي ڪڍي تہ
جيڪر پلڪ ۾ ماري وجهيس. شهر جي لاءِ مون کي اهو
چوڻو آهي تہ ڏکڻ سنڌ جي ٻين شهرن کان چڱيرڙو هو ۽ هو
بہ گهٽيل. اتي جيڪي جايون هيون سي قلعي کان سواءِ ٻيون
سڀ اهڙيون جهڙيون ٻين هنڌن تي ڏٺيون ويون هيون. گهر
گهڻو ڪري متيءَ جا ٺهيل هئا، پر انهيءَ جو اهو مطلب
ناهي تہ اهي رڳو جهوپڙيون هيون. اهي حقيقت ۾ تمام وڏيون
اڏاوتون هيون، جن جون ڇتيون موڪريون هيون ۽ هر ڪا
جاءِ ست-اٺ ماڙ هئي جهڙا ٺمڪنو جا محلات! قلعو بيترتيب
ڪنڊن وارو پنج ڪنڊو ڪوٽ هو، جنهن جون ڇتيون پڪين
سرن سان اڏيل هيون. انهيءَ تي ڪوبہ ٻاهريون ڪم يا ڪاهي
وغيره ڪانہ هئي پر ڪن هنڌن تي تہ غفلت سبب قلعي جي
ديوار بہ ڪمزور ٿي ويئي هئي. قلعي جي اندر فقط ميرن جا
ڪٽنب ٿي رهيا ۽ ان جي وچ ۾ هڪ ٿُل هو، جنهن لاءِ
ٻڌايو ٿي ويو تہ انهن ۾ ميرن جو خزانو پوريل هو. خزاني
بابت ماڻهن ۾ ڏاڍي ڳالهہ هئي، پر آزمودي ثابت ڪري
ڏيکاريو آهي تہ اوپر جي بادشاهن جي خزاني بابت جيڪي
خبرون ٻڌبيون آهن، سي گهڻو ڪري نسوربون ڪوڙيون
هونديون آهن. ميرن جي عقل جو بہ ڪمال چئجي جو اٿهوند
هوندي بہ پنهنجيءَ ملڪيت بابت ڪيڏيون نہ عجيب خبرون
مشهور ڪرايون اٿن. انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ ١٧٨١ع
۾ جڏهن ٽالپرن، ڪلهوڙا گهراڻي جي پڄاڻي آندي، تڏهن
کين اگهين بادشاهن جو چڱو خزانو هٿ آيو هو. پر پوءِ جيئن
مسٽر ايلفنسٽن ڪابل ۾ لکيو تہ ”افغانستان جي بادشاهہ شاهہ زمان

پنهنجي سلطنت جي ڏاکڻي حصي کي فتح پئي ڪيو، ان وقت هن انهيءَ خزاني تي قبضو ڪري ورتو، ان ڪان پوءِ هن ميرن کي مجبور ڪيو ته ڪيس ويهه لک چار هزار پائونڊ ڏن پري ڏين، جو ڏانهن رهيل هو.“ هاڻي جيڪڏهن انهيءَ وڏي انداز خزاني جو جيڪڏهن اڌ به ڏنو ويو هجي، تڏهن به معلوم ٿي ويندو ته ڪهڙيءَ طرح ڪلهوڙن جو گڏ ڪيل خزانو خرچ ٿي ويو هوندو. انهيءَ ڪان پوءِ ڪوبه وڏو خرچ سنڌ جي خزاني تي تاوان طور ڪونه پيو. فقط ٻن موقعن تي انهيءَ مان ڪجهه ڪڍيو ويو هو. هڪ ته ١٨٠٤ع ۾ شاه شجاع سترهن لکن جي ڦر ڪئي هئي، ۽ ٻيو دفعو ١٨٠٩ع ۾ ساڳئي بادشاهه وري به ميرن کي ڦريو هو، پر چئي نٿو سگهجي ته منجهانئن ڪيترو ڪڍيائين. ٻئي طرف وري هيءَ حال هو جو اسان جي حملي ڪان سالن جا سال اڳ، سنڌ جي اُپت پنجاهه لک مس ٿيندي هئي. انهيءَ مان به ويهه لک اُتر سنڌ جا مير اڳاڙيندا هئا ۽ ست لک ميرپور وارو رئيس شير محمد خان ڪڻندو هو. باقي ٽيهن لکن کي حيدرآباد جي پنجن ميرن ۾ ورهائيندو هو. انهيءَ مان ظاهر آهي ته هرهڪ مير کي جيڪ حصو ملندو هو، اهو هڪ ٻئي درجي جي انگريز نواب جيترو به ڪو نه هوندو هو ۽ سيني جي گڏيل اُپت اسان جي هڪ گهٽڙنگ رئيس جهڙوڪ ڊيوڪ آف سنڌرلينڊ ۽ بڪلوف يا لارڊ ويسٽ منسٽر جي آمدني جيتري به ڪانه هوندي هئي. انهيءَ رقم مان هزارين خدمتگارن کي ڏنو ويندو هو، شاهاڻو ٺٺ به برقرار رکيو ويندو هو ۽ ماڻهن جي ڀلي جي ڪم تي به خرچ ڪيو هو. وري منجهن هيءَ ڳالهه به هئي جو ڊيل جو ٢/٣ حصوجنس ۾ ورتو ويندو هو. جڏهن اهي گڏ ڪيل خزانا ورهايا ٿي ويا، تڏهن خبر پئي ته آخر انهن ۾ هو ڇا ڇا؟ ازانسواءِ ٽالپرن ۾ ڪي خرچائو رئيس به هئا، جهڙوڪ مير ڪرم علي خان، جو پنهنجي شان ۽ شوڪت جي ڪري مشهور هو. مير نصيرخان

ڪنهن وقت اهڙو ته هٿ ڦاڙ خرچائو هو، ڪيترو وقت پنهنجي پنهنجي پاءُ مير نور محمد خان جي مدد تي پيو ٽڳندو هو. اهوئي سبب هو جو هن اسان واريءَ ملاقات جي وقت شهداد خان جو پاسو ڪنيو هو، نه ته ٻنهي چاچي ۽ ڀائٽيي جي طبيعتن ۾ وڏو فرق هو. چاڪاڻ ته چاچو ڀائٽيي وانگر لوڀي ۽ لالچي ڪونه هو، نور محمد خان کي ڪا ملڪيت هٿي ۽ نه وري صوبدار خان وٽ ڪو خزانو هو.

ميرن جيڪو اسان جو آدرڀاءُ ڪيو هو، تنهنجو اسان تي تڙ جيترو به اثر نه ٿيو، نه وري سندن درٻارين جي آٿ ويهه اسان کي وڻي. قلعي تائين پهچڻ ۾ اسان کي هڪ ڏکيءَ سوڙهيءَ ۽ گنديءَ گهٽيءَ مان گذرڻو پيو، جتي تماشائين جا حشام بيٺا هئا، پر جن اسان جو وڏبڪ ڏيان ڇڪايو اهي هئا، ڪارا شيدي جي تمام گهٽي انداز ۾ تي ڏٺا. درٻار يا حاضريءَ واري جاءِ ننڍي هئي ۽ ان ۾ شان يا دٻدٻي جي ٿوري به نشاني نظر نٿي آئي. ميرن جي سهڻي مت ۽ سادين عادتن کين اجائي ڏيک کان پري رکيو ٿي، پر ان هوندي به سندن رهائش جبي ڪمرن جي انهيءَ خسيس دالان سان ڀيٽ نٿي ڪري سگهجي، جتي هو اسان جي ريزنٽن سان اچي ملندا هئا. هڪ دفعي نصير خان هڪ انگريز پارٽيءَ کي پنهنجي خانگي جاءِ ڏيکاري، جنهن ۾ ڪيترائي سنا ڪمرا هئا انهن مان هڪڙي ڪمري آيون ۽ اوچيون ديوارون هيون ۽ اهوئي صحيح معنيٰ ۾ ملاقات جو ڪمرو هئڻ ڪپندو هو، انهيءَ ڪمري ۾ تمام سهڻا ايراني غاليا وڇايل هئا ۽ ڀتين تي ايران جي شاهه جون تصويرون ٽنگيل هيون. انهيءَ خاص موقعي تي به ڏاڍي غلط نموني جي سادگي ڏيکاري ويئي هئي. ڪمري جي ڪنڊ ۾ دريءَ وٽ هڪ صوفو پيل هو پر دريءَ جي حالت اها هئي جو مٿس هڪ سادو تختو طاق وانگر ڪري لڳايو ويو هو. انهيءَ آدرڀاءُ وقت ڪا خاص رسم وغيره ڪانه ٿي ڏٺي. ماٺهو



حيدرآباد جو مکيہ مير، محمد نصير خان ۽ سندس پٽ

وچي. انهيءَ تڪرار ۾ پڻ پين ڳالهين جي ڪري هو خاندان جي پين ماڻهن کان پري گذاريندو هو. جڏهن لارڊ ڪين هتي آيو هو، تڏهن پيا مير لاشڪ مٿس حملو ڪن ها، مير صوبدار خان ائين ڪرڻ ۾ بلڪل نابري واري. پوءِ خبر نه آهي ته ڪهڙي خيال کان انگريزن ڏانهن سندس دوستيءَ جي لاڙي کي شڪ جي نگاهه سان ڏٺو ويو. اهو هڪ اهڙو سوال آهي جنهن جو جواب ٿي نٿو ڏيئي سگهجي. پڌڻ ۾ ٿي آيو ته سندس فوجون مياڻيءَ جي ميدان ۾ وڙهيون هيون، پر ڪنهن به انهيءَ جي تصديق نه ڪئي، ته آيا اهي اتي هيون به يا نه، ۽ جي هيون ته سڀيئي ساريون فوجون هيون يا ڪو جٿو هو ۽ پڻ ڪيتريقدر انهيءَ جٿي کي صوبدار خان وڙهڻ کان روڪيو هو.

ڪي ماڻهو ميرن کي اڻڄاڻ وحشي ڪري سمجهندا آهن، پر ڏسڻ ۾ ايندو ته اهو رمارڪ غلط آهي ۽ مير تمام وڏيڪ سمجهو هئا. هڪڙي پيري اسان جي ريزيڊنٽ ۽ مير نورمحمد خان جي ملاقات وقت، ريزيڊنٽ صاحب اسان جي حڪومت جي ديانتداريءَ ۽ پين جي معاملن ۾ دست اندازيءَ ڪرڻ کان پري رهڻ جو ذڪر ڪري رهيو هو. مير نورمحمد خان بنان ڪنهن دلچسپيءَ ۽ پنهنجيءَ مرضيءَ جي خلاف پڌندي، ڳالهه بدلائي ڇڏي ۽ پڇيائين ته "اوهان يورپي بهادر شاهه جي دؤر ۾ آيا هئو؟" ريزيڊنٽ جواب ڏنو ته "نه، اسان جو پهريون انگريزي ڪارخانو جهانگير جي ڏينهن ۾ سورت ۾ پيو هو." پر مير نورمحمد خان انهيءَ تي ڪر به تبصرو نه ڪيو. جڏهن منشيءَ کان پڇيو تڏهن هن پڌايو ته ميرن وٽ گجرات جي تاريخ جو هڪ قلمي نسخو پيل آهي، جنهن ۾ اڪبر جو گجرات هٿ ڪرڻ کان اڳ جو احوال ملي ٿو. انهيءَ نسخي ۾ اتفاق سان بهادر شاهه جي دغا بازيءَ سان ٿيل خون جو به ذڪر ملي ٿو، جو پورچوگيزن ڪرايو هو. نورمحمد خان جو مطلب هو ته اها ڳالهه ريزيڊنٽ کي اشاري ۾ معلوم ٿي وڃي ته سڀ يورپي

اوير جي ملڪن سان ٽيندڙ ڏي وٺ جي معاملي ۾، ڪهڙي نه ديانتداري رکن ٿا، جن جي ريزيڊنٽ اجائي لباڙ هڻي ڪري رهيو هو.

حيدرآباد جا مير، اسان جي سنڌ ۾ اچڻ وقت، سمجهي ويا هئا ته سندن خاندان جي تباهي يقيني هئي. اها هڪ بيسود منافقي چٽبي، جو اسين هاڻي اهو بهانو ڏيون ته اسان جو سندن ملڪ ۾ گهڙڻ جو خاص مطلب سندن ڀلائي هئي. انهيءَ تي انهن ڏاڍو اعتراض ڪيو ته ”اسان ڪي نه ته اوهان جا عهدناما ٿا کپن ۽ نه دوستي ئي کپي. اسان کي فقط هڪ ايلچي موڪلڻ جو شرف ڏيو ۽ اهو به جي چڱي سمجهو، ته ڊاڪٽر ڏياري موڪليو.“ پر سندن ڪنهن ٻُڌي ئي ڪانه. سندن ڏڪار ۽ ناراضگيءَ هوندي به اسان پڪو ارادو ڪيو هو، ته ڪين ڪنهن به حالت ۾ دوست بنائجي. سنڌوءَ تي جهاز رانيءَ مان تمام گهڻي آپت جي اميد هئي ۽ دلچسپي رکندڙ ماڻهن جو چوڻ هو ته ان جي زمين به ڀلي آهي. انهن اهو به ٻڌايو هو ته ”سنڌ هڪ تمام سهڻو ملڪ آهي پر آهي ٻروچن جي ور چڙهيل. حيدرآباد جي پرسان زمين نير، تماڪ ۽ ڪمند لاءِ بهترين آهي. ڪراچيءَ وٽ موتي لڀن ٿا، ۽ مڇي مارڻ ۾ به جيڪر ڏاڍي آپت ٿئي، پر ميرن جي بيتوجهيءَ جي ڪري ڪنهن به ڪم ۾ واڌارو نٿو ٿئي. ملڪ جي سڄي ملڪيت ميرن ۽ سندن ٿورن خوشامدين جي هٿ ۾ آهي ۽ ٻئي ڪنهن به طبقي جا ماڻهو شاهوڪاريءَ جي ڪابه نشاني ظاهر نٿا ڪري سگهن. ٻروچ، فوج جي اچ وڃ ڪي ڏڪار جي نظر سان ڏسن ٿا، ۽ واپارين جي جائز مال کي مال غنيمت سمجهي ڦُرين ٿا. هندو جن جي وسيلي سڄي ملڪ جو واپار هلي ٿو، ۽ ڏي وٺ ٿئي ٿي تن کي ڏڪاريو وڃي ٿو، ۽ سندن بيعزتي ڪئي وڃي ٿي. ميرن جو سائن ورتاءُ به بي انصافيءَ ۽ زيادتيءَ تي مبني آهي. موجوده حڪومت ۾ نه ته ڪو سٺين شين جو واپار هلي سگهي

ڪنهن به حملي ڪندڙن سان ساڻ ڏيڻ جو لاڙو ڏيکاريو هو؟ بلڪل ڪنهن به نه! ته پوءِ اسان کي انهن خبرن کي سچ سمجهڻ کان اڳ غور ڪرڻ کپندو هو جي ميرن جي ظلم ۽ بي بندوبستيءَ بابت اسان کي هرويرو ٻڌايون وينديون هيون. هندن جو مثال وٺو. اهي ته گهٽ ۾ گهٽ ستايل هئا. ڪائڻ سندن پئسا ڦريا ويا هئا، ڪين ڌڪاريو ٿي ويو ۽ پڻ ڪين ديس نيڪالي ڏني ويئي هئي. پر جي سچ پچ ائين هو ته پوءِ هو ميرن جي بادشاهيءَ ۾ ڪڇ، گجرات ۽ راجپوتانا وغيره ڏانهن لڏي ڇو ڪونه ٿي ويا! ۽ پوءِ ائين ڇو هو جو جڏهن اسين شڪارپور ۽ حيدرآباد پهتا هئاسين، تڏهن اتي اسان هندن کي نه فقط شاهوڪار پر ان سان گڏ گهڻي انداز ۾ ڏٺو. اهڙيءَ طرح جهڙوڪ اهي اسان جي حڪومت جي ڪيترن ئي سڪين شهرن ۾ موجود هئا. اهو هڪ ويچار جوڳو معاملو آهي، جو ماڻ انگلنڊ جي پبلڪ اڳيان فيصلي لاءِ رکان ٿو.

هڪ طرف ديس جا ماڻهو آهن، جن جي پنجاهه سالن جي تاريخ، گهرو جهڳڙن کان پاڪ آهي ۽ ٻن کان سواءِ ٻين سڀني انگريز پوليٽيڪل آفيسرن ان حقيقت جي تصديق به ڪئي آهي. اهي ٻه پوليٽيڪل آفيسر به ڏيهي ٻوليءَ کان اڻ واقف هئا انڪري هنن ڪنهن هڪ به ڏيهيءَ ماڻهوءَ سان سڌيءَ طرح ڪونه ڳالهايو هو. جڏهن به ڪين ڳالهائڻو هوندو هو تڏهن چالاڪ ۽ بي ايمان منشين جي معرفت ڳالهائيندا هئا. اهو ئي سبب هو جو اهي ميرن جا مخالف ٿي پيا. ٻئي طرف وري متفرقه ملٽري جا ماڻهو هئا، جن کي صاحب ۽ شانتيءَ جو ذرو به خيال ڪونه هو. پر ڪير ٿو ڏسي شاهدين کي. جيڪو ڏاڍو سو گابو! چا انگلنڊ انهن لاءِ ڪو حق جو ڪلمو چيو آهي، جي هاڻي وڏيءَ نوڙت سان ڪيس فرياد ڪري رهيا آهن. انتقام وٺڻ جي به ڪا حد ٿيندي آهي! اهي ويچارا پنهنجي ملڪ ۾ سکيا، خوش ۽ آرام جي زندگي بسر ڪري رهيا هئا،



**مير محمد علي خان**

صوبدار خان جو اڪيلو بچي ويل پٽ ۽ ٽالپرن جي مکيہ شاخ جو تنها وارث



مانگر پیر تلاء یا "منگھو پیر"

ڪراچيءَ ۾ گهڙياسين، تيئن ڪيترائي ياتري اسان کي هنگلاج کان ايندي مليا. هنگلاج هندو ياترين جي گڏ ٿيڻ جي هڪ مشهور جاءِ آهي. هتي درگا، جيڪا تباهيءَ جي ديوي آهي ان جي پوڄا ٿيندي آهي ۽ اهو ماڳ هندستان ۾ بت پرستيءَ جي اولهه ۾ آخرين حد آهي. منهنجي سنڌ ڇڏڻ کان اڳ هڪ بهادر آفيسر ڪئپٽن هارٽ، اتي پهچڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو هو ۽ انهيءَ سفر جو هن تمام دلچسپ احوال ايشياٽڪ سوسائٽي جرنل ۾ ڏنو آهي. مرحوم سر وليم به ويس بدلائي انهيءَ رستي اوڏانهن وڃڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، پر ٻين يا ٽين منزل تي ماڻهن کي خبر پئجي ويئي ته هو يورپي آهي. هو هڪ آزموديگار سياح هو. جنهن افريڪا جي موسيلائيڪش ۽ ٻين وحشين جا ملڪ گهميا هئا. پر هتي مڪرانين جي ڏانهنس دشمني جا هن اهڃاڻ ته اهڃاڻ ڏنا، جو کيس تيري سان واپس پٺتي جند ڇڏائڻي پيئي. سر هينري پاٽنجر انهن خطن مان ١٨٠٩ع ۾ هڪ ايراني گهوڙي وڪڻندڙ واپاريءَ جي ويس ۾ سفر ڪيو هو. پر اهو بهادريءَ جو غير معمولي دورو هو جيتوڻيڪ اهو بهادريءَ، قوت مدافعت ۽ هوشياريءَ سان سرانجام ڏنو ويو هو، پر خبر نٿي پئجي سگهي ته اهو ڪهڙن سببن جي ڪري هڪدم ختم ڪيو ويو.

ڪراچي پهچڻ کان پوءِ مون پهرين جُلهه مگر تلاءَ (١) ڏسڻ تي ڪئي، جنهن کي واڳن جي ڍنڍ ڪري سڏجي ٿو. اها عجب جهڙي جاءِ ڪراچيءَ کان اٺ ميل پري آهي ۽ اهڙن ماڻهن لاءِ جن کي بيڊولين شين يا راڪاسن ڏسڻ ۾ مزو ايندو آهي، هڪ دلچسپ جاءِ آهي. واريا سو ۽ اجڙ رستو، جنهن تي ڪٿي ڪٿي گهاٽو جهنگ به آهي، اٽيو ماڻهوءَ کي گدامڙيءَ جي وڻن جي جهڳٽي وٽ ڇڏي، جنهن جي وچ انهن

(١) تلاءُ: منگهي پير وارو تلاءُ جنهن ۾ واڳو رهندا آهن.

جنهن تي اهي هڪبئي کي اُٿلائڻ پٿلائڻ جي ڪشمڪش ۾ جهيڙي ۾ لڳي ويا ۽ گوشت جي ٽڪرن کي ذريون ذريون ڪري ڇڏيائون. ننڍن واڳن جي وڏن لاءِ ادب ڏيکارڻ مون کي ڏاڍو مزو ڏنو. انهن مان هڪ وڏي واڳونءَ جنهن جو قد ڏهه فوٽ کن هو، ٻئي پاڻ کان ٻه وڏي واڳونءَ کي پنيان ايندي ڏنو، تڏهن انهيءَ ڊپ وچان ته متان اهو وڏو واڳون کائي نه وجهي، پاسو ڏيئي پري ڀڄي ويو. انهن واڳن واري تلاءُ کان ٿوري پنڌ تي (اڌ ميل کن فاصلي تي) هڪ ٻيو تلاءُ ڏيکاريو ويو، جنهن ۾ پاڻي ايڏو ته گرم هو، جو ماڻهو منجهس مس گهڙي سگهي. پر ان هوندي به مون انهيءَ ۾ ننڍڙا واڳون ڏٺا. فقير مون کي ٻڌايو ته اهي جانور نديءَ ۾ گهڻا آهن، جا اتان پندرهن يا ويهن ميلن جي پنڌ تي هئي. انهيءَ تلاءُ جو بادشاهه هڪ واڳون هو، جنهن تي فقير، 'مور صاحب، جو نالو رکيو هو. اهو ڪڏهن به سڏ تي ڪونه ايندو هو. جيئن ته آءٌ انهي تلاءُ جي چوڌاري ڦري رهيو هوس، تيئن مون کي اها به جاءِ ڏيکاري ويئي جتي اهو پيو هو. سندس منهُ پاڻيءَ کان ٻاهر هو ۽ اهڙيءَ طرح بيجان پيو هو، جهڙو ڪاٺ جو بنڊ. سچ ته مون کي جيڪڏهن سندس چمڪندڙ خونخوار اکيون ڏسڻ ۾ نه اچن ها، ته آءٌ انهي کي ڪاٺ جو بنڊ ئي سمجهان ها.

آبهوا جي خيال کان ڪراچي سنڌ ۾ هڪ تمام سٺي جاءِ آهي ۽ انهيءَ کي بمبئيءَ پاسي جي ٻيءَ ڪنهن به جاءِ سان ڀيٽي سگهجي ٿو. پر ان هوندي به ڪالرا منجهس ڪلور ڪري ڇڏيا هئا. اسان واري سڄي يورپي ريجمينٽ تباهه ٿي ويئي هئي. حقيقت هيئن آهي جو انهي بيماريءَ جي پهرين نشانين جو ڪوبه خيال نتي ڪيو ويو ۽ ٻيو ته افسوس هن ڳالهه جو هو جو فوجي جٿن ۾ ڪيترائي اهڙا ماڻهو هئا، جن جي صحت گهڻي پيئڻ جي ڪري تباهه ٿي چڪي هئي، انڪري

انهن کي اها بيماري جلد کنيو ٿي ويئي. هندستان ۾ يورپي سولجر ايڏو ته شراب ٿا پيئن، جنهن جو ذکر ئي نٿو ڪري سگهجي. جن ماڻهن کي خدا وڏن عهدن تي سرفراز ڪيو آهي، انهن کي گهرجي ته انهيءَ مسئلي تي غور ڪن ۽ اسان جي معزز فوج جي اخلاق ۾ سڌارو آڻين. اهو سڌارو تڏهن منجهن اچي سگهي ٿو جڏهن سندن رهائش لاءِ سٺا هنڌ چونڊيا وڃن، تفريح جون جايون ناهجن، لئبرريون ۽ اسڪول قائم ڪجن، جن ۾ جسماني ورزش ۽ نيزي بازيءَ جو سامان ۽ پڻ وهنجڻ جون جايون مهيا ڪري ڏجن ته جيئن اهي واندا ٿي نه ويهن. (اهي جايون خود فوجي ئي سياري جي موسم ۾ ٺاهي سگهن ٿا). لائق ماڻهن لاءِ ريجمينٽ ۾ ٽن يا چئن ڪميشن ڪولڻ سان اسين انهيءَ خرابيءَ جي پاڙ پٽي سگهون ٿا. اهو ماڻهو ڪهڙيءَ طرح مذهبي خيال رکي سگهي ٿو (جي مذهب تي نٿو هلي ته پوءِ سٺو شهري نٿو ٿي سگهي) جڏهن کيس شادي ڪرڻ کان منع ٿي ڪئي وڃي، انڪري هر ڪنهن سپاهيءَ کي شاديءَ ڪرڻ لاءِ همٿايو وڃي ۽ عورتن يا ٻارن جو تعداد به اسان جي فوجن جي چرپر ۾ ڪابه رنڊڪ ڪونه وجهندو. سروس ۾ ريجمينٽ کي هلڪو ڪيو وڃي ڇاڪاڻ ته هندستاني مهم ڪا گهڻو وقت ڪانه وٺندي آهي، انڪري جڏهن اها ختم ٿئي تڏهن فوجين کي ڏيهي سپاهين وانگر سندن گهر واپس ڇڏيو وڃي. نتيجو اهو نڪرندو جو اهو خيال ته منهنجو ڪير ئي ڪونه آهي، انڪري ڪنهن جي لاءِ جيئرو رهجي، يورپي سپاهين جي دل مان نڪري ويندو. پر اعتراض ڪرڻ وارن جو رايو آهي ته جي سپاهي مري پون ته پوءِ انهن جي بيواهه زالن ۽ يتيم ٻارن جو ڇا ٿيندو؟ اهي ته پوءِ سرڪار تي بار ٿي پوندا، ڇاڪاڻ ته سيني رنن زالن يا يتيم ٻارن کي پينشن ڏيڻ ڏاڍو مشڪل ڪم آهي. اهو به سچ آهي، پر ڇا اسان کي نوڪرياڻين جي ضرورت نه ٿيندي آهي؟ ڇا اهڙو

پاڻيءَ کي روڪڻ لاءِ بند ٻڌل آهن جيڪڏهن ٻيڙو هتي اچي لڳي ته ٺڪر ٺڪر ٿي ويندو ۽ ڇوٽڪارو يا ناکئن جو بچڻ به محال آهي. حجامڙي جي هڪ ڪيف وانگر آهي، جو ڪٿي ته ڪيترا سؤ وال ويڪرو آهي، ۽ ڪٿي ته اهو گهٽجيو هڪ ننڍڙي وهڪري تي وڃيو بيهي. سندس سڄي پاسن کان زمين هيٺانهينءَ تي آهي وڪر ڳوٺ، جو ڪراچيءَ کان پوءِ مشهوريءَ ۾ ٻئي نمبر تي آهي، هڪ اجڙيل ۽ پٽتي پيل ڳوٺ آهي، جنهن جا گهر مٽيءَ ۽ ڪکن جا ٺهيل آهن. ان هوندي به منجهس ڏاڍو واپار آهي. شهر جي پر ۾ درياهه جي ويڪر به هڪ سؤ پنجاه وال هوندي، ۽ ڪناري وٽ به پاڻي چڱو اونهو آهي، انڪري منجهس وڏا وڏا ٻيڙا اچي سگهن ٿا ۽ واپارين جو مال لاٿو ۽ چاڙهيو وڃي ٿو.

ڪراچي ڏسڻ لاءِ مون کي تمام گهٽ وقت مليو. مون کي چڱو ڀلو ٿي حيدرآباد يا سکر واپس وڃڻ تائين اتي جي پوليٽيڪل جي ڊيوٽيءَ جي چارج وٺڻ جو حڪم مليل هو. پر ٽپ جي وري اچڻ مون کي خبردار ڪيو ته مون کي اجا به ڪنهن ڇڳيرڙي هند جي آبهوا ڏانهن وڃڻ گهرجي. چوڏهينءَ تاريخ تي آءٌ آڪلنڊ جهاز تي وڃي چڙهيس، جو بمبئيءَ وڃي رهيو هو. انهيءَ جهاز ۾ ڪراچيءَ جي يورپي ريجمينٽ جي سپاهين جون زالون چڙهيل هيون. سمنڊ ڏاڍو چڙهيل هو، ۽ آگبوٽ ايڏو ته پئي اٿليو پٿليو جو ان تي چڙهڻ يا ان تان لهي ٻيڙيءَ تي سوار ٿيڻ جوکي کان خالي نه هو. عورتن کي رسڪڻ جي رسي جا سندن چيلهه ۾ ٻڌي ٿي ويئي، هيٺ لاٿو ٿي ويو ۽ جيڪو ماڻهو هيٺ ٻيڙيءَ ۾ بيٺو هو، تنهن کين ٽنگن کان جهلي ڪٽي ٿي ٻيڙيءَ ۾ اڇلايو. جيئن ته وير چڙهيل هئي انڪري هي ڪم اهڙيءَ طرح ڪيو ٿي ويو، جو مسخريءَ ۾ ناکئن کان هر هر وڏا ٺهڪ ٿي نڪتا. هر هر ۽ ڪنهن ڪنهن وقت اهي خوبصورت جسم اهڙيءَ طرح

لاءِ درخواست ڪئي، تڏهن ڪيس جواب مليو تہ جيتوڻيڪ سندس خدمتون تعريف جوڳيون آهن، پر چاڪاڻ تہ هو اڃا جونيئر هو، انڪري ڪيس اضافو ڏيئي انهيءَ جاءِ تي مقرر ڪرڻ ناممڪن هو!

پوليٽيڪل آفيسر جو ڪم ڏاڍو اوکو آهي ۽ سندس جوابداريون ساڳئي گريڊ جي فوجي آفيسر جي پيٽ ۾ تمام گهٽيون آهن. فقط جنگ جي وقت جڏهن فوجون پاڻ ۾ دوبدو وڙهي رهيون هجن، ان وقت فوجي آفيسر ڪائڻ گوءِ کنيو وڃن. پوءِ جيڪڏهن اهڙن ماڻهن جي غفلت يا غلطيءَ جي ڪري ڪو نقصان يا بدنامي ٿي ٿئي تہ ان کي درگذر ڪرڻ گهرجي. چاڪاڻ تہ اهو ڊپلوميٽڪ ڪور ئي آهي، جنهن مان مالڪوم، ايلفنسٽن، مونرو، ڪلوز، پاٽنجر، آئوٽرام، ۽ لارينس جهڙا ماڻهو پيدا ٿيا، جن هندستان ۾ انگريزن جو مُنهن مٿي ڪري ڇڏيو.

لارڊ ايلنبرو جو تاريخ ٢٢- مئي، ١٨٤٢ع جي لکيل هڪ خط جو حصو جو هن الله آباد مان لکيو هو پڙهڻ وٽان آهي، چاڪاڻ تہ انهيءَ مان آئوٽرام، ڪرنل ڊبلر ۽ ٻين جو سندس هتان ڊسمس ٿيڻ جو پورو پورو پتو پوي ٿو. هُن حاڪم اعليٰ جو چوڻ آهي تہ ”برٽش آفيسر، پوءِ سندس ڪردار ڪهڙو بہ هجي، جڏهن ڪيس ڪنهن ڏيهي حاڪم جي دربار ۾ موڪليو ٿو وڃي تہ پوءِ هو پنهنجي ملڪي ماڻهن جي معاشري کان پري رهڻ ڪري هڪ برٽش آفيسر جي منصفانہ ۽ نوس خاصيتون وڃائي ويهي ۽ جن ماڻهن جي وچ ۾ هو رهي ٿو انهن جي عادتن جو مٿس ڏاڍو اثر ٿو ٿئي.“ عزت ماب لارڊ ايلنبرو جي انهيءَ رمارڪ ۾ عقل کان تمام گهٽ ڪم ورتل ٿو ڏسجي ۽ جيڪڏهن ڪو سائنس آزمودي تي دليلبازي ڪري تہ سندس اهي لفظ غير منطقي ۽ بيوقوفيءَ تي مبني ڏسڻ ۾ ايندا، خبر نہ آهي تہ ڪهڙي خيال کان هُن عزت ماب اهو نڪتو چيو آهي تہ ڏيهي دربارن ۾ رهڻ ڪري برٽش ايلچين

بدقسمتي تہ ڏسو جو مون کي اها خبر ئي ڪانہ پيئي تہ مون تي ڪهڙي مصيبت اچڻي آهي. تون مهينن تائين مون کي ڪل ئي ڪانہ پئي ڇا پئي وهيو ۽ واپريو. انهيءَ دؤر ۾ اعتدال اندر رهندي ۽ پگهار جيترو خرچ ڪندي، مون ڏٺو تہ مون پنهنجي بچت جا ٻہ هزار رپيا ڪپائي ڇڏيا هئا. پر اها ڪهڙي فضيلت آهي جو تہ آءٌ ڪجهہ وڌيڪ چوڻ ئي نٿو نٿو گهران، جو سندن معاملي تي نئين سر روشني وجهي يا سندن فائدي ۾ هڪ نئين قسم جو دليل ڏنو وڃي، ڇاڪاڻ تہ جنهن وقت بدقسمت ٽالپرن سان ٿيل عهدنامو ٽوڙيو ويو هو، ان وقت آءٌ آئي هوس ئي ڪونہ ۽ نہ وري مون ۾ ڪا ايڏي سگهہ آهي، جو سرڪاري بلوبڪ جي سڀني غلطين جي ويهي هڪ فهرست ناهيان. پر آءٌ فقط انهيءَ چوڻ تي ڪفايت ڪندس تہ اتر سنڌ ۾ ميرن سان اسان جي ٿيل ڏي وٺ ۽ هلت، مير عليمراد خان کان سواءِ ، ٻين سڀني ميرن کي اسان جي خلاف ڪري ڇڏيو هو. وري وري چوڻ جي ڪري ماڻهو مون تي پلي ڦٽڪار وجهن، پر آءٌ انهيءَ چوڻ کان نہ گسندس تہ جيتوڻيڪ عهدنامي ۾ ٿيل شرط موجب سنڌو درياهہ جي ٻنهي ڪپن تي ٺهيل قلعن تي مير رستمخان جو حق قبول ڪيو ويو هو، پر ان هوندي بہ اسان ٺڳيءَ ڪري بکر جي قلعي تي بہ قبضو ڪري ان کي پنهنجي تصرف ۾ آڻي ڇڏيو. آءٌ اهو بہ ڌرائيندس تہ اسان مڪر ڪري انهن کي اهو بہ ٻڌايو هو تہ ڏن وصول ڪرڻ جا حق اسان شجاع کان خريد ڪري ورتا هئا، ۽ پوءِ مٿن زور رکيو تہ ٢٨ لک (ٻہ لک اسي هزار پائونڊ) ڀري ڏين. اهو اسان جي منهن تي نٿي پيو، ڇاڪاڻ تہ دوست محمد خان انهيءَ وقت ڪابل جو بادشاهہ ئي ڪونہ هو. جيڪڏهن دوست محمد خان اسان جي چال ۾ اچي وڃي ها، تہ اسين ضرور کيس افغانستان جو بادشاهہ تسليم ڪريون ها، پر دوست محمد خان بہ تہ ڪڏهن بہ سنڌ کان ڏن ڪونہ اگاڙيو

هو. بلوبُڪ مان اهو به ظاهر آهي تہ مير مبارڪ خان ڏي ٢٨ لکن جو مڙهيل مطالبو، ٿن سالن تائين انهيءَ خيال سان ڏيگهہ ۾ رکيو ويو، تہ جيئن مقرر ڪيل وقت تي، انهيءَ لاءِ منس زور آندو وڃي، جيتوڻيڪ انهيءَ عرصي اندر خيالي قرضي مير مبارڪ خان ۽ خيالي لهڻيدار دوست محمد خان ٻيئي فوت ٿي چڪا هئا. اسان جو پوليٽيڪل ايجنٽ مير رستم خان سان روهڙيءَ جي ڪاردار ۽ وزير فتح محمد بابت ڪهڙيءَ طرح پيش آيو هو؟ اسان کي اهو به نہ وسارڻ گهرجي تہ بي ايمان ۽ چالاڪ منشين جي لوڏ، سنڌو نديءَ جي هڪ طرف محمد شريف جي تہ ٻئي طرف مير عليمراد خان جي پٺڀرائي ٿي ڪئي.

اچو تہ هاڻي انهن واهيات بيانن جي سچائيءَ جو جائزو وٺون جي بيلو بُڪ ۾ ڏنل آهن. جهڙوڪ صفحي ٢٨١ ۾ ڏنل آهي تہ فتح محمد خان ننڍي هوندي کان وٺي مير رستم خان جو ٻانهو هو، پر حقيقت ائين ڪانہ آهي چاڪاڻ تہ هو هڪ وڏي خاندان مان هو ۽ اڏ وهيءَ ۾ بهاولپور کان سنڌ ۾ آيو هو. ازانسواءِ جيڪي بہ منشي ميرن سان لکپڙهہ يا ٻئي وهنوار ۾ لڳايل هئا، سي گهڻو ڪري ميرن هٿان غداريءَ يا رشوت ۾ سزائون کائي چڪا هئا. وري ڪاغذن جو هيءُ حال هو جو هڪ خط مير نصيرخان حيدرآباد واري جو هڪ پرڏيهي دربار ڏانهن لکيل ٻڌايو ٿي ويو. جيتوڻيڪ اهو جُڙتو هئنات هو، پر اسان انهيءَ کي سورهن آنا سچ سمجهيو، خاص انهيءَ مطلب لاءِ تہ اهو ميرن جي خلاف استعمال ڪيو وڃي. اهڙيءَ طرح اسان اهڙا ڪئين ڪاغذ ڏيهي ايجنسين جي معرفت ميرن جي خلاف پيش ڪيا، جن کي ميرن پنهنجو ڪيوئي ڪونہ ٿي، پر ان هوندي بہ اسان انهن آفيسرن جي چوڻ تي، جن کي اها ٻولي ايندي ئي ڪانہ هئي، سچ سمجهيو ۽ انهيءَ کي بيلو بُڪ ۾ درج ڪري ڇڏيو.

پين ڳالهين کي ڇڏي جيڪڏهن رڳو بيبرگ ڏانهن لکيل

چا آهي راضي آهن؟ هندستان جي ڪنهن به شهر مان ڏهه سمجهو ماڻهو ڪيو ۽ انهن کان اهو سوال پڇو. انهيءَ دير سان ملندڙ انصاف لاءِ اڃا به موقعو آهي. مثال طور، مير صوبدار خان جو معاملو وٺو. سپيشي اختياريون وچي ڏسو، ڪنهن به هڪ اکر سندس خلاف نه لکيو آهي، جنهن ۾ ڏيکاريل هجي ته هي ماڻهو انگريزن جو دوست ڪو نه هو. سندس فائدي ۾ وڏا جلد ويهي لکجن، سو هاڻي بيڪار آهي. بتلو بڪ ۾ انهيءَ ماڻهوءَ لاءِ هيٺن لکيل آهي: ”جڏهن به مير نصيرخان هڪڙو رستو ٿي اختيار ڪيو، تڏهن مير صوبدار خان انهيءَ جي برعڪس ٿي هليو ۽ ڪڏهن به اهڙو ڪم نٿي ڪيائين، جنهن مان انگريز سرڪار کي نقصان پهچي. مير صوبدار هميشه انگريز جو طرفدار ٿي رهيو، پوءِ بيءَ سڄيءَ دربار جو پلي کهڙو به رايو هجي.“

صفحي ٣٢٦ تي لارڊ ايلنبرو جي خط موجب هيٺن ڏيکاريل آهي ته ”مير صوبدار خان پين ميرن سان مجبوراً شامل ٿيو هوندو ۽ هو موقعي ڏسي هڪدم انهن کي ڇڏي ويندو.“ خير اهو ماڻهو، جنهن جي سڄي حياتي انگريزن تي مهربانين ڪندي گذري، هاڻي مري ويو آهي، مئو به وري انگريزن جي قيد ۾ آهي. سندس ماءُ ۽ سندس وڏو پٽ، جو هڪ وڏي مرتبي جو جوان هو، اهو به مري ويو آهي ۽ سوبه دل ٽٽڻ سبب! سندس فقط هڪ پٽ وڃي رهيو آهي. ڇا اها رحم جي نظر نه ڇئبي جو ان سردار کي سندس ملڪ ۾ واپس موڪليو وڃي، ڇاڪاڻ ته اهو هڪڙوئي شهزادو وڃي رهيو آهي، جو ٽالپر گهراڻي جي پايي وجهندڙ فتح علي خان جي اولاد مان آهي. ڇو نه اهي علائقا کيس واپس ڪيا وڃن، جي سندس پيءُ جي هٿ ۾ هئا ۽ اٿين ڪندي اسين بروچ قبيلن جي وفاداري حاصل ڪري سگهنداسين، جي مير صوبدار خان کي پنهنجي قوم جو سردار ڪري مڃين ٿا؛ انهيءَ خاندان جي پيرمردن ۽ ڪمزور ماڻهن

کي صوبدار خان جي پٽ سان سندن ملڪ واپس موڪليو وڃي، ته جيئن اهي وڃي پنهنجا هڏڙا پنهنجي ملڪ جي مٽيءَ ۾ پورين. مير محمد خان مان پلا ڪهڙو خوف، هو هڪ چڱو ۽ آرام پسند ماڻهو آهي. کيس پنهنجي شڪار ۽ وندر کان سواءِ ٻيءَ ڪنهن ٻئي ڳالهه جو خيال ڪو نه هوندو آهي. انهن مسڪين قيدين تي مهرباني ڪري کين پنهنجي ملڪ واپس موڪليو وڃي، ته وڃي ڪمپنيءَ کي دعا ڪن، جنهن جي جوڙجڪ اسان لاءِ هندستان جي حڪومت مهيا ڪري ڏني آهي.

# باب تيرهون

کتاب جي خاتمي تي سنڌ پاران اپيل- ميرن تي ڪيل زيادتين
جو وڏي صحرا ۾ پڙاڏو- سنڌ سان اسان جي تعلقات جي
مختصر تاريخ- انهيءَ جعلسازيءَ جو هاڻي ظاهر ٿيڻ، جنهن
جي ڪري مير رستم خان کي تخت تان لاٿو ويو-
ميرن سان جنگ ڪرڻ ۾ بي انصافي-

مير رستم جون تڪليفون ڏسڻ ۽ سندس موت- سندس وزير
فتح محمد جو قيد ٿيڻ- فتح محمد جو وري اسان جي
دوست بهاولپور جي خان چڻ وچ ۾ پوڻ ڪري آزاد
ٿيڻ- فتح محمد جو ملتان وٽ سکن کي شڪست
ڏيڻ ۽ مولراج باغي جي خلاف پهرين سوڀ-

مير رستم خان جي وڏي پٽ محمد حسين کي ديس نيڪالي ۽
تڪليفون- مير شهداد کي پنج سال هڪ معمولي ڏوهاريءَ
وانگر قيد ڪرڻ- انهيءَ کان پوءِ مٿس تهمت مڙهيل ڏوهه
جو مقدمو هلائڻ ۽ سندس عزت سان بري ٿيڻ-
مير نصير خان، مير صوبدار خان ۽ سندس وڏي پٽ
مير فتح علي خان جي وفات- پين ميرن تي ٿيل
زيادتيون-سنڌ جي اپت جي تفصيل کي ڏسندي،

## سنڌ کي پنهنجي هٿ هيٺ رکڻ ۾

## انگريزن جو نامناسب قدم.

هيپ ورٿ ڊڪسن سچ چيو آهي ته ”والٽر اسڪاٽ کان پوءِ مڪاولي تاريخ جي مضمون ۾ ڏاڍو سٺو ليکڪ آهي.“ اهو ساڳيو رمارڪ هڪ ٻئي ممتاز تاريخدان لاءِ به ڏيئي سگهجي ٿو، جنهن جي ڪتاب ۾ تمام سهڻائيءَ سان انهن مکيه ڪردارن جو احوال ملي ٿو، جنهن بابت هُن ويهي لکيو آهي. جادوءَ جي ڏنڊي سان هُن سنڌ جي واريءَ ۽ اتي جي ٿهيل ڪچن ڪوٺن کي ڇُهيو آهي، پر هاڻي اتي هڪ نئين مخلوق اچي ويئي آهي. اهي مهربان پراڻا مير ۽ رئيس، جي سدائين اسان جو آڌرڀاءُ ڪندا هئا، مري کپي ويا آهن ۽ سندن جاءِ تي دوزخي ظالمن جي هڪ قوم اچي ويئي آهي، جي پنهنجي ٻارن کي شيطاني دشمنيءَ سبب قتل ڪيو ڇڏين ۽ پنهنجن ٻيوس زالن کي پٽل جي ٿهيل ڇهڪ سان سزا ٿا ڏين، ۽ پنهنجيءَ رعيت کي انهيءَ ڪُڙيءَ هيڻان لتاڙيندا رهن ٿا، جا ظلم جي هٿيارن سان سجايل آهي. اسين به هاڻي انهن ڀُوتن ۾ سمائجي ويا آهيون، جي چوڌاري ڀيا ڏسجن ۽ انهن نظارن کي ياد ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيا آهيون، جي اڳي گهڻو ڪري عام جام پسبا هئا. ڇا هيءُ اهو ساڳيو ملڪ نه آهي، جتان اسين اڪيلا ۽ ڪڏهن ٻن گهوڙيسوارن سان سفر ڪندا رهندا هئاسين! پر هاڻي ته ڳالهه ئي ٻي آهي. مياڻيءَ جو هيرو هاڻي انهيءَ جُوءِ مان لنگهڻ بيوقوفي ٿو سمجهي، جتان هو گهڻو ڪري پنجاهه سوارن جي حفاظتي جٿي سان گذرندو هو. ڇا هي آهي رئيس نه آهن، جن سان اسان دائمي دوستيءَ جو سنهن کنيو هو. ڇا هي آهي ڪونه آهن، جن کان اسان سختيءَ جي وقت، سدائين مدد پئي گهري آهي؟ پر هاڻي ڇو ويهي پنهنجو قيمتي وقت انهن بيسود ڳالهين ۾ لڳائجي، ڇاڪاڻ ته انهن

ملڪ ڦريو.“ هن ورجائي چيو. مون جواب ڏنو تہ ”ترڪن بہ تہ ساڳي ڪار ڪئي آهي، اهي بہ تہ هن برپٽ ۾ آيا آهن.“ ”تڏهن اوهان بہ ترڪن جهڙائي ظالم ٿيڻ ٿا چاهيو؟“ هن ڪاوڙ مان چيو ۽ پوءِ مون کي تاڪيد ڪيائين تہ هاڻي انهيءَ معاملي تي وڌيڪ نہ ڳالهايان، جيڪي بہ اتي حاضر هئا تن پٽڪ بہ نہ ڪڍي ۽ اها تڪليف ڏيندڙ ماٺ ڪجهہ وقت تائين جاري رهي.

اسان سنڌ کي فتح ڪري خلق ۾ پنهنجي لاءِ ڪهڙي نہ سهڻي راءِ قائم ڪئي آهي! انهيءَ ۾ هاڻي ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ انهيءَ بدقسمت ملڪ تي ٿيل ظلم ۽ زبردستين جي جڏهن ايتري ڏورانهين برپٽ ۾ بہ خبر آهي، تڏهن انگريزن جي هندستاني رعيت تي ڪوبہ اثر نہ ٿيو هوندو؟ هڪ اهڙي ماڻهوءَ جو مثال وٺو جنهن سچ مان ڪوڙ نہ ناهيو آهي ۽ جو هندستان جي ماڻهن کي سڃاڻي ٿو؛ ساڳي وقت هُن انهن ماڻهن سان پاڻرن وانگر رستو رکي ڳالهايو آهي؛ اهڙي ماڻهوءَ جو چوڻ آهي تہ انهن جون دليون وڏائيءَ ۽ غرور کان خالي آهن، ۽ ساڻن ٿيل زيادتين کي ڌڪار ۽ بوساٽيل ڪاوڙ جي آڱر سان پٿر جي ڦرهيءَ تي لکيو ويو آهي. بهاولپور جي خان، جنهن کي سنڌ جي فاتح ۽ گورنر جنرل سنڌ جي مال غنيمت مان ڪجهہ حصو بہ ڏياريو هو، تنهن انهيءَ ماڻهوءَ کي پئسا ڏيئي انگريزن کان آزاد ڪرايو، جنهن کي انگريزن تمام گهڻو ستايو هو. پر اهي آهن رڳو ڳالهيون، چاڪاڻ تہ جيڪڏهن انهيءَ معاملي کي چڱيءَ طرح ڏسڻو آهي، تہ پوءِ سنڌ جي تاريخ بابت بہ ڪجهہ چوڻو پوندو. سچ جو جيڪڏهن ذرو بہ ظاهر ڪجي يا حقيقتون ميدان ۾ آڻجن، تہ پوءِ اهي انهيءَ ڪوڙي داستان کي ختم ڪري ڇڏينديون، جيڪو وڏاءَ ڪري دنيا کي ٻڌايو ويو آهي.

عموماً هڪ ڪوڙو دليل اهو ڏنو ويندو آهي تہ ٽالپر

غاصب هئا، انگريز ڪانئن حڪومت کسڻ ۾ حق بجانب آهن، ڇاڪاڻ تہ انهن بہ ’جيڪو ڏاڍو سو گابو‘ واري اصول تي هلي زبردستيءَ حڪومت هٿ ڪئي هئي. انهيءَ دعويٰ کي رد ڪرڻ لاءِ اهو ڄاڻائڻ ضروري آهي تہ ٽالپرن سنڌ ڪيئن هٿ ڪئي هئي: ١٧٧٥ع ۾ سنڌ جي حاڪم سرفراز خان ڪلهوڙي ٽالپرن جي چڱي مڙس ۽ سنڌ جي مشهور رئيس بهرام خان کي سندس پٽ سميت مارائي ڇڏيو. انهيءَ ڪُڌي ڪم ڪري ظالم کي نيٺ تخت ڇڏڻو پيو، پر سندس جاءِنشين غلام نبي ڪلهوڙي انهيءَ واقعي جو ڪوبہ خيال نہ ڪندي، شهيد ٿيل بلوچ رئيس جي باقي رهيل پٽ کي بہ قتل ڪرائي ڇڏيو. نتيجو اهو نڪتو جو جنگ لڳي جنهن ۾ غلام نبي ڪلهوڙي هاريو ۽ مارجي ويو. فاتح بلوچ بجر خان جيڪڏهن چاهي ها تہ ان وقت سنڌ سندس هئي، پر فراخدليءَ کان ڪم وٺندي هُن، مارجي ويل ظالم جي ڀاءُ عبدالنبي ڪلهوڙي کي سنڌ جو حاڪم تسليم ڪيو، ۽ سندس اطاعت ڪئي. آزمودي مان ڪلهوڙن پرايوئي ڪونہ، انڪري عبدالنبيءَ بہ بيوقوفي ڪري پنهنجي محسن بجر خان کي قتل ڪرائي ڇڏيو. انهيءَ ڦهري ڪارنامي ڪري سڄي سنڌ، انهيءَ دغاباز ظالم جي خلاف اٿي کڙي ٿي ۽ کيس سندس حڪومت مان ڊوڙائي ٻاهر ڪڍيو ويو. انهيءَ کان پوءِ سنڌ جي حڪومت ٽالپرن کي ملي جن کي سنڌ جي سڀني ماڻهن پنهنجو حاڪم تسليم ڪيو. انهيءَ ڳالهہ جي تصديق اسان کي انهن ماڻهن جي بيانن مان ملي ٿي، جن سنڌ جو دؤرو ڪيو هو. ٽالپرن جي صاحبيءَ ۾ سنڌ ملڪ ۾ آسودگي ۽ خوشحالي وڌي ويئي هئي. ميجو رينيل جي تصديق آهي تہ ڪلهوڙن جي صاحبيءَ ۾ سندن حاڪمن جي ظلمن سبب ڪيترائي سنڌي گهراڻا لڏي، ٻين ملڪن ڏانهن هليا ويا هئا. هاڻي انهيءَ بيان کي ميرن جي صاحبيءَ هيٺ حالتن سان ڀيٽيو. مسٽر هيڊل بمبئي سرڪار کي جيڪا

رپورٽ لکي هئي، انهيءَ ۾ ٻڌائي ٿو تہ ”سنڌ جا واپاري چست ۽ چالاڪ آهن ۽ سنڌ پوري حفاظت ڪئي وڃي ٿي. ڏلون جيتوڻيڪ مٿن گهريون ٿڙهيل آهن، پر ايتريون نہ جو هڪ پرڏيهي واپاري پنهنجو ملڪ ڇڏي سنڌ حڪومت ۾ نہ رهي سگهي. جيڪڏهن سنڌوءَ جي فرات سان ڀيٽ ڪئي وڃي، تڏهن بہ ڏسڻ ۾ ايندو تہ سنڌ، فرات جي واديءَ کان وڌيڪ تهذيب يافتہ آهي. حڪومت سخت آهي، پر ان هوندي بہ انهيءَ ۾ سهڻو انتظام آهي ۽ عام ماڻهن جو خيال رکيو وڃي ٿو. ٽالپرن کي پنهنجي مفاد جو برابر وڌيڪ خيال آهي پر ايڏو نہ، جو واپار ۽ ڌوڪ تباهہ ٿي وڃي. سنڌي ماڻهو فهميدا ۽ فرمانبردار آهن ۽ قانون جو احترام ڪيو وڃي ٿو.“

مسٽر ايلفنسٽن جو چوڻ آهي تہ ”ٽالپرن کي شروعات کان وٺي افغانن جي حملن خلاف جدوجهد ڪرڻي پيئي، جن مان هڪڙي مدد خان سڄي ملڪ کي اهڙيءَ طرح اُجڙ ڪري ڇڏيو جو ٽيهن سالن گذرڻ کان پوءِ بہ اڃا نہ سڌريو آهي. انهيءَ هوندي بہ ميرن وڏيءَ ڪاميابيءَ سان دشمن کي ڌڪي ٻاهر ڪڍيو، ۽ ماڻهن ۾ پنهنجي لاءِ ويساهہ جو جذبو پيدا ڪيو. حيدرآباد جو شهر بہ سنڌن دؤر ۾ وڌيو ۽ ويجهيو، اهڙيءَ طرح جو ٿوري وقت ۾ اهو هڪ گهاٽيل ۽ شاهوڪار شهر بنجي پيو. اها هڪ ڪليل حقيقت آهي تہ جنهن وقت افغانستان ۾ قتل ۽ ظلم جي بازار گرم هئي ۽ هندستان ۾ اسان جي پنهنجن علائقن ۾ خونريزي ۽ فساد جاري هئا، ان وقت سنڌ ۾ صلح ۽ سانت هئي. ميرن تي ٻهتان مڙهيندڙ ماڻهن کي اها ڳالهہ نہ وسارڻ گهرجي تہ جيڪڏهن مير انصاف پسند ۽ هر دلعزيز نہ هجن ها، (جهڙيءَ طرح سمجهيو وڃي ٿو) تہ پو هو سٺ سال انهيءَ ملڪ تي ڪيئن حڪومت ڪري سگهن ها. عجب تہ وري انهيءَ ڳالهہ جو آهي تہ انهيءَ سڄي دؤر ۾ سنڌن خلاف ڪوبہ بلوو يا فساد وغيره نہ ٿيو، ۽ نہ وري

هو ڪي پاڻ ۾ ئي وڙهيا. ٻهتان مڙهيندڙن کي اهو به جواب ڏيڻ گهرجي، ته سنڌ جي ماڻهن پنهنجي حاڪمن کي ”چاريار“ جو لقب ڇو ڏنو هو؟“

هاڻي اچو ته اسين سنڌ سان پنهنجي ناتي جي تاريخ تي ڪجهه غور ڪريون، جنهن جي شروعات ١٨٠٧ ۾ ٿي. هي اهوئي سال هو جنهن ۾ اسان جو هڪ ايلچي ٻمبئيءَ مان اچي سنڌ جي حاڪمن مير غلام علي ۽ مير ڪرم عليءَ سان مليو هو. اجا انهن سان عهدنامو مس ٿيو هو، ته بي اعتباريءَ ۽ بي اصولي سبب، جا گهڻو ڪري هر وقت اسان جي ميرن سان تعلقات ۾ رهي آهي، اسان هڪ ٻي سفارت ڏانهن ١٨٠٩ع ۾ ڏياري موڪلي، ته اڳيئين ٿيل عهدنامي کي رد ڪيو وڃي. مسٽر هينڪي سمٿ، جنهن جي سرڪردگيءَ ۾ اها سفارت موڪلي ويئي هئي، تنهن کي هدايتون ڏنيون ويون ته اڳيون عهدنامو ختم ڪيو وڃي، ۽ ميرن کان انجام ورتو وڃي ته هو فرينچن کي سنڌ ۾ قدم ڄمائڻ نه ڏيندا. ساڳئي وقت انگريزن ۽ سنڌ جي حڪومت جي نظام بابت موزون مرتبا به مقرر ڪيا وڃن. اهو ڪهڙو نه عجيب ۽ بدسوڻ فقرو هو! جيڪڏهن هن معاملي کي ڪو اوپرو ماڻهو پڙهندو ته اهو ضروري آهي، ته هو ٿورڪ خاطر اسان تي چٿر ڪري، ڇاڪاڻ ته جنهن وقت اسان پنهنجو سفير سنڌ ۾ دوستيءَ ۽ سٺي وهنوار خاطر موڪلي رهيا هئاسين، عين انهيءَ وقت اسان جو ڪابل وارو سفير گورنر جنرل کي اها صلاح ڏيئي رهيو هو ته سنڌ ملڪ کي هٿ ڪيو وڃي، ۽ ان جي آيت جو ڪجهه حصو سندس ازلي دشمن کي ڏيئي، ان کي برطانيه حڪومت جي علائقن سان ملايو وڃي. پانئجي توڙ اسان جي لائق ڪارڪن شايد انهيءَ خيال کان ته مير اسان جي دشمنن (فرينچن) سان ملت ۾ آهن، يا سائن ڪو معاهدو ڪرڻ ۾ آهن، اها صلاح ڏياري موڪلي هئي.

لارڊ منٽو وڏي شان ۽ خيرخواهيءَ جي جذبي سان، جا

هڪ انگريز حاڪم کي سونهي، اها تجويز رد ڪري ڇڏي.
هن نہ فقط کين خودمختار حاڪم ڪري مڃيو، پر ان سان گڏ
انهيءَ دعويٰ کي باطل قرار ڏنو، جا اسان ميرن خلاف رٿي هئي
تہ افغان بادشاهہ کي ڏيندڙ ڏن هو انگريز کي ڀري ڏين. انهيءَ
سفير ڪجهہ وقت کان پوءِ پنهنجي غلطي محسوس ڪئي ۽
مڃيائين تہ هن جنهن غير سياسي ۽ بيواجب قدم لاءِ صلاح ڏني
هئي اهو غلط خبرن جو نتيجو هو. پر ان هوندي بہ مير اسان
جي باري ۾ جيڪو شڪ پنهنجي دل ۾ رکيو ويٺا هئا، اهو
شڪ اسين ١٨١٦ع ۾ ڪڇ تي حملي ڪرڻ سان بہ دور
نہ ڪري سگهياسين، جيتوڻيڪ اسان انهيءَ تي سن ١٨١٩ع ۾
قبضو ڪري ورتو هو. اهو علائقو سنڌ سان لاڳو هو ۽ ڪنهن
وقت غلام شاهہ ڪلهوڙي جي حڪومت جو حصو هو. ڪڇ
جي فتح کان پوءِ اسان ١٨٢٠ع ۾ ميرن سان نئين سر عهدنامو
ڪيو. جنهن موجب اسان انهن سان سدائين لاءِ صلح ۾ رهڻ
جو انجام ڪيو يعني تہ اوستائين، جيسين اسان کي پنهنجي
دوستن جي ملڪ قبائڻ ۽ کين بند ڪري جيل موڪلڻ جو
موقعو مليو. ١٨٢٨ع ۾ ميرن هڪ اهڙي آفيسر کي پاڻ وٽ
دعوت ڏيئي گهرايو، جنهن جي کين سخت ضرورت هئي يعني
تہ هڪ طبيب. خوشقسمتيءَ سان انهيءَ آفيسر جي دل ۾ ميرن
لاءِ ڪو بہ بغض وغيره ڪونہ هو. پنهنجي سٺي طبيعت ۽ چڱن
ڪمن جي ڪري هو ميرن ۾ اسان جي ماڻهن لاءِ چڱو رايو
پيدا ڪري سگهيو، نہ تہ اهي اسان کي ڏاڍو خراب سمجهندا
هئا، انهيءَ طبيب جي تصديق انهن سڀني بهتانن کي رد ڪيو
ڇڏي جي اسان ميرن خلاف مڙهي کين تخت تان لاٿو آهي.
”سنڌ جي فتح“ پڙهڻ سان اسان کي معلوم ٿو ٿئي، تہ مير
هروقت ڪنهن نہ ڪنهن نشي ۾ ٻڏل هوندا هئا پر هن طبيب
جو بيان جو وٽن مهينن جا مهينا رهيو هو، پڙهڻ سان ماڻهو
اچرج ۾ پئجيو وڃي. سندس چوڻ آهي تہ ”ميرن ۾ آهو

عيش عشرت بلڪل گهٽ آهي جو ٻين مسلمان بادشاهن ۽ شهزادن ۾ ڏٺو وڃي ٿو. مير مراد علي خان هڪ دفعي مون کان ڏاڙهونءَ جي استعمال بابت پڇيو جو مون غلطيءَ سان دارون (يعني شراب) سمجهيو. مون کي ان ڪري انهن سڀني شين جي خاصيتن بابت ٻڌائڻو پيو جيڪي وقتي قوت يا جوش پيدا ڪندڙ آهن ۽ جڏهن دارون (شراب) بابت ڪجهه چوڻ وارو هوس، تڏهن هن وچ ۾ روڪي مون کي هدايت ڪئي ته هڪ سچي مسلمان اڳيان مذهبي طور منع ٿيل انگورن جي رس جو نالو نه وٺان. مون کي بوءِ خبر پيئي ته ميرصاحب جو مطلب ڏاڙهون ڪائڻ جو هو. اهو جيتوڻيڪ هڪ وڏي ميڙ ۾ ڏيکاءَ جو طريقو ٿي سگهي ٿو پر مير ڪنهن نشي ڏيندڙ شراب يا ٻوٽيءَ کي استعمال ڪرڻ کان هميشه پرهيز ڪندا هئا. جيڪڏهن ڪو به ماڻهو نشي جي حالت ۾ سندن اڳيان ايندو هو ته ان جي بيعزتي ڪري ڪيس ٻاهر ڪڍائي ڇڏيندا هئا. بهادر خان کوکر جو مثال وٺو، جو مير مراد علي خان جي نوڪريءَ ۾ هڪ وڏ-گهراڻو بروچ سردار هو. پر ان هوندي به هڪ دفعي شراب پي آيو هو، ان ڪري ڪيس نوڪريءَ تان گهڻي وقت لاءِ معطل ڪيو ويو. مير، عرق جي صورت ۾ يا اسپرٽ ملايل دوائن جي پيئڻ کان به پرهيز ڪندا هئا. سندن دربار ۾ اوهان کي حقو به ڏسڻ ۾ ڪو نه ايندو، ۽ نه وري سندن خاندان جي ماڻهن ۾ ڪا آفيم وٺڻ جي عادت آهي." ميرن جي وزير يعني ته رازدار صلاحڪار بابت به ساڳيو ليکڪ هيئن ٿو چوي ته "هونئن به نواب ولي محمد خان لغاري بابت سندس فهميدي ڳالهائڻ ۽ پنهنجن ٻارن سان پيار ڪرڻ جو مون تي سٺو خيال ويٺل هو، پر هڪ ڏينهن جيئن آءٌ (بيماريءَ سبب) بيهوش پيو هوس، تيئن هن منهنجي بستري جو پاسو نه ڇڏيو. هوش ۾ اچڻ وقت جيڪا پهرين شيءِ مون کي نظر آئي، اهو هو عزت ماب پيرمرد، جو گوڏن ڀر ويهي مون لاءِ دعا گهري رهيو هو. اهڙو هڏ ڏوکي

ماڻهو سيڪنهن پاڪ صفت ۽ تعليم يافته قوم لاءِ بهترين مثال ٿي سگهي ٿو.“ ڊاڪٽر برنس جو وڏيڪ چوڻ آهي ته ”مذهب جي معاملي ۾ به مير ۽ سندن خاندان جا ماڻهو ڏاڍا پابند هئا، جاڪاڻ ته مون پاڻ انهن مان ڪيترن کي دربار ۾ نماز پڙهندي ڏٺو هو.“

ڊاڪٽر برنس جي حيدرآباد ۾ اچڻ کان پوءِ اسان جي سنڌ سان لاڳاپي ۾ ڪا نئين ڦير گهير ڪانه آئي، تان جو ١٨٣١ع ۾ سر اليگزينڊر برنس (جو ان وقت هو) سنڌ ۾ وارد ٿيو. ڪيس انهيءَ مهم ۾ پنجاب جي راجا رنجيت سنگهه لاءِ سوکڙيون وغيره ڪٺي وڃڻ جي ڪم سونپيو ويو هو، پر حقيقت ۾ ڪيس مخفي هدايتون هيون ته هو سنڌو نديءَ جي وهڪري بابت جاسوسي ڪري. ميرن ڏارين ماڻهن کي پنهنجي ملڪ کان پري رکڻ ۾ سدائين هوشياريءَ ۽ احتياط کان ڪم ورتو آهي. جڏهن اسان جي سفير هڪ سنڌي سپاهيءَ کي ٻڌايو ته ته هو بنان هٿيارن جي آيو آهي، ان هوندي به خبر اٿو ته هن کهڙو جواب ڏنو؟ هن چالاڪ نهايت ڦڙتيءَ سان رڙ ڪري چيو: ”بچڙائي ٿي چڪي. جاڪاڻ ته تو اسان جو ملڪ ڏسي ڇڏيو.“ اليگزينڊر برنس جيئن ئي درياهه ۾ ٺيرو وڌيو، تيئن هڪ سنڌيءَ پنهنجي دوست ڏانهن منهن ڪري چيو ته ”افسوس سنڌ ويئي. جيئن ته انگريزن درياهه ڏسي ڇڏيو آهي، انڪري اهي سنڌ کي فتح ڪري ويندا.“ ميرن کي سچي خبر هئي ته اسان سندن ملڪ ۾ چو گهڙيا هئاسين، پر ان هوندي به هو اسان جي سفير سان چڱيءَ طرح مليا، ۽ جيڪي به ڪانئن گهريو ٿي ويو، انهيءَ جي هنن ترت منظوري ڏيئي ٿي ڇڏي. خيرپور جو مير رستم خان اسان کي خوش رکڻ ۾ ته حد لنگهي ويو. هن پنهنجو خاص عملدار محمد گوهر اسان جي سفير جي آجيان اسي ميل هيٺتي ڏياري موڪليو، ۽ برطانيه سان پوري نيازمندي ڏيکاري. مير رستم خان جيڪي ماڻهو ڏياري موڪليا

جهازراني ڪري سگهجي ٿي. ميرن جي وري هيءَ عادت هئي جو جيڪي به يورپي وٽن ويندا هئا، انهن کي هيرا ۽ جواهر تحفي طور پيش ڪندا هئا، نتيجو اهو نڪتو جو انگريزن کي پڪ ٿي ته هو شاهوڪار آهن. انهيءَ ڪري هنن ميرن سان گهري ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي. ساڳئي وقت جيئن ته سندن گاديءَ جو هنڌ هڪ سولي هنڌ تي نهيل هو، انڪري هنن سائن گهاٽي دوستي رکڻ ضروري سمجهي ته جيئن هو پنهنجي حفاظت ڪندڙن جو خرچ به پري ڏين. ١٨٣٢ع ۽ ١٨٣٤ع جي عهدنامن جي عمل ۾ اچڻ ڪري اسان سنڌونديءَ ۾ جهازراني شروع ڪري ڏني. ميرن کي اها ڳالهه ذهن نشين ڪرائي ويئي ته هاڻي هڪ نئين دور جو آغاز ٿيڻ وارو آهي، جنهن ۾ واپار جو پکي پنهنجي سونهري کنڀڙاٽين سان ڪين اڻميو ڌن مهيا ڪري ڏيندو. سڄي ملڪ ۾ شاهوڪاري ۽ ان سان گڏ تهذيب پکڙجي ويندي، ۽ مير آرام سان انگريزن جي جهنڊي جي ڇانو ۾ موجون ڪندا رهندا. اهي هئا مستقبل جا سونهري خواب، جن جي تعبير لاءِ ميرن کي درياهه مان حاصل ٿيندڙ آمدنيءَ تان به هٿ کڻڻو پيو. شڪ ۽ شبهي کي دور ڪرڻ لاءِ ٻنهي ڌرين پاڻ ۾ عهدنامو ڪيو ته پيڙهيون گذري وڃن، پر ڪابه ڌر ٻيءَ ڌر جي ملڪ يا ملڪيت تي خراب نظر نه وجهندي" هيءُ فقرو جيتوڻيڪ زباني طور ٻنهي ڌرين سان لاڳو هو پر ميرن تي خاص طور مڙهيو ويو هو. ڇاڪاڻ ته ميرن جي فوج فقط ڪن ٿورن هزارن بيقاعدي سپاهين تي مشتمل هئي، انڪري سندن هندستان تي حملو ڪري ان کي فتح ڪرڻ ممڪن ئي ڪونه هو. باقي رهي اسان حڪومت تنهن وٽ پنج لک باقاعدي فوج هئي، انڪري ڪين سنڌ فتح ڪرڻ جي رات ڏينهن جهوري لڳي پيئي هئي.

پر انهيءَ ڳالهه کي هاڻي ڪٿي ڇڏيو ۽ اچو انهيءَ ٽياڪڙ عهدنامي تي جو ڪابل جي اڳئين مسلمان بادشاهه،

لاهور جي سک حاکم ۽ انگريز سرڪار جي وچ ۾ ٿيو هوءِ انگريزن کي هندستان تي روس جي حملي جو ڏيو ڊپ هو، انڪري هنن ان کي ٽارڻ لاءِ افغانستان ۾ روس جي خلاف رڪاوٽ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. انهيءَ اسڪيم کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ اهو ضروري هو ته سنڌ مان لنگهڻ ۽ انهيءَ ملڪ مان فوجن جي چرپر جو انتظام ڪجي. افغانستان ۾ پنهنجيءَ مرضيءَ تي بادشاهه ٿاڦڻ لاءِ به اسان کي پئسن جي ضرورت هئي. اسان پنهنجن دوستن ميرن تي ڪنهن به ڪم لاءِ زور آڻي سگهياسين ٿي، ۽ جڏهن ته اسان کي وٺائڻ سيڪجهه کسڻ جي طاقت هئي ان ڪري جيڪڏهن اسان ڪانئن فقط ڪجهه حصو ڦري ورتو ته پوءِ کهڙي اربع خطا تي پئي! اسان انهن کان هنن ڳالهين جا مطالبا ڪيا: اسان جي فوج جو بنان ڪنهن اٽڪاءَ جي سنڌ مان لنگهڻ، ايڏي وڏيءَ فوج کي رسد جو سامان مهيا ڪري ڏيڻ، هڪ وڏيءَ روڪڙي رقم ڏيڻ، سالياڻو ڏن، فوجي نقطهءِ نگاهه کان اهم جاين جو انگريزن جي حوالي ڪرڻ، سنڌن دربار ۾ دائمي طور پوليٽيڪل آفيسر جو هجڻ، انگريزن جي بادشاهي تسليم ڪرڻ جنهن موجب هنن پنهنجي خودمختياريءَ جا ڪي حق به اسان جي فائدي ۾ ڇڏي ڏنا، وغيره وغيره. انهن سڀني ڳالهين جي بدلي ۾ اسان ميرن کي ڏنو ڇا! سندن حفاظت ڪرڻ ۽ انهيءَ ڏن کان ڪين آجو ڪرڻ، جو هنن کي شاهه شجاع کي ڏيڻو هو. حالانڪ ١٨٠٩ع ڌاري اها هڪ تسليم ٿيل ڳالهه ٿي ويئي هئي ته افغانن جو سنڌ کان ڏن وٺڻ غير معروج ٿي چڪو هو ۽ اهو به صحيح آهي ته شاهه شجاع فوجون وٺي انهيءَ آڌار تي ميرن کان پئسن جي ڦر ڪئي هئي، ته هو اصل کان وٺي سنڌس ڏن ڏيندڙ آهن. انهيءَ وقت ميرن کان پئسن حاصل ڪرڻ جي معاملي ۾ هو اسان جي رحم ۽ ڪرم تي هو، ڇاڪاڻ ته ميرن ساڳئي وقت بادشاه جي صحيح ۽ مهر سان، قرآن تي لکيل

۾ دستاويز پڻ پيش ڪيا، جن ۾ ڪانئن اڳتي لاءِ ڏن نہ وٺڻ جو انجام ڪيل هو. اسان جي ايجنٽ جڏهن اهي ڪاغذ ڏنا، تڏهن منجهي پيو ۽ ڪارپٽ کي بچائڻ خاطر هن اهي پيئي دستاويز دٻائي ڇڏيا. اها هئي اسان جي ديانتداري!

برطانيا جي ڪردار جي سچائيءَ ۽ ديانتداريءَ جو پول مير رستم خان سان ڪيل هلت مان ئي پڌرو ٿي پيو. گورنرجنرل بکر جي قلعي کي هٿ ڪرڻ لاءِ آتو هو، ڇاڪاڻ تہ ان کي فوج جي ڊيپوءَ لاءِ استعمال ڪرڻ جي سخت ضرورت هئي. انهيءَ ڏس ۾ سر ڊبليو مئڪناگهٽن، سر اليگزينڊر برنس کي هيئن لکيو هو: ”تو کي خبر آهي تہ گورنر جنرل بکر جي قلعي کي وڏي اهميت ٿو ڏئي ۽ اوهان مير رستم خان کان پڇي پڌايو تہ اهو قلعو انگريزن کي ڏيڻ ۾ سندس ڪهڙي راءِ آهي ۽ ڪڏهن ٿو اسان کي اجازت ڏئي تہ اچي ان کي والاريون. آءٌ هي دستاويز تو کي ڏياري ٿو موڪليان، جنهن تي گورنر جنرل جي صحيح ۽ مُهر آهي تہ اسان کي فقط ٿوري وقت لاءِ انهيءَ قلعي کي والارڻو آهي. جيڪڏهن ضرورت پوي تہ اهو ڪيس ڏيکاريندا.“ سر اليگزينڊر برنس وري جواب ۾ اها صلاح موڪلي تہ جيئن ئي اهو قلعو اسان کي قرض طور ملي، تہ فوراً ان تي قبضو ڪري ڇڏيون، ڇاڪاڻ تہ عهدنامن ۾ فقط انهن علائقن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. جي درياهہ جي ٻنهي ڪَپن تي آهن ۽ جيئن تہ پيٽن وغيره لاءِ لکيل ڪي ڪينهي، ان ڪري اسين انهيءَ کي قبائڻ ۾ حق بجانب رهنداسين. قبول ڪرڻو پوندو تہ اهو هڪ بچڙو ارادو هو، جو هڪ ڪرستان سياستدان جي دماغ ۾ نہ اچڻ کپندو هو. ڏسو تہ سهي تہ هو مير رستم خان جي مهمانوازيءَ کي، جنهن جي باري ۾ هن گهڻو ڪي پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو آهي، ۽ پڻ انهن تحفن کي جي هُن کيس ڏنا هئا، ڪيئن نہ وساري ويٺو! هن ڪتاب ۾ گهڻ جاءِ هئڻ ڪري انهن اڻوٽندڙ يادداشتن تي بحث نٿو ڪري سگهجي، يعني تہ اهي ظاهر ظهور

جي نه ٻڌڻ. ٨- سنڌونديءَ تي واپار جي وڌائڻ ۾ ميررستم‌خان انگريزن کي مدد ڪندو. ٩- عيوضين يا ايلچين جي مٽا سٽا. ١٠- پنجيتاليهن ڏينهن اندر عهدنامي جي قبوليت ڏيڻ.

مان حيدرآباد جي عهدنامي تي وچڻ يا اُنهن زيادتين تي بحث ڪرڻ، جي ميرن تي ڪيون ويون هيون، بابت هتي لکڻ ضروري نٿو سمجهان. جيڪڏهن ڪو به ماڻهو اسان جي خلاف بي‌انصافيءَ جي فتوا ڏئي ته پوءِ اهو ضروري آهي ته هو اها فتوا اسان جي خيرپور سان ڪنيل قدم تي ئي ڏيندو! سڄيءَ ڪاروائيءَ تي غور ڪرڻ سان معلوم ٿي ويندو ته اسان جو حيدرآباد وارن ميرن سان ڪهڙو رويو رهيو آهي، پر انهيءَ کي ڇڏي، رڳو خيرپور جي عهدنامي ڏانهن ڏسنداسين، ته اهو اسان کي تنقيد سان گڏ بلوبڪ جي صفحي ١٠٨ تي ڏسڻ ۾ ايندو. انهن رماڪن مان جيڪڏهن مير، فقرو ٨ ڏسي وٺن ها ته پوءِ ڪين سڄيءَ ڳالهه جي خبر پئجي وڃي ها، اسين ساڻن ڇا ڪرڻ وارا هئاسين: ”منهنجو چوڻ آهي ته اسان جي ايجنٽ محصول معاف ڪرائڻ ۾ خوفناڪ قدم کنيو آهي، ڇاڪاڻ ته جيسين اسين پنهنجو اثر سنڌ ۾ قائم ڪريون، تيسين محصول ڏيڻ ۾ اهو فائدو رهندو، ته مير اسان جي ملڪيت جي حفاظت لاءِ ٻڌل رهندا. محصول معاف هئڻ جي ڪري هو اسان جي ملڪيت جي حفاظت لاءِ جوبدار نه رهندا“. هاڻي اهو رمارڪ اسان جي سنڌ ڏانهن اختيار ڪيل پاليسيءَ کي پڌرو ڪيو وجهي. اسان ڪان جيڪو به بيواجبي قدم کڄي سگهيو، سو اسان کنيو ۽ جتي به اسان کي بنان خوف جي ڪنهن شيءَ تي قبضي ڪرڻ جو موقعو ٿي مليو، انهيءَ تي اسان قبضو به ٿي ڪيو. ڌان جو سڄي سنڌ فتح ڪئي ويئي. اهڙن ڪمن کي اسين دوستيءَ جو ناتو ڪري سڏيندا آهيون. هڪ طرف اسان قسم کنيو ۽ چيو ته ميرن جي ملڪ مان ذرو به نه کڻنداسين؛ ۽ ٻئي طرف وري اسان جو ايجنٽ گورنر جنرل کي صلاح ڏيئي

٢٤٣ تي چيل آهي ته مير رستم خان جي انگريزن ساڻ عهدنامي ڪرڻ وقت فتح محمد سخت مخالفت ڪئي هئي، پر مير رستم خان ڪيس درگذر ڪري ڇڏيو، ڇاڪاڻ ته فتح محمد ننڍي هوندي کان وٺي سندس غلام رهيو. اهي به بيان مسٽر بيل جي ڏنل اهڙين بين غلط حقيقتن جا مثال آهن. جيڪڏهن اوهان ڪي سچي حقيقت معلوم ڪرڻي آهي، ته پوءِ مسٽر بروئيل جي سفرنامي جي صفحي ٤٣ ڪي ورائي ڏسو، جنهن ۾ انهيءَ ساڳئي فتح محمد بابت مفصل بيان ڏنل آهي.

انهيءَ ۾ صاف طور ٻڌايل آهي ته فتح محمد ڀهريون ٿي شخص هو جنهن مير رستم خان جي پاران انگريزن سان لهه وچڙ ۾ اچي، ساڻن عهدنامو ڪيو هو. هاڻي وري اچو ٻئي بيان تي، جنهن کي رد ڪرڻ لاءِ ميجر ايڊورڊس جو ڏنل بيان ڪافي ٿيندو. هو چوي ٿو ته "فتح محمد غلام ڪو نه هو پر ٻهاولپور جو وزير هو، ۽ ننڍي هوندي نه پر وڏيءَ عمر ۾ سنڌ ۾ آيو هو." مون کي پوري اميد آهي ته اهڙن ذليل ڪوڙن تي ڪو به انگريز اعتبار نه ڪندو، ڇاڪاڻ ته اهي سڀ ڪم انهن منشين جا هئا جي مير عليمراد خان وٽ پگهاردار نوڪرن جي حيثيت ۾ رهندا هئا ۽ انهن جوئي مسٽر بيل کي اهڙن بيانن لکائڻ ۾ هٿ هو.

نيٺ اهڙو وقت به آيو، جڏهن خيرپور جي ستايل ميرن کي آرام جي وٺي ملي. ٣١- جولاءِ ١٨٤١ع ۾ مسٽر راس بيل مري ويو، ۽ سندس جاءِ تي سنڌ ۾ انگريزي سياست جي نظرداري هڪ چڱي ۽ ڪارگر ماڻهوءَ ميجر آئوٽرام جي حوالي ڪئي ويئي. جيڪڏهن ڪيس پنهنجي عهدي تي قائم رکيو وڃي ها، ته پوءِ سنڌ جا ميدان ڪڏهن به رت سان نه رڱجن ها، ۽ اهي به واقعا جنهن ۾ سنڌ جي هزارن ماڻهن جو ميانيءَ ۽ دٻي وٽ ڪوس ٿيو هو، سي ڪڏهن به عمل ۾ نه اچن ها. ١٨٢١ع جي تباهه ڪندڙ سال جي پڇاڙيءَ ۽ ١٨٢٢ع جي اڳياڙيءَ ۾

جاني دشمن مير عليمراد خان جي هٿان مليا هئا. هاڻي ته سچو معاملو اهڙو ظاهر ٿي بيٺو آهي، جهڙوڪ منجهند جو سج نروار ٿي بيهندو آهي! عليمراد خان انهن خطن ۾ اهڙيءَ طرح جعلسازي ڪئي هئي، جهڙيءَ طرح سليمان شاهه ميجر آئوٽرام جي ڪوڙي صحيح ۽ مُهر ٺاهي ورتي هئي. هن آفيسر جو چوڻ هو ته "مون کي پاڻ ميرن وٽ شڪايت ڪرڻي آهي، ڇو ته منهنجي صحيح ۽ مُهر جي پڻ جعلسازي ڪئي ويئي آهي. جنهن موجب ڏيکاريو ويو آهي ته اهي خط منهنجا لکيل آهن، ۽ انهن کي پيش ڪرڻ سان کين زمين ڏني ويندي." هاڻي ڪير اهڙين بيهودين خبرن تي اعتبار ڪندو، ته شير سنگهه ڏانهن لکيل خط فتح محمد جو هو، ۽ مير رستم خان ۾ وري ڪنهن جوبه شڪ نه آهي، ڇاڪاڻ ته هو اسان جي ٻڌائڻ کان سواءِ ڪڏهن به اهو خط نه موڪلي ها. روهڙيءَ کان وٺي بهاولپور تائين سچو علائقو مير رستم خان ۽ مير نصير خان جي قبضي ۾ هو ۽ اهو اعتبار ۾ ئي نٿو اچي ته عليمراد خان، جنهن کي ڪابه اختياري نه هئي، انهن خطن کي وچ ۾ ڪيئن هٿ ڪري ورتو. اهو هڪ عجيب اتفاق آهي، ته جنهن وقت حيدرآباد جي مير نصير خان جو بيبرگ کي لکيل خط پڪڙيو ويو، ٺيڪ ساڳئي وقت حيدرآباد جي اسسٽنٽ رپورٽ ڪئي ته قلات جي نصير خان به ساڳئي معاملي بابت انهيءَ رئيس کي خط لکيو هو. (بيلو بُڪ صفحو ٢٣١-٢٣٢). ساڳئي آفيسر رپورٽ ڪئي ته ڪئپٽن پريڊيءَ کي ٻڌايو ويو آهي، ته جيتوڻيڪ اهي خط ميرن ڏانهن منسوب ڪيا ويا آهن، پر مٿن ڪابه مهر وغيره نه آهي. انهن هلڪين رڪاوٽن ۽ متضاد ڳالهين مان وريو ڪي ڪين، ڇاڪاڻ ته گورنرجنرل انهن خطن جي آڌار تي هڪ نئون ۽ وڏيڪ سخت قدم کڻڻ وارو هو. هاڻي اچو ته انهن خطن جي سچائيءَ تي ڪي حقيقتون پيش ڪريون:

(١) اهي خط برطانيا سرڪار کي انهن ماڻهن وٽان مليا،

هن دل کولي رشوتون ڏنيون، ۽ پوءِ خوشامد ۽ چالبازين سان، خود سندن متان به چڱو اثر وڌو. مير عليمراد خان جي سڀ کان وڏي منشا هئي سندس مخالف فتح محمد وزير جي ڪردار ڪرڻ. انهيءَ ۾ ڪامياب ٿي وڃڻ کان پوءِ هن جعلسازي ڪري شير سنگهه ۽ ببرڪ جي نالي جڙتو خط ٺاهي ورتا، ۽ اهي اسان جي ايجنٽ جي حوالي ڪيا. جيئن ته انهن مان ڪابه چالبازي ناڪامياب نه ويئي، انڪري هن انهيءَ کان پوءِ تمام ڳرا قدم کڻڻ شروع ڪيا. عليمردخان ننڍي هوندي کان وڏي هٿڦاڙ هو، انڪري هن پنهنجي وڏي ڀاءُ وٽ ڪي ڳوٺ جهڙوڪ محمودآباد ۽ ڀرلو وغيره گروي ڪيا يا وڪيا هئا. اهي ڳوٺ واپس وٺڻ لاءِ هن گهڻي وقت کان ڪوشش پئي ڪئي، ۽ اهوئي سبب آهي جو انهن جي قبضي لاءِ هن جو پنهنجي ڀاءُ مبارڪ ۽ ڀائيٽي نصيرخان سان جهڳڙو هلندو آيو. مير رستم خان ۽ برطانيه جي وچ ۾ ٿيل عهدنامي جي فقري ٧-موجب، ڪيس رسيل اهنج لاءِ مير رستم خان کي دانهن ڪرڻي هئي، جيڪو انهيءَ فقري موجب اتر سنڌ جو مالڪ ۽ مختار مڃيو ٿي ويو. پر ان هوندي به ڪئپٽن برائون، جو ان وقت سکر جي چارج ۾ هو، فوجون ڪٽيون ڪري خيرپور ڏي وڌيو ته جيئن مير رستم خان تي زور آڻي اهي ڳوٺ عليمراد خان جي حوالي ڪيا وڃن. خيرپور ۾ جيڪي فوجون ان وقت هيون، اهي عليمراد خان جي فوجن کان تعداد ۾ تمام گهٽ هيون. ان هوندي به انهن نهايت بهادريءَ سان سندن پيشقدميءَ کي روڪيو. نونهار وٽ جنگ لڳي جنهن ۾ ٻنهي ڌرين کي نقصان پهتو، پر فتح حملي آور عليمراد خان کي ٿي ٿي. خيال ڪرڻ گهرجي ته ڪئپٽن براؤن، وچ ۾ پئي عليمرادخان کان سندس آقا جي خلاف اهڙي سخت قدم کڻڻ بابت ڪا پڇا ڪري ها، پر ائين ڪونه ٿيو. فاتح عليمراد خان زبردستيءَ هڪ عهدنامو لکائي ورتو، جنهن ۾ اهي ڳوٺ، سڄا سارا ڪيس



حيدرآباد جو مير صوبدار خان

۽ سندس پٽ

مير فتح علي خان ٿالي — محمد علي خان

تہ ميرن کي جنگ لاءِ پڙڪائڻ لاءِ مير رستم خان جي بيعزتي ڪرڻ يا ڪيس جيل ۾ وجھڻ ڪافي هو، ڇاڪاڻ تہ هو خاندان جو پوڙهي ۾ پوڙهو شخص هو، ۽ سندس ڏاڍي عزت ڪئي ويندي هئي. نيپئر کي اها بہ پڪ هئي تہ ميرن جيڪڏهن بچاءَ ۾ جنگ ڪئي تہ بہ نقصان ميرن کي ئي رسندو، جنهن ۾ هو يا تہ مارجي ويندا يا قيد ٿي ويندا. انڪري انگريز جرنيل عليمراد خان کي نگڻ لاءِ همت افزائيءَ جا خط لکيا، جنهن ۾ هن مير رستم خان کي پڳ کان محروم ڪرڻ جو پورو ۽ پڪو ارادو ڪيو. هو پاڻ بہ اهي سڀ ڳالهيون مڃي ٿو (”سنڌ جي فتح ۽ تنقيد“ ص ١١٤). هو جيئن تہ انهيءَ ملڪ جي قاعدي قانون ۽ رسمن وغيره کان واقف ڪونہ هو، ۽ نہ وري کيس ميرن جي شخصي ڪردار جي خبر هئي، انڪري هن ڪن فرضي الزامن تي ۽ هڪ ڪوڙي دغاباز جي ڳالهين تي لڳي انهيءَ پير مرد جي بيعزتي ڪئي، ۽ پوءِ ڪاٿمس سڄو ملڪ کسي ورتو. عليمراد خان نگيءَ ۽ ڏوڪيبازيءَ جي ڪري مشهور هو، جنهن نہ فقط پنهنجي گھر سان دغا ڪئي، پر اسان کي بہ ڏوکو ڏنو. اهو سڄو ناٽڪ اهڙيءَ تہ آهستگيءَ ۽ عذاب سان کيڏيو ويو، جو ان جي پڇاڙيءَ وارو نظارو ميرن جي تباهيءَ ۽ سندن قيد ٿيڻ ۾ وڃي ختم ٿيو. بيبرگ ۽ شير سنگھہ ڏانهن لکيل خطن کي ڪئپٽن براڊون جي سند تي صحيح تصور ڪيو ويو، جنهن کي انهيءَ ۾ لکيل عبارت جو هڪ اکر بہ نٿي آيو. پر ان هوندي بہ گورنر جنرل تي زور آندو ويو تہ انهيءَ ڏوهہ جي پاداش ۾ مير رستم خان ۽ مير نصير خان جو ملڪ ڦٻايو وڃي. گورنر جنرل جي اجازت ملڻ کان پوءِ ميرن سان وري نئين سر عهدنامو ڪيو ويو، جنهن موجب روهڙيءَ کان وٺي سبزل ڪوٽ تائين سڄو ملڪ ضبط ڪيو ويو.

اسان هاڻي انهيءَ معاملي ۾ وڌيڪ وچڻ نٿا گهرون، جو هڪ فرضي ۽ لهٽيدار جي وچ ۾ هو ۽ نه وري پوءِ زوريءَ قبضي ڪرڻ خاطر جيڪي غلطيون اسان کان ٿيون، انهن تي بحث ڪرڻو آهي، ڇاڪاڻ ته انهن کي ميجر آئوٽرام پنهنجي تنقيد ۽ پڻ ڪئپٽن ايسٽوڪ به پنهنجي تقرير (صفحي ٢٧) ۾ کولي کولي پڌايو آهي. اسين انهيءَ قبضي بابت انگريز جرنيل جي ڪنيل قدم تي به ڳالهائڻ مناسب نٿا سمجهون، جنهن ۾ بهاولپور کان وٺي روهڙيءَ تائين سڄو علائقو ڦٻايو ويو هو، پر جيئن ڪرنل آئوٽرام لکيو آهي (ص ١٤٩) ته ڪيس اها خبر هئي ته گورنر جنرل جو اصل مقصد فقط اهي ضلعا هٿ ڪرڻا هئا، جي سبزل ۽ ڀنگو پاڙا جي وچ ۾ هئا. انهيءَ قدم ۾ لاشڪ ڏاڍ مڙسيءَ سان ڪاليل ظلم ڪيا ويا، پر هڪڙي ڳالهه ظاهر ٿي پيئي، ته گورنر جنرل ۽ سر چارلس نيپئر بلڪل هڪ طرفو قدم کنيو هو، ۽ اهڙيءَ طرح سنڌ جي معاملي ۾ هرهڪ ڏس ۾ به ساڳيوئي اصول استعمال ڪيو ٿي ويو. انهيءَ ڪم ۾ هنن ميرن خلاف سندن دشمنن کان الزام هٿايا ۽ پڻ اهڙن ماڻهن کان شاهديون ورتيون ويون، جن ميرن کي تباهه ڪرڻ جو قسم کڻي ڇڏيو هو. ڏٺو ويندو ته جيڪي به قدم کنيا ٿي ويا اهي فرضي ڳالهين تي کنيا ٿي ويا، ۽ انهن لاءِ ميرن کان پڇيو به نه ٿي ويو، ته کين ڇا چوڻو آهي؟ ميجر ڪليبارن، ليفٽيننٽ مائيلن ۽ ڪئپٽن برائون جي ڪوڙين ۽ بي بنياد شڪايتن کي جي هنن خيرپور جي مير نصير خان ۽ پڻ حيدرآباد واري مير نصير خان جي خلاف ڪيون هيون، تن جو ذڪر ڪرڻ به مناسب آهي. ميجر ڪليبارن نفشڪ ۾ شڪست کائڻ کان پوءِ خبرن جو هڪ کاتو کڻي کوليو جنهن ۾ هرڪنهن قسم جون ڪوڙيون ۽ واهيات خبرون ۽ پڻ واهيات افواه به قبول ڪيا ٿي ويا. مري تڪرين ۾ ڪيس رسيل نقصان سندس مغز ڦيرائي وڌو هو، انڪري هو آپي کان

ٻاهر نڪري چڪو هو. هو انهن بهادر ٻروچن جي خلاف ٿي پيو هو، ۽ هرهڪ معمولي جهڳڙي تي سندس دٻپ وڌي ويندو هو، ته متان انگريزن خلاف عام سازش وجود ۾ نه اچي وڃي. پر انهن واهيات افواهن کي مچڻ ۾ هو اڪيلو ڪين هو. انهي ڪم ۾ گورنر جنرل ۽ سندس سنڌ جو عيوضي به ساڻن گڏ هئا. سنڌ واري عيوضيءَ ته ان وقت سکر ۾ شينهن وارو يا ائين چئجي ته گڏهه وارو وات ڪري پئيو، جنهن ۾ اها هرهڪ بدنام ڪندڙ شڪايت جهٽي ٿي ويئي، جا ميرن جي خلاف ڪئي ٿي ويئي. اسان وارو جرنيل پنهنجي انهيءَ ارادي کي پوري ڪرڻ لاءِ ظاهر ظهور بهانا گولڻ لڳو، ته جيئن ميرن کي زيربار ڪيو وڃي. اهڙي ڪم لاءِ ڪمينن ۽ ڪريل ماڻهن جي گهٽتائي به ڪانه هئي، جي پنهنجي حاڪمن جي خلاف دانهون نه ڪن، ۽ عجب نه آهي ته اهڙين هترادو نڳين لاءِ، مير عليمراد خان جا ايجنٽ نه ملي سگهن. ايڏي ڇاڪاڻ ڪان پوءِ ميرن جي خلاف ڇا مليو؟ انهيءَ لاءِ هڪ بيريا ماڻهوءَ کي ڇڏيو ته وڃي انهن تهمتن تي به غور ڪري، جي ميرن خلاف مڙهيون ويون هيون، ۽ اهي شاهديون به ڏسي، جن جي آڌار تي ميرن کي ڏوهي ٺهرايو ويو هو. ڏسڻ ۾ ايندو ته اسان بيڪار ۽ ٻاراڻيون ڳالهيون ناهي، انهن جي آڌار تي خودمختار شهزادن تي تهمتون مڙهيون، ۽ اهي شهزادا هئا به ڪير؟ اسان جا دوست ۽ مددگار. ڏنل فهرست ۾ ٢٤ تهمتون هيون، جي ڏکڻ سنڌ جي مير خلاف مڙهيون ويون هيون. انهن ۾ پهرين هيءَ تهمت هئي ته مير نصير خان پنهنجي ملڪ جي بچاءَ خاطر مير شير محمد خان جي خلاف فوجون جمع ڪيون هيون. (جنهن کي سر ڊبليو-نيپئر ميرپور جو شينهن ڪري لکيو آهي). هيءُ قدم عهدنامي جي فقري ٤ جي خلاف تصور ڪيو ٿي ويو، جنهن ۾ هيٺين ڇاڻايل آهي:

"فقرو ٤- برطانيا سرڪار پنهنجي سر تي حيدرآباد جي ميرن جي ملڪ تي سيني ڌارين حملن جي خلاف، بچاءَ جو ذمو کڻي ٿي."

هتي عهدنامي جي فقري ٤- جي خلاف ورزي تصور ڪئي ٿي وڃي ۽ مير شيرمحمد خان کي ڌاريو بادشاهه سمجهيو ويو، جيتوڻيڪ اهو حقيقت ۾ مير نصيرخان جو مائٽ، زيردست ۽ مرتبي ۾ به گهٽ هو. پر انهيءَ خسيس اٽڪل کي ڪري ڇڏيو. فقري ٤- ۾ چاٽايل آهي ته فقط ٻاهرئين حملي کان ميرن جي حفاظت ڪئي ويندي، پر انهيءَ جو اهو مطلب ته نه آهي ته ميرن کي پنهنجي ملڪ بچائڻ جو به اختيار ڪونه آهي! ڪنهن به حڪومت کي اهو اختيار نه آهي، ته ڪنهن به ماڻهوءَ کان يا ڪنهن به حڪومت کان پنهنجي بچاءَ جو حق کسي وٺي. هتي ته ڳالهه ٿي اور آهي، يعني ته اها حڪومت اسان جي دوست حڪومت هئي. ساڳئي وقت جيڪڏهن انگريز سرڪار کي ميرن جي ملڪ جي بچاءَ جو خيال هجي ها، ته پوءِ هوءَ ڪڏهن به پنهنجا ماڻهو گڏ نه ڪري ها ۽ عقل به ائين ٿو چوي ته هوءَ ڪڏهن به ائين نه ڪري ها. اسان جي حڪومت سندس ملڪ جو بچاءُ نٿي ڪيو، انڪري اسان، ۽ نه هُنَ، عهدنامي جي خلاف ورزي ڪئي آهي. ٻي تهمت به اهڙي ٿي واهيات آهي جهڙي پهرين. ٻارنهن ٻيون تهمتون وري محصول اڳاڙڻ متعلق هيون، جن کي عهدنامي جي ١١- نمبر فقري جي خلاف ورزي تصور ڪيو ويو. هيءُ فقروئي اهڙو هو جنهن جو ميرن جي مٿان مڙهڻ جو اسان کي ڪو به حق ڪونه هو. چاڪاڻ ته وحشي فوج رکڻ کان سواءِ اسان ٻيو ميرن لاءِ ڪي ڪين ڪيو هو، جنهن موجب ڪانئن محصول وٺڻ جو حق کسي وٺون، جو ١٨٣٤ع واري تجارتي عهدنامي موجب ڪين مليل هو. پر انهيءَ کان پوءِ ٻئي فقري ميرن کي انهن سيني شين تي محصول وٺڻ جو اختيار ڏنو هو، جي سنڌ ۾ آيون ۽ ويون ٿي. ڇا، ڪنهن

ٻيو اعلان جاري ڪيو. ساڳئي وقت اڌ چريي ميجر ڪليبارن ونئي هلايو تہ هزارين هٿياربند بهادر ٻروچ رات جو سکر تي حملو ڪرڻ وارا آهن. حقيقت وري هيئن آهي جو اسان جي سنڌ ۾ داخل ٿيڻ کان وٺي اڄ ڏينهن تائين اتر سنڌ ۾ هڪ فئر بہ نہ ڪيو ويو آهي! ٨- تاريخ چارلس نيپئر هڪ نئين نموني جو خط مير شيرمحمد خان جي باري ۾ گورنر جنرل کي لکيو، جنهن سان اسان جو جون ١٨٤١ع ۾ هڪ عهدنامو بہ ٿيو هو. (بلوبڪ ص ٢٩٦). پر ڏنو ويندو تہ سر چارلس نيپئر کي انهيءَ عهدنامي جي ڪابہ خبر ڪانہ هئي، انڪري هن گورنر جنرل کي يقين ڏيارڻ تي گهريو، تہ جيئن ميرپور واري رئيس سان ڪوبہ عهدنامو نہ ٿيل آهي، انڪري ڪيس بہ ڪنهن معاهدي ۾ جڪڙيو وڃي. انهيءَ مير جي ڪردار جي بہ کيس ڪا خبر ڪانہ هئي. چاڪاڻ تہ ليفٽيننٽ براڻون ئي پهريون ماڻهو هو، جنهن کيس پڪ ڏياري تہ ”جيتوڻيڪ سنڌس خلاف ڪا ززندار تهمت ثابت نہ ٿي آهي، ان هوندي بہ هو اسان جو جاني دشمن آهي.“ ١٤- ڊسمبر تي جرنيل کي تابعداريءَ جا خط پهتا ۽ ڏوراپو بہ ڪيو ويو. اهو ڏوراپو جرنيل جي تڙتڪڙ ۾ درياهہ پار ڪري سنڌن ملڪ کي قبائڻ جي ڪوشش متعلق ڪيو ويو هو. انهيءَ ساڳئي وقت خيرپور جي پر ۾ انگريزن جي آيل ٽپال روڪي سڀ خط گم ڪيا ويا. سر چارلس نيپئر هڪدم انهيءَ جو ڏوهہ مير رستم خان مٿان مڙهيو ۽ کيس ڌمڪين سان ڀريل خط لکي مڪائين. هاڻي پڙهندڙن کي نيڪ روشن ٿي ويو هوندو تہ انگريز جرنيل جو مقصد ڇا هو؟ جيڪڏهن هو ٿورو بہ سوچ ويچار کان ڪم وٺي ها، تہ سچي ڳالهہ جي خبر پئجي وڃي ها. پر هن بنان ڪنهن هٻڪ جي هڪ بيعزتي ڪندڙ خط مير رستم خان کي لکي موڪليو، جيتوڻيڪ انهيءَ ڦُر يا اهڙن ٻين ڪرتوتن لاءِ مير عليمراد خان ئي جوابدار ٿي سگهيو ٿي. جيئن تہ رپورٽ ۾ اها ڳالهہ سچي لکيل آهي انڪري اها

سچي ٿي پيئي ۽ افسوس تہ وري اهو آهي، جو هن ڪوڙي رپورٽ کي سچ تصور ڪيو ويو. ٽربيونل اڳيان ڏنل بيانن مان ثابت ٿي چڪو هو، تہ مير رستم خان بلڪل بيگناهہ هو. پر علي مراد خان کي پڪ هئي تہ جيڪڏهن انگريزن جي ٽپال سندن ڪئمپ جي ويجهو ڦُرائي گم ڪرائي ڇڏيندو، ۽ اهو ڏوهہ پنهنجي بدقسمت ڀاءُ تي مڙهيندو تڏهن بہ سندس دوست انگريز انهيءَ کي سچ ئي سمجهندا. سچ پڇو تہ ماڻهو اهي ڳالهيون ٻڌي نہ فقط ڪَڪ ٿيو پوي، پر شرم ۽ پشيمانيءَ ۾ ٻڏيو وڃي، تہ ڪيئن اهي ماڻهو جي پاڻ کي انگريز سڏائين ٿا، سي اهڙن بدنام ڪوڙن تي اعتبار ڪندا هئا! پر سيني جو سرتاج وري هيٺئر ٿو اچيو. ٢٠- ڊسمبر تي نيپئر گورنرجنرل کي لکيو تہ مير رستم خان پاڻ کي منهنجي رحم ۽ ڪرم تي ڇڏڻ وارو آهي، ۽ پنهنجي اڻ سهوءَ ڀاءُ جي زيادتين کان تنگ ٿي منهنجي ڪئمپ ۾ پناهہ وٺڻ وارو آهي. ”پر مون کي اها ڳالهہ نہ وڻي“ جنرل وڌيڪ لکيو، ”ڇاڪاڻ تہ پوءِ منهنجي لاءِ ڏاڍو ڏکيو ڪم ٿي پوي ها. مون کي پوءِ هڪ ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي ويئي، تہ ڪيس علي مراد خان ڏانهن موڪلجي، تہ جيئن هو ڪيس دستبردار ٿيڻ جي تلقين ڪري، ڇاڪاڻ تہ مير رستم خان پاڻ بہ هاڻي ٽالپرن جي پڳدار ٿي رهڻ کان بيزار ٿي چڪو هو. انڪري مون رستم خان ۽ علي مراد خان کي خط لکيا، ۽ هڪ ٻجهي رات جو مون کي علي مراد خان وٽان خبر پيئي تہ سندس ڀاءُ وٽس پهچي چڪو آهي. هاڻي علي مراد خان صحيح معنيٰ ۾ ٽالپرن جو رئيس بنجي ويو آهي، ۽ مير رستم خان سندس هٿن ۾ اچي سندس چوڻ تي سڀڪجهہ ڪري رهيو آهي.“ انهيءَ خط جي پڇاڙي هن اکرن ۾ ٿيل آهي:

”آءٌ نٿو ڄاڻان تہ جناب اعليٰ جو مير علي مراد خان جي پٽ جي باري ۾ ڪهڙو خيال آهي؟ پر انهي متعلق سائنس هيٺئر ئي انجام ڪرڻ مناسب نہ ٿيندو، ڇاڪاڻ تہ پڳ جو

جو گورنر جنرل کي صلاح ڏنائين تہ پڳ مير علي مراد خان جي پٽ کي ملي ۽ محمد حسين خان کي جو انهيءَ جو حقدار هو. سندس چوڻ هو تہ محمد حسين خان انگريزن جو مخالف هو، ۽ هن فوجون بہ جمع ڪيون هيون. انهيءَ ڪوڙي تهمت کي غلط ثابت ڪرڻ لاءِ اهو چوڻ ڪافي آهي، تہ انگريزن جي فوج ڪڏهن بہ هن بدقسمت شهزادي جو منهن ئي ڪونہ ڏٺو هو! نہ فقط ايترو پر هن ڪڏهن بہ پنهنجي پيءُ سان گڏجي، جنگ بہ ڪانہ ڪئي هئي. ساڳئي وقت هن انگريزي حڪومت جي ڪنهن بہ گهٽ ۾ گهٽ درجي جي ملازم خلاف نہ ڪڏهن هٿ کنيو آهي، ۽ وري ڪڏهن ڪجهہ چيو بہ آهي!

مير رستم خان، جنهن کي انگريز جنرل سندس ڀاءُ علي مراد خان جي قبضي ۾ آڻي ڇڏيو هو، تنهن جو ڪهڙو حال ٿيو؟ ٿورو اڳتي وڌو تہ ٻڌايانو جڏهن تہ قبر بہ اهڙا راز نٿي لڪائي، تہ پوءِ هڪ ڪميني ماڻهوءَ جا دوست ڪيئن ٿا اهي سانڍي سگهن!

٤- فيبروري ١٨٥٠ع تي اخبارن ۾ خبر آئي تہ مير مراد علي خان جي شرارتن ڪري سرڪار جي بدگماني وڌي ويئي آهي. سندس اڳئين وزير شيخ علي حسين (اهو ساڳيو علي حسين آهي جنهن جي باري ۾ سال اڳ هڪ لکيل چٺا، جي پوليٽيڪل ايجنٽ کي هٿ ۾ ڏنو هو)، سندس رازدار پير علي گوهر ۽ ايجنسي جي منشيءَ جوکي رام طرفان علي مراد خان جي خلاف مڙهيل تهمتن جي جانچ پڙتال لاءِ هڪ ڪميشن مقرر ڪئي ويئي. انهن شخصن مان شخص هاٿي جيل جون هوائون پيو کائي! ڪميشن نيٺ ويٺي، ۽ جيڪا رپورٽ انهن پيش ڪئي، اها جيڪڏهن سچي آهي تہ پوءِ علي مراد خان سان جيڪو رويو اختيار ڪيو ويو هو. کين سندن ڪيل ڏوهن بابت ڪي کين ٻڌايو ويو، تان جر سڄو معاملو پورو ٿي چڪو ۽ کين پنهنجي طرفان صفائيءَ ۾ شاهدن پيش ڪرڻ جي بہ اجازت ڏني ويئي هئي. سچ پڇو تہ نہ مقدمو هليو، ۽ نہ وري ڪو بچاءُ ورتو

ملڪ آهي. پر علي مراد خان جي رئيس ٿيڻ کان پوءِ اهو قلعو به سندس ملڪيت ٿي ويو". (بلو بڪ نمبر ٤٤٨). هاڻي ڪانئس سوال ڪجي ته جڏهن مير رستم خان پڳدار رئيس هو، تڏهن به ته اهو مير محمد خان جي ملڪيت ۾ شمار ڪيو ٿي ويو. پر جيڪڏهن اهو قلعو رئيس جي ملڪ هو، تڏهن پوءِ مير رستم خان کان دستاويز لکائڻ وقت چو نٿي هيءُ قلعو به لکائي ورتو، جڏهن ته شاهه ڳڙهه ۽ ٻين قلعن جو انهيءَ ۾ ذڪر ٿيل آهي.

٣- چوي ٿو ته "اتر سنڌ جا سڀئي قلعا پڳدار جي ملڪ آهن. (سپليمينٽري بلو بڪ ١٤٣). انهيءَ باري ۾ جيڪڏهن مير سهراب خان جي وصيت ڏٺي ويندي ته پوءِ هيءَ ڳالهه حقيقتن جي بلڪل اُبتڙ ثابت ٿيندي.

٤- وري چوي ٿو ته "اهو قلعو اصل مير علي مراد جو هو پر ٽي سال اڳ پنهنجي هڪ عزيز کي ڏنو هئائين."

٥- هو چوي ٿو ته "هزهائينس مير علي مراد سنڌ جو باقاعدي رئيس هو ۽ انهيءَ قلعي جو مالڪ مير محمد خان سندس خلاف هڪ باغي هو." (سنڌ جي فتح - هڪ تنقيد ص ٢٥٠).

ساڳئي خط ۾ جنرل هڪ دوست رئيس جي قلعي تي حملي ڪرڻ جو هيءُ بهانو ڏنو آهي، ته مير علي مراد جي وزير مير رستم خان جي پياري دوست فتح محمد غوري کي قيد ڪيو آهي. علي حسين، (جنهن کي هن غلطي سان شيخ علي نصير سڏيو آهي) سندس خيال موجب هڪ وڏو ننڍو مڙس هو. هي اهو ماڻهو هو جنهن جي هٿن ۾ جنرل، راڻديڪي مثل پٺي نينگ ٽپا ڏنا ۽ ائين ڪندي هن انگريز قوم جي مفاد کي بلڪل قربان ڪري ڇڏيو. اهو سڀڪجهه هن انهيءَ لاءِ ٿي ڪيو ته جيئن سنڌ مالڪ مير علي مراد جو بخت بيدار ٿئي ۽ هو وڌندو رهي. جيتوڻيڪ اسان وارو جنرل هڪ راڻديڪي مثل هو، پر ساڳئي وقت اکين کان سڄو به ته ڪو نه هو، جو ڏسي نه سگهي. گورنر جنرل ڏانهن لکيل هڪ ٻئي خط ۾ هن مير رستم خان

٣- جنهن وقت ميجر آئوٽرام حيدرآباد جي ميرن سان ڳالهه ٻولهه ڪري رهيو هو، ان وقت انگريز جنرل پنهنجي لشڪر سان شهر تي حملو ڪيو. اهي ڳالهيون حقيقت ۾ هڪ قسم جي مسخري هئي، پر اهو سڀڪجهه انهيءَ لاءِ ڪيو ويو ته جيئن ٻاهريون ماڻهو ائين سمجهي ته ميرن ڪي اختيار ته پنهنجي ملڪ جو ڪجهه حصو (شاهوڪار حصو) انگريزن کي ڏيئي باقي ملڪ پاڻ وٽ رکي سگهيا ٿي.

ميجر آئوٽرام جيڪڏهن انهن پناهگرن کان اڳ حيدرآباد ۾ پهچي وڃي ها، ته پوءِ هو ڏکڻ سنڌ جي ميرن کي ٻڌائي ها ته مير رستم خان جو سندن تختگاه ۾ اچڻ سندن تباهي آهي. اهوئي سبب هو جو ميجر آئوٽرام جنرل کي اجازت طلب ڪئي ته جيئن هو اتي وڃي، ۽ هن عرض ڪيو ته کيس اها موڪل جلد ڏني ته جيئن وڃي هو وقت تي وڃي اتي پهچي. پر مير علي مراد کو اويسلو ڪونه هو جو اها اجازت پهچڻ ڏي، انڪري هن انهيءَ اجازت نامي کي وچ ۾ ئي روڪي ورتو. اهڙيءَ طرح پنهنجي خواهشن جي پوئواري ۾ هن هيءَ آخري رڪاوٽ هٽائي ڇڏي، انگريزي فوج جي حيدرآباد ڏانهن واڌ جي هوندي به ميرن عهدنامو صحيح ڪيو، پر هاڻي دير ٿي چڪي هئي. مير رستم خان وٽن پهچي ويو هو، ۽ ساڻس ٿيل ظلمن جي سيني کي خبر پئجي ويئي هئي. اهي ظلم اهڙا ته هئا جو جيڪر ڊارئين ماڻهو جو رت به جوش ۾ اچي وڃي. بهادر بروچ پاڻ جهلي نه سگهيا ۽ هنن وڃي جنگ ۾ جلهه ڪئي، ۽ مارجي ويا. سنڌ سندن رت سان رڱجي ويئي آهي، ۽ سندن هڏا مياڻي ۽ دبي جي ميدانن تي پکڙيا پيا آهن. سندن گهر هاڻي اجڙ ٿي ويا آهن، پر سچو خدا ضرور هڪ ڏينهن انهن ظلمن جو داد ڪندو مياڻيءَ جي فاتح جا پنهنجا ئي هي اکر جي هن پنهنجن ڪرتوتن جي خلاف ڏنا آهن ۽ جيڪي لکت ۾ موجود آهن، اوهان کي پڙهي ٿا ٻڌايون. وڏيڪ لکڻ جو

کو ضرور ڪونهي:

”انگريز هندستان ۾ اگرائي ڪندڙ هئا ۽ جيتوڻيڪ اسان جو فرمانروا ڪو غلط ڪم نٿو ڪري پر ان هوندي به سندس وزير اهو ڪن ٿا. ڪنهن به ليکڪ يا ماڻهوءَ کي نيپولين تي ڏوهه ٿڙهڻ کان اڳ انگريز وزيرن جي گناهن ڏانهن ڏسڻ گهرجي، جن هندستان ۽ آسٽريليا فتح ڪيو هو، ۽ جن ماڻهن اتي ظلم جي بازار گرم ڪري رکي هئي، تن جي هنن حفاظت ڪئي. اسان جي وزيرن جا ڏوهه نيپولين کان به وڌيڪ ۽ خراب هئا. چاڪاڻ ته نيپولين اسپين جي بادشاهه جي خرابين جي ڪري لالچ ۾ اچي ويو هو، نه ته سندس مقصد ڪميڻپائي يا ظلم تي ٻڌل ڪونه هو پر انگريز حڪومت جو خاص مطلب هو پنهنجي واپارين کي شاهوڪار بنائڻ.“ ' شاپو ڪرسي، جو خوب نالو ڏنو آهي ماڻهن انهيءَ کي اهڙو گندو ۽ ذليل ظلم ڪڏهن به ڪنهن حڪومت طاقت هٿ ڪرڻ لاءِ نه ڪيو هوندو. اسان جو هندستان (سنڌ) فتح ڪرڻ جو خاص مقصد هو پئسو ۽ پئسي جي لالچ، جو چون ٿا ته گذريل سٺ سالن ۾ هڪ ارب (هڪ سؤ ڪروڙ) پائونڊ هندستان مان چڪي ڪڍيا ويا آهن! اهوئي سبب آهي جو اسان اتي بي انداز ظلم ۽ زيادتيون روا رکيون ۽ ماڻهن کي ستايو. انهن ڏوڪڙن جو هرهڪ شلنگ رت جي تلاءَ مان چونڊي ڪڍيو ويو آهي ۽ رت اُگهي قاتل جي کيسي ۾ وڌو ويو آهي. اوهان انهيءَ کي ڪيترو به اُگهو يا ڌوئي صاف ڪريو پر رت جو ٽڪر ڪڏهن به انهيءَ تان ڪونه لهندو. اهو رت جو ٽڪو مٿس لڳو ايندو ۽ اسان کي انهيءَ جو بدلو ضرور ملڻو آهي.“ منهنجو ايمان آهي ته آءٌ ظالم نيپولين کي ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ظالمن کان وڌيڪ چڱو ٿو سمجهان: هڪ ماڻهو جو فقط طاقت جو متوالو هوندو آهي، انهيءَ جو اصول هوندو آهي ته فتح ڪيل ملڪن ۾ چڱو ٻير ڪٽجي ته جيئن نيڪ نالو قائم ٿئي. پر اهي ماڻهو جي عالمگير غبن جا

گهورا هوندا آهي، انهن جي نيت فقط شاهوڪار ٿيڻ جي هوندي آهي، پوءِ ڀل ته انهيءَ آزادي پوري ڪرڻ ۾ لکين ۽ ڪروڙين ماڻهن جون خوشيون تباه ٿي وڃن! هڪڙي ڪي ته اسين خطاڪار يا مليل فرشتو چئي سگهون ٿا، پر ٻئي ڪي ”دوزخ ۾ چاول شيطان“ کان گهٽ نٿا سڏي سگهون. اهي اکر چا انهيءَ سان لاڳو نٿا ٿي سگهن، جو رت جو درياه جهاڳي حيدرآباد جي خزاني تائين پهتو هو. چا ”دوزخ جا پيدا ٿيل شيطان“ جو اصطلاح، جو نيپئر ميرن استعمال ڪيو آهي، انهن ماڻهن سان لاڳو ٿي سگهي ٿو، جي هميشه صلح جا خواهان هئا ۽ جن جو چوڻ هو ته جنگ جو سنڌ ۾ ڪو جواز ئي ڪونهي، پر هن بنان ڪنهن سبب جي، بي انصافيءَ ۽ بي مروتيءَ سان سندن خلاف جنگ جو اعلان ڪيو. افسوس غريب انسانيت، افسوس!

سنڌ جي انهن بدقسمت شهزادن جي مختصر احوال ڏيڻ کان پوءِ اهو ضروري آهي ته اوهان کي سندن خاندان جي زوال ۽ سندن تختگاهه جي تباهيءَ کان پوءِ، انهن تي جيڪي وهيو ۽ واپريو تنهن تي ڪجهه تبصرو ڪري ٻڌايان.

مير رستم خان، جو اسي سالن کان به مٿي عمر جو پيرمرد هو، ۽ جو ڪمزوريءَ سبب ڪٻو ٿي ويو هو، تنهن کي پنهنجن سيني گناهن جي سزا ملي، يعني ته هن پنهنجي حياتيءَ جا آخري ڏينهن انهن ئي ماڻهن جي قيد ۾ گذاريا، جن جي هن خدمت ڪئي هئي! قيد جي حالت ۾ جيڪي به انگريز آفيسر ڪيس مليا انهن سندس ساراهه ڪئي ته هن نهايت مستقل مزاجيءَ سان سيڪجهه سٺو ۽ پنهنجيءَ قسمت تي راضي هو. ڊاڪٽر برٽ، جو پوني ۾ ميرن جي چارج ۾ سول سرجن هو، تنهن هن بابت هي احوال ڏنو آهي:

”اڳيرن مير رستم خان، سندس ننڍو پٽ علي بخش ۽ سندس ڀائٽيو مير نصير خان، مارچ ١٨٤٤ع کان وٺي منهنجي

ويٺي ته هن اسان واري ڪڇيءَ جي گورنر محمد شريف کي، قيد مان ڇڏائي وٺڻ ۾ مدد ڪئي هئي. هي ڏوهه مير رستم خان خلاف مڙهيل ڏوهن ۾ شامل هو ۽ اهوئي سبب آهي جو اسان سنڌس ملڪ کي تباهه ڪري، مٿس قبضي ڪرڻ ۾ پاڻ کي حق بجانب سمجهيو. ڪهڙي نه ڪيل جي ڳالهه آهي، جو هڪ طرف ته اسين فتح محمد کي مير رستم خان جو وزير ئي تسليم نٿا ڪريون ۽ ٻئي طرف وري مير رستم خان کي انهيءَ ساڳئي ماڻهو جي ڪردار لاءِ جوابدار پيا سمجهون. فتح محمد پنهنجي حاڪم سان وفادار هو، انڪري هو سائس ڀڄي ويو. پوءِ کيس مير رستم خان سان گڏ قيد ڪيو ويو. مير علي مراد ڪائنس ويرَ وٺڻ خاطر سر چارلس نيپيئر کي لکيو، ته جيئن ته شيخ علي حسين فتح محمد کان ڇهه هزار رپيا لهڻي انڪري کيس سندس ٻانهن ڏني وڃي. اهو سپڪجهه ڊونگ هو، چاڪاڻ ته علي حسين جڏهن سنڌ ۾ داخل ٿيو هو، تڏهن هو هڪ سڄو ماڻهو هو ۽ هڙ ۾ پائي به ڪانه هئس. پر هاڻي ته ڏيڻي جو وزير ۽ حڪومت جو صحيح معنيٰ ۾ مالڪ ٿي چڪو آهي. انگريز جنرل هڪدم انهيءَ عسڪين (فتح محمد) کي سندس جاني دشمن جي رحم ڪرم تي ڇڏي، کيس علي مراد جي حوالي ڪيو، جنهن ڪٺي بند ۾ وڌس. آسي سالن جو هيءُ پيرمرد، هڪ معمولي قيدي وانگر سڄا سارا ٻارنهن مهينا جيل ۾ پيو هو. آخر ڌڻي تعاليٰ مٿس رحم ڪيو ۽ کيس سندس ستائيندڙن کان نجات ڏياري.

بهاولپور جو خان، جنهن جي پيءُ جي دربار ۾ هو وزير رهي چڪو هو، تنهن سر چارلس نيپيئر کي لکي موڪليو ته سندس پيءُ جي پراڻي دوست ۽ صلاحڪار جي ٻانهن کيس ڏني وڃي. سر چارلس وري قاصد کي علي مراد ڏانهن راهي ڪيو. علي مراد ڏنو ته بهاولپور جو خان انگريزن سان نهيل آهي، ان ڪري مٿس ٿوري ڪرڻ جي خيال سان قرض جا ڇهه هزار وٺي، کيس انهيءَ ذليل قيد مان آزاد ڪري ڇڏيو. فتح محمد خان جيئن ئي

واپس بهاولپور پهتو، تيئن اتي جي خان کيس ويهه هزار رپيا ڏيئي، هڪ ٻارنهن هزارن واري جاگير به عنايت ڪئي. خان کيس وزارت جي عهدي تي مقرر ڪرڻ جو خيال ڪيو، جا جاءِ اڃا اتي خالي پيئي هئي. هڪ ته آسي سالن جي عمر ۽ تڪليفون جي هن قيد ۾ سٺيون تنهن سان گڏ سندس وڏي پٽ جو موت، انهن سڀني گڏجي سندس هوشياريءَ ۽ لياقت کي مڏو ڪري ڇڏيو. هن کي پاڻ به ته ملازمت جو ڪو شوق ڪونه هو، چاڪاڻ ته انهيءَ عهدي لاءِ پاڻ کي وڏيءَ عمر جي ڪري بلڪل ناموزون تصور تي ڪيو. هن نيت وچي اهي زمينون وسايون جيڪي کيس ڏنيون ويون ۽ جيڪڏهن ملتان ۾ بلوو نه ٿئي ها، ته اسين انهيءَ لائق شخص جي باري ۾ ڪي ڪين ٻڌون ها. سکن سان ٻي جنگ شروع هئڻ جي ڪري لاهور جي ريزيڊنٽ بهاولپور جي خان کي چوائي موڪليو ته مولراج جي خلاف ليفٽيننٽ ائڊورڊس جي مدد ڪري. بهاولپور جي خان فتح محمد کي هيڏي وڏي عمر هوندي به بهاولپور جي فوج جو سپه سالار اعظم مقرر ڪيو ۽ هن ٣١- مئي ١٨٤٨ع تي ستلج ندي کي فوجن سميت پار ڪيو. ليفٽيننٽ ايڊورڊس جي فوجن کي جيڪا مدد فتح محمد ڪئي هئي انهيءَ جي اهميت خود انهيءَ آفيسر جي پنهنجن لفظن مان ملي ٿي:

”فتح محمد غوريءَ جو محاذ تمام خطرناڪ آهي ۽ منهنجي فتح جو دارومدار پڻ سندس سوڀ تي آهي.“ ١٤- جون تي فتح محمد پنج سؤ سپاهين ۽ ٻارهن توبن سان ليفٽيننٽ ايڊورڊس جي چوڻ موجب گوائين وٽ مورچا ٻڌي ويهي رهيو، جو شجاع آباد کان ٻارهن ڪوهه پري هو. سندس ڪمان هيٺ جيڪي فوجي هئا، اهي بيقاعدي سپاهي هئا جن ڪڏهن به توب مان گولا ڇٽندي ڪونه ڏٺا هئا. سک جرنيل رنگرام (مولراج جو سالو) اتر طرف پندرهن ملين جي پنڌ تي نوَ هزار باقاعدي فوج ۽ ڏهن توبن سان تيار ويٺو هو. اولهه طرف چناب

جي پراڻ، دائودپوٽن جي ڪئمپ جي آمهون سامهون ليفٽيننٽ ايڊورڊس ۽ جنرل ڪورٽليندٽ ٽي هزار ماڻهن سان مورچا وجهيو ويٺا هئا ۽ وٽن ڏهه توبون هيون. ١٧- تاريخ سک فوج هيٺ لهي آئي ۽ اهڙي هنڌ اچي ويٺي جو پٺيءَ انگريزي فوجون هڪٻئي کي مدد نه ڪري سگهن. سکن درياهه جي پتڻ تي به قبضو ڪري ورتو. سکن جي انهيءَ چال کي ختم ڪرڻ لاءِ دائودپوٽن پير ابراهيم جي صلاح تي، ڪانيري وٽ اهڙيءَ طرح وچي مورچا پٽا، جو ليفٽيننٽ ايڊورڊس کي درياه اڪرڻ ۾ ڪا تڪليف نه ٿئي. ١٨- جون تي جڏهن ليفٽيننٽ ايڊورڊس درياهه پار ڪري رهيو هو تيئن سک فوج جا مٿانهينءَ تي هئي، فتح محمد جي فوج جي ساڄي بازوءَ تي حملو ڪري ڏنو ۽ زبردست جنگ شروع ٿي ويئي. اها جنگ ڏينهن جي ڪجھ حصي تائين هلي ۽ توبن جا ٺڪاءَ ڇهه ڪلاڪ لاڳيتا هلندا رهيا. بيقاعدي فوج، جنهن هيترو وقت هڪ باقاعدي فوج سان جنگ ڪئي، انهيءَ مان فتح محمد جي ثابت قدميءَ جو پتو پوي ٿو. ساڳئي وقت انهن هڪ مضبوط هنڌ تي به قبضو ڪري ورتو هو، يعني اهو جهنگ جنهن جي نه هجڻ سان هو جيڪر ڪيتري به بهادري ڪن ها، پر اُن هوندي به تباهه ٿي وڃن ها. ٢ بجي فتح محمد کي پوئتي هٽڻ تي مجبور ٿيڻو پيو ۽ هو پنهنجن فوجن کي درياءَ تان وٺي آيو. انهيءَ جو نتيجو اهو نڪتو جو جنگ جي جيڪا مصيبت سندس فوجن تي هئي، اها هاڻي ليفٽيننٽ ايڊورڊس جي پٺاڻ فوجن تي پوڻ لڳي. اهي بهادر سپاهي مورگوئي جهليا نٿي ٿيا، جو هنن پاڻ کي دشمن جي توبخاني مٿان ڪٽي اڇلايو. جيئن ته سکن کي هاڻي مقابلي ۾ دائودپوٽن جي گولن جو خوف ڪونه هو، انڪري هنن پٺاڻن ۾ تباهي مچائي ڏني ۽ اهو به اهڙي وقت جڏهن هو حملي ڪرڻ کان جهليا نٿي ٿيا. ڏنو ويندو ته سک ليفٽيننٽ ايڊروڊس جي پٺاڻ فوج کي ختم ڪري

ملڪ قبضي ۾ هو، پر جيئن تہ پير هڪ سخت ۽ جهيڙاڪ
ماڻهو هو، انڪري فتح محمد کيس ڇڏي وڃي بهاولپور جي خان
وٽ نوڪريءَ ۾ بيٺو، جو هاڙڪي خان بهاول جو ڏاڏو هو،
هي واقعو اٽڪل پنجاهہ سال اڳ جو آهي جڏهن فتح محمد
پنجتيهہ يا چاليهہ سالن جو هوندو. انهيءَ کان پوءِ پيرَ بهاول خان
سان بہ تڪرار ڪري وڌو، جنهن تي بهاول خان اُچ تي حملو
ڪري ان تي قبضو ڪيو. پيرَ ڀڄي وڃي خيرپور ۾ پناهہ ورتي،
۽ انهيءَ جو نتيجو اهو نڪتو جو بهاول خان ۽ سنڌ جي ميرن
جي وچ ۾ سخت جنگ لڳي. فتح محمد ان وقت بهاول خان
جي فوج جو مهندار هو پر کيس شڪست ملي ۽ پيرَ کي وري
بہ اُچ جي گادي ڏياري ويئي. کيس فقط شهر جي حڪومت
ڏياري ويئي پر سندس زمينون واپس نہ مليون ۽ وقت گذرندو
ويو. بهاول خان مري ويو ۽ سندس جاءِ تي سندس پٽ سعادت خان
تخت تي ويٺو، جنهن جي دؤر ۾ فتح محمد وزارت جي عهدي
تي مقرر هو. هڪ ڏينهن خان پنهنجي وزير فتح محمد سان گڏ،
ساڳئي اُٺ تي سوار هو، خان اڳيان ۽ فتح محمد پنيان، جيئن ئي
اُٺ هُشيو تہ سوار لهن، تيئن سعادت خان جي هڪ مائٽ
سنجر خان، خان تي حملو ڪري کيس زخمي ڪري وڌو. تلوار
جي ڌڪ اُٺ کي بہ ڦٽي وڌو، انڪري اهو اٿي پيو ۽ فتح محمد
هيٺ ڪري پيو. هُل ۽ گوڙ ۾ سنجر خان کسڪي وڃڻ ۾
ڪامياب ٿي ويو. جيئن تہ فتح محمد ڪري پوڻ سبب پنهنجي
آقا جي مدد نہ ڪري سگهيو، انڪري سمجهيو ويو تہ هو بہ
انهيءَ سازش ۾ سنجرخان سان شريڪ هو. فتح محمد کي انهيءَ
ڪري پنهنجي جان بچائڻ خاطر ڀڄڻو پيو. هو پهرين ملتان
هليو ويو جنهن جو حاڪم مظفرخان هو. هي اهو مظفرخان هو،
جو رنجيت سنگهہ خلاف شهر جي بچاءَ ۾ جنگ ڪندي مارجي
ويو هو. بهاولپور جي خان کيس تاڪيدي نياپو ڏياري موڪليو
تہ فتح محمد کي پنهنجي ملڪ مان تڙي ڪڍي، پر هن صاف

انڪار ڪري ڇڏيو. ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ جنگ لڳي جنهن کي ميجر ائڊورڊس ٻنان ڪنهن سبب جي فتح محمد جي شرارت قرار ڏنو آهي، جنهن ۾ هن جو مطلب ستلج ۽ شجاع آباد جي وچ ۾ سڄي ملڪ تي قبضو ڪرڻو هو. ملتانين کي شڪست پهتي ۽ فتح محمد لاهور ڀڄي ويو، جتي رنجيت سنگهه وٽ سندس وڏي مان سان آجيان ڪئي ويئي. مذهبي يا ڪنهن ٻئي خيال ڪان هن رنجيت سنگهه وٽ نوڪري ڪانه ڪئي ۽ ديره غازي خان جي رستي اتر سنڌ ۾ پهتو، جتي کيس هڪدم وزير اعليٰ جي عهدي تي فائز ڪيو ويو. خيرپور ۾ ٿيل سندس آجيان، مير سهراب ۽ رستم جو سندس لاءِ پيار، ۽ ان جي ابتڙ ميجر ايڊورڊس جو سندس باري ۾ ڏنل بيان، ڪنهن طرح سان نٿو ٺهڪي اچي، پر انهيءَ کان وڌيڪ غير موزون وري اهو قدم هو جو سڀ کان پوءِ کنيو ويو. بي بنياد شڪ، جن جي ڪري کيس بهاولپور مان پڇڻو پيو سي هاڻي دور ٿي چڪا هئا، ۽ سندس بيگناهي اهڙي ته پڌري ٿي پيئي هئي، جي هاڻوڪي خان سندس آزادي، مير علي مراد کان خريدي، کيس وڏي ۾ وڏو عهدو به ڏيڻو ڪيو فتح محمد جي معاملي کي ختم ڪرڻ لاءِ اهو ٻڌائڻ ضروري ٿيندو ته اتر سنڌ ۾ هيءُ ٻهريون ئي ماڻهو هو، جنهن انگريزن جي سفير جو آدرڀاءُ ڪيو هو. برنس جي سفرنامي جي ٽئين جلد ۾ سندس ۽ انهيءَ آفيسر جي ملاقات جو هيءُ بيان ڏنل آهي: اسان جي درياهه جي ڪپ تي خيرپور جي وزير سان اچرج جهڙي ملاقات ٿي، جنهن کي مير رستم خان اسان ڏانهن موڪليو هو. هن انهيءَ وقت ئي اسان جي انگريز حڪومت سان عهدنامي ڪرڻ جي آڇ ڪئي هئي ۽ انهن پاڙيسري رياستن جو ذڪر به ڪيو هو جن جو وجود انگريزن سان ڪيل عهدنامن جي ڪري موجود هو، جهڙوڪ داؤدپوٽن جو رئيس، جيسلمير جو راول ۽ بيڪانير جو راجا. هن اهو پڻ ٻڌايو ته جو ٽشين جي اڳڪٿي آهي ته انگريز هڪ

ھليو ويو، پر انهيءَ جي سيڪ حاڪم به ڪيس شهر ۾ اندر گهڙڻ کان منع ڪئي. پر ڪيس اها اجازت ڏنائين ته سرحد تي ڪنهن ڳوٺ ۾ پلي وڃي رهي، ۽ آتيئي هو اڃا تائين رهيو پيو آهي. مير عليمراد تي جيڪا ڪميشن ويٺي هئي انهيءَ ۾ هو پاڻ لنگهي آيو ۽ گرفتاريءَ جو به خيال نه ڪيائين. اتي اچي اهڙي ته سادگيءَ ۽ دل لڳائيندڙ نموني ۾ شاهدي ڏنائين، جو سڀني ماڻهن جي دل ۾ سندس لاءِ عزت پيدا ٿي ۽ هو سندس ساراهه ڪرڻ لڳا. انگريز گورنمينٽ سندس ڪيل گناهن جي پاداش ۾ ڪيس پنج سؤ رپيا مهينو پينشن منظور ڪري ڏني، جا هن وٽڻ کان نابري واري ۽ چيائين ته اها رقم سندس ۽ سندس خاندان جي ماڻهن لاءِ بلڪل اڻپوري آهي. ساڳئي وقت هن انهيءَ خيال کان به انڪار ڪيو جو ڪنهن ڏوهه جي مٿس تهمت مڙهي ۽ ڪيس پوءِ پينشن ڏني وڃي. اها سندس لاءِ بيعزتيءَ جو باعث ٿيندي. اهو اتوَ محمد حسين جنهن کي اسان سندس ملڪ مان تڙي ڪڍيو، ۽ هو پنهنجي خاندان جي زالن سان هڪ پناهگير وانگر ڏڪا کائيندو رلندو رهيو. تنديڙن اميرن جي مير رستم خان ۽ مبارڪ خان جي اولاد مان هئا تن کي سرچارلس نيپئر، مير علي مراد جي حوالي ڪري ڇڏيو هو، جنهن ڪيني ۽ ڏڪار سبب مٿن هر ڪنهن قسم جا ظلم ۽ زيادتيون روا رکيون. نتيجو اهو نڪتو جو اهي بک ۽ اُڃ، تنڌ ۽ اگهاڙپ ۾ پنهنجي زندگي بسر ڪرڻ لڳا. هنن جيڪو سر چارلس نيپئر کي ياداشتنامو موڪليو هو، تہ سندن حالت اهڙي ته خراب آهي جو انهيءَ کان سندن لاءِ بهتر آهي ته مري وڃن. علي مراد جو هڪ معمولي نوڪر به سندن حالت جي ڀيٽ ۾ آرام سان آهي ۽ خوشحال گذاري ٿو. انهن مان به ڪيترا ته گذاري ويا آهن ۽ باقي جيڪي رهيا آهن، انهن لاءِ جيڪڏهن انگريز سرڪار وچ ۾ نه پوندي، ته اهي بکن وگهي، انهن ظلمن ۽ زبردستين جو شڪار ٿي مري ويندا.

”هي اهي سؤٽ ۽ پاٽنيا آهن، جن جو سؤٽ ۽ چاچو حڪومت جو مالڪ هئڻ ڪري آزاد آهي، پر آهي پنهنجن جو ويري.“

حيدرآباد ۾ قيد ٿيل ميرن جي ڪي گهٽ چاڻ آهي، مير نصير خان، صوبدار خان ۽ صوبدار جو وڏو پٽ فتح علي جهان ڇڏي ويا آهن. ميرپور جو مير شير محمد خان لاهور ۾ آهي ۽ هو سڪن واريءَ جنگ جي عرصي ۾ سڄي وقت اتي رهيو. هن اتي پنهنجيءَ تلوار سان اسان جي دشمن جي مدد ڪئي هئي، پر فقط انهيءَ ڪري جو ڪيس سندس گهر مان تڙي باهر ڪڍيو ويو هو. غلام عليءَ جو پٽ مير محمد خان ۽ سندس پاٽنيا يعني ته مير نور محمد ۽ مير نصير خان پٽ اڃا جيئرا آهن. اٺ سال ٿي ويا آهن، جو ڪين سندن خاندان کان ۽ ويجهن عزيزن جدا ڪيو ويو آهي. نور محمد جي وڏي پٽ شهداد خان کي سورت جي قلعي ۾ هڪ معمولي ڌوهاري وانگر قيد ڪيو ويو آهي، چاڪاڻ ته مٿس اها تهمت هئي ته هن ڪئپٽن اينس کي قتل ڪيو هو، آخر گورنر جنرل کيس بچاءَ ۾ ڳالهائڻ جي اجازت ڏني. ٢٠- مئي ١٨٤٨ع تي ڪورٽ منعقد ٿي جي اڳيان مقدمو هلايو ويو ۽ پوءِ کيس عزت سان بري ڪيو ويو. اهو اٿو انگريزن جو انصاف! پنج سال هڪ قيدي شهزادي کي معمولي ڌوهاريءَ وانگر جيل ۾ رکي ۽ پوءِ کيس باعزت بري ڪرڻ جي سزا ڏني ويئي. انهيءَ کان پوءِ ڪئي هيءُ ماڻهو سندن جند ڇڏين ها، پر نه. سورت جي ڇٽي پر وري به کيس پنهنجي گهر کان گهڻو پري بنگال جي اٺونڊز ۽ گنديءَ هوا ۾ اڇلايو ويو ظلم جي به هڪ حد ٿيندي آهي ۽ هيءُ انگريزي ظلم جو هڪ آخرين نمونو هو، جو انهيءَ شهزادي جي خلاف استعمال ڪيو ويو هو. ڇيو وڃي ٿو ته شهدد خان فقط ڪي مهينا اتي جيئرو رهيو ۽ پوءِ مري ويو. ڪلڪتي ڏانهن ويندي شهداد خان سان هڪ اهڙي

جي برداشت جي جذبي ۽ سخاوت تي حيران ٿي ويو هوس، ڇاڪاڻ ته هو هڪ اهڙي جرنيل جي ساراهه ڪري رهيو هو، جنهن سندس حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو هو. ٿي سگهي ٿو ته ڪيس (سرچارلس کي) به انهيءَ رواداريءَ جو احساس ٿيو هجي. شهداد جي انهن لفظن کي نيپئر جي اڪرن سان پڙهيو ۽ فيصلو ڏيو ته ڪهڙا اڪر اسان جي مذهب جي اصولن سان وڌيڪ ملي جُلي اچن ٿا. ”پنهنجي دشمن کي پيار ڪريو انهن کي دعا ڪريو جي اوهان کي پٽين ٿا، ۽ انهن سان چڱائي ڪريو جي اوهان کي ڌڪارين ٿا.“ سرچارلس نيپئر کي رڳو انهيءَ ڳالهه تان ڪاوڙ لڳي هئي، جو هنن ميرن ڪيس ڪيل درخواست ۾ عيسيٰؑ جي نالي تي رحم جي درخواست ڪئي. ڇا، ڪيس اها خبر نه آهي ته مسلمان عيسيٰ عليه‌السلام کي هڪ وڏو پيغمبر ڪري ٿا مڃين ۽ ڪيس روح الله ڪري ڪوٺين ٿا. انهيءَ ۾ ڪا عجب عجب ڳالهه نه آهي، جو هو ڪرستانن کي هڪ اهڙي نالي سان درخواست ڪن ٿا، جنهن کي هو تمام گهڻي عزت ڏين ٿا. هاڻي ٻڌايو ته انهن پنهنجي مان ڪهڙو غير غير مهذب آهي. اهو جو نجات ڏيندڙ جي نالي تي رحم ٿو طلبي يا اهو جو رحم نٿو ڪري؛ جيڪو سندس نالي تي رحم جي درخواست رد ٿو ڪري، اهو سمجهو ته عيسيٰؑ کي ئي ٿو رد ڪري.

آخر ۾ انهيءَ ڳالهه کي ثابت ڪرڻ لاءِ هي ٿورا اکر چوڻ ضروري آهن، ته سنڌ جي فتح نه فقط هڪ گناهه هو پر فرينچن جي ڏوڪ واري چوڻيءَ ۾ انهيءَ کان به وڌيڪ خراب يعني ته هڪ سياسي غلطي هئي. حيدرآباد جي قلعي ۾ جيڪڏهن سچ پچ به ڪروڙ رپيا هجن ها، جيئن سر اليگزينڊر برنس پٽ هنيو آهي يا لارڊ ايلنبرو جي چوڻ موجب نئين مصر جي چاندي جي چمڪندڙ لارَ اسان جي بمبئيءَ واري ضربخاني ۾ سڪن ڏاهڻ جي ڪم اچي ها، ته پوءِ مڙيئي خير

هڪ سزاوال يا وڏو ڪليڪٽر مقرر ڪيل هو، جنهن کي هڪ خزانچي ۽ انن-ڏهن گماشتن ۽ سپاهين جي جماعت مدد لاءِ ڏني ويئي هئي. ٽپي تي وري ڪاردار رکيل هو، جنهن کي پڻ زيردستن جو هڪ ننڍو عملو ڏنل هو، پر اهو هو سزاوال جي زيردست. انهن عملدارن کي چڱو پگهار ڏنو ويندو هو، خاص ڪري سزاوال کي، جي گهڻو ڪري سٺي خاندان مان هئا ۽ چڱي لياقت رکندڙ هئا، کين پنج سو رپيا پگهار ڏنو ويندو هو، جنهن سان آهي سنڌ جهڙي هڪ غريب ملڪ ۾ فراغت سان گذاريندا هئا. سال ۾ ٻه دفعا لاباري جي وقت يعني ته بهار ۽ سرءُ جي موسم ۾ هرهڪ مير جو مخفي ماڻهو، عيوضيءَ جي حيثيت ۾ سندس ملڪ ۾ وڃي پهچندو هو، ۽ اتي وڃي سزاوال کان حساب ڪتاب وٺندو هو. جيڪا به غلطي وغيره هوندي هئي اها نيڪ ڪندو هو، ۽ ماڻهن جي درخواستن تي به انهيءَ وقت غور ڪري فيصلو ڪيو ويندو هو. هي خاص عيوضي ميرن جو مائٽ هوندو هو ۽ اهو سندس فرض هو ته ڏسي ته ماڻهن تي ظلم ۽ زيادتي ته نٿي ٿئي. چاڪاڻ ته هاريءَ ناريءَ تي جيڪڏهن ڪنهن هڪ هنڌ تي ظلم ٿيندو هو، ته پوءِ هو انهيءَ امير جو ملڪ ڇڏي وڃي ٻئي جون زمينون وسائيندو هو. انهن عملدارن کي ۽ پڻ سزاوال ۽ ڪاردارن ۾، جي نوڪري ۾ هئا، هڪ اٽلي خاصيت اها هئي جو هو ماڻهن کي چڱيءَ طرح سڃاڻندا هئا. انهن جي روزگار جي ذريعي، انهن جي عادتن ۽ پڻ انهن جي اٿ ويهه کان به هو واقف هوندا هئا. جيئن ته اهي سڄي عمر اتي رهندا ٿي آيا ۽ اتي جي ٻولي وغيره کان به واقف هئا، انڪري رعيتي ماڻهو ساڻن ڪا ٺڳي يا دولاب نه ڪري سگهندا هئا، جا هو هڪ ڌارئين يا پرڏيهي ملڪ جي ماڻهن سان ڪندا آهن. اسين پاڻ کي ڪيڏو به ڪٽي پڌايون، پر اهو قبول ڪرڻو پوندو ته ميرن جي انهيءَ روينيو آفيسرن جي هٿ هيٺ ماڻهو خوشحال گذاريندا هئا. وڏو فائدو ڪاتيدار کي

سرڪاري نوڪر هجڻ جي وجهڻ لڳا. مارشل‌لا لڳل هو، جنهن جي ڪري فقط تهمت لڳڻ سان ماڻهو سخت عذاب ۾ اچي ويندو هو. سزائون ڏاڍيون ڳريون رکيل هيون، جنهن ۾ معمولي سزا ڏهن، پندرهن ۽ ويهن هزارن رپين تائين هوندي هئي. ان ساڳ گڏ زنجيرن ۾ جڪڙجي قيد ٿيڻ جي به سزا ڏني ويندي هئي، جنهن جو مدو سٽن يا ڏهن سالن کان به مٿي هوندو هو. اهي سزائون بروقت عمل ۾ آنديون هيون، انڪري ماڻهن جي عمل آنديون هيون، انڪري ماڻهن جي سخت بيعزتي ٿيندي هئي. جيتوڻيڪ اپيل وغيره جو به حق ڏنل هو، ۽ اهو به ضروري ڪونه هو، ته سيني جي اپيل تي غور ڪيو وڃي. ميرن جي دزر ۾ روينيو (ڍل) جو حساب ڪتاب هڪ خاص مهيني ۽ پورو ڪيو ويندو هو. پر هاڻي ته موسم پٺيان موسم گذري ويئي آهي، پر اڃا تائين ڪابه سيٽليمنٽ نه ٿي سگهي آهي. سزائون ڏاڍيون سخت هيون ۽ جيئن ته يورپي حاڪم اڻجاڻ ۽ بي آزمودگار هئا، انڪري ڪاردار ۽ سندن زبردست، ماڻهن کي قرض ۾ چرواڳ تي پيا. ساڳئي وقت ڪاتيدارن تي روينيو في به مقرر ڪئي ويئي هئي، جنهن جو نرخ سيني کان هڪجيترو اڳاڙيو ويندو هو. انهيءَ نيئن ڍل مڙهڻ ۾ زمين جي خاصيت، ۽ ان جي ايراضيءَ ۽ پڻ پاڻيءَ جي سهولت يا موسم وغيره جو ڪوبه خيال نه ڪيو ويندو هو سيني کي هڪجيتري ڍل ڏيڻي پوندي هئي. ٿورن ايڪڙن جي زميندار کان به ساڳي ڍل ورتي ويندي هئي، جا دو آبي ۾ سٺي زمين جي هڪ تمام کان وصول ڪئي ويندي هئي. درخواستن ۽ عرضداشتن تي ڪوبه غور وغيره نه ويندو هو. ”سڀ ريون بوڙ ڪاريون جي اصول تي عمل ڪيو ويندو هو.

سنڌ کي نئين حڪومت مان جيڪي ڪجهه هڙ حاصل ٿيو، اهو اسان ڏسي ورتو هاڻي اچو ته، حساب ڪتاب ڪري ڏسون. چاڪاڻ ته اسين سر چارلس نيپئر جي ڪيل پيشنگوئي کي داد

ڏيئي سگهون ٿا. جنهن ڇيو هوتہ سنڌ جي آپت پنجن سالن ۾ ڏهن لکن تائين پهچي سگهندي! هن گڏ ڏنل شيڊيول مان پڙهندڙن کي پتو پوندو تہ انهيءَ حساب تي ڪيتريقدر اعتبار ڪري سگهجي ٿو. هن معامليءَ ۾ ڏنل بيانن کي حساب ڪتاب ذريعي غلط ثابت ڪري سگهجي ٿو، پر جتي حساب ڪتاب جي ضرورت نہ آهي، اتي ٿي سگهي ٿو تہ اهي بيان صحيح هجن!

| سال | آپت | خرچ | تفاوت |
|---|---|---|---|
| ۱۸۴۳—۴۴ | ۹۳۷۹۳۷ | ۷۶۶۲۹۷۹ | ۶۷۲۵۰۴۲ |
| ۱۸۴۴—۴۵ | ۲۷۴۰۷۲۲ | ۵۸۵۴۲۰۶ | ۳۱۱۳۴۸۴ |
| ۱۸۴۵—۴۶ | ۲۸۰۰۸۱۷ | ۶۸۳۰۹۸۴ | ۴۰۳۰۱۶۷ |
| ۱۸۴۶—۴۷ | ۲۶۹۱۸۷۰ | ۶۵۴۷۲۷۲ | ۳۸۵۵۴۰۲ |
| ۱۸۴۷—۴۸ | ۳۰۳۰۲۳۰ | ۵۴۴۳۵۵۹ | ۲۴۱۳۳۲۹ |
| ۱۸۴۸—۴۹ | ۲۹۲۳۵۱۵ | ۴۸۳۰۵۰۴ | ۱۹۰۶۹۸۹ |
| ۱۸۴۹—۵۰ | ۲۹۸۳۷۵۰ | ۴۳۹۲۴۲۰ | ۱۴۰۸۶۷۰ |
| | | | ۲۳۴۵۳۰۸۳ |

يا

۲۳۴۵۳۰۸ پائونڊ

انهيءَ ۾ باقاعدي فوج جو پگهار ۽ الائونس شامل نہ ڪيل آهي جي سنڌ ۾ ٻوءِ عام فوجن ۾ ملايا ويا.

استيٽيڪل آفيس

۱۱- آگسٽ ۱۸۵۱ع

سنڌ کي والارڊ جي وقت کان وٺي ستن سالن اندر اسان هندستاني حڪومت کان ادائي مانين (۲۵ لک) قرض وٺي انهيءَ جي انگ کي وڌائي ڇڏيو آهي. ڇا اهو اسين انهيءَ بي انصافي جي بدلي ۾ نہ لوڙهي رهيا آهيون، جا اسان سنڌ ملڪ ۽ ان جي اميرن سان روا رکي هئي. اسان کي ٻڌايو ويو هوتہ هندستاني حڪومت کي آپت جي خيال کان ڇاهيو ويندو، پر هتي تہ مورگهو

٢٥ لکن جو متس بار وڌو ويو آهي. انهيءَ تي جيتوڻيڪ ناراضپو به ڏيکاريو ويو آهي، پر ان هوندي به هڪ ملڪ کي ڦهائڻ لاءِ سندن آپت تي ايڏو بار وڌو وڃي ٿو. اسان کي هوئڻ به سيڪنهن قسم جون سهولتون سنڌ ۾ ملنديون ڏيرن، ۽ ٻئي سرحد جي معاملي ۾ به اهو فائديمند هو. هاڻي ٻڌايو ته ٢٥ لکن جي اجائي خرچ جي ڪري هندستان جي سڌاري تي ڪيڏو نه اثر پيو هو؟ انهيءَ رقم سان جيڪر نوان واهه کوٽجي وڃن، ۽ نيون ريلون پکڙجي وڃن ها. انهيءَ معاملي تي پهرين ته منچيسٽر ۽ لورپول جا واپاري يا ”دڪاندار“ جيئن سر چارلس نيپئر کين سڏيو آهي، سوچين ۽ سمجهن ته هندستان جو ڏڌهن ڪهڙو حال ٿيندو، جڏهن انهيءَ کي ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس کان ڇڏائي، هڪ غير جوابدار وزارت جي حوالي ڪيو ويندو. اها وزارت به اهڙي جنهن جو هرهڪ قدم بي انصافيءَ ۽ بي ايمانيءَ تي ٻڌل هوندو ۽ جي هرهڪ ڳالهه کي پنهنجي گندي ۽ لوڀ سان پريل بي اصول مطلب لاءِ نيڪ سمجهي روا رکندا.

# ضميمو-۱

ابوءَ ۾ ميجر ڊائونگ جي ڪليل گهر ۾ رکيل ٿرماميٽر جي انگن اکرن ۾ ڦيرگهير – مهينو مئي ۱۸۴۰ع.

| تاريخ | صبح | منجهند | ۳ بجي | شام | رمارڪ |
|---|---|---|---|---|---|
| ۱۹ | ۷۱ | ۸۱ | ۸۴ | ۸۱ | ڏکڻ اولهه کان سخت ۽ ٿڌي هوا |
| ۲۰ | ۷۱ | ۸۰ | ۸۴ | ۸۱ | ڏکڻ اولهه کان سخت ۽ ٿڌي هوا |
| ۲۱ | ۶۹ | ۸۰ | ۸۳ | ۸۱ | ٿڌي هوا ۽ ڏکڻ اولهه افق تي ڪڪر |
| ۲۲ | ۶۸ | سادا ۸۱ | سادا ۸۴ | ۸۲ | تيز ڏکڻ اولهه جي هوا |
| ۲۳ | ۶۹ | ۸۱ | ۸۴ | ۸۱ | اولهه ۽ ڏکڻ اولهه کان هري ۽ سخت واءُ |
| ۲۴ | ۶۹ | ۸۰ | ۸۵ | ۸۱ | ساڳي پر گهٽ تيز |
| ۲۵ | ۷۳ | ۸۲ | سادا ۸۵ | ۸۲ | صبح سانتيڪو، منجهند جو اولهه ۽ ڏکڻ اولهه کان هوا |
| ۲۶ | ۷۴ | ۸۴ | ۸۶ | ۸۲ | رات جو هلڪو ڏرتي جو ڏيڻ |
| ۲۷ | ۷۳ | ۸۲ | ۸۶ | ۸۲ | گهٽو واءُ نه |
| ۲۸ | ۷۳ | ۸۲ | ۸۶ | ۸۳ | وڻندڙ ڏکڻ اولهه جي هير |
| ۲۹ | ۷۸ | سادا ۸۲ | سادا ۸۴ | ۸۲ | — — |
| ۳۰ | ۷۵ | ۷۸ | سادا ۸۲ | ۸۰ | ڏکڻ جي ٿڌي هوا |
| ۳۱ | ۸۲ | ۷۹ | سادا ۸۲ | سادا ۸۰ | — — |

# ضميمو-١

## ابو ۾ ٿرماميٽر جو حساب - جون ١٨۴٠ع

| تاريخ | صبح | منجهند | ٣ بجي | شام | رمارڪ |
|---|---|---|---|---|---|
| ١ | ٧٣ | ٧٩ | ساڍا ٨٢ | — | ڏکڻ جي ٿڌي هوا ۽ جهڙ |
| ٢ | ٧٣ | ٧٩ | ٨٣ | — | ساڳيو - پر شام جو گهٽ |
| ٣ | ٧٣ | ٨۴ | ساڍا ٨٦ | — | ڪڏهن ڪڏهن ڏکڻ جو واءُ - گهٽ - جو اولهه ڪان هوا |
| ۴ | ٧٦ | ٨٢ | ٨۴ | — | صبح جو هوا بند - منجهند جو گوڙ - شام ٿڌي |
| ٥ | ٧٨ | ٨٥ | ٨٦ | — | ڏينهن جو هوا بند - منجهند جو گوڙ |
| ٦ | ٧٨ | ساڍا ٨٦ | ٩٠ | — | ساڳيو |
| ٧ | ٨٠ | ٨٩ | ٩٢ | — | هلڪي اولهه جي هوا - ٽورن ڪلاڪن لاءِ جهڙ |
| ٨ | ٨٣ | ٨٩ | ساڍا ٩٢ | — | — — |
| ٩ | ٨١ | ٨٩ | ٩٠ | — | اولهه ۽ ڏکڻ اولهه ڪان تازي هوا |
| ١٠ | ٨٠ | ٨٦ | ٨٨ | — | گوڙ سان مينهن - جنهن جي ڪري ٿرماميٽر هڪدم ڏهه ڊگريون هيٺ ٿي ويو. |
| ١١ | ٧٥ | ٨٢ | ساڍا ٨٣ | — | ڏينهن جو ماٺ پر ٿڌي هوا - نوين بجي رات جو گوڙ ۽ سڄي رات مينهن |
| ١٢ | ٧٢ | ٧٧ | ٨٣ | — | صبح جو جهڙ - سڄو ڏينهن ٿڌڪار |
| ١٣ | ٧٢ | ٧٧ | ٧٩ | — | ابو ڇڏي ٥ بجي سروهي |

| تاريخ | سج ايري | پوياڙي | رات | |
|---|---|---|---|---|
| ١٦ | ٧٢٫٥ | ٧٩ | ٧٦ | اوپرجي هوا جهڙاتيل |
| ١٧ | ٧١ | ٧٦٫٧ | ٧٣٫٣ | — |
| ١٨ | — | ٧٥٫٧ | ٧١٫٧ | اولهہ جي هوا |
| ١٩ | ٦٨ | ٧٥٫٥ | ٧٢ | هوا بلڪل نہ |
| ٢٠ | ٦٩ | ٧٦٫٧ | ٧٣٫٣ | هوا بلڪل نہ |
| | رات ڏيڍ | | | |
| ٢١ | ٧٦ | ٧٨٫٥ | ٧٦ | ڳهاٽا ڪڪر، گوڙ ۽ ٿورو مينهن |
| ٢٢ | — | ٧٥٫٥ | ٧٢٫٧ | اوير ڪان واچ |
| ٢٣ | ٧١٫٥ | ٧٠ | ٦٦٫٣ | طوفاني هوا- گوڙ |
| | صبح ٠—٨ | | | |
| ٢٤ | ٧٢٫٥ | — | ٧١٫٥ | — |
| ٢٥ | ٦٩٫٥ | ٧٧ | ٧٤٫٣ | — |
| ٢٦ | ٧١ | ٠ | ٧٥ | اولهہ جي تکي هوا |
| ٢٧ | ٦٨٫٥ | ٧٦٫٥ | ٧٥ | اولهہ جي تکي هوا |
| ٢٨ | — | ٧٤٫٧ | ٧٤٫٧ | اولهہ جي تکي هوا |
| ٢٩ | ٧١ | ٧٤٫٣ | ٧١ | ٢ بجي اولهہ کان ڌوڙ جو طوفان |
| ٣٠ | ٦٨ | — | ٧٣٫٣ | اوير جو جهڙاتيل واءُ |

مئي ١٨٤١ع

| تاريخ | سج ايري | پوياڙي | رات | |
|---|---|---|---|---|
| ١ | ٦٨ | — | ٧٦ | |
| ٢ | ٧٢٫٣ | ٧٨٫٨ | ٧٧٫٨ | |
| ٣ | — | ٧٩٫٥ | — | تکي اولهہ جي هوا |
| ٤ | ٧١ | — | ٧٥٫٣ | |
| ٥ | — | ٧٩ | — | |
| ٦ | — | — | — | |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ٧ | — | ٧٨ | — | |
| ٨ | ٦٩٤٧ | — | — | |
| ٩ | ٧۴۴۵ | ٨٠۴۵ | ٨٠۴۵ | |
| ١٠ | ٧٦ | — | — | |
| ١١ | — | — | — | |
| ١٢ | — | ٨٢۴۵ | — | تکي اوله جي هوا |
| ١٣ | ٧۵ | ٨١۴٣ | — | اوله جي بد لجندڙ هوا |
| ١۴ | — | — | — | |
| ١۵ | ٧٦ | ٨١۴٦ | | جهڙاتيل - تورِي هوا |
| ١٦ | — | — | — | |
| ١٧ | — | ٨۵ | — | لڙهاتيل اوله جي هوا- پين بجي وسڪار |
| ١٨ | ٧٧ | ٨۵ | | هوا بلڪل نہ |
| ١٩ | — | — | | |
| ٢٠ | ٧۵ | ٨٣۴۵ | | اوله جو واءُ |
| ٢١ | ٧٧ | ٨۴ | | |
| ٢٢ | ٧٦ | ٨٣ | | اوير جو واءُ |
| ٢٣ | ٧٣ | ٨١ | | ڏکڻ اوير کان گهميل واءُ |
| ٢۴ | ٧٣ | — | — | |
| ٢۵ | | | | |
| ٢٦ | | | | |
| ٢٧ | ٧١۴۵ | ٨٠ | | سخت گهميل اوير ۽ ڏکڻ جو واءُ |
| ٢٨ | | | | |
| ٢٩ | | | | |
| ٣٠ | | | | |
| ٣١ | ٧٧ | ٨٣ | — | |

## جون ١٨۴١ع

| تاريخ | سج اڀري | پوچاڙي | رات | رمارڪ |
|---|---|---|---|---|
| ١ | — | — | — | — |
| ٢ | ۷٥ | ٨٢٤٥ | — | — |
| ٣ | ۷٣٤٥ | ٨٣ | — | — |
| ۴ | ۷۷٤٣ | ٨٣٤٥ | — | — |
| ٥ | — | — | — | — |
| ٦ | — | — | — | — |
| ۷ | — | — | — | — |
| ٨ | — | — | — | — |
| ٩ | — | — | — | — |
| ١٠ | — | — | — | — |
| ١١ | | ٨۷٤٥ | — | — |
| ١٢ | ۷٣ | ٨٠ | — | — |
| ١٣ | — | — | — | — |
| ١۴ | ۷۴ | ٨٢ | — | — |
| ١٥ | ۷٦٤٥ | ٨١٤٥ | — | — |
| ١٦ | ۷۷ | ٨٠٤٥ | — | — |
| ١۷ | — | — | — | — |
| ١٨ | ۷١ | ۷٩ | — | — |
| ١٩ | — | — | — | — |
| ٢٠ | ۷٠ | ۷٩ | — | — |
| ٢١ | ۷٠ | ۷٩ | — | — |
| ٢٢ | ۷٢٤٥ | — | — | — |
| ٢٣ | — | — | — | — |
| ٢۴ | ۷٢ | ٨٠ | — | — |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ٢٥ | ٧٤ | ٧٢٫٥ | — | گهٽي هوا- چٽڪار |
| ٢٦ | — | — | — | لاڳيتو مينهن ۽ واچ |
| ٢٧ | — | — | — | لاڳيتو مينهن ۽ واچ |
| ٢٨ | — | ٦٩ | — | واچ |
| ٢٩ | — | ٧٤ | — | جهڙاتيل |
| ٣٠ | — | ٧٦٫٥ | — | جهڙاتيل |

جولاءِ ١٨٤١

| تاريخ | سج اڀري | پوچاڙي | رات | رمارڪ |
|---|---|---|---|---|
| ١ | ٦٩ | ٧٥ | — | جهڙاتيل |
| ٢ | ٦٩ | ٧٥ | — | اولهه جو واءُ-آسمان صاف |
| ٣ | ٧١٫٥ | ٧٦ | — | اولهه جو واءُ-آسمان صاف |
| ٤ | ٧١ | ٦٥ | — | هي ٽيمپريچر گروسڪر تي ورتو ويو جا ابوجي اوچيءَ اوچي چوٽي آهي. |
| ٥ | — | ٧٥٫٥ | — | — |
| ٦ | ٧١ | ٧٦ | — | — |
| | | ٩ بجي صبح | | |
| ٧ | ٧٢ | ٧٧ | — | — |
| ٨ | ٧٢ | — | — | — |
| ٩ | — | — | — | — |
| ١٠ | — | — | | ساڳي ڏينهن تي سيرشي پهچڻ تي، جو ميدانن ۾ آهي، گهر اندر ٿرماميٽر منجهند جو وچي ٢٤ ڊگرين کي پهتو. ڏس ۾ ايندو ته ابوءَ تي ۽ انهيءَ هنڌ جي حرارت ۾ ١٧ ڊگرين جو فرق هو. |

نوٽ: صبح جو سج اڀرڻ وقت ٿرماميٽر کايل واءُ ۾ کهر کان ٦ ڊگريون گهٽ ڏيکاريون. آلي بلب وارو ٿرماميٽر سڪي

بلب جي ٿرماميٽر کان ڏهه ڊگريون هيٺ ٿي هو. تان جو جون جو مهينو شروع ٿيو. انهيءَ کان وٺي جولاءِ جي اٺين تاريخ تائين، لاچار اڌ فرق محسوس ٿي ٿيو.

باروميٽر جي اوچائي ابوءَ جي پاڙ ۽ ان جي چوٽيءَ وٽ هيٺئين موجب ڏٺي ويئي:

٨- اپريل انادورا ڳوٺ وٽ جو ابوءَ جي پاڙ وٽ آهي، ڇئن ڇڪاسن جو تت هيئن هو:

٢٨٫٩٦٧ بيروم ٩٠٫٦١ ٩٠٫٦٩

٩- اپريل نکي تلاءَ وٽ ڇئن ڇڪاسن جو تک:

٢٤٫٢٣٧ بيروم ٧٨ ٧٨

٥- جولاءِ گروسڪر وٽ اوچي ۾ اوچي چوٽي:

٢٤٫٤٨٠ بيروم ٧٥٫٥ ٧٥٫٥

٤- جولاءِ نکي تلاءِ وٽ ٽن ڇڪاسن جو تت:

٢٦٫٠٤٢ بيروم ٧٥٫٥ ٧٥٫٥

سمنڊ جي سنوت تي بيروميٽر جي اوچائي هيئن هئي:

٢٩٫٩٠٨ ٻٺر ٨٤ ڊگريون ٨٤ ڊگريون

انادورا سمنڊ جي سنوت کان ٩٦٨ فوٽ، نکي تلاءُ ٣٨٣٦ يا ٢٨٦٨ فوٽ ۽ گروسڪر ٥٦٢١ يا ١٧٨٥ فوٽ مٿي هئا.

نکي تلاءُ اپريل ۾ ١٥ ڊگريون انادورا کان ٿڌو هو، جو هرڪنهن ١٩١ فوٽن لاءِ هڪ ڊگري جي گهٽتائي ڏيکاري ٿو. گروسڪر وري نکي تلاءُ کان ٿڌو آهي، ۽ اتي هرڪنهن ١٧٨ فوٽن جي اوچائي لاءِ هڪ ڊگري جي گهٽتائي آهي. اڙيا ۽ اچل ڳڙهه نکي تلاءُ ۽ گروسڪر جي اوچائي جي اڌ جيترا مٿي آهي ۽ انهن جو درجه حرارت به انهن جي اڌ جيترو آهي. انهن ٻنهي شهرن جي وچ ۾ ستن ميلن جو فاصلو آهي.

## ضميمو - ٢

آهي ڪو اهڙو جو هينئر لکپڙهہ ڪري ڏسي اسان ڪي پڌائي تہ اهي هندستاني حاڪم، جن جي اسان کان تڪليف پهتل هجي، يا جي سمجهن ٿا تہ ساڻن ظلم ٿيو آهي، سي ڪهڙو رستو اختيار ڪن. اسان سمجهون ٿا ڪوڙيون شاهديون يا هڪ ٻئي ڏانهن بدگماني يا ڪن ٻين سبن، انهن ماڻهن جي فيصلي تي اثر وڌو آهي، جن هندستاني شهزادن جي خلاف تمام سخت فيصلا ڏنا آهن. اسين اهو بہ گمان ٿا ڪريون، تہ جيڪي پاڻ کي هندستاني معاملي ۾ نهايت هوشيار ٿا سمجهن. اهي ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس ئي آهن. پر اهي بہ هندستاني شهزادن بابت افسوس جو اظهار ڪندي چون ٿا تہ متن مڙهيل فرضن جي ڪري هو عام طريقو اختيار نٿا ڪري سگهن، تہ پوءِ ڇا ڪجي. گمان ڪريو تہ اهي سڀ آفيسر جيڪي انهيءَ شهزادي جي دربار ۾ تمام وڏي عرصي لاءِ موڪليل هجن، ۽ اهي سڀيئي سندن حق ۾ هجن، تہ پوءِ اهڙن معاملن لاءِ اپيل جي ڪورٽ ڇونہ ٿي مقرر ڪئي وڃي، جا انهن جي معاملن جي وري نئين سر غور ڪري، يا تہ وري اهي معاملا پارليامينٽري ڪميٽين کي سپرد ڪيا وڃن، جي اڳيئي گهٽي ڪم سان سٿيون پيئون آهن. حقيقت هيئن آهي جو ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس پاڻ ئي اپيل جي عدالت ٿي سگهن ٿا، ۽ جيترو بہ انهن تي گهٽ ضابطو رکيو وڃي اوترو چڱو ٿيندو.

”ٽائيمس“ اخبار جي ايڊيٽر جي نالي

جناب! اسان توهان جي ۽ انگلنڊ جي پبلڪ جي اطلاع لاءِ هي عرض ٿا ڪريون، تہ اسان کي سنڌ جي ميرن هٿي

موڪليو آهي، تہ اسين سندن معاملو اوهان جي اڳيان پيش ڪريون، تہ جيئن ان جو ڪو تدارڪ ٿئي. اهي بدنصيب مير جي هاڻي حڪومت وڃائي ويٺا آهن، تن ڏاڍي ڪوشش ڪئي تہ هندستان ۾ سندن داد ٿئي، پر اتي وريو ڪي ڪين. انڪري سخت تڪليف ۾ اچي انهن اسان ڪي اوهان ڏانهن ڏياري موڪليو آهي. هتي پهچڻ کان پوءِ اسان سر رابرٽ پيل، هندستاني معاملن جي بورڊ آف ڪنٽرول ۽ ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس سان مليا آهيون، پر ڪنهن بہ اسان جي نہ ٻڌي. ايتريقدر جو هنن اسان جي معاملي ۾ ٻچا ڳاچا بہ ڪانہ ڪرائي، ۽ ائين ئي رُکو جواب ڏيئي ڇڏيائون. جيئن تہ اسان جا پئسا کپي ويا آهن، انڪري اسين انگلنڊ ۾ وڌيڪ عرصو ٽڪي نہ سگهون ٿا، ۽ واپس پيا وڃون، پر اسان جي خواهش آهي تہ اسان جو معاملو اوهان جي اخبار جي معرفت پبلڪ جي اڳيان رکيو وڃي، تہ جيئن اهي انهيءَ جي عيب صواب تي ويچار ڪري سگهن ۽ انهيءَ تي صاف دليءَ ۽ بنان ڪنهن رياءَ جي فيصلو ڏين."

انهيءَ خط جو نقل جو اميرن هندستان جي گورنر جنرل کي لکيو هو.

## (فارسيءَ تان نقل)

"هندستاني صوبن جا گورنر جنرل.
نواب عاليجناب معلي القاب سر هينري هارڊنج بهادر،
شل تنهنجي حڪومت ۽ شاهوڪاريءَ جي باغ جا
گل تيز ٽندا رهن؛ شان ۽ دبدبو اچيو تو وٽ پناه وٺي؛ شل خدا توهان کي سلامت رکي، ۽ پنهنجي لطف جو مينهن اوهان جي مٿان وسائيندو رهي. گهڻن سلامن ۽ نيازن کان پوءِ عرض ٿو ڪجي تہ:

اوهان جي مبارڪ آمد جي ڪري، اسان کي اميد هئي ته اسان کي پنهنجي حضور ۾ گهرائڻ جو شرف بخشيو ويندو. پر جيئن ته ڪجهه وقت گذري چڪو آهي، ۽ اوهان ياد نه فرمايو آهي، انڪري اسين گذارش ٿا ڪريون، ته اسان کي انهيءَ عنايت کان سرفراز ڪندا، ته اهو اسان جي لاءِ خوشيءَ جو باعث ٿيندو. جيتوڻيڪ اسين انگريز سرڪار جا دوست هئاسين، پر جيڪي ظلم لارڊ ايلنبرو ۽ سر چارلس نيپئر اسان تي ڪيا آهن، سي اسين پائيون ٿا ته اوهان کان ڳجها ڪين هوندا. اسان کي تمام وڏي عرصي کان قيد ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ اسان ذهني طرح ڏاڍي تڪاليف سٺي آهي. پر ان هوندي به اسان کي انگريز حڪومت جي مهربانيءَ ۽ نوازش جي قوي اميد آهي.

خدا شل توهان کي وڏي ڄمار بخشي.

فقط ٢٥- شعبان ١٢٦٠هجري مطابق ٦- سيپٽمبر ١٨٤٤ع

مهر مير صوبدارخان مهر ميرمحمد خان مهر ميرمحمد نصيرخان

انهيءَ خط جو ترجمو جو هندستاني گورنر جنرل جي سيڪريٽري مسٽر ايف ڪوري سنڌ جي قيدي ميرن مٿان رکيل سپرنٽينڊنٽ کي لکيو هو.

تنهنجي خط جي جواب ۾ مون کي حڪم ڪيو ويو آهي، ته توکي اطلاع ٿو ڏيان ته گورنر جنرل ميرن کي بارڪپور ۾ ملاقات ڪرڻ جو شرف بخشڻ جو ڪو به ضرور نٿو سمجهي. ان جو مطلب اهو آهي ته گورنر جنرل صاف لفظن ۾ ٻڌائڻ ٿو گهري، ته هو ڪو به اهڙو لفظ انهن شهزادن سان نٿو ڳالهائي سگهي، جنهن موجب انهن جي حالت ۾ ڪو فائدو يا ڦيرگهير اچي سگهي. ان هوندي به جيڪڏهن هو هرويرو ملاقات ڪرڻ چاهين ٿا ته پوءِ گورنر جنرل ڪو ڏينهن انهيءَ لاءِ مقرر ڪندو.“

## ميرن وتان گورنر جنرل ڏانهن

(فارسيءَ ۾ نقل)

هندستاني صوبن جو گورنر جنرل

"نواب عاليجناب معلي القاب سر هينري هار ڊنج بهادر شل تنهنجي حڪومت ۽ شاهوڪاريءَ جي باغ جا گل تازا رهن، شان ۽ دٻدٻو اچيو تو وٽ پناهه وٺي، شل خدا توهان کي سلامت رکي، ۽ پنهنجي لطف جو مينهن اوهان جي مٿان وسائيندو رهي. گهڻن سلامن ۽ نيازن جي عرض ته اسين اوهان جي دوستانه رويي جا شڪر گذار آهيون.

اسان جي اگهڻن خط جي حوالي سان جيڪو اسان حضور جن کي ڪئپٽن گارڊن جي معرفت موڪليو هو. انهيءَ جو موڪليل جواب اسان کي ڪئپٽن گارڊن جي منشيءَ جي معرفت پهتو، جنهن سان پتو پيو ته حضور جن کي ڪوبه اکر نه چوٽو آهي، جنهن ۾ اسان کي ڪو فائدو پهچي يا اسان جي حالت ۾ ڦيرگهير اچي سگهي. اسان سمجهيو تي ته حضور جن کي اسان جي انگريز سرڪار سان دوستي جي بدلي ۾ اسان تي ٿيل ظلم ۽ بي انصافيءَ جي پوري خبر هوندي، پر جيئن ته حضور جن کي دخل اندازي ڪرڻ جي سگهه نه اهي، انڪري اسان اهان کي پاڻ تي ٿيل مصيبتن جي تفصيل کان آگاهه ڪرڻ جي تڪليف ڏيڻ نٿا گهرون، ڇاڪاڻ ته انهيءَ ۾ تمام گهڻي ظلم ۽ تشدد کان ڪم ورتو ويو آهي. اسان لاءِ هاڻي دادرسيءَ جو فقط هي رستو آهي، ته اسان مان ٻن-ٽن ماڻهن کي اجازت ڏني وڃي ته اهي وڃي پنهنجو معاملو ملڪه معظمه، حڪومت جي وزيرن ۽ ٻين رئيسن جي اڳيان (سندن فيصلي لاءِ) پيش ڪن. جيئن ته اوهان کي سچو معاملو نيڪ روشن آهي انڪري اسان کي اميد آهي ته اوهان عرض

ڪيل گذارش جي منظوري ڏيڻ فرمائيندا، جيڪڏهن حضور جن اسان جي معاملي تي، جيئن اوهان کي روشناس ڪرايو ويو هو، غور ڪن ها ته جيڪر اسان کي پنهنجو حق پڙلڻ پوي ها، ۽ اسان کي انگلنڊ وڃڻ جي ضرورت ئي محسوس نه ٿئي ها. جيئن ته اوهان کي اسان جي معاملي جي پوري خبر آهي، انڪري اسان کي اميد هئي ته اسان سان پورو پورو انصاف ٿيندو. پر هاڻي جيئن ته اسان جون زندگيون، ملڪيتون ۽ عزتون انگريزن جي هٿ ۾ آهن، انڪري اسان قوي اميد ٿا ڪريون ته اسان کي لنڊن وڃڻ کان نه روڪيو ويندو. اسان کي پنهنجن پيارن کان پري رکيو ويو آهي، ۽ پڻ اهڙيءَ حالت ۾ آندو ويو آهي، جنهن جو اسان کي خواب خيال ئي ڪونه هو. اهو سڀ شايد اسان کي انهن خدمتن جي بدلي ۾ مليو آهي، جي اسان وقت بوقت انگريز سرڪار لاءِ سر انجام ڏنيون هيون. اسان سان اهڙي هلت نه ٿيڻ کپندي هئي. اسين اهو ٻڌائڻ گهرون ٿا ته انگريزن جي قاعدي موجب ڪنهن به ماڻهوءَ کي پوءِ اهو ڪهڙي به وڏي ڏوهه جو ڏوهاري هجي، ڪيس ٻڌڻ کان سواءِ سزا نٿي ڏيئي سگهجي. هر ڪنهن کي ڪليل ڪورٽ ۾ پنهنجي ڪيس پيش ڪرڻ جو حق آهي ۽ ڪورٽ جا معزز ماڻهو (جيوري) انهيءَ کي توري تڪي ڪنهن فيصلي تي پهچن ٿا. انهيءَ کان پوءِ ئي ڏوهي يا بيڏوهي هجڻ جو فيصلو ڏنو وڃي ٿو. جيستائين اسان پنهنجي معاملي جو فيصلو لنڊن کان نه ٻڌو آهي تيسين سمجهنداسين ته اسان کي انهيءَ جي آزمائڻ جو پورو پورو حق آهي. انڪري اسين گذارش ٿا ڪريون ته حضور جن اسان جي ڪيل درخواست ڪرڻ فرمائين. اجازت ملڻ کان پوءِ اسين پنهنجي پارٽيءَ مان ٻن يا ٽن ماڻهن جا نالا حضور جن کي پيش ڪنداسين، جي اسان جو ڪيس ڪٺي لنڊن روانا ٿيندا.

خدا شل اوهان کي شاد ۽ آباد رکي.

تاريخ ٢٦-مهينو رمضان ١٢٦٠ هجري بمطابق ١١- آڪٽوبر ١٨٤٤ع"
مهر مير صوبدار خان مهر مير ميرمحمد خان مهرميرمحمدنصيرخان

ميرن جون مهرون

گورنر جنرل جي سيڪريٽريءَ مسٽر ڪُري جي خط جي فارسي ترجمي جو انگريزي ترجمو، جو هن ڪئپٽن ايم-ايف گاردن کي لکيو هو، جو فقط ٿيل ميرن جي مٿان سپرنٽينڊنٽ مقرر ڪيل هو:

"اوهان جو خط مورخ ١٥- آڪٽوبر بين ڪاغذن سان گڏ جي ميرن جي طرفان گورنر جنرل ڏانهن لکيل هئا، تہ انهن مان ٻن ڄڻن کي انگلنڊ اسهڻ جي اجازت ملي، تہ جيئن اها پنهنجا اهنج وڃي مهاراڻيءَ اڳيان پيش ڪن، پهتو.

جواب ۾ توکي اطلاع ٿو ڏجي، گورنر ان ڪائونسل، انهيءَ درخواست جي منظوري نٿو ڏيئي سگهي.

توکي آگاهہ ٿو ڪجي، تہ ميرن کي انهن واقعن کان واقف ڪر، جي تمام ويجهڙائيءَ ۾ سرزد ٿيا آهن. دهليءَ جي شهنشاهہ ريجهڙائيءَ ۾ پنهنجي معاملي پيش ڪرڻ لاءِ ڪي ماڻهو انگريز سرڪار ڏانهن موڪليا هئا، پر جيئن تہ انهن جي منظوري ورتل ڪانہ هئي ۽ نہ ئي وري اهي ڪنهن صحيح اختياريءَ واري جي معرفت موڪليا ويا هئا، انڪري بورڊ آف ڊائريڪٽرس نہ تہ انهن کي ملاقات جو شرف بخشيو، ۽ نہ وري ڪا انهن جي ڳالهہ ٻڌي ويئي."

---

انهيءَ خط جو نيل جو سر رابرٽ پيل سنڌ جي ميرن جي موڪليل قاصدن کي جواب ۾ لکيو هو:

"سر رابرٽ پيل آخوند حبيب‌الله، ديوان ميٺا رام ۽ ديوان ڏيارام کي نياز عرض ٿو ڪري ۽ انهيءَ خط جي پهچ ٿو ڏئي، جو انهن کيس ٣- تاريخ لکيو هو.

سرڪار رواج موجب سر رابرٽ پيل انهيءَ خط ڪي، ارل آف رپن ڪي موڪليو آهي، جو مهاراڻيءَ جو وزير ۽ هندستاني معاملن جي شعبي جي صدر آهي."

—

هندستان جن معاملن جي بورڊ آف ڪنٽرول جي صدر جي خط جو نقل، جو هن ميرن جي سفيرن ۽ پڻ خود هڪ مير جي خط جي جواب ۾ لکيو هو:

"انڊيا بورڊ، ۷- اپريل ۱۸۴۵ع

حضرات، هندستاني معاملن جي جي ڪمشنر جي هدايتن پٽاندر، آءٌ اوهان جي انهيءَ خط جي پهچ ٿو ڏيان، جو اوهان هن بورڊ جي صدر ڪي ۳- تاريخ تي موڪليو هو. انهيءَ ۾ اوهان سنڌ جي ميرن مير نصير خان، مير مير محمد خان ۽ مير صوبدار خان پاران وڪيل بنجي پنهنجي مالڪن طرفان اختيار نامو پيش ڪيو هو، ۽ ان سان گڏ اهو به عرض ڪيو هو، ته جنهن مقصد سان اوهان هن ملڪ ۾ آيا آهيو اهو پيش ڪجي.

ڏنل هدايتن مطابق آءٌ اهو مُهر ٿيل لفافو، جنهن ۾ اهي اختيار ناما پيل آهن، اوهان ڏانهن واپس ٿو ڪريان، ۽ اوهان کي اطلاع ٿو ڏيان ته هندستاني حڪومت بابت جيڪي به درخواستون انگلنڊ جي اختياريءَ وارن ڪي موڪلجن، سي دستوري طور ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس جي معرفت موڪليون وڃن.

اوهان جو نيازمند
جي ايمرسن ٽينيٽ

---

انهيءَ خط جو نقل جيڪو ميرن جي عيوضين ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس کي لکيو هو.

”معزز صدر ۽ نائب صدر، ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس ايسٽ انڊيا ڪمپني، معزز حضرات! اسين هيٺ صحيح ڪندڙ سنڌ جي ميرن هزهائينيس مير محمد نصير خان، مير مير محمد خان ۽ صوبدار خان پاران انهن جا وڪيل، اوهان جي معرفت عزت ماب ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس ڪان مسٽر جي ايمرسن ٽينيٽ وٽان ڪالهه شام جو پهتل خط، ۽ پڻ ارل آف رپن ۽ مهارائي جي پاران هندستاني معاملن جي ڪمشنر جو خط، اختيارنامن سان جي لکپڙهه ۾ ذڪر ڪيا ويا آهن، عرض ڪريون ٿا ۽ عزت ماب ڪورٽ کي نمائائيءَ سان گذارش ٿا ڪريون، ته سنڌ جي ميرن جو اهو معاملو نوازش فرمائي مهارائيءَ جي حڪومت اڳيان پيش ڪيو وڃي.

۱۹ هارلي گهٽي ڪئوينڊش اسڪوائر

۱۸- اپريل ۱۸۴۵ع اوهان جا نيازمند ۽ فرمانبردار نوڪر

آخوند حبيب الله

ديوان ميٺارام

ديوان ڏيارام“

----

مٿين درخواست جي جواب ۾ ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس ڪان پهتل خط جو نقل:

”ايسٽ انڊيا هائوس، ڪئوينڊش گهٽي

۱۸- اپريل ۱۸۴۵ع

مهربان- اوهان جو خط جيڪو اوهان ايسٽ انڊيا ڪمپني جي ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس کي، سنڌ جي اميرن جي وڪيلن جي حيثيت ۾ اختيارنامن سان گڏ موڪليو هو، ۽ جنهن ۾ سندن پاران عرضداشت ڪرڻ لاءِ اجازت گهري هئي، سو پهتو ۽ ان کي ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس جي آڏو رکيو ويو.

انھيءَ جي جواب ۾ مون کي حڪم ٿيل آهي تہ اوهان کي ٻڌايان تہ ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس ڪابہ اهڙي درخواست سنڌ جي اڳين اميرن پاران نٿي وٺي سگھي، جيسين اها هندستان جي حڪومت جي معرفت نہ موڪلي وڃي، انڪري آءٌ اوهان جا موڪليل اختيارناما واپس ٿو ڪريان.

اوهان جو نيازمند نوڪر

جيمس ميلوِل"

----

انھيءَ نوٽ جي ڪاپي جا ميرن جي عيوضين طرفان ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس جي صدر کي پيش ڪئي ويئي هئي:

آخوند حبيب الله، ديوان ميٺارام ۽ ديوان ڏيارام، سنڌ جي اڳين اميرن جا وڪيل، پنهنجا نياز ايسٽ انڊيا ڪمپني جي صدر کي عرض رکن ٿا، ۽ انھيءَ موقعي لاءِ عزت جي نگاهہ سان واجھائين ٿا، جڏهن ڪين ساڻن ملاقات جو شرف بخشيو ويندو."

---

مٿئين نوٽ جو جواب ۽ پڻ ان سان گڏ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس ڪان پهتل اطلاع:

"ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جو صدر پنهنجا نياز آخوند حبيب الله، ديوان ميٺارام ۽ ديوان ڏيارام کي عرض رکي ٿو. سرڪاري طور ڏنل جواب مان ڪين سمجھڻ گھرجي تہ ڊائريڪٽر ڪين ملاقات جو شرف نٿا بخشي سگھن، جنھن لاءِ سندن درخواست ٿيل آهي.

ايسٽ انڊيا هائوس

١٨-اپريل ١٨٤٥ع"

----

انھيءَ خط جي ڪاپي جا سنڌ جي ميرن جي ايلچين ارل آف رپن کي پيش ڪئي:

ڇڏي وڃي پنهنجي خالق سان مليو. باقي رهيل مير بہ بيمار رهن ٿا، ۽ جيڪڏهن اجا بہ ڪين زبردستيءَ، آٽي رهايو ويندو تہ پوءِ اهي بہ جلدي گذاري ويندا، انڪر انهن جو هن معزز هائوس کي عرض آهي تہ ڪين يا تہ بمبئيءَ موڪليو وڃي يا پوني ڏانهن موڪلجي، ڇاڪاڻ تہ انهن ٻنهي هنڌن جي آبهوا سندن طبيعت لاءِ موافق ڏسڻ ۾ آئي آهي.

تہ هز هائينيس جي ديرن ۽ سندن خاندان کي اجازت ڏني وڃي، تہ اهي اچي ڪين ملن، ۽ انهيءَ لاءِ مير عباس علي، مير محمد علي يا ٻئي ڪنهن ننڍي مير کي انهن معزز عورتن کي ميرن ڏانهن وٺي وڃڻ تي مامور ڪيو وڃي. جيئن تہ انهن ساموندي سفر ڪونہ ڪيو آهي، ۽ انهيءَ کان اڻواقف آهن، انڪري ڪين هڪ اِستيمر ڏياريو وڃي، جو ڪين وڃي ميرن تائين پهچائي. جيڪڏهن انهن مان ڪي ساموندي سفر اختيار نہ ڪن، تہ پوءِ ڪين خشڪيءَ جي رستي موڪليو وڃي، ۽ انهيءَ سفر ۾ پردي جي انتظام ۽ سندن رتبي ۽ سقيم حالت جي مدنظر سندن سنڀال ۽ آرام جو بندوبست ڪيو وڃي. انهن عورتن مٿن ٿيل مصيبت جو داستان هن درخواست جي رستي، جا هنن اسان کي سونپي ڏني هئي، عرض رکون ٿا تہ جيئن انهن بدنصيبن جا دوست، انهيءَ کي مهارائيءَ جي اڳيان پيش ڪري سگهن."

---

بلقيس وانگر وڏند رهي.

"شال مهارائيءَ جي شان ۽ شڪت جو پاڇو پاڪدامن انهيءَ واقعي کي گذرئي ٻہ سال ٿيندا، جو سر چارلس نيپئر فوج ۽ توبخانو وٺي سنڌ ۾ آيو هو، ۽ اچي اسان جي گهرن کي لُٽيائين ۽ جيڪي بہ قيمتي شيون جهڙوڪ پيسا ڏوڪڙ، زر زيور يا هيرا جواهر هن اتي ڏٺا، سي اسان کان کسي ويو. نہ فقط ايترو اسان جا مرد ماڻهو، يعني تہ مير ۽ اسان جا ٻار اسان کان کسي،

انهن کي قيدي بنائي، هندستان موڪلي ڇڏيائين. اسان کان هائي اها طاقت کسجي ويئي آهي، جا سر چارلس نيپيئر جي اچڻ کان اڳ اسان وٽ هئي. انڪري اسين هاڻي بيوس ۽ لاچار ٿي ويون آهيون. اهو ڪهڙو طريقو آهي، جو هو اسان جي گهرن ۾ گهڙي آيو، ۽ اسان جو الهه-تلهه ڦري ويو، ۽ ايترو به نه ڇڏيو اٿس، جنهن مان اسين پنهنجو گذر سفر ڪري سگهون. ٻن سالن کان وٺي اسان کي پنهنجي اصلوڪي شهر ۽ گهر کان پري جهوپڙين ۾ رهڻ تي مجبور ڪيو ويو آهي. اسان کي ايترو ته بيوس ۽ لاچار ڪيو ويو آهي، جو اسان کي پورو کاڌو به نٿو ملي. جيڪو ڀتو اسان کي مهيني لاءِ ڏياريو وڃي ٿو، سو هڪ هفتي ۾ ختم ٿيو وڃي اسان کي جيڪا کاڌي ۽ ڪپڙي جي تنگي آهي، انهيءَ جي خدا کي ئي خبر آهي. ۽ جيئن ته اسان کي ميرن کان پري رکيو ويو آهي، انڪري اسين ڏک ۽ عذاب ۾ آهيون ۽ جيئڻ مان ڪٽ ٿي پيئون آهيون. ماڻهو جيڪڏهن خدا جي حڪم سان مري ٿو، تڏهن ان ۾ ڪو به مهٽو نه آهي، پر هتي ته روزانو نئين موت جي تڪليف ڏسڻي ٿي پوي، جا ڏاڍي بڇڙي شيءِ آهي. جيئن ته توهان راڻي آهيو ۽ اسين به تو وانگر ڪنهن وقت راڻيون هيونسين، انڪري اميد ڪريون ٿيون ته اسان تي ڪهل آڻي، اسان سان همدرديءَ جو سلوڪ ڪيو وڃي، ۽ اسان کي اهي سڀ شيون واپس ڏياريون وڃن، جي سر چارلس نيپيئر اسان کان ڦريون آهن. جيئن ته اسان جون دليون ميرن ۽ پنهنجن پٽن جي جدائيءَ ۾ ڦتجي چڪيون آهن، انڪري اسين عرض ٿيون ڪريون ته اسان کي انهيءَ آزار کان نجات ڏياري وڃي، نه ته پوءِ اسين پنهنجي حياتي ختم ڪرڻ کي هڪ ثواب جو ڪم سمجهنديونسين. شل خدا توکي وڏي ڄمار ڏئي.

٢٧- شوال ١٢٦٠ هجري جي حيدرآباد سنڌ ۾ لکيو ويو.

ديرن جون صحيحون

بيگم مير ڪرم علي خان — بيگم مير محمد نصير خان
بيگم مير نور محمد خان — بيگم مير مير محمد خان
بيگم مير صوبدار خان"

—

"اوهان جون عرضدار ٽيون وڌيڪ هي به عرض ٿيون ڪن ته:
جيڪو الائونس ميرن کي ڏياريو وڃي ٿو، سو سندن لاءِ ۽ سندن وفادار نوڪرن لاءِ، جن ديس-نيڪاليءَ ۾ به ساڻن ساٿ ڏنو آهي، بلڪل اڻپورو آهي، انڪري نوازش روءِ انهيءَ تي غور ڪيو وڃي، ۽ سندن رتبي ۽ وڏائيءَ موجب وڌائي ڏنو وڃي، ۽ پڻ ميرن ۽ سندن ديرن کي سندن ملڪ جي رواج موجب رهڻ لاءِ چڱا گهر مهيا ڪري ڏنا وڃن.

جيڪي هيرا ۽ جواهر، ۽ ٻي خانگي ملڪيت جا ميرن ۽ سندن ديرن کان ڦري ويئي آهي، ڪين واپس ڏياري وڃي. پڻ سر چارلس نيپئر کي حڪم ڏنو وڃي ته هز هائينيسز جا خانگي ڪاغذ ۽ سامان جون فهرستون، ڪين واپس ڪيا وڃن ته جيئن اهي انهن کي ڏسي پنهنجي ملڪيت واپس وٺي سگهن.

اهي سڀ امير جيڪي جدا جدا هنڌن جهڙوڪ پونا، سورت، هزاري باغ ۽ ڪلڪتي وغيره ۾ نظربند آهن، تن سڀني کي هڪڙي هنڌ گڏ رهايو وڃي.

ٻيو ته مير ڪرم علي خان جي گهر جي معزز عورتن کي ڪجهه جاگيرون هيون، جي سر چارلس نيپئر انهن کان کسي ورتيون اهن. جيئن ته ڪيترن ٻروچ سردارن کي سندن جاگيرون واپس ڏنيون ويون آهن انڪري انهن عزت ماب عورتن

جو حڪم صادر فرمائيندي تہ جيئن اسان کي انصاف ملي پوي.
اسان اوهان جي تخت ۽ بخت جا خيرخواه. شل ڌڻي سائين اوهان کي هن گذارش پڙهڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اسين آهيون اوهان جا نوڪر
آخوند حبيب الله
ديوان ميٺارام
ديوان ڏيارام

لنڊن ١٩- هارلي گهٽي
٣٠- مارچ ١٨٤٥ع

## ضميمو ٣-

اسين آخوند حبيب الله، ديوان ميثارام ۽ ديوان ڏيارام، سنڌ جي ميرن جا عيوضي خدا کي حاضر ناضر ڄاڻي، اعلان ٿا ڪريون ته اسان کنهن به وقت پنهنجن رئيسن جي خلاف مڙهيل تهمتن جي سچائيءَ ۾ ڪڏهن به پاڻ کي ملوث ڪو نه ڪيو آهي. اسان جو نه فقط انهيءَ ڳالهه ۾ اعتبار آهي، پر ان سان گڏ اسان زوردار لفظن ۾ انهيءَ ڳالهه جي به تائيد ٿا ڪريون، ته جيڪي خط بيبرگ بگٽيءَ ڏانهن مير نصيرخان جا لکيل پڌايا وڃن ٿا، سي نسورو هٿناٺ هئا.

اسين خدا کي حاضر ناظر ڄاڻي، اهو به ٿا چئون ته مير انهن مڙني متن مڙهيل تهمتن کان بيڏوهي آهن.

صحيحون

آخوند حبيب الله

ديوان ميثارام

ديوان ڏيارام

۱۹- هارلي گهٽي

۱۵- آگسٽ ۱۸۴۵ع

# ضميمو ۴

انهيءَ بيان جو ترجمو جو ديوان ميٺارام ميرن جي حڪم جي تعميل ۾ ڏنو هو:

پهريائين لارڊ منٽو ۱۸۰۹ع ۾ ميرن سان عهدنامو ڪيو ۽ ڪانئس پوءِ گورنر وليم ڪاوينڊش بينٽنڪ ٻه عهدناما ڪيا، پهريون ۱۸۳۲ع ۾ ۽ ٻيو سر هينري پاٽنجر جي معرفت ۱۸۳۴ع ۾. انهن عهدنامن ۾ لکيل هو ته انگريز سرڪار جو سنڌ ڏانهن دوستيءَ جو رستو، قيامت تائين رهندو، ۽ انگريز حڪومت ميرن جي ملڪ مان هڪ فوٽ زمين جي به خواهش ڪا نه ڪندي.
انهيءَ کان پوءِ سر هينري پاٽنجر سنڌ ۾ گورنر جنرل

پاران ايلچي بنجي آيو، ۽ عرض ڪيائين، ته واپارين کي ۽ واپاري ٻيڙن کي سنڌو درياهه مان جهازراني ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي ۽ ڪانئن ڪوبه محصول وغيره نه اُگاڙيو وڃي. جيئن ته سنڌ جي ميرن کي دوستي انگريزن سان نباهڻي هئي انڪري هُنن انهيءَ گذارش جي اجازت ڏني. ساڳئي وقت سنڌ حڪومت جي هٿ هيٺ علائقن ۾ سيني واپارين کي بنان ڪنهن رنڊڪ يا تڪليف جي اچ وڃ جي اجازت ڏني ويئي. پاٽنجر جڏهن ٻيون دفعو اچي پرگهٽ ٿيو، تڏهن اچي چيائين ته انگريز فوجون ڪابل ۽ افغانستان وڃڻ خاطر، سنڌ مان گذرنديون. انهيءَ تي به ميرن اجازت ڏيئي ڇڏي. انگريز فوجون جڏهن سنڌ ۾ پهتيون، تڏهن ميرن کي چيو ويو ته اهي پنهنجن ڪاردارن ڏانهن حڪم جاري ڪن ته اهي انگريزن کي ٻيڙيون، ڪاٺ ۽ اَنُ وغيره پهچائي ڏين. جيتوڻيڪ اهڙو ڪوبه شرط عهدنامي ۾ ڪونه هو، پر اَن هوندي به ميرن انهيءَ دوستي کي پڪو

ڪرڻ لاءِ، جا انگريزن سائن سچي عمر لاءِ رٿي هئي، ٻيڙيون، اٽ، اناج، ڪاٺ ۽ ٻيون ضروري شيون انگريزن کي مهيا ڪري ڏنيون، جي کين خراسان واري مهم لاءِ گهربل هيون. اميرن جي انهيءَ قدم تي، ته انگريزن کي ضروري شيون مهيا ڪري ڏجن، بلوچ قبيلا سخت ناراض ٿي پيا. ساڳئي وقت اميرن انهيءَ ڪم جي ڪري پٺاڻن سان به دشمني ڪري وڌي. پر انهن سيني ڳالهين هوندي به، انهيءَ دائمي دوستيءَ کي پڪو ڪرڻ لاءِ، اميرن بلوچ قبيلن کي حڪم جاري ڪيا ته انگريز فوج جي ڪابه مخالفت نه ڪن، ۽ اهو به اعلان ڪيو هئائون ته جيڪو به انگريز فوج جي واٽ ۾ رڪاوٽ يا هراس وجهندو، انهيءَ کي سخت سزا ڏني ويندي. انهيءَ حڪم جي ڪري بلوچ قبيلا ماٺ ۾ رهيا، ۽ انگريز فوج کي ڪابه تڪليف نه ڏنائون.

جڏهن سر جان ڪين جهرڪن وٽ پهتو، جو حيدرآباد کان ٻارهن ڪوهه پري آهي، تڏهن هُن عهدنامي جي پيڪڙي ڪندي ڪئپٽن ايسٽوڪ جي هٿان هڪ ميمورنڊم ڏياري موڪليو. انهيءَ ۾ هن لکي موڪليو. ته هن کان پوءِ مير انگريز لشڪر جي رهائش جو ساليانو خرچ لاءِ ٽي لک رپيا ڀرين، ڏين ۽ انهيءَ کان سواءِ ايڪيهه لک رپيا هڪدم خرچ لاءِ ڀري ڏين، نه ته انگريزن سان جنگ ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃن! اهي شرط زوري قبول ڪرائڻ ميرن سان نسورو ظلم هو پر ان هوندي به انهن دوستيءَ جي ناتي جي خيال کان ناموزون ۽ بي انصافيءَ جي اصول تي ٻڌل هئا. ميرن نيٺ اهي پئسا به ڀري ڏنا، جي آڪلنڊ ڪائنٽ گهريا هئا، ۽ اهي پئسا ميرن پنهنجن خانگي خزانن مان ڏنا. جڏهن سرجان ڪين ڪابل ڏانهن روانو ٿي ويو، تڏهن ميرن رستا ۽ لنگهه کولي ڇڏيا ۽ انگريزن جي اسٽيمرن جي اچ وڃ ۾ ڪابه رنڊڪ نه وڌي. انهي جي شاهدي ليفٽيننٽ پوسٽن ۽ ٻيا ڏيندا، جي ان وقت اُتي موجود هئا.

جيڪڏهن مير، انگريزن جي اهڙيءَ طرح مدد نہ ڪن ها تہ پوءِ انگريزن جي ڪابل واري مهم ڪڏهن بہ ڪامياب نہ ٿئي ها. اهو سڀ ڪجهہ ميرن انهيءَ لاءِ ئي ڪيو تہ ڪين انگريز حڪومت وٽان انهن خدمتن جو پورو پورو معاوضو ڏنو ويندو، ۽ نہ انهيءَ لاءِ تہ ڪين اهڙي مصيبت ۾ وڌو ويندو جنهن ۾ هو هينئر مبتلا آهن.

پر هاڻي ونو انهيءَ ڳالهہ کي تہ سر جان ڪِين جي وڃڻ کان پوءِ سر هينري پاٽنجر ١١- مارچ ١٨٣٩ع تي هڪ ٻيو عهدنامو آڻي ڪيڏيو، جنهن تي لارڊ آڪلنڊ جي صحيح ۽ مُهر پيل هئي. جهڙيءَ طرح، اڳين عهدنامن ۾ لکيو ٿي ويو، اهڙيءَ طرح هن عهدنامي ۾ بہ ائين مذڪور هو تہ هي عهدنامو سڪندر جي ديوار وانگر مضبوط ۽ هڪ ٻئي ڌريءَ کان ٻي ڌريءَ تائين محڪم رهندو! انهيءَ کان پوءِ سر هينري پاٽنجر چين ڏانهن اسهيو ۽ سندس جاءِ ميجر آئوٽرام ورتي، جو حيدرآباد جو ريزيڊنٽ مقرر ٿيو. ميرن کي وري بہ انهيءَ نئين ريزيڊنٽ جي رحم ۽ ڪرم تي ڇڏيو ويو. ميجر آئوٽرام ٿوري وقت کان پوءِ بلوچستان هليو ويو، ۽ سندس جاءِ تي سندس نائب مسٽر ليڪي حيدرآباد جي دربار تي مقرر ڪيو ويو. مسٽر ليڪي کي مير محمد خان اطلاع ڏياري موڪليو تہ حيدرآباد جا مير پنهنجي طرفان هڪ عيوضي لنڊن جي دربار ڏانهن موڪلڻ چاهين ٿا، تہ جيئن پنهنجا ڏک سور ۽ اهنج ايذاء وغيره آتي پهچائي سگهن. مسٽر ليڪي منشي ساڌورام جي معرفت، جو پڻ انگريز سرڪار جو هڪ نوڪر آهي، جواب ڏياري موڪليو تہ مير پنهنجو عيوضي شايد ڪمپنيءَ جي خلاف شڪايت ڪرڻ لاءِ ٿا موڪلين، انهيءَ تي ڪمپني ناراض ٿي پوندي ۽ انهيءَ جي ميرن سان دشمني ٿي پوندي. ميرن کي انهيءَ تي لاچار پنهنجي عيوضي موڪلڻ جي ارادي کي ترڪ ڪرڻو پيو. انهيءَ واقعي کان ٿورو پوءِ مسٽر ليڪي

۾ ميجر آئوٽرام بمبئيءَ مان سکر پهچي ويو ۽ ڏيجيءَ وٽ وچي سر چارلس نيپئر سان مليو. انهيءَ کان پوءِ سر چارلس نيپئر امام ڳڙهہ جي قلعي ڏانهن وڌيو، جو مير رستم خان جي پٽيءَ مير محمد خان جو رهائشگاهہ هو. قلعي کي بلڪل تباهہ ڪيو ويو، ۽ ان ۾ رکيل اناج جا انبار لٽيا ويا. اتان پوءِ سرچارلس منزلون ڪندو حيدرآباد ڏانهن وڌيو. ميرن جڏهن سندس واڌ جو ٻڌو، تڏهن ڏانهنس قاصد ڏياري موڪليائون، تہ اسان پنهنجي مرضيءَ جي خلاف، انهيءَ نئين عهدنامي کي بہ قبول ڪيو آهي، تہ پوءِ توهان ڇو فوج ۽ توبن سان حيدرآباد وڌي رهيو آهين؟ ميرن جيڪي وڪيل سر چارلس نيپئر ڏانهن ڏياري مڪا هئا، انهن جا نالا ميرزا خسرو بيگ ۽ يوسف خدمتگار هئا، ۽ اهي سر چارلس نيپئر کي نوشهري وٽ وڃي مليا، جو حيدرآباد ۽ سکر جي وچ آهي. اهي ميرن جون مهرون بہ اتي کڻي ويا، تہ جيئن نئين عهدنامي جي قبوليت تي هنيون وڃن. سرچارلس نيپئر کين اهي مهرون هڻڻ نہ ڏنيون، ۽ هڪ خط ڏيئي واپس موڪليو، تہ جيڪي بہ اهي شرط شروط هئا، تيئن انهن جي هڪدم تعميل ڪئي وڃي. انهيءَ خط ۾ مذڪور هو تہ مير، مير رستم خان کي هڪدم حيدرآباد ۾ گهرائي وٺن، تہ جيئن ميجر آئوٽرام اتي پهچي مير رستم خان جو معاملو طئي ڪري، ۽ ساڳئي وقت عهدنامي تي بہ سيل مهر ڪئي وڃي. خط ۾ اهو بہ لکيل هو تہ سر چارلس نيپئر جي مرضي هئي تہ حيدرآباد تي چڙهائي ڪري، پر هاڻي هو انهيءَ کي في الحال مهمل ٿو رکي، پر جيڪڏهن مير رستم خان ميجر آئوٽرام سان نہ ملندو، تہ پوءِ کيس دشمن سمجهيو ويندو. اهڙيءَ طرح مير رستم خان ۽ سندس بہ وڪيل ٨- فيبروري ١٩٤٢ع تي اچي حيدرآباد ۾ مليا. جيئن ئي ميجر آئوٽرام اچي اتي پهتو، تيئن هن ميرن ڏانهن نياپو موڪليو تہ عهدنامو بحال ڪيو وڃي ۽ جيئن تہ ميرن لاءِ ٻيو ڪو بلو ڪو نہ هو، ۽ اهو عهدنامو هو بہ بي انصافيءَ تي مبني،

پر ان هوندي به ميرن انهيءَ کي قبول ڪيو، ۽ پنهنجيون مهرون ڏياري موڪليون. ٻئي ڏينهن، ٩- فيبروري تي، ميجر آئوٽرام ميرن سان ملاقات ڪئي، جن کيس ٻڌايو ته انگريزن جي لڳاتار واڌ سبب بروچ جوش ۾ اچي ويا آهن، ۽ کيس ياد ڏياريائون ته هنن مهرون هڪ ڏينهن اڳيئي ڏياري موڪليون آهن. ميرن انهيءَ تي ميجر آئوٽرام کي گذارش ڪئي ته ڪو آفيسر سرچارلس نيپئر ڏانهن موڪلي، ته جيئن هو پنهنجي چڙهائيءَ کي روڪي. ميجر آئوٽرام اهو چونڊ ڪري هڪ آفيسر مير نصيرخان ڏانهن ڏياري موڪليو، ۽ ميرن انهيءَ کي هڪ تيز رفتار اُٺ تي چاڙهي سر چارلس نيپئر ڏانهن روانو ڪيو. اهو آفيسر وڃي انگريز ڪئمپ ۾ پهتو ۽ ١٢- فيبروري تي اهو ساڳيو اوٺي انهيءَ آفيسر کي واپس وٺي آيو. اهو آفيسر پاڻ سان هڪ خط کڻي آيو، جو منشي ميلارام جو لکيل هو. اهو اوٺي ميرن جي حڪم سان سر چارلس نيپئر جي ڪئمپ ۾ موجود هو، ۽ هن ڏنو ته خط جي پهچڻ شرط سر چارلس نيپئر پنهنجي ڪئمپ ٽوڙي حيدرآباد ڏانهن ڪوچ ڪري ڏنو. ميرن اها خبر ميجر آئوٽرام کي ڏياري موڪلي، جو ساڳئي ڏينهن يعني ته ١٢- فيبروري جي ٢- بجي منجهند جو ميرن وٽ آيو، ۽ چيائين ته جيڪڏهن اوهان انهيءَ عهدنامي تي مهرون هڻندا ته پوءِ هو کيس پنهنجي طرفان پاڻ هڪ خط لکي ڏيندو. هُن اهو به چيو ته جيڪڏهن اهو خط مير پنهنجي ڪنهن به آفيسر جي هٿان سرچارلس کي ڏياري موڪليندا، ته پوءِ هُو اتر سنڌ ڏانهن واپس هليو ويندو. ميرن کي لاچار انهيءَ عهدنامي کي مڃڻو پيو ۽ هنن انهيءَ تي صحيحون ڪيون ۽ مهرون به هنيون. انهيءَ وقت ميرنصير خان ميجر آئوٽرام کي چيو ته مير رستم خان کي وڏيءَ عمر ۾ ٻاهر ڪڍي ڇڏڻ وڏي سختي آهي ۽ جيئن ته ڪانئس سندس سڀيون زمينون (روهڙيءَ کان سبزل ڪوٽ تائين) کسيون ويون آهن، انڪري کيس باقي علائقو واپس ڪيو وڃي. مير نصير خان

ڪيس اهو به ٻڌايو ته سر چارلس نيپئر به انهيءَ معاملي جو فيصلو مٿس ڇڏيو آهي، انڪري انهيءَ جو منصفانه فيصلو ڪيو وڃي. ميجر آئوٽرام تنهن تي ٺلهو جواب ڏيئي ڇڏيو ۽ چيائين ته مير رستم خان جي باري ۾ ڪوبه فيصلو وغيره نٿو ڪري سگهجي. جنهن وقت اهي ڳالهيون ٿي رهيون هيون، ان وقت حيات خان جو هڪ نوڪر حيدرآباد جي قلعي ۾ اچي پهتو، ۽ ٻڌايائين ته حيات خان جيئن حيدرآباد اچي رهيو هو، تيئن سر چارلس نيپئر کيس پڪڙي قيدي بنائي ڇڏيو آهي. بروچن، مير رستم خان سان ٿيل ظلم، حيات خان جي قيد ٿيڻ ۽ سر چارلس نيپئر جي ڪنهن به ڳالهه تي نه اچڻ سبب نااميد ٿي، اهو ارادو ڪيو ته جيئن ته ميجر آئوٽرام قلعو ڇڏي، تيئن مٿس حملو ڪيو وڃي. ميرن کي جڏهن خبر پيئي تڏهن هنن بروچن ڏانهن حڪم ڏياري موڪليو ته هو انهيءَ ارادي کان باز اچن ۽ ميجر آئوٽرام کي ڪيترن ئي معزز رئيسن جي همراهيءَ ۾ ڪئمپ تي صحيح ۽ سلامت پهچايو ويو. ميجر آئوٽرام پوءِ اهو خط جنهن جو هن ميرن سان انجام ڪيو ڏياري موڪليو، ته جيئن سر چارلس نيپئر پنهنجي چڙهائي روڪي. اهو خط پوءِ ميرن جنرل ڏانهن ڏياري موڪليو. قاصد جيڪو خط کڻي ويو هو، تنهن اچي ٻڌايو ته جنرل خط ڏسڻ شرط ڪئمپ ٽوڙي حيدرآباد ڏانهن تڪڙو تڪڙو وڌڻ شروع ڪيو. ميرن انهيءَ تي پنهنجي طرفان به هڪ خط جنرل ڏانهن ڏياري موڪليو، ته جڏهن سندس سڀئي تڪليف ڏيندڙ شرط مڃيا ويا آهن، ته ان هوندي به هو حيدرآباد ڏانهن وڌي رهيو آهي، تنهن جو مطلب ڇا آهي؟ ميرن انهيءَ خط ۾ اهو به پڇيو ته ڇا سندس مطلب جهيڙي ڪرڻ جو آهي ڇا؟ جي ائين آهي ته پوءِ مير شهر خالي ڪري وڃي بريٽ وسائين ۽ پوءِ اتان پنهنجو وڪيل لنڊن موڪلي انصاف حاصل ڪن. انهيءَ گذارش جو به سر چارلس نيپئر ڪو جواب ڪونه ڏنو.

سر چارلس نيپئر جي چڙهائي، ۽ حيات خان جي گرفتاريءَ سبب ٻروچن جو هڪ جٿو جنهن جو تعداد پنجن هزارن کان گهٽ نه هو، حيدرآباد جي قلعي ۾ اچي جمع ٿيو. ميرن جيتوڻيڪ سر چارلس جي نون شرطن کي به مڃيو، پر ان هوندي به هن پوئتي موٽڻ جي نه ڪئي. ان تي مير ۽ سندن ٻروچ سردار شهر جي ٻاهران اچي گڏ ٿيا، ۽ چيائون ته پل نيپئر اچي اسان کي قتل ڪري ۽ پوءِ وڃي اسان جا گهر لٽي چاڪاڻ ته اسين جيئري ڪيس اهو ڪم نه ڪرڻ ڏينداسين. ميرنصير خان جڏهن ڏٺو ته ٻروچ پاڻ کي تباهه ڪرڻ پنهيان آهن، تڏهن هن ميجر آئوٽرام ڏانهن نياپو ڏياري موڪليو، ته هو ٻروچن کي سمجهائڻ وڃي رهيو آهي پر ڪيس صلاح ٿو ڏئي، ته اسٽيمر تي چڙهي هليو وڃي، نه ته تي سگهي ٿو ته، ٻروچ سرچارلس نيپئر تي حملي ڪرڻ سان گڏ مٿس به حملو نه ڪري ڏين. جيڪڏهن ائين ٿيو ته پوءِ ميرن لاءِ بيعزتيءَ جو باعث ٿيندو انهيءَ باري ۾ هڪ خط به ميجر آئوٽرام کي لکيو ويو هو. اهڙيءَ طرح ١٥- تاريخ مير نصير خان ٻروچن کي سرچارلس نيپئر تي حملي ڪرڻ جي ارادي کي ترڪ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. ٻئي ڏينهن هن سرچارلس کي وڪيل ڏياري موڪليا، ته جيئن هو به انهيءَ حملي ڪرڻ کان باز اچي جو هو حيدرآباد تي ڪرڻ وارو هو.

١٥- تاريخ منجهند جو ٻروچن جي هڪ جٿي ميجر آئوٽرام جي ڪئمپ تي حملو ڪري ڏنو. ميرمحمد خان جو ان وقت حيدرآباد جي قلعي ۾ هو، تنهن هڪدم دلاور خدمتگار کي ٻروچن ڏانهن ڏياري موڪليو، ته انهيءَ دنگي فسادکان باز اچن. دلاور تڪڙو تڪڙو اچي اتي پهتو ۽ پاڻ کي وڏنڊڙ ٻروچن ۽ ايجنسنسيءَ جي وچ ۾ آڻي، ٻروچن کي هدايت ڪرڻ لڳو. جيئن ئي اهي ايجنسيءَ جي پرسان لنگهيا تيئن اتي جي هڪ چوڪيدار بندوق جي فئر سان هڪ ٻروچ ماري وڌو. دلاور

گهڻوئي سمجهاين پر وريو ڪي ڪين، ۽ بيئي ڏريون نڪانڪيءَ ۾ لڳي ويئون. نتيجو اهو نڪتو جو ٻه ٻروچ ۽ هڪ ريزيڊنسي گارڊ مارجي ويا. انهيءَ کان پوءِ آئوٽرام ۽ سندن ساٿي وڃي اسٽيمر تي چڙهيا. ٻروچن ٻن يورپي سپاهين کي قيد ڪيو، جنهن مان هڪڙي کي مير نصير خان وٽ آندو ويو. ميرن هُن کي گوشت ۽ شراب مهيا ڪري ۽ پوءِ کين آزاد ڪري ڇڏيائون. مير محمد خان ته پنهنجي قيديءَ کي هڪ تيز رفتار اٺ تي چاڙهي جهرڪن پهچايو، ۽ پوءِ کيس آزاد ڪري ٻيڙيءَ رستي درياءَ جي ٻي پر موڪليو ويو.

انهيءَ کان پوءِ مير نصير خان انگريز ڪئمپ ڏانهن وري ٻه هڪ وڪيل موڪلڻ تي هو پر تنهن وچ ۾ سر چارلس نيپئر ٻروچن تي حملو ڪري ڏنو، ۽ توبن جو آواز سڻي کي بدن ۾ آيو. دوبدو لڙائي ختم ٿيڻ تي ڪيترائي ٻروچ مارجي ويا ۽ ٻيا واپس وريا. مير نصير خان کي ڏاڍو ڏک ٿيو، ڇاڪاڻ ته سڀڪجهه سندس مرضيءَ جي خلاف ٿيو هو، تڏهن فقط فقط حيدرآباد جي پسگردائيءَ مان ٻارهن هزار ٻروچ اچي جمع ٿيا هئا. مير نصير خان انهن سڀني کي وڙهڻ کان ڪئي، ۽ کين حڪم ڪيو ته ٽڙي پکڙي وڃن. ١٨- تاريخ ميرنصيرخان پنهنجي مرضيءَ سان سر چارلس نيپئر جي ڪئمپ ۾ هليو ويو ۽ اتي تلوار کولي جنرل کي پيش ڪئي. جنرل پنهنجي هٿن سان اها تلوار مير نصير خان کي واپس ڪري وري کيس ٻڌي ڇڏي ۽ کيس دلداري ڏني ته پنجويهه ڏينهن اندر سندن معاملي جو فيصلو ٿيندو ۽ سندن ملڪ کيس واپس ڪيو ويندو. ان ملاقات ۾ اهي لفظ ميجر آئوٽرام جي روبرو چيا ويا هئا. ٻئي سر چارلس نيپئر ريزيڊنسيءَ ۾ ويو ۽ ميرن مٿان ماڻهو رکيائين. ٻن ڏينهن کان پوءِ ميجر آئوٽرام بمبئيءَ ڏي آسهيو ۽ سندس وڃڻ کان پوءِ منشي علي اڪبر، جنرل وٽان ميرن ڏانهن اهو نياپو آندو ته هو قلعي کي ڏسڻ ٿو گهري. مير نصير خان

پيرن، ڪن ۽ نڪ جا زيور لاٿا ويا. قلعي ۾ اندر اچڻ جي منع ڪئي ويئي ۽ مرحوم مير نورمحمد ۽ مير نصيرخان جي گهر جي عورتن کي ٻن ڏينهن تائين پاڻيءَ کان سواءِ اُج ۾ رکيو ويو. مير نصيرخان جي ٻن پٽن مير حسين علي ۽ مير عباس علي، جي بيئي قلعي ۾ قيد هئا، تن پاڻيءَ لاءِ صاحب کي نياپو ڏياري موڪليو، جنهن تي جواب مليو ته سر چارلس نيپئر جو حڪم آهي ته جنهن کي به پاڻي پيئڻو هجي، سو گارڊ جي ڪمانڊنگ آفيسر جي بنگلي تي وڃي پاڻي پيئي. آخر ڏاڍيءَ جفاڪشيءَ کان پوءِ پنج سؤ ماڻهن لاءِ جنهن ۾ عورتون ۽ ٻار هئا، هڪ ڪُلي پاڻيءَ جي هٿ ڪئي ويئي، جنهن سان اُهي فقط نيڙي آلي ڪري سگهيا، پر رهيا ساڳيءَ اُجَ ۾. انهيءَ کان ٿورو پوءِ صاحب ۽ سپاهي انهيءَ درن وٽ آيا، جتي عورتون هيون ۽ انهن کي ڪهاڙين سان پڃي کوليائون. اندر گهڙڻ سان عورتن کان زيورن وغيره جي گهُر ڪيائون، جي انهن سيني لاهي ڏنا. ٻئي ڏينهن صاحب انهيءَ ساڳين ڪمرن ۾ گهڙيو ۽ آلهه تلهه ٻهاري ڪٺي ويو. هڪ عورت، جنهن کي ريشم جو جوڙو پيل هو تنهن پڇڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڪيس قلعي جي دروازي تي جهلي ڪپڙا لهرايا ويا. مير نورمحمد خان جي بيوه ڪجهه ڪپڙا هڪ نوڪرياڻيءَ کي وڪري لاءِ ڏنا، ته جيئن کاڌي پيتي جو سامان وٺي اچي. صاحب جي منشيءَ محمد حسين انهيءَ کي جهلي مار ڏني ۽ کانئس ڪپڙا ڦري ورتا. انهيءَ کان پوءِ ٻن عورتن کي آڻي، قلعي جي در وٽ ٻيهاريائون، ته جيئن اچ وڃ ڪندڙ سيني عورتن جو جهاڙو ورتو وڃي. ٿورن اڪرن ۾ ته جيڪا به ميرن جي ملڪيت هئي اها سڀ کانئن کسي ويئي. مير صوبدار کي پوءِ ٻاهر ڪڍيو ويو، ۽ کيس انگريز ڪئمپ ۾ قيدي بنايو ويو، ۽ جيڪي تلوارون سندس پٽن کي ڏنيون ويئون هيون، سي کانئن واپس ورتيون ويئون. ميرزا خسرو بيگ جو به گهر ڦريو ويو ۽ کيس قيدي بنائي ڪئمپ ڏانهن نيو

ويو. انهيءَ کان پوءِ کيس وري قلعي ۾ آڻي ايڏي تہ مار ڏني
ويئي جو گهڻي وقت تائين بيهوش ٿي ويو هو. جڏهن سامت
۾ آيو تڏهن کيس ٻڌي واپس ڪئمپ ۾ آندو ويو ۽ نظربند
رکيو ويو.

ٿوري وقت کان پوءِ ميرن کي بمبئيءَ موڪليو ويو ۽
اتان پوءِ ميسور ڏانهن موڪليو ويو، جتي کين ڏهہ مهينا قيد
رکيو ويو. کين پوءِ ڪلڪتي وٺي ويا، جتي لارڊ ايلنبرو کين
هڪ آجڙيل جاءِ هزاري باغ ۾ نظربند رکڻ ٺيڪ سمجهيو. ميرن
لارڊ ايلنبرو کي مَيسُور مان ڪلڪتي ڏانهن منتقل ڪرڻ جي
شڪايت ڪئي، جنهن تي ايلنبرو کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي. نتيجو
اهو نڪتو جو هُن ميرنصيرخان، حسين علي خان ۽ ميرنورمحمد خان
جي پٽن، ۽ مير نصيرخان ۽ شاهہ محمد خان جي ڀائرن ۽ مير
شاهہ محمد جي پٽ کي ٻين ميرن کان جدا ڪري، کين هزاري
باغ ۾ رکيو ۽ ٻين وڏن ميرن کي هن ٻيءَ اجڙيل جاءِ ۾ رهائڻ
جو خيال ڪيو. ايتري ۾ کيس ڊسمس ڪيو ويو، ۽ انڪري
هو لنڊن واپس هليو ويو.

انهيءَ کان پوءِ بدقسمت مير نصيرخان ڏک ۽ نئين
مصيبت جنهن ۾ سندس پٽ ڪانئس ڦرجي ويو، ۽ رات ۽ ڏينهن
هنجون هاريندو رهيو، تان جو موت کيس اچي انهن سورن مان
نجات ڏني. لارڊ ايلنبرو جي ڊسمس ٿيڻ کان پوءِ سرهينري هارڊنج
گورنر جنرل مقرر ٿيو. مون کيس بہ هڪ خط لکيو، جنهن ۾
هنن، کين رسيل اهنجن کي دور ڪرڻ جي گذارش ڪئي، ۽ پڻ
ملاقات جي لاءِ بہ عرض ڪيو. انهيءَ خط جي جواب ۾
سيڪريٽري (مسٽر ڪُوري) ميرن تي نظرداري ڪندڙ ڪئپٽن
گارڊن کي لکي موڪليو تہ گورنر جنرل انهيءَ معاملي ۾ ڪي
کين ٿو ڪري سگهي پر ان هوندي بہ جي مير هءِ روبرو
ملاقات ڪرڻ ٿا چاهين تہ پوءِ گورنر جنرل انهيءَ لاءِ ڪو
ڏينهن مقرر ڪندو. اها ملاقات بئرڪپور ۾ ٣٠- سيپٽمبر ١٨٤٤ع

جي فوج جا ٻه ڳتل جهڳٽا تي ڏنا، جي ٻن جهنڊن جي چوڌاري اچي جمع ٿيا هئا. انهن جي پٺيان گهوڙيسوار فوج پئي ڏٺي، جڻ جي اڳيان ڪيتريون ئي توبون رکيل هيون. انهن توبن سان ڪي توبون اڳيئي سنڌي گهوڙيسوار فوجن تي فئر ڪري رهيون هيون، پر هاڻي انهن پنهنجن توبن جو منهن جنرل ۽ سنڌس فوجن ڏانهن ڪيو. جيئن ته دشمن جي توبن ۽ جنرل جي فوج جي وچ ۾ وڏو فاصلو هو، ان ڪري ڪيل فئر بيڪار ويا. دشمن جي توبخاني جو ساڄو بازو وڻن جي هڪ جهڳٽي ۾ لڪل هو، جنهن ۾ هڪ ڳوٺ به هو، جنگ جو ميدان به ميرن پاڻ چونڊيو هو، جتي هو هڪ طاقتور فوج سان اڳيئي قبضو ڪيو ويٺا هئا.

اسان جو مقابلو جيئن ته هڪ اهڙي دشمن سان ٿيڻو هو جنهن سان اسان ڪڏهن به زور آزمائي نه ڪئي هئي، ان ڪري اسان کي دشمن جي فوج جي جائزي وٺڻ جو وڏو وقت ملي ويو. خيال ڪيو ٿي ويو ته انهيءَ وقت اٺ هزار پيادا ۽ ٽي هزار گهوڙيسوار فوج، جنرل جي داٻي واري جاءِ کان ڏٺي ويئي. اهو هنڌ جنگ جي ميدان کان اٽڪل هڪ ميل پري هو، ان ڪري ٻروچن جي سڄيءَ طاقت جو ڪو به پتو نه پئجي سگهيو. انهيءَ جو هيءُ به سبب هو ته اها سڄي جوءِ، ديوارن شڪارگهڙهه ۽ وڻن جي جهڳٽن سان پري پيئي هئي، جنهن جي پٺيان قليليءَ جو پڌو هو، ان ڪري پورو پتو نه پئجي سگهيو.

آخر فوج جي پهچڻ سان جنرل اڳتي وڌڻ شروع ڪيو ۽ هـُن اهو رستو اختيار ڪيو جو شڪارگهڙهه جي پيٽ سان گڏ، ٽن سؤ والن جي فاصلي تي گڏوگڏ پئي ويو. اها پيٽ ٻروچن سان پري پيئي هئي پر جيئن اسين ويجهو پهتاسين، تيئن اهي ڪک پـَن تي ويا. اها پيٽ اٽڪل اٺ فوٽ اپي هئي ۽ انهيءَ ۾ ڪو به سوراخ يا لنگهه وغيره ڪو نه هو. ان ڪري انهيءَ پيٽ دشمن کي اڳرائيءَ ڪرڻ جو ڪو به فائدو نٿي ڏنو، پر

اسان جي توبن جي فئرن کان بچڻ لاءِ اها اجهي طور ڪين وڏي ڪم آئي. فوج جي اڳياڙي جڏهن سامهون ڪپي هٿ تي اچي پهتي، تڏهن ڪين هدايتون مليون ته اهي پريان بيٺل وڻ جي پير ۾ جيڪو رستو آهي، انهيءَ ڏانهن وڃن. جيئن ئي انهن فوجن چڱو ميدان والاري ورتو تيئن ئي ڪين ساڄي هٿ تي موڙي قطارن ۾ بيهاريو ويو. توبن ڪي وري ميجر لائڊ جي ڪمان هيٺ شڪارگڙهه جي پير ۾ پيادي‌ءَ فوج جي ساڄي هٿ تي سئبرس سان گڏ بيهاريو ويو. توبخاني ۾ چار نون پائونڊن واريون، ٽي ڇهن پائونڊن واريون، ٻه چوويهن پائونڊن واريون ۽ ٻه ٻارنهن پائونڊن واريون توبون هيون. ساڄي ٻازوءَ جي پنيان نئون-بنگال گهوڙيسوار فوج جا، ٽي سؤ پنجاهه سپاهي رزرو ۾ رکيا ويا هئا، سنڌي گهوڙيسوار فوج، جنهن جو تعداد پنج سؤ کن هو، اهو ساڳيو هند جهليو بيٺا هئا، جتي ڪين ڪلاڪ اڳ بيهاريو ويو هو. اهي پيادي فوج جي قطارن کان اٽڪل ٽن سؤ وال اڳيان بيهاريا ويا هئا، جتي اهي بيٺل هئا اتي هڪ واٽر ڪورس جو سرسبز پٽو هو، جنهن جي ڪنارن لڳ ڪٿي ڪٿي ڇڙوڇڙ وڻ ٻه بيٺل هئا. اهو پٽو سڌو سيد سلطان شاهه جي وسيءَ يا ڪاڙي ڏانهن ٿي ويو، جتي انهيءَ دشمن جي ساڄي ٻازوءَ کي ڍڪيو ٿي، ساڄي کان کاٻي تائين انگريزن جي پيادي فوج هيئن هئي:

سڀ کان پهرين هر مئجستي راڻيءَ جي ٻاويهه-ريجمينٽ، پوءِ اتر هندستان جي پنجويهه، ٻارنهن ۽ آخر ۾ فرسٽ گرينڊيرس. اتر هندستان جي سڄي طاقت تيرهن سؤ پنجاهه سنگينن تي مشتمل هئي. ڪئپٽن ٽيٽ جي هٿ هيٺ پونا جي سوار فوج هئي، جنهن سان ٻه سؤ گرينڊيرس ۽ ٻه ڇهن پائونڊن واريون توبون هيون. انهن کي پڇڙيءَ ۾ ساڳه فوج طور رزرو ۾ رکيو ويو ۽ جنگ ۾ ڪم نه آندو ويو.

انگريزن جي فوجن جي اڳيان هڪ سوڙهو ميدان هو،

تنهن شڪارگڙهه جي منهن وٽ جتي جهنگ به هلڪو هو، بروچن کي پوئتي هٽايو. ڪئپٽن ٽيو البت پاڻ مارجي ويو، ۽ ڪمپنيءَ کي به ڪجهه نقصان رسيو، پر هو شڪارگڙهه مان دشمن کي پڇائي ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو.

ٽيون دابو قليلاي ڪان ٽن سؤ والن تي ڪيو ويو هو انهيءَ وچ ۾ برطانيا جي ڪن توبه شڪارگڙهه جي ٻاهران گولا باري ڪئي ته ڪن وري دشمن جي توبخاني تي فئر ڪيا. نتيجو اهو نڪتو جو دشمن جو توبخانو بلڪل خاموش ٿي ويو. پيادي فوج، جا ريجمنٽن سان بلڪل لاڳو بيهاري ويئي هئي تنهن کي آخري حملي لاءِ تيار رکيو ويو.

جڏهن آخري حملي جو حڪم ٿيو تڏهن هز مئجسٽيءَ جي ٻاويهين-ريجمينٽ، جا اسان جي يورپي ريجمينٽ هئي، نهايت سهڻي نموني ۾ اڳتي وڌي. دشمن جي جامڪيدار بندوقن مان ڪئين فئر ڪيا ويا، پر هنن انهن کي نهايت بردباريءَ سان برداشت ڪيو جيستوڻيڪ جواب ۾ هنن به فئر ڪيا، پر وريو ڪي ڪين، ڇاڪاڻ ته بروچ قليليءَ جي ڪناري جي آڙ ۾ هئا انڪري انهن نهايت خبرداريءَ سان چيست وٺي اسان ڏانهن بندوقن جا فئر پئي ڪيا . نيٽ اتر هندستان جي پنجويهين-ريجمينٽ جنگ ۾ مشغول ٿي ويئي ۽ ٻارهين-ريجمينٽ ۽ گرينڊير به جٽبي پيا. هن طرف دشمن ساڄي بازوءَ کان به وڌيڪ طاقتور هو. اهو انهيءَ سبب ڪري جو پيڏن ۽ گهوٽ جي گهرن انهن لاءِ بچاءُ جو وڏو ڪم ڏني ڏنو. اسان جي فوجن جي اڳتي وڌڻ ڪري دشمن پنهنجون توبون خالي ڪري ڇڏي ويا، جن مان ڪيترين ئي اسان جي قبضي ۾ اچي ويئون پر جيئن ئي فاصلو گهٽ ٿيندو ويو، تيئن بهادر بروچن کي جنگ ڪرڻ جو شوق پيدا ٿيو. انهن ڇا ڪيو جو پنهنجون جامڪيدار بندوقون ڪٽي اڇلايون ۽ ترارين ڪٽي گهڙي پيا جنگ ۾. هنن اهڙيءَ طرح ته بهادريءَ سان حملو ڪيو جو

پنجويهين-ريجمينٽ کي اڳتي وڌڻ جي هُشي ڏني. جنرل جي ان وقت اها منشا هئي تہ زبردست حملو ڪري دشمن کي نديءَ (ڦليلي) جي پڌي مان ٻاهر ڪيون پر اها پوري نہ ٿي سگهي. سنگينون تمام گهٽ ڪم آنديون ويئون هيون، ۽ جامڪيدار بندوقن ۽ چمڪندڙ ترارين جي جهلڪ بہ گهٽ ٿي ويئي، ڇاڪاڻ تہ اسان جي ننڍڙين توبن ڦليليءَ جي ڪڙ وٽان فئر ڪري جيڪي بہ سامهون آيل ٿي تنهن کي سمهاري ٿي ڇڏيو. اها موتمار ڪشمڪش ڪلاڪ کان مٿي جاري رهي، تان جو برطانيا جون فوجون ڦليليءَ جي پيٽ ۾ لهي پيئون پر اوستائين اهو ڦٽيلن ۽ مئلن جي لاشن سان ڏٽيو پيو هو. انهن سيني ماڻهن جي ٽيلهن ۽ سوٽي ڪپڙن ۾ باهہ لڳي ويئي هئي، جا ٿي سگهيو ٿي تہ سندن جامڪيدار بندوقن جي چوچڙين جي ڪري لڳي هجي. سندن سڙندڙ ۽ ڦٽيل جسمن سچ تہ هڪ دل ڏاريندڙ نظارو پيش ٿي ڪيو. ڪيترن بروچن جا لاشا ڦليليءَ جي ڪپ تي مٿي بہ سندن دشمنن جي لاشن سان گڏ پيل هئا، جنهن مان سندن بهاديءَ جي گونگي شاهدي ٿي ملي. آمانَ، نہ تہ گهري ٿي ويئي ۽ نہ ڏني ٿي ويئي. جيڪي زخمي ٿيا هئا، اهي يا تہ اسان جي سپاهين هٿان مارجي ويا هئا، يا تہ ڪين سنگينن سان ختم ڪيو ٿي ويو. زخميلن بہ آڻ نتي مڃي ۽ آخري دم تائين پنهنجي ترارين سان وڙهندا رهيا.

انهيءَ وچ ۾ اسان جو توبخانو ۽ گهوڙيسوار فوج بہ ڪا واندي ڪانہ ويٺي هئي. سچ پڇو تہ اهو سندن ئي ڪردار هو، جنهن جو جنگ جي فيصلي ڪرڻ ۾ وڏو هٿ هو. ميدان جي سوڙهہ سبب توبخاني مان فقط چار توبون ڪم آنديون ويئون. ڪئپٽن هٽ جي هڪ توب سئپرس جي مدد سان پيٽ جو ڪجهہ حصو ڪيرائي وڌو ۽ شڪارگڙهہ تي بمباري ڪري اتي تباهي مچائي ڏني. باقي ٽن توبن وري ڦليليءَ جي ساڄي ڪپ تي ۽ پڻ سامهون مارا ماري ڪئي، جنهن ۾ گول ۽

گريپ شاٽ گولا استعمال ڪيا ويا.

سخت جنگ وقت گهوڙيسوار فوج کي حڪم ڏنو ويو ته دشمن جي ساڄي بازوءَ تي حملو ڪري. نائين-بنگال ڪئولري کي اڳيئي اسان جي کٻي بازوءَ جي مدد لاءِ موڪليو ويو هو، جنهن هائي فرسٽ گرينڊير فوج جي پٺيان پوزيشن سنڀالي ورتي هئي. حڪم کي غلط سمجهڻ ڪري يا ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري ٻوئين ريجمينٽ جنهن جو منهن ساڄي طرف هو تنهن ڪجهه پوئتي موٽ کاڌي پر سندن آفيسرن کين روڪي وري وڃي ساڳئي هنڌ تي بيهاريو. بروچ تمام گهٽي انداز ۾ پاسي وارن ٻوٽن، لوڙهن، ٻيڏن وغيره سان اڇي پر گهٽ ٿيا. ليفٽيننٽ ڪرنل پيٽل نائين-گهوڙيسوار فوج جو اڳواڻ، جيڪو ڪمان ۾ ٻيو نمبر هو، تنهن کي جنرل وٽان اڳتي وڌڻ جو ڪو به حڪم نه مليو هو. پر هن وقت جي نزاڪت کي پروڙيندي ۽ جيئن مون کي ٻڌايو ويو آهي، ته ڪئپٽن ٽيوڪر جي فوري عرضداشت تي گهوڙيسوار فوج کي ڪاروائي ڪرڻ جي اجازت ڏني. اهو وقت ڏاڍو نازڪ هو. نائين-گهوڙيسوار فوج جنهن جي اڳواڻي اهو بهادر آفيسر ڪري رهيو هو، سا اسان جي توپخاني ۽ ٻوٽن جي وچ ۾ وڌي وڃي، دشمن تي ڦليليءَ جي ٻيڏي ۾ ڪڙڪي. بروچن جو هڪ جٿو، جو انهيءَ ٻوٽ ۾ هو، تنهن نهايت جوانمرديءَ سان مقابلو ڪيو ۽ اسان جي انهيءَ بهادر جٿي کي نقصان پهچايو. ڪئپٽن ٽيوڪر کي ڇهه ڌڪ لڳا ۽ هو وڃي ڪريو، پر ڪئپٽن بيزيٽ جنهن وڃي سندس جاءِ ورتي، تنهن ڪاميابيءَ سان دشمن تي حملو ڪري ان کي چڙوچڙ ڪري ڇڏيو.

٣- اسڪئڊرن جي پٺيان ٢- اسڪئڊرن فوج هئي جنهن جي اڳواڻي ڪئپٽن گئرٽ ڪري رهيو هو. تنهن ٻوٽ تي حملي ڪرڻ ۾ ليفٽيننٽ ڪرنل پيٽل کي ڏاڍي مدد ڏني. انهيءَ وقت پهرين ڪئپٽن ويمس جي هٽ هيٺ هئي جنهن گرينڊير ۽

پيڊي ۾ مٿل چڙهيا، ۽ اوترائي ٻاهر ميدان ۽ شڪارگاهه ۾ مٿل پيا هئا، جي اسان جي توبخاني جي فئرن ۽ گهوڙيسوارفوج جي هٿان مارجي ويا هئا. ڪن خاص حالتنڪان سواءِ جنهن ۾ اسانَ ڏني ٿي وڃي(١) دشمن سان ڪنهن به قسم جي رعايت نه ڪئي ويئي، انڪري چئي نٿو سگهجي ته جيڪي زخمي ٿي پيا هئا، انهن جو تعداد ڪيترو هو. پر پانئجي ٿو ته اهو مئلن جي تعداد کان وڌيڪ هوندو. ٻروچ سندن مارجي ويل ماڻهن جو تعداد تمام وڌيڪ ٻڌائين ٿا، پر اهو اجايو وڌاءُ آهي. ٻروچن جو نقصان انگريزن جي نقصان جي ڇهون ڪان ڪنهن به حالت ۾ گهٽ ڪونه هو، جو حقيقت ۾ هڪ تمام وڏو ڇيهو آهي. چاڪاڻ ته سندن فوجن جي بيهڪ جنگ جي ميدان ۾ نهايت فائديمند پوزيشن تي هئي. ازانسواءِ انهن جي فوج به تمام گهٽي هئي، ساڳئي وقت منظم به هئي. اها ثابتي اسان کي سندن فئرن مان ملي ٿي جي انهن تڪڙا ۽ نهايت برجستہ ڪيا هئا.

دشمن جو سڄو توبخانو جنهن جو تعداد پندرهن هو، سندن جهنڊو، بارود، تنبو ۽ ڪجهه خزانو اسان جي هٿ اچي ويو، جنگ جا پهريان نتيجا نهايت اهم ثابت ٿيا. اينڌڙ ٻن ڏينهن ۾ ڇهن اميرن اچي پاڻ کي قيد ٿيڻ لاءِ پيش ڪيو، ۽ ٿوري وقت کان پوءِ حيدرآباد تي قبضو ڪيو ويو (٢). ڏکڻ سنڌ کي پوءِ برطانيا جي سلطنت جو هڪ علائقو قرار ڏنو ويو.

---

(١) جيئن ته امانَ ڪانه ٿي ڏني ويئي، انڪري ٻروچن نهايت بيجگريءَ سان مقابلو ٿي ڪيو. انڪري اسان لاءِ به ناممڪن هو ته کين جيئرو ڇڏيون. (٢) حيدرآباد تي ٢١- تاريخ تي ميجر اڻوٽرام جي وڃڻ کان پوءِ قبضو ڪيو ويو، چون ٿا ته قلعي ۾ ويهن لکن جو خزانو پيل هو. جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ خزاني جو وڏو حصو پاسيرو پيل هو. جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ خزاني جو وڏو حصو پاسيرو ڪري رکيل ٿو پانئجي. اسان کي جيڪي هٿ آيو سو انهيءَ خزاني جي چوٿين پتي مس هو.

# ضميمو -٦

اسين سنڌ جا مير، ٻروچ آهيون پر انهن ٻروچن مان نه آهيون، جن کي ايران ۾ ڪوچ بلوچ ڪري سڏيو وڃي ٿو، ڇاڪاڻ ته اسان اصل نسل ۾ عرب آهيون ۽ پنهنجو نسبنامو اميرحمزه کان شروع ٿا ڪريون، جو هشام بن عبد مناف جو پٽ هو. ڪن جو چوڻ آهي ته اهو اميرحمزه حضرت عليءَ جو پٽ هو.

اسلام کي وڌائڻ جي خاطر جڏهن حجاز جي فوجن يوسف(١) جي پٽ جي هٿ هيٺ پنهنجا قدم جمائڻ ٿي گهريا، تڏهن انهن رستي تي ڪيچ مڪران کي به زير ڪيو هو، جتي اسان جا وڏا انهيءَ ملڪ جي قبضي ۾ رهيا ۽ باقي فوجون سنڌ ڏانهن روانيون ٿيون هيون. انهن کي جيڪو اولاد ٿيو تنهن کي ٻروچ ڪري سڏيو وڃي ٿو. ڪجهه وقت گذرڻ کان پوءِ انهن مان ڪن هجرت ڪري ديري اسماعيل خان ۽ ديري غازيخان وارو ملڪ وسايو، جتي چوٽي (يا چٻل جي چوٽي) سندن رهائشگاهه بڻجي ويو. انهيءَ ساڳئي وقت ميان شاهل محمد ڪلهوڙو جو پاڻ کي حضرت عباس جي پيڙهيءَ مان هئڻ ڪري عباسي سڏائيندو هو، تنهن سنڌ ملڪ ۾ وڃي، پوک لاءِ زمينون هٿ ڪيون. ان وقت سنڌ دهليءَ جي چغتائي(٢) بادشاهن جي هٿ هيٺ هئي. اهي زمينون پوءِ آهستي آهستي ڪلهوڙن جي ملڪيت ٿي ويون. ڪلهوڙا مذهب جا شيعا هئا ۽ جونپور جي سيد ميران شاهه جونپوريءَ جا مريد هئا.

---

(١) يوسف مان مراد حجاج بن يوسف ثقفي آهي، جنهن پنهنجي سؤٽ محمد بن قاسم ثقفي کي سنڌ فتح ڪرڻ لاءِ موڪليو هو.

(٢) چغتائي لفظ دهليءَ جي مغل بادشاهن لاءِ استعمال ڪيل آهي.

اسان جو ڏاڏو مير شهداد خان وڏو، پنهنجي چاچي مير صوبدار کان ناراض ٿي، اچي ڪلهوڙن وٽ نوڪريءَ ۾ بيٺو، ۽ سندن مذهبي اصول قبول ڪيائين، يعني ته شيعو مذهب اختيار ڪيائين. جيئن ته هو بروچن جو رئيس هو انڪري ڪيترا بروچ ساڻس گڏ سنڌ ۾ اچي رهيا. هي واقعو بروچن جو سنڌ ۾ پهريون دفعو بنياد پوڻ جو آهي. مير صوبدار خان وڏي جو خيال هو ته چڙي رهڻ جي ڪري ماڻهو خدا جي چڱيءَ طرح عبادت ڪري سگهو ٿو، انڪري هُن ڪڏهن به شادي ڪانه ڪئي. پاڪائيءَ ۽ سخاوت ۾ هو پنهنجو مٽ پاڻ هو. سندس وفات کان پوءِ سندس ڀائٽيو يعني ته مير شهداد خان وڏو قبيلي جو سردار ٿيو.

نادر شاهه جي حملي ٿائين (سنه ١٧٣٩ع) سنڌ جو گورنر دهليءَ جي دربار جو هڪ امير هوندو هو، پر سندس قتل کان پوءِ ميان نور محمد ڪلهوڙو انهيءَ علائقي جو صوبيدار ٿيو ۽ احمد شاهه بادشاهه کي پنهنجو ڏن ڏياري سوڪالايائين. جڏهن نورمحمد مري ويو تڏهن سندس جاءِ سندس پٽ محمد مراد والاري ۽ اهو مسند تي ويٺو.

انهيءَ ساڳئي وقت مير شهداد خان وڏوگذاري ويو. کيس هڪ زال مان مير جمندا، مير چاڪر ۽ مير بهرام ٽالي تي پٽ هئا، ۽ بيءَ زال مان هڪ پٽ مير خيرو هو. نادر شاهه، سندس هڪ پٽ ٽالي مير جمنداکي، نورمحمد ڪلهوڙي جي پٽن سميت برغمال طور پاڻ سان وٺي ويو هو، ۽ اهو مشهد ۾گذاري ويو. مير شهداد خان جي پٽن مان سڀ کان سٺو لائق مير بهرام خان هو جو پنهنجي پيءُ جو وارث ٿيو ۽ بروچن جو رئيس بڻيو.

گورنر سنڌ محمد مراد جي زيادتين کان تنگ اچي ڪلهوڙن مير بهرام سان گڏجي سازش ڪئي ۽ محمد مراد کي تخت تان لاهي قيد ڪيائون ۽ سندس جاءِ تي سندس ڀاءُ ميان عطرخان تخت تي ويهاريائون، پر انهيءَ چوندڀ ۾ به اهي نڳجي

ويا، انڪري ڪيس تخت تان لاهي جيل ۾ وڌائون ۽ غلام شاهه کي ڪٽي تخت تي ويهاريائون جو نور محمد جو ٽيون پٽ هو. اهو حاڪم لائق ثابت ٿيو، ڇاڪاڻ ته هن سڄي ملڪ کي قبضي ۾ آندو ۽ حيدرآباد جو قلعو پڻ اڏايو. سنه ١٧٧٠ع ۾ سندس موت ٿيو ۽ ڪانئس پوءِ سندس پٽ ميان محمد سرفراز تخت تي وينو.

مير بهرام، جو بروچن جو رئيس هو تنهن کي ٻه پٽ هئا. مير بجرخان ۽ مير صوبدارخان. مير بجرخان جي غيرحاضريءَ ۾ جو ان وقت گهرو نااتفاقيءَ سبب حج تي ويل هو، محمد سرفراز سندس پيءُ ۽ ڀاءُ ٻنهي کي مارائي ڇڏيو، ڇاڪاڻ ته بهرام خان وڏين خوبين جو مالڪ هو، انڪري سرفراز سندس اثر ۽ مقبوليت جي ڪري ڪانئس ڏاڍو ڊڄندو هو.

جڏهن ڪلهوڙن جي چڱن مڙسن کي هن واقعي جي خبر پيئي تڏهن هنن مير فتح خان کي پاڻ سان ملائي، سرفراز کي تخت تان لاهي جيل موڪليو ۽ غلام شاهه جي ٻئي پٽ محمد خان کي تخت تي ويهاريو. پر راڄي ليکي نالي هڪ با اثر ڪلهوڙو هو، تنهن کي ڳالهه نه وڻي، ۽ هن محمد خان کي تخت تان لاهي جيل ۾ وڌو ۽ سندس جاءِ تي غلام نبيءَ کي تخت تي ويهاريو جو محمد خان جو چوٿون پٽ هو.

انهيءَ نازڪ مرحلي وقت مير بجرخان حج تان موٽيو ۽ مسقط، گوادر، ڪيچ ۽ مڪران کان ٿيندو قلات ويو، جتي هن نصيرخان بروهيءَ کان فوجي مدد گهري، جيئن هو پنهنجي پيءُ ۽ ڀاءُ جي ٿيل بيگناهه خون جو بدلو وٺي. مير نصيرخان مدد ڏيڻ کان انڪار ڪيو، انڪري مير بجر سنڌ هليو آيو. سنڌ ۾ ڪيترائي بروچ، جي ميان غلام نبيءَ جي خلاف هئا، سي اچي ساڻس مليا، ڇاڪاڻ ته اهي راڄي ليکي جي غلام نبيءَ کي تخت ويهارڻ جي خلاف هئا. نيٺ جنگ لڳي، جنهن ۾ غلام نبي مارجي ويو. ميان سرفراز جيتوڻيڪ سندس پيءُ ۽ ڀاءُ کي مارائڻ

محمد صادق دائود پوٽي مير صوبدار خان جو طرف وٺي مير غلام علي خان سان جنگ ڪئي. پر مير غلام عليءَ کيس اهڙي ته سيڪت ڏني جو هو هيراوار جي قلعي ۾ پناهه وٺڻ تي مجبور ٿي ويو، پر پوءِ آڻ مڃڻ تي کيس وري سنڌس ملڪ جو بادشاهه بنايو ويو، ۽ مٿس پندرهن هزار رپين جو ڏن به مقرر ڪيو ويو. مير غلام علي پوءِ سبزل جو قلعو پنهنجي هٿ هيٺ رکيو ۽ دائود پوٽي کان قرآن تي عهدنامو لکائي ورتائين. مير غلام عليءَ دائودپوٽي رئيس جي پٽ کي به يرغمال طور پاڻ سان وٺي ويو، پر پوءِ کيس عزت ۽ احترام سان پٺس ڏانهن واپس ڪيائين. هن ڏهه سال حڪومت ڪئي ۽ ١٨١١ع ۾ وفات ڪيائين. هن به هڪ پٽ نالي مير مير محمد خان ڇڏيو جو ان وقت ارڙهن سالن جي عمر جو هو.

سندس وفات کان پوءِ سندس ڀاءُ مير مراد علي خان تخت نشين ٿيو. مير ڪرم علي خان جيتوڻيڪ مير مراد عليءَ کان وڏو هو، پر ان هوندي به هن پنهنجي ننڍي ڀاءُ جي حق ۾ تخت تان هٿ کنيو. اهوئي سبب آهي جو مير مراد علي خان کيس ڏاڍو پائيندو هو، ۽ سندس ڏاڍي عزت ڪندو هو.

مير ڪرم علي خان انهيءَ کان پوءِ به اٺيهه سال جيئرو رهيو ۽ وفات وقت فقط هڪ ڀاءُ ڇڏيائين، جو تخت ۽ تاج جو اڪيلو وارث هو. اهو هو منهنجو پيءُ، جنهن پاڻ کي خودمختار حاڪم ظاهر ڪيو، ۽ ڪنهن کي به ساليانو ڏن وغيره نه ڏنائين. سندس حڪومت ۾ سڄي سنڌ، سبزل وارو علائقو ۽ پڻ شڪارپور به شامل هئا. هو هروقت پنهنجي ڀاءُ (مير ڪرم علي خان) جي وقت تي ڏک ڪندو رهندو هو، انڪري کيس دل جي پرسان هڪ قسم جو سور محسوس ٿيندو هو ستن سالن جي آسودگي حڪومت کان پوءِ هن وفات ڪئي، ۽ مون منهنجي ڀاءُ نور محمد خان ۽ سندس ٻن پٽن کي سنڌ جي گڏيل بادشاهي ڏيئي ويو.

# حصو -٢

## سنڌ ۾ ويڇوڙائيءَ جي واقعن تي تبصرو

اسان جي تخت نشين ٿيڻ کان ٿورو پوءِ ڪرنل هينري پاٽنجر اسان ڏانهن اهو ساڳيو عهد نامو بحال ڪرڻ لاءِ موڪليو هو جو اسان جي عزت ماب پيءُ مير مراد علي خان ۽ گورنر جنرل لارڊ وليم بينٽڪ جي وچ ۾ ٿيو هو. ڇاڪاڻ ته انهيءَ عهد نامي ۾ اسان جو ذڪر به ڇاڏايل هو. اهو چوڻ به ضروري ٿيندو ته انهيءَ عهد نامي مطابق اسان جي والد انگريزن کي ۽ ٻئي ڪمپنيءَ جي واپارين کي واپار لاءِ اچ وڃ جون سهولتون ڏنيون هيون. اهڙيءَ موڪل ڏيارڻ ۾ سچ پڇو ته منهنجوئي وڏو هٿ هو، ڇاڪاڻ ته مون ئي پنهنجي پيءُ تي اثر وجهي اها اجازت ڏياري هئي. جڏهن ڪرنل پاٽنجر حيدرآباد ۾ گورنر جنرل پاران اهڙي اجازت وٺڻ آيو هو، تڏهن منهنجو والد اهڙي موڪل ڏيڻ کان نٽائي رهيو هو، پر منهنجي زور رکڻ تي هُن اهڙي اجازت ڏني. اهو ٻڌائڻ به آءٌ ضروري ٿو سمجهان ته مون فقط هن دفعي پنهنجو اثر انگريز سرڪار جي فائدي ۾ استعمال ڪيو هو، پر انهيءَ عهد نامي جي پاس ٿيڻ کان اڳ جڏهن سر اليگزينڊر برنس، لاهور وڃڻ لاءِ منهنجي پيءُ کي لکيو هو، ته انهيءَ وڏندڙ نديءَ (يعني سنڌوءَ) مان ڪيس سفر ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي. انهيءَ وقت به مون پنهنجي پيءُ کي راضي ڪري ڪيس اجازت ڏيڻ تي مجبور ڪيو. افسوس آهي انهيءَ ڳالهه جو، ته جيتوڻيڪ مون کي انگريز سرڪار لاءِ پنهنجو اثر رسوخ استعمال ڪري ڪين سهولتون ڏياريون، پر مون کي جنهن نموني ۾ ان جو معاوضو مليو اهو عالم آشڪار آهي.

ڪرنل پاٽنجر عهد نامي کي بحال ڪرڻ لاءِ ٿورا ڏينهن پوءِ اسان سان اچي مليو، ۽ اسان جي والد جي وفات تي ڏک ظاهر ڪيائين. انهيءَ کان پوءِ هو ڪچ هليو ويو ۽ لارڊ اڪلنڊ

جي مهر سان هڪ خط اسان ڏانهن ڏياري موڪليائين، جنهن ۾ لکيل هو تہ گورنر جنرل اسان کي پنهنجو دوست ٿو تصور ڪري ۽ هو ڪڏهن بہ ڪنهن سبب يا عذر جي ڪري اسان جي ملڪ يا حڪومت تي بري نظر نہ وجهندو، اهو خط ڏسي اسان جي دل کي يقين ٿيو تہ انگريز اسان سان ڪڏهن بہ نہ ڪؤنسندا، ۽ اسان کي پنهنجي ملڪ جي حفاظت جو ذري جيترو شڪ بہ دل ۾ نہ رهيو. انهيءَ يقين سبب اسين اهو محسوس نہ ڪري سگهياسين، تہ قسمت جي قلم اسان جي نيرڙ تي ڇا لکيو آهي.

انهيءَ کان پوءِ اسان هڪ ميٽنگ ڪوٺائي ۽ انهيءَ ڳالهہ جو فيصلو ڪيو تہ انگريز حڪومت جو هڪ وڪيل يا سفير اچي اسان جي دربار ۾ رهي. انهيءَ ڏس ۾ اسان سر هينري پاٽنجر کي بہ لکيو، جنهن جواب ڏنو تہ هو اسان وٽ سفير رکڻ جي ڪابہ ضرورت محسوس نٿو ڪري. پر ان هوندي بہ هو اسان جي انهيءَ خواهش کي گورنر جنرل جي ڄاڻ لاءِ سندس اڳيان رکندو ۽ انهيءَ جو سربستو احوال ڏياري موڪليندو.

انهيءَ کان ٿورو پوءِ ڪرنل اسان سان ملاقات ڪرڻ جي خواهش ظاهر ڪئي. اسان وڏيءَ خوشيءَ سان سندس اها عرضداشت قبول ڪئي ۽ پنهنجيءَ دربار جا امير ڏياري موڪليا جي کيس عزت ۽ احترام سان وٺي آيا. ملاقات جي هلندي ڪرنل اسان کي چيو تہ انگريز فوج کي ڪابل جي مهم تي وڃڻ لاءِ ان کي درياهہ ۽ پڻ خشڪيءَ جي رستي لنگهڻ جي اجازت ڏني وڃي. جڏهن انهيءَ ڳالهہ جي ميرن ۽ سيني بروچن کي خبر پيئي، تڏهن سيني گڏجي ان جي مخالفت ڪئي، ڇاڪاڻ تہ سندن خيال هو تہ انگريزن کي ننڍيون ننڍيون سهولتون ڏيڻ سان هو پاڻ کي ڪنهن وڏي آزار ۾ وجهي ڇڏيندا. پر جيئن تہ اسين دل جا صاف ماڻهو آهيون، ۽ هر ڪنهن کي اهڙوئي سمجهون ٿا، انڪري مون ۽ منهنجي ڀاءُ ڪرنل پاٽنجر جي انهيءَ گذارش کي بہ

سبب آهي جو اسان کي انهيءَ جو نهايت اگرو نتيجو ڀوڳڻو پيو آهي.

انهيءَ کان پوءِ هڪ نئون عهدنامو منهنجيءَ صحيحيءَ لاءِ موڪليو ويو، جنهن ۾ چوويهه فقرا هئا، انهيءَ به مون قبول ڪيو. پر اجا منهنجي صحيحيءَ ۾ استعمال ڪيل مَس سُڪي ئي ڪانه هئي، ته ميجر جنرل سر چارلس نيپئر پنهنجي فوج سان سنڌ ۾ داخل ٿيو، ۽ منهنجي منظوريءَ لاءِ هڪ ٻيو عهدنامو ڏياري موڪليائين. انهيءَ عهدنامي جا شرط نهايت ذليل هئا، ۽ انهن کي قبول ڪرڻ ۾ اسان جي پڄاڻي هئي. انڪري اسان هڪ وڪيل سکر ڏانهن ميجر جنرل ڏانهن ڏياري موڪليو، ته جيئن هو ڪيس سڄو معاملو وچي سمجهائي. پر هُن ڪا ڳالهه ڪانه ٻڌي ۽ صاف طور چيائين ته هو ڳالهيون ڪرڻ ڪو نه آيو آهي. هو فقط لارڊ ايلنبرو جي حڪمن جي پوئواري ڪرڻ آيو آهي، ۽ جيڪڏهن اسان انهيءَ عهدنامي جي شرطن کي قبول نه ڪيو، ته پوءِ هو بربادي‌ءَ جي باهه ٻاري ڏيندو. هُن پوءِ سکر وٽ ندي اُڪري لاهوريءَ وٽ ڪئمپ هنئي ۽ خيرپور جي رئيس مير رستم خان کان حڪومت تان دستبردار ٿيڻ جي گهُر ڪئي. نيپئر ڪيس اهو به دڙڪو ڏياري موڪليو، ته جيڪڏهن هُن ائين نه ڪيو ته پوءِ ٻئي صبح جو خيرپور تي حملو ڪندو. هُن پڻ سندس خانگي رهائشگاهه تي فوجين جي حملي جو به ڪو جواب ڪو نه ڏنو. مير رستم خان، ويچارو ميرمرد ۽ ڪمزور ۽ بي يار ۽ مددگار هو، تنهن ڏٺو ته خبر نه آهي ته ڇا ٿئي، سو خيرپور ڇڏي ٻاجيءَ هليو ويو ۽ اتان نار کان ٿيندو وڃي ڪانوڙيءَ کان نڪتو. سندس ڏوهه فقط اهو هو انگريزن جي فوجي ٽپال مان هڪ خط ڪم ٿي ويو هو، ۽ اهو شڪ ڪيو ويو ته ڪنهن بدمعاش اهو چورايو آهي. سر چارلس نيپئر انهيءَ تي مير رستم خان کان انهيءَ چور جي ٻانهن گهُري، پر جيئن ته مير رستم خان ڪشف جو علم ڪونه ڄاڻندو

هو، انڪري انهيءَ نامعلوم ڏوهاريءَ کي پيش ڪري نه سگهيو.
ميجر جنرل انهيءَ تي ڪيس حڪومت ڪرڻ جي لائق نه سمجهي،
ڪيس سنڌس حڪومت سان ٻوڙائي ٻاهر ڪيو. مير رستم خان
جي منٿن ۽ ايلازن ميجر جنرل تي ڪو به اثر نه ڪيو. انڪري
هُن فقط هڪ سهارو ساري حيدرآباد جو رخ رکيو، ته من اتي
سنڌس معاملو طئي ٿئي، ڇاڪاڻ ته ميجر جنرل پاڻ به ته
حيدرآباد ڏي اچي رهيو هو.

اسان ميجر جنرل جو دشمنيءَ وارو رويو ڏسي ميجر آئوٽرام
کي انهيءَ جي تفصيل کان واقف ڪيو. ميجر آئوٽرام انهيءَ تي
يڪدم خيرپور کان حيدرآباد پهتو ۽ اسان کي اطلاع ڏنائين ته
جيسين اسين انهيءَ عهدنامي تي، جيڪو ميجرجنرل اسان کي
موڪليو آدي، صحيحون نه ڪنداسين، تيسين اسان جي ڪابه
ڳالهه نه ٻڌي ويندي. اسان نيٺ ميجر جي اها خواهش به پوري
ڪئي. هو اسان وٽ نائين فيبروريءَ تي وري آيو ۽ اسان جون
ڳالهيون ٻڌي چيائين، ته هو اسان وٽ هڪ يورپي موڪلي
رهيو آهي، جنهن کي هڪ ٽيڪي اُن تي چاڙهي، سر چارلس
ڏانهن موڪلجي، ته جيئن پنهنجن فوجن جي اڳرائي کي روڪي.
اسان ائين به ڪيو. پر يارهينءَ فيبروريءَ جو اهي اٺ سوار، جي
انهيءَ يورپيءَ سان گڏجي ويا هئا، سي موٽي آيا ۽ اچي ٻڌايائون
ته انهيءَ يورپيءَ جي پهچڻ کان پوءِ سر چارلس نيپيئر ڪوچ
ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ حيدرآباد ڏانهن اچي رهيو هو. اسان
اها خبر به ميجر آئوٽرام کي پهچائي ڏني، جو هڪدم اچي
اسان کي قلعي ۾ مليو، ۽ قسم تي ويساهه ڏنائين، ته سرچارلس
نيپيئر جي اسان سان ڪابه دشمني ڪانهي ۽ اٿان جيڪڏهن
انهيءَ عهدنامي تي سيل مهر هڻنداسين ته هو واپس هليو ويندو.
مون جڏهن اهو عهدنامو ڪيس سيل مهر ڪري ڏنو، تڏهن
هُن چيو ته هاڻي دلجاءِ ڪريو، آءٌ هڪدم هي عهدنامو
سر چارلس ڏانهن پنهنجي طرفان هڪ خط سميت ڏياري ٿو




سي۔ واڊنگٽن انگريزي لشڪر جي ڪمانڊنگ انجنير طرفان تيار ڪيل، جنگ جو نقشو، جيڪا 17- فيبروري 1843ع تي، سنڌ جي ميرن جي بلوچ جنرل، سر چارلس نيپئر جي ڪمان هيٺ انگريزي لشڪر جي وچ ۾ لڳي.

تي اها خبر ميجر آئوٽرام تائين پهچائي. مان يقين آهن تہ جيڪڏهن ميجر کي اها خبر وقت سر نہ پهچي ها، تہ پوءِ ڪيس جان جو وڏو خطرو هو. انهن مثالن مان ڏيي منهنجي انگريزن ڏانهن نيڪ نيتي پوريءَ طرح پڌري ٿيل آهي.

١۴- تاريخ آٺ سوار واپس آيو ۽ ٻڌايائين تہ ميجرجنرل ڪنهن بہ ڳالهہ جو خيال نہ ڪندي، جنگ جي نيت سان حيدرآباد ڏانهن تڪڙو تڪڙو وڌي رهيو آهي. انهيءَ تي بروچ، جن جو تعداد چار يا پنج هزار هو، سي سندس حملي کي روڪڻ لاءِ حيدرآباد کان ٻاهر نڪتا. مون جڏهن اهو ٻڌو تڏهن سندن پٺيان ويس، ۽ کين سمجهايم تہ انگريز ڪڏهن بہ اڳرائي نہ ڪندا ۽ ميجر جنرل ڪڏهن بہ هڪ دوست ملڪ تي اهڙيءَ طرح حملو نہ ڪندو. آءٌ پاڻ بہ ساڻن گڏ هوس.

اسان کي جنگ ڪرڻ جو ڪو بہ خيال ڪو نہ هو، جيڪڏهن منهنجو اهڙو ارادو هجي ها تہ پوءِ آءٌ شروعات کان وٺي اهڙو قدم کڻان ها، آخري وقت تائين ڪونہ ترسان ها. انهيءَ صورتحال مان پڻ منهنجي بيگناهي ثابت ٿي ٿئي. ٻہ راتيون ۽ هڪ ڏينهن جي سمجهائڻ کان پوءِ مس مس بروچ انهيءَ ڳالهہ تي راضي ٿيا، تہ هو وڙهندا ڪونہ. پر جيئن تہ انگريزن جون فوجون اڳرائي ڪري وڌي رهيون هيون، انڪري هو ميدان ڪونہ ڇڏيندا. هو انهيءَ ڳالهہ تي بہ راضي ٿيا تہ سرچارلس نيپئر ڏانهن هڪ وڪيل موڪلي ڪيس آگاهہ ڪجي تہ اسين اڃا تائين انگريزن جا دوست آهيون.

ٽئين ڏينهن پرهہ ڦٽيءَ جو جنرل جي فوجن اسان جي مٿان توبون ڇوڙي گولن جا وسڪارا ڪري ڏنا. بروچن بہ لاچار جواب ۾ توبون هلايون. اسان جي طرف هزارين ماڻهو مارجي ويا، ۽ ٻيا ٽڙي پکڙي ويا. آءٌ ميدان تي فقط ارڙهن ماڻهن سان وڃي رهيس. پر جڏهن مون ڏٺو تہ سڀ ڀڄي ويا آهن ۽ انگريز بہ ظلم ۽ تشدد تي سندرو ٻڌيو بيٺو آهي، تڏهن آءٌ

حيدرآباد واپس هليو ويس.

حالتن کي ڏسي مون کي ڏاڍو ڏک ٿيو. منهنجا پنهنجا ماڻهو مون کي ڇيني رهيا هئا: انهيءَ لاءِ ته جيڪڏهن آءٌ شروعات کان وٺي انگريزن کي سنڌ مان لنگهڻ نه ڏيان ها، ته جيڪر هيءُ ڏينهن نه ڏسڻو پوي ها. جيڪڏهن مون کي انگريزن سان وڙهڻو هجي ها، ته پوءِ آءٌ حيدرآباد ڇڏي جبلن ۾ هليو وڃان ها، ۽ فوجون گڏ ڪري ساڻن جنگ جوٽيان ها، پر مون کي دل ۾ اهڙو ڪو به خيال ڪونه هو. اهوئي سبب آهي جو ٻئي ڏينهن آءٌ پاڻ انگريز ڪئمپ ۾ هليو ويس ۽ پنهنجي تلوار جنرل کي پيش ڪيم ۽ چيومانس ته: ”تو مون سان ڇو جنگ ڪئي آهي، جڏهن ته مان تنهنجو سڀڪو چوڻ مڃيندو آيس.“ جنرل مون کي تلوار واپس ڪندي ڪلي ڇيو ته، ”پريشان نه ٿيءُ. پنجويهن ڏينهن اندر تنهنجو معاملو فيصل ڪيو ويندو“، ۽ وڌيڪ چيائين، ”ته فوجن کي واپس ڪري ڇڏ ۽ مير رستم خان کي گهرائي وٺ، مون کي ساڻس ملڻو آهي.“

مون فوجن کي هٿيار ڪولي واپس وڃڻ جو حڪم ڏنو، ۽ مير رستم خان به اچي حيدرآباد پهتو. مون سان گڏ کيس ۽ پڻ مير شهداد خان کي قيد ڪيو ويو. سر چارلس نيپئر ميجر ريڊ ۽ ٻين انگريز حضرات کي انهيءَ بهاني سان قلعي ۾ موڪليو ته هو قلعي جو معائنو ڪندا.

✓ سياڻا ماڻهو جڏهن اها خبر ٻڌندا تڏهن اچرج ۽ افسوس وچان ڏندين آڱريون ٻٽجي ويندن. اهي هيون حالتون جن ۾ اسان کي قيد ڪيو ويو. قلعي کي ڏسڻ جي بهاني ٿي هنن مٿس قبضو ڪري ورتو، ۽ اهڙي ته ڦرلٽ ۽ تباهي مچائي ڏنائون، جو سپاهين جي ٻانهن هيٺان هيرا ۽ جواهر اهڙيءَ طرح ڪرڻ لڳا جهڙا واريءَ جا داڻا.

قلعي ۾ داخل ٿيڻ کان ٽي ڏينهن پوءِ مير محمد خان

کي قيد ڪيو ويو، ۽ ٻئي ڏينهن مير صوبدار خان کي ٻاهر آڻي قيد ڪيو ويو. انهيءَ کان پوءِ مير صوبدار خان جي ٻن پٽن مير فتح علي خان ۽ مير محمد علي خان ۽ منهنجي پٽن مير حسن علي ۽ عباس علي کي قيد ڪري اتي آندو ويو، جتي آءٌ اڳيئي نظربند هوس. منهنجي پٽن جي اهڙي ته حالت ڪئي هئائون جو نه ته ڪين شاهاڻو چوغو پيل هو، ۽ نه وري ڪا ٽلوار ٻڌل هئن. جن گهوڙن تي هو چڙهي آيا هئا، تن کي سونا سنج پيل هئا. اهي ڪاٺئن کسيا ويا ۽ سندن اصرار ڪرڻ تي به ڪين واپس نه ڪيا ويا. جيڪو به سون ۽ قيمتي شيون هٿ آيون، انهن کي بند ڪري بمبئيءَ موڪليو ويو. ٿورن ڏينهن کان پوءِ مير حسن علي خان، مير محمد خان ۽ مير يار محمد خان کي بمبئيءَ موڪليو ويو. اهو قُر جو مال جو بمبئيءَ ڏانهن موڪليو ويو، تنهن جي قيمت گهٽ ۾ گهٽ ارڙهن ڪروڙ رپين جي هوندي.

اسان تي جيڪي ڪجهه گذريو، انهيءَ جو تفصيل ڏيڻ بيڪار آهي. اسان جا غاليچا، پٽرائيون، چادرون ۽ پائڻ جا ڪپڙا به اسان کان کسيا ويا. نه فقط ايترو پر اسان جا ڪتاب جن سان اسين دل وندرائيندا هئاسون، اهي به اسان کان انگريز ڦري ويا. جيڪي اسان جي قسمت ۾ هو، اهو اسان سٺو. آءٌ انڪري نه ته لارڊ ايلنبرو يا سر چارلس نيپئر جي شڪايت ٿو ڪريان، ۽ نه وري ڪنهن ٻئي انگريز اختياريءَ واري جي خلاف ڪجهه چوڻ ٿو گهران، ڇاڪاڻ ته منهنجي تقدير ۾ اهو لکيل هو، ته جن سان مون دوستي رکي هئي، سي منهنجا دشمن ٿي ويا! سڀ ساراهون الله پاڪ کي ٿي آهن. آءٌ سمجهان ٿو ته پنهنجي ڪتا ٻڌائڻ ۾ ڏاڍي ديگهه ڪري ويو آهيان، انڪري اهو چوڻ ڪافي ٿيندو ته اسان کي قيد ڪري، پهرين بمبئيءَ موڪليو ويو، پوءِ ساسور ۽ اتان پوءِ مير شهداد خان کي اڪيلو سورت ڏانهن موڪليو ويو. سال کن گذرڻ کان

پوءِ اسان کي ڪلڪتي ۾ آندو ويو. (جتي اسين هاڻي آهيون).

اها هڪ اچرج جهڙي ڳالهه چئبي، ته انهيءَ سڄي عرصي ۾ بمبئيءَ جي گورنر کان سواءِ ٻيو ڪو به ماڻهو اسان کان اهو پڇڻ ڪو نه آيو، ته اسان جو گناهه ڪهڙو آهي، جنهن جي ڪري اسين هي سزا ڀوڳي رهيا آهيون!

## (حصي ڇهين تي نوٽ)

(١) هجرت کان ڇهانوي سال پوءِ (٦٧٧) بغداد جي خليفن دين اسلام جي جذبي هيٺ ۽ پڻ سنڌ جي ٻُت پرستن کان (اهي لفظ مسلمان عاماً هندن لاءِ استعمال ڪندا هئا) بيعزتي جي وير وٺڻ لاءِ هڪ فوج هئي، جا انهيءَ ساڳئي رستي کان سنڌ ۾ داخل ٿي جو مقدونيه جي بهادر، واپس بابل وڃڻ وقت اختيار ڪيو هو. (پاٽنجر ٽريولس ان بلوچستان ائنڊ سنڌ).

(٢) ڪلهوڙن جو خاندان پنهنجو شجرو حضرت عباس جي پيڙهيءَ ۽ شاهي گهراڻي کان شروع ڪري ٿو، جو پيغمبر جو چاچو هو، پر سنڌ ۾ سندن لئي آدم شاهه جي ڪري ٿي، جو بلوچستان جو رهاڪو هو. هو پنهنجي چڱيءَ چال ۽ نيڪ زندگيءَ جي ڪري هڪ مشهور مسلمان درويش جو مريد چونڊيو ويو. سندس پويان انهيءَ اعزاز جي ڪري پندرهينءَ صديءَ عيسويءَ جي وچ ڌاري هي ڏاڍيءَ عزت ۽ احترام جي نگاهه سان ڏٺا ويندا هئا. ١٧٠٥ع ۾، اورنگزيب بادشاهه کين جاگير عنايت ڪئي، جنهن جي ڪري سندن مذهبي اثر ٻاڻ گهڻو وڌي ويو. ساڳئي وقت، جڏهن اورنگزيب کين هڪ فرمان جي ذريعي سندن عيوضيءَ کي ٺٽي جي حڪومت عطا ڪئي تڏهن ته پاڻ سندن رعب ۽ تاب ماڻهن ۾ پيدا ٿي ويو. (اي وزٽ ٽو دي ڪورٽ آف سنڌ باءِ ڊاڪٽر. جي. برنس. ڪي. ايچ ص ١٣).

ڪان پوءِ قتل ڪرائي ڇڏيائين. (ڪئپٽن پوسٽنس).

(١٤) ڪئپٽن پوسٽنس جي سند موجب مير فتح علي خان جي پاڻيي مير سهراب خان ۽ فتح خان جي پٽ مير تارا، فتح علي خان جي اختياريءَ کي نه مڃيندي لاهوري بندر ۽ شاهبندر تي قبضو ڪري ورتو، ۽ تيمور شاهه کي ڏنن موکلي خود مختار ٿي ويا. اهڙيءَ طرح، ملڪ ٽن حصن ۾ ورهائجي ويو. هرهڪ متان هڪ خود مختار حاڪم نهي ويو. ليفٽيننٽ پاٽنجر جو چوڻ آهي، ته فتح خان ملڪ جا وڏا حصا پنهنجي خاندان جي فردن ۾ ورهايا هئا، جن ۾ مير سهراب خان ۽ مير تارا خان کي چڱو چوکو حصو مليو. جڏهن مير نصير خان کان انهيءَ بابت پڇا ڪئي ويئي، تڏهن هُن انهيءَ جي تصديق ڪئي. شاهبندر جي جاگير مير تارا خان کي ڏني ويئي، مير سهراب جي حڪومت جي گادي خيرپور آهي.

(١٥) ڪيس تيمور شاهه سنڌ ملڪ تي حڪومت ڪرڻ جي اختياري ڏني هئي. ليفٽيننٽ پاٽنجر ۽ ڪابل جي بادشاهه به ڪيس اهڙي سند ڏيئي، سندس حڪومت تسليم ڪئي هئي.

(١٦) هيءَ هڪ اهڙو خال آهي جو دلچسپيءَ جي مضمون سان پريل آهي ۽ انهيءَ جو مڪمل احوال پوسٽنس جي ضخيم ڪتاب ۾ ڏنل آهي.

(١٧) تخت بي ويهڻ سان هُن فراخدل شهزادي پنهنجن ننڍن ڀائرن مير غلام علي خان، مير ڪرم علي خان ۽ مير مراد علي خان کي به انهيءَ اوچي درجي تي فائز ڪري، ڪين پاڻ سان گڏ حڪومت ۾ ڀاڱي ڀائيوار بنايو. انهن چئني پوءِ متفق ٿي اهو فيصلو ڪيو ته چارئي گڏجي، سنڌ تي ”سنڌ جا امير يا رئيس“ جي نالي سان حڪومت ڪندا. هنن پاڻ ۾ اهڙي ته زوردار ۽ اڻ ٽٽندڙ محبت قائم ڪئي، جو ڪين ”چار يار“ جي مشهور لقب سان ياد ڪيو ويندو هو، جنهن جي معني آهي چار دوست. ڊاڪٽر برنس.

(١٨) مير غلام علي ١٨١٢ع ۾ هرڻ جو شڪار ڪندي هڪ ڦاڙهي جي ٽڪر لڳڻ سبب مري ويو. (پاٽنجر).

(١٩) مير فتح علي خان وفات وقت پنهنجو سڄو ملڪ ميراث ۾ پنهنجن ٽن ڀائرن کي ڏيئي ڇڏيو. (انهيءَ ملڪ کان سواءِ جو مير سهراب ۽ ٿارا جي قبضي ۾ هو، جنهن ۾خيرپور ۽ اتر سنڌ جا علائقا به اچي ٿي ويا) جي عمر جي لحاظ کان سنڌ جا امير يا رئيس سڏيا ٿي ويا. مير فتح علي خان جي ملڪ مان مٿو انهن مان وڏي (غلام علي) کي ۽ سوا باقي رهيل ٻن حصن مان هرهڪ مليو. مڪيه امير (غلام علي) کي وڌيڪ اختياريون مليون.

(٢٠) هاڻوڪا سنڌ جا امير يعني ته اهي بهادر ٻروچ جن جي ڪردار کي سنڌن اڳين جانشينن سان ڀيٽي سگهجي ٿو، تن کي هڪٻئي لاءِ ڏاڍي محبت ۽ الفت هئي. اها ٽالپر خاندان جي وڏي ۾ وڏي خاصيت هئي ۽ اهوئي سبب هو جو هو گهڻي وقت تائين طاقت ۾ رهيا. مير نصير خان جو مثال وٺو جو تمام گهڻين ڏتاريندڙ لالچن هوندي به اعتدال کي وڌيڪ پسند ڪندو هو. هيءُ رئيس ڪرڙوڊ عمر کي پهچي چڪو آهي، پر ان هوندي به هُو ايڏو فراخدل، داناءُ ۽ خوش ذوق ماڻهو آهي، جو ماڻهو ڪيس دل و جان سان محبت ڪن ٿا. هُن کي يورپين جي سنگت ۾ مزو ايندو آهي، ۽ ڪيس چڱي ۽ بري پير ڪڻ جي طاقت به آهي، پر ان هوندي به هن ڪڏهن به غلط رستو استعمال نه ڪيو ۽ اها سڄي قوت هُن گڏيل حڪومت جي استحڪام کي قائم ڪرڻ ۾ صرف ڪئي آهي. سندس ڀين ٻن ڀائرن لاءِ به مون کي هڪ اهڙي آفيسر کان خبر پهتي آهي، جو سرحد تي مقرر ٿيل هو، ته اهي به اڻ ٽٽندڙ محبت جي ناتي ۾ هڪٻئي سان ڳنڍيل آهن. مير محمد خان ۽ صوبدار خان جيتوڻيڪ گهٽ مشهور آهن، پر ان هوندي به هو وڏو اثر رکن ٿا، جنهن کي استعمال ڪرڻ

# سنڌ جي تاريخ جو اختصار

(جيستائين اها لکي ويئي آهي)

(ڪئپٽن پوسٽنس جا سنڌ تي ذاتي راين جا اقتباسات)

| | | |
|---|---|---|
| سنڌ تي برهمڻ جو راڄ، تان جو محمد بن قاسم اچي ان کي فتح ڪيو | ۷۱۱ | عيسوي سال |
| سنڌ ۾ بنو اميه جي خليفن جي حڪومت | ۷۵۰ | ” |
| سنڌ جو محمود غزنويءَ هٿان فتح ٿيڻ | ۱۰۲۵ | ” |
| سومرن جو طاقت ۾ اچڻ | ۱۰۵۴ | ” |
| سمن جو سومرن کان حڪومت کسڻ | ۱۳۵۱ | ” |
| شاهه بيگ ارغون جي فتح | ۱۵۱۹ | ” |
| سنڌ جو همايون بادشاهه جي هٿ هيٺ اچڻ | ۱۵۴۰ | ” |
| ترخانن جو طاقت ۾ اچڻ | ۱۵۵۵ | ” |
| اڪبر جو سنڌ کي پنهنجي حڪومت ۾ ملائڻ | ۱۵۹۰ | ” |
| سنڌ جي نور محمد ڪلهوڙي کي صوبيداري ملڻ | ۱۷۳۶ | ” |
| نادر شاهه جي سنڌ تي ڪاهه | ۱۷۴۰ | ” |
| سنڌ جو افغانن جي هٿ هيٺ اچڻ | ۱۷۵۰ | ” |
| ٽالپرن جو ڪلهوڙن کان حڪومت کسڻ | ۱۷۸۶ | ” |
| انگريزن جو سنڌ فتح ڪرڻ | ۱۸۴۳ | ” |

ڏٺو ويندو ته مٿين يارن سؤ سالن ۾ يارهن خاندانن سنڌ تي حڪومت ڪئي آهي.

# سنڌ جي آدمشماريءَ جو نقشو ١- فيبروري ١٨٥١ع

| ضلع | شهرن ۽ ڳوٺن جو تعداد | مسلمان | | | هندو | | | ٻيا | | | ٽوٽل | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| | | مرد | زالون | ٽوٽل | مرد | زالون | ٽوٽل | مرد | زالون | ٽوٽل | مرد | زالون | ٽوٽل |
| ڪراچي | ١١۴۴ | ٨١٠٩٩ | ٥٨٣٦١ | ١٣٩۴٦٠ | ٢٣٧٦٥ | ١٧٨١٢ | ۴١٥٧٧ | ٢٥٥٨ | ١٩٥٥ | ۴٥١٣ | ١٠٧۴٢٢ | ٧٨١٢٨ | ١٨٥٥٥٠ |
| شڪارپور | ١۴١٠ | ١۴٢٦٠۴ | ١١۴۴٢۴ | ٢٥٧٠٢٨ | ۴٢١٥٨ | ٣٨٣٧٣ | ٨٠٥٣١ | ٧٠٥٦ | ٥٧٨٦ | ١٢٨۴٢ | ١٩١٨١٨ | ١٥٨٥٨٣ | ٣٥٠۴٠١ |
| حيدرآباد | ۴٩٧٧ | ٢٢٧٧٥١ | ١٨٢۴۴٣ | ۴١٠١٩۴ | ٦١٥٩٣ | ۴٧١۴٣ | ١٠٨٧٣٦ | ١٨٢٥۴ | ١۴٦٢٧ | ٣٢٨٨١ | ٣٠٧٥٩٨ | ٢۴۴٢١٣ | ٥٥١٨١١ |
| ٽوٽل | ٧٥٣١ | ۴٥١۴٥۴ | ٣٥٥٢٢٨ | ٨٠٦٦٨٢ | ١٢٧٥١٦ | ١٠٣٣٢٨ | ٢٣٠٨۴۴ | ٢٧٨٦٨ | ٢٢٣٦٨ | ٥٠٢٣٦ | ٦٠٦٨٣٨ | ۴٨٠٩٢۴ | ١٠٨٧٧٦٢ |

هن شيڊول ۾ مردن ۽ زالن ۾ جيڪو وڏو فرق ڏيکاريل آهي، اهو انهيءَ ڪري آهي جو اوير ملڪ جي ماڻهن ۾ عام طرح ۽ خاص ڪري مسلمانن ۾ زالن يا گهر جي ماڻهن بابت پوشيدگي رکي وڃي ٿي، ۽ انهن جو نالو به ظاهر نٿو ڪيو وڃي. انڪري ٿي سگهي ٿو ته ڪيترين ئي عورتون ۽ ٻانهيون هن ۾ شمار نه ڪيون ويئون هجن.